اسين ڏسنداسين تہ غير شخصي ڏُور (Transcendent) خُدا، هاڻي شخصي ويجهو (Immanent) خُدا بڻجي پيو آهي. هو هر بني بشر، پَرندي- چَرندي وغيره معرفت گفتگو ڪري ٿو. ليڪن سڀ کان وڌيڪ هو سائنس چاچي/ سَهُري/ مُرشد مِيان عبدالحق دواران ڳالهائي ٿو. نہ صرف ڳالهائي ٿو، بلڪ ڪائنس عوام جي ڀلائيءَ لاءِ تخليقون پڻ ڪرائي ٿو. مِيان عبدالحق سچل سرمست لاءِ برهم جو "سَگڻ ساڪار" روپ آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏوائيءَ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب "سچل سرمست جو چونڊ ڪلام" ۾ سندس حياتيءَ جو احوال ڏيندي لکيو آهي: "سچل جو پنهنجي مُرشد عبدالحق ۾ ايمان آهي. هُن کي خدا ڪري سڏيو اَٿس. (ص. 2) سچل چوي ٿو تہ سندس هادي (مُرشد) هر جاءِ حاضر آهي، اُهو ئي (عبدالحق ئي) حق اَلحق آهي:

سچا! حاضر هرجا هادي، سمجهين سِر سيوئي،
غائب سمُجهي غير نہ ڄاڻين، حق الحق اُهوئي.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص. 46)

نہ صرف ايترو، جيئن سِڪن لاءِ سندن ستگُرو، گوبند جو ئي درجو رکي ٿو، تيئن سچل سرمست پڻ کين ياد ڏياري ٿو:

جپ صاحب جو جپُ، تا گرنٿي! گُر مِليئي،
راست توڙي چپ، سچل ساڳيو سَتگُرو.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص. 49)

مَنجھ حضور هاديءَ جي، طالب ٻانهون ٻڌي وهندين،
جڏن چوائي مُرشد چوندين، ڪلمو ڪُفري ڪهندين،
گُر ۽ گوبند صورت ساڳي، راهه اِنهيءَ ۾ رهندين،
رنگ ريتي بي رنگ ٿي، سچا! نَاهه اِنهيءَ ۾ ٿهندين.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص. 48)

اِن ريت، سَچل سرمست جي شاعري بنيادي طور غير شخصي خدا سان واسطو رکندي پڻ، پاڻ ۾ شخصي خدا جا اُهڃاڻ پيش ڪري ٿي ۽ پارت جي مڌيہ ڪال واري ڀڳتيءَ جي سمپورڻ انيڙ کي اسان جي آڏو رکي ٿي. هن پنهنجي زماني ۾ تعصبي حاڪمن ۽ مولوين سان ويچار جي سطح تي جنگيون جوتيون. اُنهن جنگين لاءِ سندس پِنيءَ تي سندس مرشد جو هٿ هو. سندس سارتي سندس مرشد هو. هو صاف چوي ٿو تہ سندس مرشد ئي ڪانئس لانفيءَ جو ڪلمو پڙهايو ۽ منجهس جوش جاڳايو:

لانفيءَ جو ڪلمو مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو،
نابوديءَ جي نشي اندر، ستگر سير ڪرايو،
هٿيو ڏيئي همت وارو، سارو بار ڪٽايو،
صدقي سَچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو.

پوءِ تہ هو مندر جي هڪ پوڄاريءَ جيان سيني ۾ صنم رکي، جيءَ ۾ خُدا جي بت کي جاءِ ڏيئي، ملڪ اندر وڌندڙ ڪٽرپڻي ۽ تعصب جو مقابلو ڪري ٿو:

سيني ۾ صنم، سچل کي سدا،
بُت جو بُت خُدا، پوڄاري! جي پرکئين،

*

پرينءَ سندي جُوءِ مان، چُمان پٿر مون،
تنهن ۾ پيي آن تون، نظر ناهي ڪو پيو.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص. 43-44)

ڇاڪاڻ ته سندس روحانيت ۾ ڪائنات جا مڙيئي جُزا اچي ٿي ويا ۽ هو پنهنجي وقت جي تعصبي حاڪمن ۽ مولوين کان هڪ علحدي شخصيت ڪٽي ويٺو، اُهي ڪانئس ڏاڍا ناراض هئا. اُهي ته ٺهيو، هاڻوڪي زماني جو ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو پڻ هن مان بيحد ناخوش هو ۽ ڪيس سندس شاعريءَ ۾ "بي انتها مبالغا" ۽ "شطحيات" ڏسڻ ۾ آيا.

اِهي بيِ انتها مبالغا ۽ شطحيات ڇا آهن؟ اَچو ته اِن ڳالهه تي سوچيون. دراصل اُهي ملڪ جي حالتن جو شاعرانه رِدعمل آهن. شاهه لطيف (1689ع - 1752ع) جي حياتيءَ جا پويان 51 سال ڪلهوڙن جي زماني (1701ع - 1783ع) ۾ گذريا. ڪلهوڙا ڏاڍا تعصبي هئا ۽ سندن ايامڪاريءَ ۾ وڏي پيماني تي هندن مان مسلمان ڪرايا ويا. اي. ايچ. ائٽڪن سنڌ گزيٽيئر جي پنهنجي 1907ع واري ڇاپي ۾ ٻڌايو آهي ته ڪلهوڙن 82 سالن جي پنهنجي ڏاڍ واري ايامڪاريءَ ۾ سنڌ جي آدمشماريءَ ۾ پڪو پختو ڦيرو آڻي ڇڏيو ۽ سنڌ ۾ سدائين لاءِ هندن جي ٿورائي رهجي ويئي ۽ مسلمانن جي گهڻائي ٿي پيئي. شاهه لطيف پنهنجي تمثيلي بيتن دوران زور ظلم جي اُن حالت ڏانهن پنهنجو رِدعمل پيش ڪيو ۽ وحدت الوجود ۽ هڪ روحانيت جو سنيهو ڏنو. ليڪن اِهو رِدعمل شيتلُ - شيتل ۽ شانت - شانت نموني هو. هُن صاحب کان پوءِ ٽالپرن جي زماني (1783ع - 1843ع) ۾ سچل سرمست (1739ع - 1827ع) ٿي گذريو. ٽالپرن ته رڳو ٻاري ڏنو. سندن سٺ سالن جي حڪومت جي دور ۾ هندن جي حالت نهايت ڏکدائڪ هئي. محمد حنيف صديقيءَ سيٺ نائونمل هوتچند جي Me-moirs جي سنڌي ترجمي "يادگيريون" (1968ع) ۾ ڊاڪٽر برنس جيمس جي انگريزي ڪتاب جو حوالو ڏيندي لکيو آهي: "ميرن ٽالپرن جو ظلم ۽ ڏاڍ سڀ کان زياده سندن تبليغي سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو. عقل اِن ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهي ته هندو هن ملڪ ۾ ڇو رهيا پيا آهن؟ اِن لاءِ فقط هڪ سبب ٿي سگهي ٿو، سو آهي پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ پيار. اِن باري ۾ اِنسان ۽ نباتات هڪ جهڙا آهن. هندن سان نهايت صبر آزما عقوبتون ٿينديون هيون... مسلمانن کي ترغيب ڏني ويندي هئي ته سنڌ ۾ جيڪي ڪفر جون نشانيون نظر اچن، تن جو خاتمو آڻين. برهما جي بدنصيب اپاڳن پوئلڳن کي مذهب جي آزادي به ڪانه آهي! گهنڊ جو آواز ورلي ٻُڌڻ ۾ ايندو آهي: اِجازت کان سواءِ گهنڊن وڄائڻ جي منع آهي. حيدرآباد (سنڌ) ۾ بنا مورتين جي ڪي مندر آهن، پر اُنهن جي ديوارن مان به گاني بجاني جو پڙلاءُ ڪونه پوندو آهي. ڪٿي به مؤمن جيڪڏهن شاهدي ڏين ته هڪ هندوءَ قرآن جون ڪي آيتون يا ڪلمو

پڙهيو آهي ته اُها شاهدي هن جي هڪدم سست ڪرائڻ لاءِ ڪافي جاتي ويندي آهي، پر مظلوم هندوئن ڪي سڀ ڪان زياده ۽ وڏي آپدا ڪري سمجهندا آهن. مسلمانن کي ٿورڙوئي ڪو بهانو ملندو آهي ته اُها ڪاروائي اختيار ڪندا آهن. وڏي ڳالهه ته ظاهر ائين ڪيو ويندو آهي ته اها مظلوم جي ڀلائيءَ لاءِ آهي ۽ اِن ۾ هن جو محشر چڱو ٿيندو. اهڙيءَ طرح هن جي جسماني عذاب ۾ دماغي ڪاوش جو اضافو ڪيو ويندو آهي." (يادگيريون، ص. 16-17)

حاڪمن ۽ مولوين جي جيتري تِکي ڏاڍائي هئي، سچل سرمست جو تيترو ئي تِکو ردِعمل هو.

موتي لال جوتواڻي
ميمبر سيڪريٽري
سنڌي اڪيڊمي، دهلي

حيات سرمست

حضرت سچل سرمست جنهن توحيد ۽ معرفت، عشق ۽ عرفان الاهي جا درياهه وهائي، اسان جي سونهاريءَ سنڌ کي روحانيت جو سبزه زار بڻائي حقيقي نور سان منور ڪيو، تنهن جو جنم 1152 هجري مطابق 1739 عيسوي رياست خيرپور جي حد اندر راڻي پور شهر جي اتر طرف هڪ ميل جي مفاصلي تي ڪبڙن ۽ ڪرڙن جي بستي درازا شريف ۾ ٿيو. هو خواجه پير عبدالحق جي وڏي پاءُ ميان صلاح الدين جو نور نظر ۽ چشم اُميد هو. سندس ڇٺيءَ جو نالو عبدالوهاب رکيو ويو، پر سندس ننڍپڻ ۾ راست گوئي ڪري ڪيس سچو، سچل (بيباڪ ۽ سچار) ۽ سچيڏنو (سچي مالڪ جي سوغات) سان سڏيو ويندو هو، جنهن نالي سان اڄ تائين مشهور آهي. قرآن شريف جي ڪنٺ ڪرڻ ڪري ڪيس حافظ عبدالوهاب جي نالي سان پڻ ياد ڪيو وڃي ٿو.

هيءَ خاندان سن 93هه مطابق 711ع ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ملڪ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن هن سان گڏ شيخ شهاب الدين بن شيخ عبدالعزيز بن شيخ عبدالله بن حضرت عمر فاروق مشير اعليٰ جي حيثيت ۾ اسلامي حڪومت طرفان موڪليو ويو. سنڌ جي فتح بعد ڪيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. شيخ جي وفات بعد شيخ محمد فاروقي سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ شيخ محمد فاروقي جي اٺويهين پيڙهيءَ مان مخدوم نور الدين بن رضي الدين جا ٻه فرزند مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدر الدين گاگڙي رياست خيرپور ۾ سڪونت پذير ٿيا. مخدوم ابو سعيد جي نائين پيڙهيءَ مان حضرت خواجه محمد حافظ عرف سائين صاحب ڏنو (اول) درگاهه شريف جي سلسلي جو باني آهي، جو سچل سائين جو ڏاڏو هو

سچل سائين اجا ننڍو ٻالڪ هو ته زماني جي انقلاب هن سعادتمند جي سر تان تاج پدري هٽايو، جنهن بعد هو پنهنجي ڏاڏي خواجه محمد حافظ ۽ پوءِ چاچي خواجه عبدالحق جي زير شفقت ۽ عنايت پرورش پائڻ لڳو، جنهن جي زير نگراني نه فقط جسماني پرورش پاتي پر روحاني فيض پڻ حاصل ڪيو. سچل سائين طلب جي وادي طئي ڪرڻ لاءِ خواجه پير عبدالحق جي دست تي بيعت ڪئي، جنهن ڪيس سمورو لدني علم عطا فرمايو ۽ هن سچي سڪ واري طالب جي وجود کي اهڙو نه

واسي ڇڏيو، جنهن جي تاثير ڪان اڄ ساري سنڌ معطر آهي. جيئن چوي ٿو:

هڪ ڏهاڙي مرشد مين نون، سٽ پريت دي پاڙهي،
سا مين دل تي تختي اُتي، چاهه ڪنون لک چاڙهي،
سچل عشق پدا نہ ٿيوي، توڙي هووي چٽي ڏاڙهي.

*

لانفي جو ڪلمو مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو،
نابودي جي نشي اندر، ستگر سير ڪرايو،
هٿيو ڏيئي همت وارو، سارو بار ڪٽايو،
صدق سچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو.

اسان جو حافظ درازي نہ رڳو قرآن شريف جو حافظ هو، پر قرآن شريف جي معنيٰ مان واقف بہ هو. چون ٿا تہ پريان پريان جا مُلان مولوي قرآن شريف جا منجهيل مسئلا هن وٽان حل ڪرائڻ ايندا هئا. قرآن شريف جو تفسير مطالعو ڪندي چوي ٿو:

من همہ تفسير قرآن خوانده ايم
مغز قرآن را ازآن برخوانده ايم

(مون قرآن جا سڀئي تفسير پڙهيا آهن ۽ ان جو تات پرچ پروڙيو اٿم.)

سچل سائين ستن زبانن جو شاعر هو، جهڙوڪ سنڌي، عربي، سرائڪي، هندي، پنجابي، اردو ۽ فارسي، جن ۾ چوکو ڪلام چيو اٿس. انهيءَ مان ثابت آهي تہ سرمست سائين نہ رڳو اهي ٻوليون ڄاڻندو هو، پر سندس ڪلام ۾ فلاسافي، منطق ۽ سائنس وغيره جي علمن جو پورو پورو ذخيرو نظر اچي ٿو. حافظ درازي جي ظاهري ۽ باطني علم جي پروڙ، پروڙ وارن کي سندس پروڙيل پيرولين ۽ آلاپيل آوازن جي اڀياس ڪرڻ مان پوري پر پنجي سگهي ٿي.

سرمست سائين جي سيرت جو تہ ڪلام ئي شاهد آهي. باقي رهي سندس صورت، فقير نانڪ يوسف اجهو هيئن تصوير نگاري ڪري ٿو:

مُک مصحف سڄڻ تيڏي صورت،
مورت الله بسم الله حمد لله.

سرمست سائين جو چهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط ۽ خال دلڪش، اکيون آهُو مثل مشعل جيان برندڙ، وار ڊگها، جن جو مٿي جي وچ تي چوٽو

ڪري ٻڌي ڇڏيندو هو. ليڪن جلال ۽ مستيءَ جي حالت جڏهن هو شعر چوندو هو ته سندس اهي ڏڪها وار اُڀا ٿي ويندا هئا. قد درميانو مگر موڪرو، هٿ پير نرم، نازڪ ۽ ننڍا هوندا هئا. تصوير هميشه اُداس ۽ نماڻي، چٽڪ ڪنهن ڳولها ۾ محو آهي. هو هميشه سادي پوشاڪ پهريندو هو. هيٺ تي نيري سٿڻ ۽ بدن تي سفيد چولو پائيندو هو. سياري جو ٿري ڏورو اوڍيندو هو. سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاهه رکندو هو. پيرن ۾ ڇهنب واري جتي ۽ هٿ ۾ عصا کڻندو هو. گهڻو ڪري ڏڌ تي گذران ڪندو هو. لسيءَ ڳاڙها مرچ وجهي ماني پوري ڪائيندو هو. پر پوءِ اهو به ڪائڻ ڇڏي ڏنائين. اڪثر روزي ۾ گذاريندو هو. منجهند جو ٿورو وقت ڪاٺ جي صندل يا ڌرتيءَ تي آرام ڪندو هو. ڏينهن جو گهڻو حصو آواز ڪلام ٻڌڻ ۾ گذرندو هوس. مطلب ته سرمست سائين جي رهڻي ڪهڻي زماني کان بلڪل الڳ ۽ نرالي هئي. گوڙ سان پوندي ڪانه هيس. چوي ٿو:

جتي ماڻهن ميڙ، آءُ تتي ناهيان،
سي سنيايان، پٽي شاهه حلاج جي.

سرمست سائينءَ جا وڏا عالم، فاضل ۽ شرع جا پورا پابند هئا ۽ سندن طريقو قادري هو. ساڳيءَ طرح سچل سائين شروعات ۾ وڏن جو پيروڪار هو. شرع جو پابند ۽ روزو نماز باقاعدگيءَ سان ادا ڪندو هو. جيئن چوي ٿو:

پنج ئي وقت نماز پڙهه، تون سر نوائي ڪج سلام.

پر وجداني ڪيفيت طاري هجڻ جي حالت ۾ اها پابندي قائم نه رهندي هيس ۽ الاهي عشق جي لهرن ۾ ايترو ته غرق ۽ مست ٿي ويندو هو جو ڪلام گوئي وقت بي خوديءَ جي عالم ۾ هن کي خدا نظر ايندو هو ۽ نه مخلوق، نه احد نه عبد، پر سموري ڪائنات وحدت جو عڪس نظر ايندي هيس. ديوان آشڪار ۾ چوي ٿو ته:

"مان زهد، علم ۽ تقويٰ ڏيئي ڪري عشق ورتو آهي ۽ جڏهن مان حقيقي حسن ڏٺو، تڏهن دل جي تختي تان حرفن کي مٽائي ڇڏيو. مان پنهنجي محبوب حقيقي جو جلوو هر هنڌ ڏسان ٿو. اهوئي سبب آهي جو مان دنيا وارن اڳيان ملحد سڏجان ٿو. پر مان ثابت قدم آهيان ۽ انهيءَ حق واري راهه تان هٽي نه ٿو سگهان ۽ انهيءَ سبب ڪري مان مطمئن ۽ خوش آهيان."

پاڻ نشي کان پري ۽ بيزار هو. ديوان آشڪار ۾ شراب بابت واضح چوي ٿو ته:

ساقيا اين شراب انگوري ماتمي خواهم ڪزوست صد دوري
لازوال است آن مني وحدت، آن بنوشان رهم ز مهجوري

(اي ساقي، مونکي اهو انگوري شراب نہ گهرجي، جنهن مان دوري ٿئي ٿي. مونکي وحدت جو شراب بخش، جيئن جدائي کان آزاد ٿيان.)

سرمست سائين جا مذهبي خيال نرالا هئا. سندس تعليم ۽ تلقين مان ائين پيو معلوم ٿئي ٿو تہ سندس نگاهہ ۾ انسان ذات سڀ هڪ آهي. سندس ايمان هو تہ مذهب الله جي هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جو وسيلو، ڏٺي کي رسڻ جي راهہ آهي. انسان ذات بلڪ ڪُلُ ڪائنات ان خالق جي اُپايل آهي. هرهڪ مذهب جي ڳڙکيءَ مان دلبر جو ديدار پسي سگهجي ٿو. جيئن شاهہ صاحب چيو آهي:

ايڪُ قصر در لک، ڪوڙين ڪَٿس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

*

الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هُل،
هندو مؤمن هڪ ٿيو، پول نہ ٻي ڪنهن پُل،
"خلق الاشياء فهو عينها" اهو آڻ عمل،
تج گلابي گل، مر مارني منصور جان.

حافظ شيرازي چيو آهي تہ:

جنگ هفتاد دو ملت همہ را عذرينهہ،
چون نہ ديدند حقيقت سر افسانہ زدند.

(ٻاهتر فرقن جي جهڳڙي کي ختم ڪر. حقيقت نہ ڏٺائون سو آکاڻيون ڪٿڻ وينا.)

اهڙيءَ طرح وحدانيت جي قائل هيءَ مٿير مرد شيعا، سني ۽ ٻين فرقن کان پاڻ کي پاسي ڪري چوي ٿو:

مذهب مور نہ ميان، مان مشرب منجهہ مدام.

هو پنهنجي ڪلام دوران اسان کي هر هر هدايت ٿو ڪري تہ دنيا جي سيني مذهبن جو بنياد تصوف آهي ۽ تصوف جي عمارت آهي "عشق". سندس ڪلام ۾ اهڙا گهڻائي بيت آهن، جن ۾ تصوف ۽ عشق الاهي کي خدا سان هڪ ٿيڻ جو وسيلو ڄاڻايو اٿس. ڇي:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀيني مذهب ڪيائين معاف.

ان ڪري انهيءَ ۾ پيدا ٿيا جو، وير وروڌ يا جهيڙو جهڳڙو ڪنهن سان:

تو برائي وصل كردن آمدي، ني برائي فصل كردن آمدي.
(تون ميلاپ لاءِ آيو آهين ۽ نه جدائيءَ لاءِ.)

سرمست سائين بلند پايه ۽ اعليٰ مرتبت شاعر، رند بي باڪ ۽ عاشق صادق آهي. سندس شعر رواجي نه آهي، بلڪ هڪ الهامي حيثيت رکي ٿو، جو انسان کي هن عالم رنگ ۽ بُو کان آزادي بخشي خالق ڏانهن رجوع ڪري ٿو. سندس ڪلام جو هر لفظ قرآن ۽ حديث جو درد ڏئي ٿو. جيئن چوي ٿو:

اين سخن كئي شعر باشد، اي پسر،
اين همه ذكر است آيات و خبر.
(اي پٽ! هي مجازي شعر نه آهي پر توحيد، قرآني آيات ۽ حديث تي ٻڌل آهي.)

وڏيڪ چوي ٿو ته هي منهنجا ڪلمات شاعر جا نه، بلڪ عشق جا سخن آهن ۽ جيڪي جاهل آهن، اهي منهنجي شعر کي ڇا سمجهندا:

اين سخن عشق است، ني از شاعر يست،
كئي فسان دانند اين اشعارها.

سرمست سائين جو ڪلام سڪ، سوز، درد، گداز، جوش، جولان، موج، مستي، عبرت، حقيقت ۽ معرفت سان پرپور پندار آهي، جو بيخودي، موج، مستي، وجد ۽ حال جي حالت ۾ چيل آهي، جنهن حالت ۾ سندس ڏکها وار مبارڪ اُڀا ٿي ويندا آهن ۽ نيڻن مان سانوڻ جي برسات مثل نار جاري ٿي ويندا هئا. جنهن جا ڳلن تي گهارا ٿي ويندا هئا. سندس ڪلام جي رواني تيز هوندي هئي، گويا درياهه اٿلي پوندا هئا. ڪلام جي لکڻ لاءِ مير جا ڪاتب موجود هوندا هئا، جي چون ٿا ته لکندي ٿڪجي پوندا هئا ۽ انهي جوش ۽ مستي ۽ وجد جي حالت ۾ اناالحق جو سُر آلاپيندا هئا، جيئن ديوان آشڪار ۾ ڏيکاريل آهي:

هر كجايم، جابجايم، من خدايم، من خدا،
تاچه شد پوشيده ام از درد اين خاكي قبا.
(هر جاءِ، هر هنڌ ته مان ئي موجود آهيان. مان خود خدا آهيان، پوءِ ڇا ٿي پيو جو درد کان هي خاڪي جامو پاتو اٿم.)

عام طرح مشهور آهي ته پاڻ پنهنجي ڪلام جو گهڻو ذخيرو لوڙهائي يا ساڙائي ڇڏيو هئائين. هن وقت جيڪو ڪلام دستياب ٿي سگهيو آهي، سو فقط اهو آهي، جو ڪن لکائي ڇڏيو هو يا ڪن کي ياد هو ۽ ان جو ڪاٿو نَو لک ڇٽيهه هزار ڇهه سؤ ڇٽيهه هو. شمار ۾ ڪنهن جو ٻڌڻ يا ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

حقيقي عشق جي آخري منزل سرمستي آهي ۽ سرمست سائين پنهنجي سرمستي واري ڪيفيت هيٺن بيان ڪري ٿو:

"هن سرمستي جي حالت مونکي امڪان جي اعليٰ درجي تي پهچايو آهي. سوين بادشاهه منهنجي در تي غلام آهن. اي دل! تون ڇا ٿي سمجهين ته مان گدا آهيان؟ مان انهيءَ گدائي ۾ ٻنهي جهانن جي بادشاهي ٿو ڪريان. اي زاهد! توکي هن مسڪيني حال جي ڪهڙي خبر؟ انهي مسڪيني حال ۾ منهنجي سر تي شهنشاهي تاج ڌريو ويو آهي. مان وحدت جو شراب پي مست ٿيو آهيان. مان جهان جو بادشاهه آهيان. گرچه مان خلق جي نظر ۾ خراب آهيان."

هن صداقت ۽ سچ جو پيڪر عرفان الاهي جي موج مائي، پنهنجي رائي نوي ورهيه نروار رهي، فيض ۽ هدايت جاري ڪري، تاريخ 14 ماه رمضان 1242هه مطابق 1718ع جي ابدي وصال ماڻيو. پاڻ ڪان جڏهن سندن عمر بابت ڪو پڇا ڪندو هو ته فرمائيندو هو ته اسان جي عمر 105 ورهيه آهي، پر 15 سال اڳ سرڪار جي سلامي تي ويندا سون ۽ ٿيو به ائين.

اس حال اپني کي خبر، کس کو سنائون، اي سجن،
جنجال هي يه زندگي، مرني مين ميرا کام هي.

هن سرتاج الشعراء ۽ بزرگ هستيءَ جو عرس مبارڪ هر سال ماهه رمضان جي تاريخ 12، 13 ۽ 14 تي سندس ابدي آرامگاهه ڳوٺ درازا شريف ۾ نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو وڃي ٿو ۽ اڄ به ايندڙن لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي ۽ لکين عقيدتمندن ۽ زائرين جو هجوم اسانکي ياد ٿو ڏياري ته الله جون نيڪ ۽ برگزيده هستيون، جي سچ ۽ سچائيءَ لاءِ جيئن ۽ مرن ٿيون، انهن جي عظيم ڪارنامن جي بهار چمن جي راز هستي ۾ هميشه قائم ۽ دائم رهي ٿي.

علي گوهر درازي

وحدت نامون

اَول ساراهَ ڪَرِ سُبحانَ جي، مَوليٰ جو مُلڪَنِ
مِڙيائِي مَحفُوظ ڪِيا، ڏسو ڏيهه ڏَٿينِ
ڪي ڪامِلَ ڪُرسِيءَ تي چَڙهِي وَهه واعظُ ڪَنِ
ڪي ڪاتبَ ڪِتابَنِ جا، سَوين سَبَقَ ڏِينِ
ڪي پَڙهِيا پاڻ پُرجهَه سان، پڙهِيو پڙهائِنِ
ڪي مسئلا ڪِيوُن، نامِيا نبِيرن
ڪي وِردَنِ وَظِيفَنِ ۾، شاغِلَ روز رهنِ
ڏِسِيو وائِسِيو وَرَقَ ڪي، وَرِيو وَرائِنِ
سَڪَ سَچِيءَ ڪان ڪوند ڪو، سَبَقُ سُور سِڪَنِ
اَکَرُ لِکَنِ نه دِلِ تي، ڪاغَذ ڪارا ڪَنِ
مُدُعا ٿَئي جنهن ڳالهه ۾، تنهن ويجهو ڪين وڃنِ
جو فَرمودو فائِقَ جو، تاڏي ڪَنُ نه ڪَنِ
”وفِي اَنفُسڪُم اَفَلاتُبصِرون“، هن ويسهه نه وسهنِ
پين پين معنائن ۾، ڪاهت ڪيون ڪَهَن
اهو فِڪرُ فائدو، توڙئون ڪري نه تـن
فِڪر ڪن نه فنا جو، بقا ڪي نه پُڇنِ
هي اتي حيران ٿيا، اوڳا منجهه اکرنِ
معنيٰ تن جي طرح سا، هڪڙي ئي چوَنِ
پڙهيون سمجهون علم تي، عمل نه آڻنِ
”من تَعلم العِلمَ لِلمناظره والمڪابره“ اهي مُنافق مَرن

هيئنئون منئيءَ جي پسي، تا پاٽئي لِڪائن
آهي آفتاب ابر ۾، پر لائق ڪين لَهن
منجهايو ماڻهن کي، ماضن مذهبن
محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن
هُون حديثن ڪين ڪي، نہ ۾ آيتن
مجن تن کي ڪين ڪي، تيو مُلا تا مَجن
سي سوڳها سيئي ڪيا، نامُرادن نيرن
اڪيا اڪين اوڏڙا، توڙئون ڏسُ تن
برهہ جي بئبانَ ڪان، پاسي اوءِ پَون
سي پسڻ ڪان پري ٿيا، ڪَين پساءِ پَسن
تہ ”ڪنزَ قَدوري“ ”ڪافيا“، لهن ۾ لوڙهنِ
ڪن سلام ”صرف“ کي، هوند ”نحو“ نہ نهارن
پرڪ لاءِ تنهن ڳالهہ جي، باسَ نہ تا باسنِ
اهي رهيا اتهين، متي ڪين چڙهنِ
ڪيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ ڪن
کي وجي رسيا حال کي، کي بيٺا ٻاڏائن
کي لنگهي هليا حال ڪئون، نڪي قال ڪَهن
کي دنيا جي طلب ۾، هنيا حِرض هَچن
”طالب الدنيا مُخنثُ“، محبت ناهہ تن
کي ڪوڏريا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لاءِ حورن
”طَالبُ العقبيٰ مُؤنث“، مڙس نہ سي چنجن
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن
”لاموجود اِلاالله“، حاضر ڪيو وتن
”طالب المولىٰ مُذڪرُ“، هن رسيا رمزن
ٻئي جهان ڦٽا ڪيو، تا تنين جهانَ وِڃن

اصلئون اختيار ڪيو، فقر فقيرن،
"الفقر خزينه من خزائن الله"، بعضن کي بخشن
"الفقر لايحتاجُ الاالله"، ٻيو ڏنائون ٻن
"الفقر فخري والفقر مني"، اي اي اتو عجيبن
وتن ويڳاڻا ورھ ۾، نيڻين ننڊ نہ ڪن
راتيان ڏينهان روح ۾، چَپُ نہ ڪو چورن
"من عَرفَ ڪلِ لسانه"، ٻَڏي زبان انھن
نيستي تن کي ناھ ڪيو، مُورئون "مان" نہ چون
"قُل ڪل من عندالله"، اھو ڪيائون ڪن
"والقدر خير وشر من الله"، سڀ اوڏھون ڄاڻن
مولي جي محبت ۾، ڪِيا ٿيا وتن
سُڏڪا سيئي سوز جا، پنيءَ رات پرن
آديسي ارمان ۾، گهوماٽيا گُھمن
ڪين روئڻ کان ان جيون، اڪين اوڪارن
هر آن سري ڪہ با محبوب دارند خبر نہ بود
"ڪراما ڪاتبين را"، سِرُ اھو سانين
هيهات! هيهات! اھا عادت اداسن
پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ کي ٿا پرتئون پڇائن
نهائينءَ کان نينهڙو، سکيو ساميئڙن
مچُ مَچايو من ۾، ٻاقَ نہ ٻاھر وِجهن
عاشقَ متئون آگ جي، اولارا ڏين
طالب جيئي حق جا، طلب نہ ٻي ڇڏن
عينا سنڌين اوجاريون، اچن اوجاڳن
انئي پَهرَ عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن
ڪا ساعتَ هڏ نہ سنرا، انهيءَ ري آھن

ظاهر سيئي زبان سان، پيو ٿا ڪين ڪهن
مامَن سان ماڻهن ڪي، سالڪَ سمجهائن
"صُمٌ بُڪمٌ" سڪون ۾، اڳيون پئي عامن
"عينها نيامٌ ولانيامٌ قُلوبها"، دل طرف دوستن
آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانہ ڪهن
"ان اؤلياءَ تحت قبائي"، لائق لعل لڪن
"الصبر مفتاح الفرح"، صبر صابرن
بعضي موحد وحد تي، اهڙا پيي آهن
مست ڪيئن منصور جان، سوريءَ سر سٽن
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏ ڪُسن
ڪُرڪن ڪِنجهن ڪين ڪي، جڙ پار وهاڻ وڃن
رت منجهارئون پنهنجي، وضو وير ڪرن
اي نماز عشق جي، تنهن پوءِ پڙهن
جي محبت وڏا ماري، سي ڪيئن مُڙس مڙن
سوريءَ اتي صابري، ڪيون ڇيڄ چڙهن
تختشونِ تريءَ تي رکي، صادقَ سِرَ ڏين
ڪن سر صدقي دوست تئون، بيا پَهِ ڪين پڇن
نينهن نهوڙيا نڪٽا، جنهن پر ڪاپڙين
هٿي درد هيون ڪيا، سندي سِپرين
ڪذهن اچا ڪپڙا، ڀار نہ ڪنهن ڀڪن
منهن ميرا متي ٿيڙا، اهڙيون طرحان تن
ڪائي تن جي ڪانہ ڪا جُڙي لتي لِڱن
متي پيرين برهنہ، ايڏا سُور سهن
پَرِتيو پروانن جيان، ڪاهيون تت پون
پيڙ باهہ عشق جي، سپورن سڙن

آوڙي عام نہ ان ڪي، جي سينڌائي سڄڻن
اڇو پون آڙاھ ۾، سر جو سانگ نہ ڪن
ٻچو ڪنھن ڄَس جھوپڙا، آڏا ڪين اڏن
اوڏنھن وِٽ متان پوي، گھنگھرئي گھارن
ري پِريان تن ڪين پيون، ڳالھيون ڪَسُ لڳن
ڏاڍا ڦٽ فراق جا، تن جي چِتِ چاڪن
ورھ وڏي واڍوڙَ ڪيا، رويو رت روئن
"موتوا قبل انت مَوتَوا"، ائين مَنُ مارن
اُھي مرڻ ڪان اڳي مئا، "مان" ڪي ڪين مڃن
دشمن دوست ھِڪُ ڪيون، گودڙيا ڳڏجن
ان جي اڪين آڳم ستيا، بوندون بس نہ ڪن
سِر ڏيو سَنوپرا، وتي وره ونن
"ترڪ الدُنيا سُنَہ مؤلِيٖ فرض"، اھو دل ڏرن
سوين چڏيو سُڪڙا، گوندرَ گڏارن
جوڳي جانبَ ڪاڻ ٿيا، مثل مستانن
ابترُ ڪيائون پاڻ ڪي، پسڻ لاءِ پرين
ھاءِ وڃائي جالڙو، ويتر ويچارن
ھو "مُشتاق اِلِيٰ لَياءِ اللّٰہ"، ائين محفوظ رھن
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبرين
محبت جي مڪار ڪئون، چڏي لاھوتي لنگھن
واديءَ ۾ وحدت جي، دانھن پير ڏرن
"تون - مان" وجي وڃ مان، تہ ڪي مان پسنِ
شڪ يقين اٿي ويو، برابر چون
ھادي مريد ھڪ ٿيو، تفاوتُ نہ ڪن
پاڻ مڙيوئي پاڻ ٿيو، نِوڙي نِوڙت ڪن

پاڻ اُتي پاڻ ويهي، پاڻ رموز رَکن
دائرن پرجهه مڙيوئي پاڻ، غير نه پَسائن
ڪافر مؤمن هڪ تيو، يلا تا يائن
سوئي فَلڪ سوئي مَلڪ، سوئي آدمن
آهه لقاءَ لطيف جو، عَبدون عاشقن
سوئي احمد سوئي علي، سوئي هڪ سمجهن
نانءَ ڪنن اڪين جا، وڃون ئي وڃن
بازيون بازيگرُ ڏسي، اِنهيءَ يَتِ يُلن
تان اڪيون ڪن زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن
اسين آهيون آدمي، بيحد مئون بَشرن
يا ته مڙيوئي پاڻ ٿيو، سَميع بَصيرُ ڏسن
عين عَليمُ ڪَليمُ ٿيو، قادِر قدرتن
هي مڙيوئي وصفان، اندر آدمن
هت آدم مئون الله ٿيو، ٻيا سي شڪ پجن
اَصل الله مئون آدمي، ثابت صورتن
مورت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل نيڻن
سوئي ڏسڻ وارو، سو منظور مڃن
خالي ڪانه جاءِ ٿي، بنا محبوبن
سيڪنهن هنڌِن سپرين، چا جي جاءِ حُسن
ڪاٿهين پٽڙيون پٿ جون، ڪاٿهين دَلقا ڪن
ڪاٿهين جا مار زر جا، ڪاٿهين پشم پهرن
ڪاٿهين سناسن ۾، ڪاٿهين منجهه مُلن
ڪاٿهين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿهين منجهه ناچُن
ڪاٿهين نماشن ۾، ڪاٿهين ساجن ۾ سيرَنِ
خَلق الاشياء فَهو عينها، منجهه عربيءَ ائين چون

پاڻ چوندڙ پاڻ ٻڌندڙ، پاڻئي ۾ ٻولن
سمونڊ سرگردانَ ٿيو، پيو ۾ عَجَبن
آءُ اصل پاڻي آهيان، سمونڊ ڪيئن سڏن
نانءُ مٿم ناحق جا، رکيا الائي ڪن؟
جي رسيا وجي وصال ڪي، سي چؤرنگ پار پسن
اول ڪفر پوءِ مَجڻ، پوءِ تان منجهه ڪُفرن
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿي، مڙيوئي مجن
نفي مئون اثبات ٿي، ٻيا سي ”لا“ ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عَارفُ عبدالحق آهي، صوفي صاف سين
هئي شال چراغ سو، روز شبان روشن
عَارفُ جي اولاد ڪي، دعا سي ڪرن
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سي هئن
عشق منجهه الوث هئن، سپيئي صاحبن
گهرين تڙين تانورا، مٿي شهر ڪن
ڏيئو روشن تن جو، تائين قيامتن
اُجرا ئي آفتاب ڪان، هادي شال هئن
اظهر هئن دارين ۾، ساڻ برڪت پنج تنن
هُئنِ خليفا غوثَ جا، روشن ڪانءُ هئن
قائم مسند تن جي، حرمت خير سندن
نبي علي عمر عثمان پٺ ۾، تنهين جيئي ٿين
سچل سگ انهن جو، سندن دروازن
ڪلمو چئي نبي تي، چئو ڪانءُ ڇيهن
لَآالهَ الاَّاللّٰہ مُحمد الرسول اللّٰہ
لَآالهَ الاَّاللّٰہ مُحمد الرسول اللّٰہ

كافيون

(الف ب وار)

الف

سر آسا

آءُ تون پاڻ سجاڻي، مون وٽ يار پيارا.

- حال مڙيوئي معلوم توکي، دنيا سا ڪوڙ ڪهاڻي.
- سڪندي تو لئہ سهڻل سائين، روئندي سا رات وهاڻي.
- آءُ اوهان کي ائين گهران ٿي، اُڄَ گهڙيءَ جيئن پاڻي.
- ٿيندس گولي ڊز در گولي، جانب ڪاڻ جوڳياڻي.
- "سچل" آکي سهي ڪيتوسين، پرت جي ناهي پڇاڻي.

سر بلاولي

اٿئي انهيءَ ۾ حالت، نہ تصديع نہ راحت.

- نہ ڪو هِيءَ نہ ڪو هُو، نڪا صفت نہ صنعت.
- نہ ڪو ذڪر نہ ڪو فڪر، نڪو ڪشف ڪرامت.
- نہ ڪو دم نہ ڪو غم، نڪئو درد نہ محنت.
- نہ ڪو ڏسڻ نہ ڪو پسڻ، نڪو عيش نہ عشرت.
- نہ ڪو جِيءُ نہ ڪو روح، نڪا جان جميعت.
- نہ ڪو سک نہ ڪو ڏک، نڪو هوش نہ حسرت.
- "سچل" سچ آهي نہ ڪچ، آهي رڳو ئي راحت.

❖

اسين پاڻ ڪٿون وياسين، ڪنهن جاءِ پيءَ پياسين.

- پاڻ ڪٿون پاڻ نڪري ڪري، ڪنهن راهه ۾ رَلياسين.
- سنها تلها سڦرا، سڀ چوليءَ هڪ چناسين.
- اهي هوڪا حقيقت جا، اسان ڏيهه منجهه ڏناسين.
- جيڪي هو سو ٿيو، اسين ساڳي سي ٿياسين.
- ويندي انهيءَ واٽ تي، اسين جهنگن ڪين جهلياسين.
- توڙي پليو پاڙيچن، تا پي رَتي ڪين رهياسين.
- موتي موتڻ جي سعي، اسان وڏا وس ڪياسين.
- حاضر آهيون سڀ حارج ۾، اسين گولن سان گڏياسين.
- مؤج اُڙهي مهراڻ ۾، تنهن مٿون پار لنگهياسين.
- "سچل" نانءُ سڏائي، اسين لوڪن منجهه لِڪياسين.

❖

اول ڪاءِ غوطو ٽيءَ گم، پڇي مار شاهي دا دم.

- اچڻ انهيءَ پڙ ۾، ڪچن ڪونهي ڪم.
- شادي غمي عام ڪي، غازن ناهي غم.
- پيئو تصور ان ۾، شاغل سان دم دم.
- "سچل" چوي اتهين، تون قابو رک قدم.

❖

آهي ڪَون جو تو ٿئين، آهي ڪون جو تو ٿئين.

- وس نه آهين پانهنجي ميان، وڃي پرديس پئين.
- جاڏي ڪاڏي آهي اهوئي، چا مرين چا جئين.
- جان جٺو اهو جاني آهي، اهو لائج ساڻ هينئين.
- وحدت واريءَ واديءَ جي ميان، ڳالهه اٿئي ائين.
- نانءُ سڏائين کهڙو ميان، وڃون پاڻ تون وئين.
- نشان ڪج تون نينهن مؤن، پي ڪيهي نشاني نئين.
- "سچو" سچي ڳالهه جو ميان، ڏس اهوئي ڏئين.

❖

اها ڳالهه سچڻ تنهنجي، ڪنهن سان آءُ تا ڪريان.

- اوهان پاڇهون سپرين، ويٺي هٿ ڏڪڙا ڏريان.
- هي سِرُ سارو ساهه سان، آڏو تنهنجي دوست ڌريان.
- وره اوهان جي هٿ وساريا، پاڇاڻن ڪي پنڌڙا پريان.
- دوست اوهان ريءَ ديس انهيءَ ۾، سُورن جا تي سڏڪا ڀريان.
- "سچو" چوي سپرين، تنهنجي صورت ريءَ ويٺي سُور تريان.

❖

اهي اولانيا آيا، مون ڏي مارن جا.

- ڏيهه ڏاڏاڻو ڪيئن وساريئي، ڏينهن اتي تو لايا.
- کهڙي ڳالهيون ويڙيچن ڏنهن، منهن قيرائي مايا.
- پهر پنوهارين ريءَ ڪيئن تي گهارين، عمر ساڻ اجايا.
- تنهنجي ڪارڻ راتو ڏينهان، سانگي سي هٿ سڪايا.
- وَسُ نه منهنجو سڻ "سچو" ڙي، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا.

❖

اهي نياپا ڪو نيئي، منهنجا مارن ڪي ڏي.

- اچڻ اوهان جي جا وس وڏا ئي ڪرڙين سي ڪيڙم ڪيئي.
- ڏک ڏوراپا تا مُنجو اسان ڏي، حال اسان هت هيئي.
- قسمت ڪو جو قلم وهايو، پري اوهان ڪئون پيئي.
- لوءِ اوهان جي ڏنهن لوئي جا آنديم، ليڙان سا هت تي ويئي.
- ڳالهيون سنگهارن جون سُڻ "سچو" ڙي، ساهه سيباٽيم سيئي.

❖

اچن ٿا پرين اچن ٿا، سِل ڪي ساٿي اچن ٿا.

- طرف اسان جي هُيَن تياري، پَهَه اجا ڪي پچن ٿا.
- اديون آتش عشق جا، مَنَ ۾ ڪي مچ مچن ٿا.
- پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهن وارا هٿ نچن ٿا.
- "سچل" سورهيه ڪيترا، رنگ انهيءَ ۾ رچن ٿا.

❖

آءَ تہ "مان" "تون" وچي يار، ٻي ڳالهہ ڪر مَ ڪائي.

- ڳجهي ڳالهہ هاديءَ واري دل تي دائم، فراموش تي ٻي وروهن وائي.
- بحر اُتون جا لهر لڳي تي، اسان پاڻون ڄاڻي بازي اصل ڪئون بنائي.
- آهي "هُو" حيرت "هُو" جي جسم تي، حرف حق جو آهي صورت سيائي.
- لٿو جهڙ جو هو نظر ۾ ظاهر سچ ٿيو، تي اڄ سراسر سَهائي.
- آهي "سچل" جو سخن سچو، تون طالب ڄاڻين جنهن مست ماريو آ دمُ خدائي.

❖

آهيان آءٌ تا اُهائي، هيٺ مون. لوئي.

مالڪ منهنجو سو تو ڄاڻي، تنهن ڪي سڌ سيائي.

- ٻولي ٻيءَ تي متي ناهيان، اها اتم اڳين وائي.
- گلم غاليچا اوهان ٻاجهون، چارَ پانيان سب چائي.
- جيهي تيهي آهيان اوهانجي، ڪريو اچڻ جي ڪائِي.
- ظلم جي جايئون سڻ "سچل" ري، الله ڪندم آجائي.

سر بلاولي - جھنگلو

اتوَ عَبديت عذابُ، آھيو ھزاران حجاب

- ھڪ ھئڻ حساب ۾، ٻئي ھنڌ ھئڻ نواب.
- ٻئي ڳالھيون ھٿ تھانجي، ڏي جانب مون جواب.
- ربوبيت جي راز ۾، آھي ڪونہ حساب.
- جاتي نقطو نينھن جو، تاتي عقل نہ القاب.
- ”سچل“ زير زبر ۾، رکين نہ اعراب.

❖

اُتي ڪفر نہ اِسلام، آھي سيني ڪي سلام.

- ڪڏھن ڏئي ڪينَ ڪي، اھو آرانيو آرام.
- مذھب مُور نہ مڃيان، آءٌ مشرب منجھہ مدام.
- قيد پيچي ظاھر ٿيان، آءٌ جاري پيان جام.
- ھادي سائينءَ پاڻ ”سچوءَ“ کي، عشق ڪيو انعام.

سر بروو

اڄ اوڏانھين سي آيون، مون ڏي خبران خير جون.

- پيو تا توسان دوست ري، ڪونہ برابر پايون.
- لکئي مون معلوم ٿيو سائين، پير ايڏاھين تا پايون.
- سيڪو توکي ڏيھہ سنديو ميان، لک ٿورا تا لايون.
- سورن واريون سيني ساعتان، تو تا لک لنگھايون.
- توکي ٿينديون ھاٿي حاصل، ”سچو“ وي سرھايون.

❖

اڄ جو جوڳي آيو، نانءُ تنهن جو نہ ڄاڻان.

- صورت سهڻي آهہ اداسي، لڱين تنهن بسمو لايو.
- ذري جوڳي، ذري سناسي، تنهنجي سامي نانءُ سڏايو.
- ذات انهيءَ جي وو نٿي ڄاڻان، ڇندين پاڻ ڇپايو.
- ڪڏهن نہ ڏٺم ڏيهہ انهيءَ ۾، موليٰ سو آڻ ملايو.
- ڏسڻ ساڻ تنهن جوڳيءَ جي، مون ڏاڍو پور پرايو.
- سيرين بازارين گهڻ گهڻ گهنگهرو، ڇم ڇم تنهن ڇمڪايو.
- سوئي ساڳو رانجهن هيڙو، "سچل" سِرُ سٽايو.

❖

اڄ هوتن ريءَ هت هاڻ، پيا ڪير لهن مون ساران.

- قاصد ڪيچ وٽن ڏنهن، آغا سِگهڙو آڻ،
تي روز وڄهايان قاران.
- وڃهان وحماڻا ڪيترا، قريبن جي ڪاڻ،
يار ملن شلِ ياران.
- آيون انهيءَ پار ڏنهن، اديون ڪَرَ اُڪاڻ،
ڪونجڙين جون پيي قطاران.
- سنجهي صبح سرتيون، پاروڃي جي پاڻِ،
آهن "سچل" ڪي سنياران.

❖

اديون اُهي اڄ آيا، جن ڪاريو مونکي الا لا.

- سيئي گڏيا سپرين، ڏينهن گهٽا جن لايا.
- ويٺا ويڙهي وچ ۾، جن لئي پنڌ پڇايا.
- ڏينهان راتيان ذڪ جا، مٿي مون مينهن وسايا.
- جن جي ڪارڻ جيڏيون، ڪوڙين مون ڪانگ اڏايا.
- هيڏي هوڏي نہ ڏسين، "سچو" وچ سمايا.

❖

اسان ٿيو اڄ اسان ٿيو، نه ٿا ڄاڻون ڇا اسان "۔

- هيڏي هوڏي هِينئون نه باسي، سڄڻ اسان هت سهي
- عقل علم تا شرم حيا ماڻ، وڏي ويلي اهو اُٿي
- دين ڪفر اسلام مذاهب، ناز نيڻن جي پري ۔
- پارئون پرينءَ جي پور اهوئي، مونکي اوچتو ۔۔
- "سچو" عشق سائينءَ جو آهي، جيئن انداري پري ڏ۔

❖

اسين آهيون ڇا اسين آهيون، پيلي نه ٿا ڄاڻون ڇا اسين آهيون.

- ذري باران برساتيون لايون، ذري پرن ٿيون وڏيون باهيون.
- ذري پڙهون ٿا نمازان روزا، ذري لوچ متي تئون لاهيون.
- ذري چئون ٿا آهيون اسين ئي، ذري چئون ٿا اصل ناهيون.
- ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيڻئون واهيون.
- ذري چئون ٿا اسان پاڻ سڃاتو، ذري چئون ٿا اسين ڇاهيون.
- "سچل" اصلئون سوئي آهين، ناهه هتي پيو ڪيهو ناهيون.

❖

اسين ساڃي خود آهيون، عام چوي ائين ناهي.

- ماڳ انهيءَ ۾ شاهه منصور جون، ڏينهون لڪ گواهيون،
ڪيئن چڙهيو وڃي ڦاهي.
- شاهه شرف جي سر تي سمهيون، سِر وڙهيون سرواهيون،
عشق اوقات ئي آهي.
- بتخاني ڪئون رهي بيزاري، ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون،
دين ايمان پيو ڇاهي.
- ساعت هن ۾ سپ چنيون سي، ڦِڪل واريون ڦاهيون،
ڇاڙهه انهيءَ تون ڪير لاهي.
- زوران زوريءَ پون اوقاتان، ڏاڍيون برهه جون باهيون،
"سچو" آهي ڪڏهن ناهي.

❖

سانجڙو آهي، نـنگ پاروچل توتي،
مناسب ناهي، نـنگ پاروچل توتي.

ـرو جنهن کي ذوق تـنهنجي جو، چپر تنهن کي چاهي.
ماڏي گهمائـيـن تاڏي گهمون تا، ڏور وڏي تو ڏاهي.
تيهو تيهو سائـيـن اوهان جو، چڏڻ لائـق ناهي.
ٿريـن برين يار ٿـڪيءَ کي، رسُ ڪوهيارل ڪاهي.
ساهہ ”سچوءَ“ جو در تـنهنجي ڏانهن، هَڏَ نہ آسرو لاهي.

❖

آڪـو ڙي آءُ ڪير آهيان، ذات نہ ڄاڻان ڪير وي.

- سهي ڪري ڪيـنَ سگهان ٿـو، پيـنر پـنهنجو پـير.
- ڪاٿـئون ٿـي آءُ ڪاٿـي آيس، پـرتـئون پـاتم پـير.
- ساڳوئـي سو رانجهو آهيان، تـنهن ۾ قـند نہ قـير.
- پـاٿـئون ڄاٿي پـير گهمايم، سُرهو ڪيڙم سير.
- جوڳي ٿـي ڪر جوڳ پـڇايم، ڏاڍو ڪيم انڌير.
- مـڪي ۾ مسيت بـنايم، جـٽيو جيسلمير.
- ”سچو“ نانءُ نہ آهي منهنجو، هَڏِ نہ آهيان غير.

❖

آهہ علاج نہ ڪوئـي هِن اڪيـن ماري آهيان.

- ڪنهن کي سليان سرتيون، حال اهوئـي روئـي.
- ڦڪيون ٻُڪيون لڪيـن هزاريـن، ڪيون طبيبان توئـي.
- ناحق ٻَڌيـن پـٽيون، ڪَلَ نہ حاذق هوئـي.
- ويچ وئي وچ وات اهائـي، سانولُ ايندم سوئـي.
- دست ”سچڻ“ جي دارون آهي، سچو يار سيوئـي.

❖

آهي انهن اکين ڪي، خاصو خمار تنهنجو،
ويٺو وٺي آهيان، هت ڪامل قرار تنهنجو.

هن ڪي اوهان جي ٻاجهون، آهي نه ماڙ ڪائي
هي تان غريب آهي، اميدوار تنهنجو.

"تيءَ پاڻ کئون پري تون"، فرمائيو اوهان جو
آهي جميل اصل کئون، هي اعتبار تنهنجو.

هن تي ڪرم وڏو ڪيو، جو درد دل بچايو
ساريان لطف سنياريان، تي بي شمار تنهنجو.

چاهئون تيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي
"سچو" غلام چاٽي، جو داغدار تنهنجو.

❖

آهي ويچاري ڪا وس، توکي معلوم مڙيوئي.

- ويٺي آهيان واٽ تي، گوليءَ ڪجهو گس.
- سارو وندر ووڙيان، ڏاها تنهنجي ڏس.
- ماٺهو شهر ڀنڀور جا، روح نه اچن رس.
- "سچو" پوءِ پرين کئون، آهي ڀنڀوران بس.

❖

- آءَ اصل کئون جو آهيان، گولو غلام تنهنجو.

مون سان واعدو ڪيڙءِ ويهي، ڪالهه پڪي هن پيهي
ناهيان ڏور اوهان کئون ڏيهي، ڪن لايان ڪلام تنهنجو.

تهين ڏينهن لاڪون تائين، منهنجو ساهه سڪي تو سائين
پيو اوچتو هندائين، دل کي هادي دام تنهنجو.

چڏ سڀ لاڳاپا لاهي، اهو وڃڻ نه واجب ناهي
اهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلام تنهنجو.

ڏاڍا خوني نيڻ خماريئي، سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي
ملڪ نيٽن سان ماريئي، هر جاءِ حڪام تنهنجو.

آئي سائينءَ ڏهون وراڻي، ٻيا خيال ويا اُڪاڻي
"تون ته سرور نبي سڃاڻي"، سچو آهي امام تنهنجو.

❖

آءٌ اڱڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي.

- وندر جي وٽن ۾، هوت ملج هڪ واري،
توکي گهٽو نهاريان ٿي.
- پرين وڙؤن پانهنجي، دوست ڏيو دلداري،
سارو ڏينهن سنياريان ٿي.
- دوست اوهان جي درد سان، ڳچيءَ پائي ڳاري،
سارو روهه رُئاريان ٿي.
- ڪڏهن ايندين تون پرين، سچو ڪج ستاري،
هت هنجون هاريان ٿي.

❖

آءٌ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان.

- سر پنهنجو سپرين، آءٌ گهرئون آيس گهوري.
- هيءَ ڪميٽي ڪين ڪي، ڏونگر سگهي ڏوري.
- ڪا جا تند طلب جي، ڇت وئين تون ڇوري.
- نيو پاڇاڻي پاڻ سان، تِرُ نه رهي تو ري.
- "سچو" سگ اصل جو، ڪيئن ٻجي تنهنجي ٿوري.

❖

آءٌ ڪوڙين تيان قربان، جوڳيڙن جي جات تئون.

- ڪاڪيون ڪاپڙين جو، ڏاڍو آهي مون ارمان.
- آيل، آڏوتن جو، آهي گنگا ۾ گذران.
- نانگ سندي ڳالهڙي، هت پورب ۾ پروان.
- ”سچو“ ساڻ نهارين چو تو، پئي هنڌ تون مهمان.

❖

آئين قاصد ڪال، پرينءَ جي پار ڏانهن آنديءَ جي سنهيا سل اُهيئي.

- هاريا هن جي حال جي، ڪا هئي هُت قيل مقال.
- پاڇيءَ ڪي پرديس ۾، سڪندي ٽيڙا سال.
- پرين ڪي مون پڇيو، ڪا خبر ڏي خوشحال.
- ڪي ڪڏندا هجر فراق ڪي، ڪي ورندا واءَ وصال.
- ”سچوءَ“ سندي ساهه جي، ڪا هئي هُت ڪين سنڀال.

❖

آيو منهنجي گهر يار، جنهي ڪارڻ مون تي ساٽي سنيايا.

- در پيهي مون آيو، دوست مٺو دلدار.
- سوئي گڏيو سپرين، هو جنهن جو جيءَ ڪي جارُ.
- بلڪل ڪيائون پنهنجو، ڏنائون قول قرار.
- معاف ڪيائون مهر سان، مون تي هئي ميار.
- ”سچو“ سرهائيءَ ۾، چڏ روئڻ زارو زار.

❖

اُهو آهي آهي، يار ساڳي ساڳي.

- اوهين چاٽو ساڻ يقيني، پيو سو ناهي ناهي.
- ميخاني وچ مست هميشه، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي.

- لوڪ ساروئي هِت جو آيو، سڀ حجابان لاهي لاهي.
- ظاهر باطن آهي اهوئي، جان جٿو وري ڇاهي ڇاهي.
- نانءُ "سچوءَ" جو آيو صفت ۾، ڏانوُ ڪيو ڪيهو ڏاهي ڏاهي.

❖

اُهو ٻَر ٻيي بازر آءِ، جتي ديرو دوست جو.

- ڏونگر ڏولي ٻائيان، سُپيريان جي ساءِ.
- چمنديس چپن سان، سندي جانب جاءِ.
- محبت محبوبن جي ڪاري، هينئڙي کي هاءِ هاءِ.
- ويني ڪانگ اُڏايان، لڪين لعلن لاءِ.
- مونکي ڪيچ وڻن ۾، نيئي ٻانڌيئڙا ٻهچاءِ.
- ساٿي سپيرين سان، هيءُ گداگر گڏاءِ.
- "سچو" سڄڻن کي ميان، ٻاند ڳچيءَ ۾ ٻاءِ.

❖

اُهي کهڙي طرف ويام، آءٌ ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي.

- عشق نہ عاشقن جا ميان، اکهين تي ٻُڏام،
هاٽي تولي مٿون سو تولي.
- ڪُوڪان چڙهي ڪوهہ تي ميان، ڪيچيئڙنِ ڪيام،
هاٽي ڇولي مٿون ڇولي.
- ڏوريندي مون ڏونگرين ميان، سرتيون سالَ تيام،
هاٽي رمز لڌم مٿون رولي.
- "سچل" آءٌ تا ناهيان ميان، ساري سڌ پيام،
اتي ٻاڻ ٻاروچل ٻولي.

❖

- اسان جال پري جام، پيون آبِ حياتي،
ساقي آهيون شراب جا، اسان ڪامل قلاتي.

لاتي سين لولاڪ ۾، وجي لا سندي ڪاتي،
مان ڪي ماري مان، پروڙيم گهر هڪي ياتي.

همه اوست واري حال ۾، اسان آهيون اثباتي،
نفي منجهون نابود، ٿياسي صاحب صفاتي.

متي ڪن ڪاپار لنگهي، ٿياسي ظلماتي،
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، ٿيون ذاتي ۾ ذاتي.

"سچل" سارو سچ ٿيو، جنهن مار سڃاتي،
تصوير نظر نور، اندر جان پايان جهاتي.

❖

آهي معلوم توکي حال، اسان نماڻن جو.

- راتيان ڏينهان آهي اوهان جو، خاطر منجهه خيالُ.
- نانءَ ڏٺيءَ جي اسان غريبن سان، آءُ پلا ڪر پالُ.
- آءُ اچي ڏس يار سياڻا، "سچل" جو احوالُ.

❖

اهو ڏونگر ڏيهاڙين، مون ڏوراپو تو ڏئي.

- هاري هڙا هوت تون، تي ويجها وسارين.
- هيڏي هوڏي تي گهمين، تون نال نه نهارين.
- پنيورئون بيزار تي، جي سانولُ سنيارين.
- پاڻ "سچل" تون پاٺهين، وجي ساڻِ سلهاڙين.

❖

اچي لايو ڪيئن، سڄڻ تو نينهن نمائيءَ سان.

- ماريُس انهيءَ مامري، هوت ڪندي هيئن.
- سا تا ڪيئي پنهنجي، جاني وڻيئي جيئن.
- جهڙي پنهل تو ڪئي، آءٌ پڻ ڪريان تيئن.
- ڪانه وڻندي ڪڏهن، نالو سندو نينهن.
- وري ويهاريو ويجهڙو، "سچل" پنهنجي سيئن.

❖

الله اُهي اچ آندا، پرين جي هتا پرڏيهي.

- فلڪ فراق جو معاف ٿيوسي، هاديءَ ڪيا هيڪاندا،
ڳالهيون ڪيون سي ڳڻ ويهي.
- اڱڻ پيهي سي آيا، هتاسي جن لئي ماندا،
ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي.
- ٿيو آرامي روح اسان جو، لٿا سي سڀ سياندا،
خوش ڪيائون هي ويهي.
- "سچل" هتا سي سال گهٽيرا، دوست ٻاجهون درماندا،
ڏيهه ڳڏيا اُهي ڏيهي.

❖

آءٌ ڪوهيارل ڪائين، وَري ويڙهو وسائج ميان.

- ٻانهُون ٻانهَنِ جان ٻڌي، پاند ڳچيءَ ۾ ٿي پايئين،
مون تشون چِت نه چائج ميان.
- مونهون مدايون ٿيڙيون، ٿيس اُيلازڻ آئين،
پرين پاڻُ پسائج ميان.
- آءٌ ڪنيزڪ تهانجي، تون ته منهنجڙو سائين،
ٻيو عيب نه لائج ميان.
- ڏئي حال حَلاج جو، "سچل" ڪي سمجهائين.

❖

اڄ مهر پئي مون کي يارُ سَڄَڻُ، دارون ڪو دل جو ڏِئي.

- قدر پيو مون کي ڪاڪيون، ني وو وو ويڄن وَئي.
- اثر منهنجي درد جو اديون، شال طبيبن ٿئي.
- وِرِهُه وهايم جيڏيون، پوءِ پرجهڻ پئي.
- وَرهيه ويا گذري، هِنَ عاشق آهون ڪئي.
- ٻُڪي ڏين جي ٻاجهه جي، جِيءَ "سچل" جو جِئي.

❖

آهي صبح انجام، پرين تنهنجي پلا پارَ ڏي.

- اسان ڪنيو تان تهانجو، سِرَ تي ڪول ڪمام.
- دانهون ڪري درد مَئون، برهه نه ڪر بدنام.
- جي تون پڇين ڳالهڙي، طلب نه ڪج تمام.
- اڱڻ اچن ٿا تهانجي عاشق ڪر آرام.
- "سچل" سيوئي تهانجو، ڪيوسين قبول ڪلام.

❖

- اي اچي ڏس حال منهنجو، آءُ اچي سڻ عرض هي.

نينهن تا مونکي نيو، طاقت نه ڪا تَنَ کي رهي
مشتاق جي مارڻ سندو، آهي اوهان کي غرض هي.

ڏاها وجي ٻيا ڇو پڇان، مون تان پروڙي ڳالهڙي
درد پيو مونکي نه آهي، محبت تنهنجي، جو مرض هي.

دل ڪسي مون ڪئون وئين، موٽي نه آئين ڇا ڇوان
سڏ لهو ساجن اچي، آهي اوهان تي قرض هي.

آءُ اچي امام ٿيءُ، توتي اسان نِيتي نماز
سر ڪرڻ صدقي اوهان تئون، آهي "سچل" تي فرض هي.

❖

اوڏاهون قاصد جي آيا، تن هُلائي هِيءَ وائي.

هاڻي هوتياڻن جي هئي، توڏي تياري،
واڻان پڇي تهانجون، اصل ڪان آري،
ڏاري سندِيو حال جي، هت معلوم سيائي.

اهو رڪج اجهو، اڄ تو ڏي ايندا،
ڏيئي ٻانهون ڳل تو، وري پرين پرچائيندا،
هيڪند تيندئين هوت سان، جاڳندي جائي.

مارُئي ماندي نہ ٿي، ڇو گوندر گذارين،
واڻان اچڻ اُن جون، ٿي نتُ نتُ نهارين،
جهڙي تون هت آهين، آهينِ هُت پيي اهائي.

ويو وڇوڙو، تون گڏين ائين انهن ساڻ،
توسان آهن سپرين، پري پانءِ نہ پاڻ،
"سچل" تيندیوَ سگهڙي، وائي سوائي.

❖

اَلا باري برهہ ڊولڻ جي، دل ديواني منهنجي ڪيني.

- اورئين اتڪ نہ رهي، خاص پرين پڪيني.
- پياريائون پرِ ڪري، ٻي سڀ وائي ويئي.
- راتيان ڏينهان روح ۾، "تيا تيا" آهي تيئي.
- اڪيون دل "سچل" چوان، پاڻ سڪيون ڪِيئون ٻيئي.

❖

- اڄ لنگهدين واڻ ويندي، يار ماريندو ويو،
ناز سان چشمڪن ڪي چوري، جان جهوريندو ويو.

مسُ قلم ڪاغذ ڪٺي، محڪم رهيس پنهنجي يار ڏي،
ايئن چئي نامون پڙهي، ورق وارئيندو ويو.

اوچتي اڙجي وئي، دل اڙانگي يار سان،
دُرُ ٻڌي دستار ٻڌي، زلف ڏاريندو ويو.

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي سٺايان حال هي،
لُڙڪ چشمن مان ڏسي، نرمل نهاريندو ويو.

"سچل" چوي سڪ سوز مان، صدقو ڪريان جند جان هي،
من ملي مننار مونکي، غم ٽاريندو ويو.

❖

اي پرين تون پاڻ سان، هي گداگر نئين گڏيون.

- هو هميشه محب مون وٽ، وئون منهن لوئون لڏيون.
- محبت اوهان جي مون پرين، ڪئين مال هن مِلڪ ۾ مَڏيون.
- محب مهميزان اسان تي، ورهه تنهنجي ڪيون وڏيون.
- تنهنجي اڇڻ جي ڪاڻ مون، جايون سي اڪڙين ۾ اڏيون.
- دوست دلداريون ڏجو، چو وڃو هن کي ڇڏيون.
- ساڻ نيو سانول سائين، هي سگ "سچل" پنهنجو سڏيون.

❖

اڙي ٻلو يار! ڪيفي تنهنجي ماريو مونکي اکين.

- شوري مَتَ شراب مَئون، تنهنجن ڇڪيو ڪين چشمن.
- هوءِ جي عاشق تنهنجا، سي قهريون قتل ڪن.
- گنوتا گل گلاب جا، تن هنيو ٻاڻ ٻنهن.
- هَرڻ تا حيران ٿيا، سي ڏسيون ٻَو ٻچن.
- هئي نيزا لڳا نينهن جا، مٿي تا مستن.
- ٻَرڇا تنهنجي برهه جا، اُهي پارون پار لنگهن.
- نرگس کي تن نيست ڪيو، ٿيو "سچل" ترس سين.

❖

آءُ اچي رھ رات، پلو منھنجا يار ڙي.

- راتو ڏينھان روح کي، آھي اوھانجڙي تات.
- مَشرُ آءَ مُلڪن ۾، سنديوَ ڏاڍي ذات.
- ھجڻ ريءَ اوھانجي، ھينڙي کي ھيھات.
- "سچل" کي تنھن سر جي، ڪاڏھون تيندي ڏات.

❖

آءُ ويڙھي تون تان وس ڙي، پلو پنھل يار ميان.

- پرين مونکي پانھنجون، ڏاھا ڏي ڪو ڏسُ ڙي.
- نماڻيءَ جو حالڙو، پيارل اچي پَسُ ڙي.
- پوي پاڇاڻيءَ جو، توکي مَنَ ترسُ ڙي.
- وِھڻ آھي ينيور ۾، بنا عشق عبث ڙي.
- سوز اوھانجو سپرين، "سچل" آھي سرسُ ڙي.

سر بروو - سسئي

ھو ويو ھاٿي ڪاڏي، جنھن سچو سو ناءُ سڏايو.

مڪڙيءَ منجھؤن تيو گل پيدا، منھن ڪري بيٺو ماڏي.
سڌ نہ پئي طرف انھيءَ جي، جان جٺو ويو جاڏي.
ھو ھلي تو اُھو چلي تو، گرشو ڪيو وجي ڪاڏي.
ڏيھ ڏاڏاٺو اگ ڏنوسي، پلڪ ڪئي پڙڏاڏي.
ناءُ "سچوءَ" جو ويو اوڏانھين، طلب ويئي پي تاڏي.

سر بروو - پيروي

آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مونکي ڪير تيون پانيون.

- ڪَنُ نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنيورئون بيزار.
- ڇڏي پاتشاهي پانهنجي، ڪيڙم هت شڪار.
- آيس هن عالم ۾، باري چائي بار.
- آڻيو صدق يقين سان، اديون ڙي اعتبار.
- نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.
- ماريو آهي منصور جي، خوني هُن خمار.
- مرشد پانهون نہ ڇَيو، تون ”سچو“ آهين سردار.

سر پيروي

اڄ اڱڻ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ميان.

- پيهي پَڪي آئيا، لنؤ جنين سان لايم.
- ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم.
- پڇيم جن لئي پنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايم.
- انهن ڪارڻ سرتيون، سر تي سور سهايم.
- سيئي ”سچل“ آئيا، جن لئي ڪانگ اڏايم.

❖

آهيان آهيان، تہ پي چئو ناهيان،
ناهيان ڪين آهيان آءُ.

- آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي،
موتي چوان تا چاهيان.
- باقي آهيان، سڄو ري سرتيون،
فانيءَ ڏي ڪيئن ڪاهيان.
- آهيان ۾ آهي خوف گهڻيرو،
سينو تہ نانهن جو ساهيان.

- الله آهي اثبات اصل ڪئون،
"لا" ڪي ڪاڏي لاهيان.
- "سچو" سچ اهوئي آهي، ناهه نه ٻيو ڪو ناهيان.

❖

آءُ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هونديس سانول ساڻُ.

لونءَ لونءَ منجهه لڳي رهيو، ٻاروچي جو ٻاڻُ.
وندر سندي وات تي، پرزا ڪنديس پاڻُ.
ڏير ڏيئي ويا ڏک جو، هن ڏکيءَ کي ڏاڻُ.
دردمندي دانهون ڪري، چيتڪَ ڪيڙس چاڻُ.
مانَ اچي ٿئي ڪڏهين، هن مُٺيءَ جو مهماڻُ.
"سچو" سگ اوهان جو، سو تا پنهنجو چاڻُ.

❖

اٿين لکيو مون، اٿين لکيو مون، پنهنجو پاڻ کي اٿين لکيو مون.

رد وظائف ڪديم مراقبا، پرو پرين جو ڪونه پيو مون.
ڙهيم نمازان، رکيم روزا، ذرو به حاصل ڪونه ٿيو مون.
ميين ڪلام جاري مون پڙهيا، اثر ڪلامن ڪونه ڪيو مون.
ول چاتم پوءِ سڃاتم، آهي تو ريءَ ڪونه ٻيو مون.
'سچل" سارو سِرُ حقاني، ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو مون.

❖

اوڏنهون آئين ڪانگل ادا، لَنو تون چڱي اچ لات ڪا
ڪي هُتِ هئي محبوب کي مشتاق جي مصلحات ڪا.

هيڏي اچڻ جي ڪا هُيَنِ، ڏي تون مونکي تسلات ڪا
مون هن نماڻيءَ وٽ اُهي، رهندا اچي هِت رات ڪا.

ٻي تا هوندي هيٺي ادا، ظاهر نه جَهڙِيَم ذات ڪا
پيغام مون ڏهن پرت جا، ساٿي آندو سوغات ڪا.

شب روز عاشق روئڻ ۾، ڄاڻن نه هَڏِ ٻي بات ڪا
جاني جدائيءَ جيهڙي، آهي نه ٻي آفات ڪا.

هيڪند هنڌ جي هوت سان، سائين ڪندُم ساعات ڪا
دلبر ٻاجهون هڪ دم ”سچو“، ٻيهي اها برسات ڪا.

❖

آءُ ڪيئن آتڻ وڃان ڙي جيڏيون، چرخو چيو منهنجو نا ڪري.

- چرخو چندن عاج جو، پورا ڪيو تي پچان.
- جيڏيون سرتيون جوڙيون اُٿايون، آءُ ويٺي پوٽيون پچان.
- هٿ ڪرايون آگريون، پيئر سڀ مروڙي پچان.
- سڪ ”سچل“ کي محب ملڻ جي، آهي اميد اچان.

سر پيروي - بلاولي

اڳنا وجهه نگاه، ڳالهه نه ڪوتاهيءَ جيهي.

- جسم ڇڏي هل اتهين، تي رهبر مٿي راهه.
- پاڻ ڪٽي ني پاڻ کي، آٽج منجهه الله.
- ناهي پڇاڻي پنڌ جي، آءُ لهج آگاهه.
- توڙي مطلب کي رسين، مطلب پانءِ نه شاهه.
- هيءُ وجود وسارئين، تڏهين دوست تئين داناهه.
- ”سچو“ سارو سچ تئين، هوش هلين هر گاهه.

سر توڏي

اُهي شال اچن، واقف هن جي هنا حال جا جيڏيون.

- جيءُ وڏو جن جار ۾، اهي موتي مانَ ملن.
- پنڌ پراهين مون پرين، سگها پوءِ ورن.
- ساريو سنگهارن کي، پَلَ پَلَ پُور پَوَن.
- مانَ مونکي سپرين، چڱي نانءَ چون.
- جيهو تيهو آهي، ”سچو“ سگ سندن.

❖

اڄ ڪي صبح اچن تا، نروار چئو نجومي.

- مون هت نماڻيءَ جو، پرين حال ڪي پڇن تا.
- هن پار ڏي اچڻ جو، چئو ڪِي سجڻ چون تا.
- پرين آهن پنڌ ۾، ڪِي ويڙهي پانهنجي وسن تا.
- "سچل" جي پِي سڌ لهڻ لَئي، قاصد هيڏي مُجن تا.

❖

اڄ اگڻ اجهي ايندم، سُکيا سانگي گڏيم شالَ.

- ڏسي حال حقير جو، سَوَ دلاسا ڏيندم،
هو جي کُهي ويڙم ڪالَ.
- پنهنجي وَڙئون سپرين، حال پائي اچي تيندم،
جَنِ لئہ وجهايم فالَ.
- لِکي ساري لوڪ کئون، گوشي پاڻ گڏيندم،
اُهي ڪندا پلائي پالَ.
- سگَ جنهن جو سڌجي، "سچل" سي سڏيندم،
جيءُ جيءُ چونديس جالَ.

❖

اڄ اسان وٽ آءُ ميان، تون مجهين والا ميهار ميان.

- پاڻي اپرڻ نہ ڏئي، هڪ ويريون پيو واءُ ميان.
- ڪاري ڪُنَ لهريُون لسان، دَورُ وڏي درياءُ ميان.
- ساهڙ سَبئون تهانجي، سرتيون ڏين نہ ساءُ ميان.
- سيڻاهيو تان سيڻئون وجي، هن ڪنِ ڪئون ڪاءُ ميان.
- پرين وَڙوُن پانهنجي، "سچل" لَهہ سماءُ ميان.

سر تلنگ

اهو ڏاهيون ڏس آءِ، سانول اِتي وسي تو.

- قولي لهج پاڻ مَئون، پري نه پيرا پاءِ.
- دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ.
- ڪنهن جي ڪارڻ تي ڪرين، هاري ڙي هاءِ هاءِ.
- سوئي ڏسندڙ سوئي سٽندڙ، پاڻهين ڳالهيون ڳاءِ.
- سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاڪي ڙي ڪنهن لاءِ.
- "سچل" اوڏو ساهه کئون، ڪير چوي تا ناءِ.

سر پهاڙي

آءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو.

- طرفئون، تنهنجي ستگر سائين، ڪانگ اڇن من ڪائين.
- نانءَ ڏٽيءَ جي مهر پوئي ڪا، تورا مون تي لائين.
- روز ازل کئون تنهنجڙي آهيان، غير نه مونکي ڀائين.
- هڪڙي ساعت اڱڻ سچوءَ جي، پيرُ مبارڪ پائين.

❖

اجهي آيا ڪلي ڳڏيا سي، جن جي ڪارڻ پانڌي پڇياسي.

- فلڪ فراقي ڏينهن ڏهيلا، اهي سيئي وسري وياسي.
- پاڻئون چاڻي سي پيهي آيا، جن جي ڪارڻ چلا ڪياسي.
- اسان يانيو تا آرام ٿيا سي، ناز نيڻن جي ناگهه نياسي.
- جيئن وٽينِ تيئن ڪرن سي، وس پرينِ جي وڃي پياسي.
- ويڙهي اسانجي "سچو" سي آيا، طرف جنهين جي قاصد ڪدياسي.

❖

اُهي اڱڻ منهنجي آيا، جن جي ڪاڻ سي پير پچايم تي.

- پڪي اسان جي پيهي آيا، ڏينهن گهٽا جن لايا،
جن ڪاڻ پوٽيون پٽايم تي.
- جن لئي روز نهاريم راهان، موليٰ سي محب ملايا،
جيڪي ساٿي سنياريم تي.
- هن غريب کي گڏ نيڻ جا، ڪيا سي سجڻ سعيا،
جن ڪاڻ سي ڪانگ اڏايم تي.
- ڏينهن فراقي لنگهيا اسان تئون، روئندا دوست ڪلايا،
جن ڪاڻ سي ڏڪڙا لنگهايم تي.
- رهيا آهن روح منهنجي تي، فائق جا فرمايا،
جن عشق جا سبق پڙهايم تي.
- دل "سچيڏني" جي تي اصلئون، هاديءَ حڪم هلايا،
جن ڪاڻ سي ورهه وسايم تي.

❖

آءٌ تنهنجي سارو عالم چاٽي، يار چڱي تو تا لائي وو.

- گهوريو پرين پرديس اوهان تئون، ڪر تون اچڻ جي ڪائي وو.
- اندر اسان جي يار سڄڻ وي، سنديو سڪ سمائي وو.
- طرف اسان جي شال اوهان جي، ٿئي ورڻ جي وائي وو.
- مٺا ڏئي ٿو لوڪ مڙيوئي، دوست تو تئون دل چائي وو.
- شال "سچل" جي يار پيارا، لهين تا سُڌ سِيائي وو.

سر پيلو

آئين سو ڳالهه سٺائين، وهيان ڪانگل تون پلي آئين.

- خط جو آندئي يار سڄڻ ڏنهن، هلي سو نال پڙهائين.
- آءٌ تہ جوڙيون جاءِ اکين ۾، اچ اوڏاهون آئين.
- سگهڙو سگهڙو آءٌ اسان ڏي، ڏينهن گهٽا چو لائين.
- اُچون اُچون تون چو نہ اچين، تو محرم راز رلائين.
- نانءِ الله جي يار "سچل" کي، محبن ساڻ ملائين.

سر جوڳ

آهي منهنجو سڱ، تا پنهل توئي سان.

- آءُ اوري تون وچ نه پري، ساهه وٽي وڃ سان.
- هوت جي ڙي هلڻ جو، ڪونه پيم اهڃاڻ.
- چلي بينس چپرين، سڱ پنهل تنهنجي سان.
- لڳو آهي دل ڪي، پاروچل تنهنجو پاڻ.
- سر "سچوءَ" جو يار اوهان تئون، ڪوڙين ٿئي قربان.

❖

جي آيا پنهل جي پار، آءُ تا صدقي ان تئون.

- مکم نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزار.
- محبت محبوبن جي، ڪئي هينئڙي ۾ هُشڪار.
- وڃي ڏسنديس اکڙين سان، وڻ سندا وٽڪار.
- سڪ "سچوءَ" ڪي سرتيون، ڪيا اندر ۾ الغار.

❖

آيم رات عتابَ، ڏاڍا سخت سنگهارن ڏانهن.

- مونکي عمر ماريو، جهانگيئڙن جي جواب.
- ويٺينءَ اِتي مارئي، ڪائي خوب ڪباب.
- هت سارو ڏيهه ڏڪايو، عمر جي تک تاب.
- مؤليٰ سڀ معاف ڪيا، "سچوءَ" تان نه حساب.

❖

اوڏانهون آيا، مون ڏي عتاب اباڻن جا.

- هي ڏيهه ويڙهي وسري، تو ڏينهن اتي لايا.
- ياد اسان کي نه ڪرين، منجهائينءَ مايا.
- ڏينهن اسان ريءَ گذري، ويڙهي اجايا.
- گهٽا مينهن ملير ڏي، والي وسايا.
- تنهنجي ڏسڻ لئي هت، سانگي سڪايا.
- ڪاتون پڏا ڪين ڪي، جهانگي جهلايا.
- سائينءَ "سچو" سڱهرا، مون کي مارو ملايا.

❖

آءُ اسان ڏڙي ويڙهي، تو ڪي گهٽو سارِيان ٿي،
نا ته محب مران ٿي.

- تون تا ميڏا مين تا تيڏي، ڪهه گهتان سي ڪيڙي،
هت گهنگهَرَ گهاريان ٿي.
- اگڻ ساڏي آءُ پيارل، لَهه پوَنِ سي جهيڙي،
تو لَئي هنجون هاريان ٿي.

❖

- آءُ اسان وٽ يار تون، آهي هت اسان جو حال هي.

اُپاٽڪو آهيان گهٽو، توريءَ پرين پرديس ۾،
آءُ مڙيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال هي.

آهه اوسيڙو اوهان جو، شب روز اکڙين ۾ ميان،
جاني سندءِ مون جاڳندي، آهه خواب ۾ به خيال هي.

دوست تنهنجي در اُتي، دونهي وجهي ويهي رهان،
منهن ڏيکارج محب مونکي، نه ته آهِ ويهڻ هت وبال هي.

دردمند جي در پر هي، آءُ دوست دل خوشحال ڪر،
صدقي ڪريان سِرَ ساهه سان، چا مِلڪ ءِ پيو مال هِي.

ويني نهاريان واٽڙي، تنهنجي اَچڻ لَئي ميان،
لهه سڌ سنديم ساجن اچي، نه ته آهِ جِيَڻُ جنجال هي.

پاٽون پري نه ڪريو مونکي، ڪي دوست دلداريون ڏيو،
هچ تون سدائين ساڻ مون، آهي سچل جو سوال هي.

❖

آءٌ تا اچي پيڙس اُتي، جتي جاءِ ادب جي ناهه وو.

- نادانن ناداني آهي، بيهن اِتي هُتي.
- وحدت جو پيو باز جتي، مثو مرغ اَدب جو تتي.
- وهم خيال وڃايا غيري، خيال هڪڙي ڪُتي.
- سرُ ڪتايو سو ڪيئن موٽي، ويڙو جو شرط اُتي.
- ”سچل“ سچ اُهوئي آهي، وسريئي پنج سُتي.

❖

اڪيون اڙايم ڏاڍيءَ جاءِ، ڙي جيڏيون، ڪيئي ڪريان.

- سچڻ چون سسي ڏي آٽي، پلئي اسان جي پاءِ ڙي.
- پرت واري پوک جو، تا ڏُنُ اهوئي آءِ ڙي.
- ست مِ ڏيڻ سرَ ڪي، آهِ انهين لالن لاءِ ڙي.
- راتو ڏينهان روح ڪي، ”سچل“ هنيڙو هاءِ هاءِ ڙي.

❖

اديون ڙي اُهي اچن، جن ڳاريو مونکي الا الا.

- هُئنِ سدا هِتِ سپرين، وري نہ شال وڃن.
- پري نہ وڃن مون پرين، ويڙهي سي هِنَ وسنِ.
- آءٌ تا گهوري ڪاڪيُون، راضي سي پاڻ رهن.
- دعا ڪجو هن غريب ڪئون، شل رَتي سي نہ رُسن.
- جيهو تيهو وو جيڏيون. ”سچل“ سگ سندُنِ.

سر جوڳ - بروو

اَڙي اَلو اَلو، منهنجي يار سڄڻ جو ساٿ سلامت آئيو.

سيئي اڄ اڱڻ آيا، مون جن لَئي وِرهہ وَسايو.

- اُهي گڏ مسافر هن گڏيا، مون جن لَئي پنڌ پڇايو.
- ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رڇايو.
- حال پائي آچي سي ٿيا، جن تا چيٽڪ لايو.
- وريتيون وصال جو، والي ورق ورايو.
- سچل کي ڙي سرتيون، سو مولئ محب ملايو.

سر جوڳ - پيروي

- آءُ وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احوال جي
سڏ تنين کي سِرَ جي، هوندو جنين تي حالُ جي.

حال سر جي جهليو، ڪوته تنين ٿيو قال جي
ماضي تنين ٿئون محو ٿيو، آئون نہ ڪر نہ استقبال جي.

پاڻ پروڙي ڳالهہ جن، تن خبر خاصي خيال جي
جي سُرڪَ ڪئون صافي ٿيا، ڪَلَ ناهِ تن ڪلال جي.

شاهي جن جو شان ٿيو، تن ناهِ سڏ سوال جي
ميخاني مئون مخمور ٿيا، منجهہ بي خودي بي حال جي.

"يسمع و بي يبصر" آئٿي، ويڏن اها وصال جي
ڪر واقف وهم سين، "سچل" قرب ڪمال جي.

سر جوڳ - ڪلياڻ

اُڏر پکيئڙا پار پرين جي، خبر آڻي مون ڏئين.

- ڪين گڏيئي سي پرين، وات تا ڪنهن ٻيءَ وئين.
- پاڙي ويهي پرين جي، وڃي تون واقف ٿئين.
- سُڏ سپيئي مون ڏئين، جڏهن پاڻي اکين جو پئين.
- سوز "سچل" جو پاڻ سان، ادا ڙي نازڪ نئين.

سر جهنگلو

اوهين پنهنجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا.

- هيءَ نمائي عيبن هائي، هٿ مَٿئون مون لاهيو،
نيڻ وهائن نارا.
- عاشق سندوَ آهن اُداسي، چاهه منهنئون سي چايو،
ورهه ڪيا ويچارا.
- ميلاپيءَ جو مشتاقن سان، ٿاهه ڪو سگهڙو ٿاهيو،
مَرُتان ڪرن نظارا.
- اصل لاڪون آهن اوهان تي، پاڻ پرين پُرجهايو،
ڪم سچوءَ جا سارا.

❖

آهي هڙو حال ويچاريءَ جو،
سهٽا ڪر ڪو ڪرم ستاريءَ جو.

- لئي پنهل جي ڪانگ اڏايان، ڪوئيون پوتيدارِ پتايان،
ورُ وريِ ورَ واري جو.
- حال ڏسي پنهنجو پال پلائج، پرَ پچائڻون ورهه ورائج،
ڪج ڊيِ دارون ڏکواريءَ جو.
- درد فراق جا دونهان دکن ٿا، مچ مگرَ هِن من مچن ٿا،
ڪو ورُ وري ويچاريءَ جو.
- سڪ "سچل" جي توکي ساري، ڪيچي ايندم نرتئون نهاري،
ساهه سڪي سڪ واريءَ جو.

❖

- آءُ ادا سالڪ سهي ڪر، تون تہ طلسمات ڪي
پيچ دوئي تا ڪَل پوئي، دور ڪر درجات ڪي.

ڪيئن وساري ويهي رهين، هر هر نفي اثبات ڪي
اثبات ڪئون اڳنان لنگهي، ڪر تَمُ تون طاعات ڪي.

ڏيئن وٺي ويھي رھين، ھئي ھئي تون حڪايات ڪي
ڳالھين منجھؤن تا ڪين ٿيو پيچ اوٽ عزالات ڪي.

سازي نہ پانئج غير تون، ھن محض موجودات ڪي
ڙ گھور ڪر ھن گُھور ۾، ڏي منھن نہ ٻي مصلحات ڪي.

مرُ سچائج پانھنجو، ڏي ڪَن نہ ڪرامات ڪي
اتيءَ منجھؤن ظاھر ٿئين، تون سمجھ ھن صفات ڪي.

'سچل" روئين چو ايترو، بس ڪر ھن برسات ڪي
تصديع تون چو ٿو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي.

❖

آءُ ٻاروچل ٻيلي، مونجھ تنھنجيءَ ماري آھيان.

- ناھي واجب رسڻ توئي ڪي، تون گروُ آءٌ چيلي،
سگَ نہ ٿي ڪو ساھيان.
- عشق اوھان جي ڪنون ھوت ٻاروچا، ڪين ٿرن ھيءَ ٿيلي،
نہ تہ ڇپر اڳيؤن ڇاھيان.
- سگھہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، تو بنا آھيان اڪيلي،
ڪيچ وٺن ڪين ڪاھيان.
- وڳٽي آھيان ورھہ تنھنجي ڪنون، توڙي ڪي پورن پٽيلي،
"سچو" نہ آسرو لاھيان.

❖

اڄ جو اوڏنھون آيا، ڳڏيا سي قاصد مونکي، اھي ڏنائون واڌايون.

وري ورڻ جا ھنا پنيور ڏي، ساٿ ڏٽين جا سعيا.
اڄ صبح اچي ويجھا سي وھنديي، ڏور جنين ڏينھن لايا.
گوشي ڳڏجي ڪنديي سي ڳالھيون، جن جا تو پنڌ ڇايا.
خيال سچوئي ھيڏي ھيڙن، ڏڪيا تو ڏينھن لنگھايا.

- طرف تنهنجي اڳي پي رهبر، ڪيئن تنهن هوت هلايا.
- نينهن جا نياپا ڏنا جنين هي، "سچل" سي ساهه سيبايا.

❖

- آيو بحر جوش ۾، تڏهن موج پئي پاهار ميان
هَئي هَئي آيو نانءَ ۾، سانوڻ جو سينگار ميان.

لُڙَ منجهون تيو اڇو ڪارو، اصل سو درياه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا پاهر، ڪير ٿيو گمراهه ميان.

سانوڻ لٿو هڪ ٿي تڏهن، پاڻي موتيو پوءِ ميان
ڪارو اڇو لُڙ ٿيو، اهو سارو سمونڊوءَ ميان.

نانءَ لهي ويا پاهريان، اهو باقي رهيو نام ميان
ڪُوران ڪسان واهڙان، هت ڪلي ٿيا گمنام ميان.

❖

آءِ ادا ڙي پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو.

- سڻ ڙي ساٿي آهيان اداسڻ، محب بنا هت ماندي.
- اڳڻ اسان جي ڪڏهن ايندا، اها خبر تو ڪا آندي.
- دل اسان جي دوست پاڄهون، نَاهي وِرهَ ڪان واندي.
- سگهڙي ساٿي مانَ ٿيان، آءِ هوتن سان هيڪاندي.
- سارون سنياران "سچل" سي لهندئي، آهين جنين جي تون باندي.

❖

اهو نياپو آندو، پانڌيءَ پرين جي پارَ ڏنهن.

- آهي تياري ايڏنهن اسان جي، متان ٿئين تون ماندو.
- عاشق توڪي آٿي اسان سان، محبُ ڪندئي هيڪاندو.
- اسين به اوڙڪِ ايندا سين ايڏانهن، تَج نه وِرهَ ڪٿون واندو.
- ملڻ محبن جو آهي اهوئي، پرت جو پاڇاندو.
- طرفؤن اسان جي سڻ "سچل" وي، لاهين تون سڀ سياندو.

❖

اڳن اسانجڙي سائين، ڪر پلا تون پيرو.

ڏٺيءَ جي دلبر سائين، پاند ڳچيءَ ۾ پائين، ڪج فقير ٿي ڦيرو.
سو لڳ يار سڄڻ وي، جايون سي رنگ بنائين، رهي منهنجي دَر ديرو.
ت رکڻ ساڻ اوهان جي ٻولِ اهو ٻولائين، ناهيم ايڏو سو جيرو.
ڀهان جيءَ جو ڪنيو "سچل" وي، ڏينهن انهيءَ ڪان اچ تائين، پيراڻن جان پيرو.

❖

آءُ تہ ڳڏجي گذاريون وي، ڏکيا سکيا ڏينهڙا

ڳالهيون ڪيو جي ڪالھ اسان سان، ڪيئن تو يار وساريون.
ڳچيءَ پائي ڪپڙو سائين، دوست ڪريان ٿي زاروين.
راتيان ڏينهان توکي دلبر، سانول ويٺا ساريون.
اچن سنديون اوهان جو، سائين واٽن نت نهاريون.
پرين پنهنجو پاڻ ڪان، "سچل" سو سگ سنپاريون.

سر جهنگلو - بروو - پيروي

يان اوهانجڙو آئين، ڪيچ نہ پائين، دوست چوي ڪير آهين.

ين ڏسج پاڻ ڏي، آءُ ٻانهو تو سائين، توڙ نڀائين.
نجي وڙئون سپرين، پير منهنجي در پائين، حمد آکائين.
ي پائي ڪپڙو، پرينءَ ڪي پرچائين، ميڙ منائين.
اوهانجڙو آهيان، چت نہ هن تان چائين، قيامت تائين.
ن ڪڻ تون دلبر سائين "سچل" ڪي سرچائين، ٿورا لائين.

سر ديسي

آءُ اوهان تئون گهوري، اڙي ڪيچيو ساڻ نجو.

- راتو ڏيهان روح ڪي، آهي اوهان جي جهوري.
- دائم وِڏوَ دل ڪي، ڏکن جي تان ڏوري.

- وهان وهڻ نہ ٿئي، ڏاڍي سا لايو لوري.
- ڪرڻ مناسب ناهي تان، "سچو" ساڻ ضعيفن زوري.

❖

اڙي آلو آلو، رانول آيو راڄ ۾.

- ويڙا سورَ سَنڌو ڪري، اڄ پيئنر ٿيڙم پلو.
- جنهن ساعت گڏيا سپرين، سا ساعَتَ ڪنهن نہ سَلو.
- ڳالھ نہ ڪريو ڪا ٻي، هتئون هاريون اَوهين هَلو.
- ڏهاڙي ڏسڻ ڪئون، وارُ نہ پيڙو وَلو.
- اصل آهي انهن سان، روح منهنجي جو رَلو.
- "سچل" گڏيو سڄڻان. ڪَرنِ لڳو ڪلو.

❖

آيَسِ آءٌ ڪي اوڏي، جهاڳيا مون تان جبل جالَ.

- جي مون وِسَهو جيڏيون، آهيان ڪيچِيُنِ جي آءٌ ڪوڏي.
- حُب جنهن ڪي هوت جي، درد نہ ٻئي ڪنهن ڏوڏي.
- ڪيئن ڪريان آءٌ ڪاڪيُون، هوت منهنجو هوڏي.
- دردِ جهين ڪي دوست جو، لَڪُنِ سا تان لوڏي.
- سيڻنِ خاطر سُڻُ "سچل" ڙي، ڳاهُ ڪنديَسِ ٻڌي گوڏي.

سر ڌناسري

اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالھ زبانئون ناهي.

- پهريون پاڻ نہ جاتم هيئن ٿي، شوق پريم شُوڪار.
- مرشد رمز ڳجهي پرجهائي، آندم هت اعتبار.
- دين ڪفر اسلام مذاهب، اول ڇڏڻ درڪار.
- ٻوڙيم سڀ ارادا آندم، هڪ اِرادي آرُ.
- جائي ڳالھ سڃاتم سائي، ساڳي آهيان سردار.

يُسمع يبصر ينطقُ هڪڙو، ناهي آٹڻ انڪار.
خلق الشياء وَهُوَ عَينهُا، تي خاصا خبردار.
"سچو" غير خدا جو ناهي، گوش ڪرڻ گفتار.

❖

و اتم ارمان، ڇا منجهان هِتِ ڇا تي آيس.

ڪر تيس نہ ڄاڻان ڄاڪنون، نا تہ هيس صحيح سلطان.
س داناءِ ديس انهيءَ ۾، هت نانءَ تيس نادان.
وئي ڄاڻي ڪوئي سڃاڻي، اهو مرديءَ جو ميدان.
ر اواگهہ جو لهر لڪايو، تيو طرح نوين طوفان.
ملئون ساڻ وني هت آيس، سوزن جو سامان.
؛ گهر ڪئون تي ٻي گهر آيس، محض آيس مهمان.
ر اُتون جا لهر اُڀي تي، موتِي تيو مهران.
سچوءَ" ڪي ڪيو ساعت ساعت، حيرت هن حيران.

سرسسئي

اهو ساڳيو مون سڃاتو، آهي ٻڙيون ٻاروڄو.

ل لاڪون آهي انهن سان، هِن نماڻيءَ جو ناتو.
ي ڏنم اوچتو ميان، پيچ جنهن مون سان پاتو.
يس ڦيريدار جان، ڄاڻ نہ مون ڄاتو.
نو لحظي هڪ ۾، آديون ڙي اوراتو.
دقو "سچل" تنهن اُتون، عشق جنهن تو سان لاتو.

❖

ديون اُهي اڄ آيا، ڏيهہ جنين لئي تي ڏوريان.

ڏيو مبارڪ سرتيون مونکي، مولا سي محب ملايا،
چرخو ڪيهو آءٌ چوريان.

- در پيهي سي آيا سائين، جن لئي مون ورھہ وسايا،
پاڻ متائن گهوريان.
- پرڏيهہ ويا ها مون پرين، واليءَ سي پوءِ ورايا،
تَڪ ڪيها ٻيا توريان.
- ”سچو“ اتي وو دوست گڏيوسين، ڏينهن گهڻا جنهن لايا،
وندر ڪنهن لئي ووڙيان.

❖

اديون ڙي اڄ آھِہ، اسان محبن جو ميلو.

- دلبر سڪندي سال ٿيا، سپيريان جي ساءِ.
- فنا ڪيائون فراق کي، ٻُڌوَ جاءِ ٻجاءِ.
- ڏک لنگهيا سک آيا، لڳڙي تڏڙي واءِ.
- جنهن ساعت گڏيا سپرين، سا ”سچو“ ساعت سُهاءِ.

❖

اوهين سيبئي چو نہ چاڻو، نانءُ مٿمِ آهي کهڙو.

- اسم اصل ڪئون وره وڏايو، صورت هيءَ سجاڻو.
- پاڻيءَ منجهؤن پارو ٿيو پيدا، واءُ عجب ڪوئي واڻو.
- شاھہ جهان جو ٻانهو ٿي ڪر، وائيءَ هِن وڪاڻو.
- ڏسي تماشو اهو سو سارو، وتي تا پاڻ ويڳاڻو.
- نانونِ وارو سُڻو ري سرتيون، ٿيو هت ڪينن نماڻو.
- مستيءَ واري ساک نہ سلج، ”سچو“ تون ٿيءُ سياڻو.

❖

آڏو مانَ اَچن وو، ڏسي هن جو حال پلو ڙي.

- هُو جي ڪيڙم ڪاف مِ، ڪُوڪان پَونن ڪَنِ.
- ڪيچڙين جا ڪاڪيون، تا رهبر واٽ رسن.

خبران ڏکـن سنديون، اڳيون پاڻ پـڇن.
پاروچا پاجهه پـئـي، چڳـي آءُ چون.
پـنڌ ڪندي پـريـنءَ ڏي، مَرُ پـرزا پـير ٿيـن.
”سچو“ پـنهنجي ساٿ سان، نماڻي به نيـن.

❖

اتي پـيـو وجي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ ناءِ.

لامڪان مٿون لهر لڙهي، جنهن مٿـي سڀ هوءِ هواءِ.
وحدت جي درياءَ منجهاروُن، تون پي وجي موج مناءِ.
برهه توتي بادل آندو، اناالحق جي هڪل سواءِ.
قطرو پـاڻ نـه پـائـنج عاشق، ساروئـي تون بحر سڏاءِ.
پئي جهان هڪو ڪر ڄاڻيـن، جلوو تـنهنجو جاءِ بجاءِ.
”سچو“ آهيـن سِرُ سُبحاني، ظاهر جو تون ناءُ وڃاءِ.

❖

- اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اڄ اڱڻ منهنجي آيا.

پـيهي پـاڻ آيا، جن ڏور تـي ڏسايو
هتـئون جنيـن جي هينـئڙو، اديون مون تي ڪسايو
جن جي ڪارڻ جيڏيون، مون تي پانڌي پـڇايا.

هيس جنيـن ڪاڻ، آءُ آيل اُپائـون
دل ۾ دردمنديءَ جي، ورهه وڏائـون
پـوتـيون پـتـايم جن لـئـي، اُهي مولئ ملايا.

واعدا پـنهنجا سرتيون، اُهي پـاڻهي پـاڙيـائـون
نماڻيءَ جي نجهري، اچي پـڪـا اڏيـائـون
انهن ڪارڻ ڪاڪيون مون تـي ورهه وسايا.

ڪرم ڪيائون پنھنجو، ھاڻي حال ڏسي ھيٺي
وائي فلڪ فراق جي، ھاڻي وڃون ٿي ويٺي
"سچو" گڏيو سڄڻاين، جنھن تي ڪانگ اُڏايا.

❖

اوري آڻ سي اوري ڙي، الله جنين ڪاڻ سڪيس سال.

- ڏسُ مونکي ڪو ڏئي، ڏيھ رھيس تا ڏوري.
- واٽ جھين ڪئون لنگھيا، گھوري ھي جند گھوري.
- ھيڪند ڪر تون ھوت جي ميان، ساڻ تڪي ڪنھن توري.
- ساھ "سچل" جو تنھن ڏھاڙي، ويا چاڪ وڃي چِت چوري.

❖

اچي ڪونہ ايڏانھون، ماڻھو شھر ڀنڀور ۾.

- منھن ڪري اُنھيءَ پار ڏي، وڃي ڪيم الاھُون.
- ڏسي حال حقير جو، اچن مانَ آڳاھون.
- ڪو ڀَلُ ڀاڄاڻين ڪئون، پري ٿيءَ نہ پراھُون.
- تَرَ تڪائي آھيان، پڪا اَڏج اوراھون.
- سُٺي موٽ سچل جون، آرياڻي تون آھُون.

❖

آءِ ڪانگا ڪر ڙي مون سان ھَر ھَر، پيو ڪَر مٺي ڳالھ پرين جي.

- ڏاھا ڏنوَ ڪِي وڃي، اُھي پرين کھڙي پَر.
- ڪي حالُ پڇيائون ھِن جو، ڪا ڪندا ويچاريءَ وِر.
- محبن جي ميلاپ جي، ڪا ڪندا پيٺي پِرِ.
- آءِ توئي تئون صدقي، ھوئين دوستاڻي دِرِ.
- پِريان سندي پارَ جي، آھي سڪ سچل کي سِرِ.

❖

اديون ڙي آھيان ٻانھي ٻاروچن جي.

- ڏکيا سکيا ڏينھڙا، شال لالن سان لنگھايان.

- هِينئڙي ڪي هن جيڏيون، کھڙا سور سلايان.
- وندر سندي واٽ تي، ڇاھون سِر ڇلايان.
- ويھان آءٌ ڪينن ويسلي، وينداچو نہ ورايان.
- ڪيھي پئي تان ڪيچ ڏٽين ڏي، سچل ميڙ سنيايان.

❖

آءٌ وڃان تو تئون گھوري، گھوري گھوري ميان.

- ڏونگر رهيس ڏاڪڙا، تنھنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري.
- تو ٽڪائي وي آهيانِ، اَڄ آرياڻي اوري اوري.
- يلا هن پنيور ۾، تِر نہ رهندس تو ري تو ري.
- مونکي وڏو مون پرينَ، جھٽڪ اوهانجڙيءَ جھوري جھوري.
- "سچل" جو نِي سپرينَ، هِينئڙو نيو هِي هوري هوري.

❖

اکڙينِ اسرار، مونکي ڪو جو ڪيو ميان.

- انهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيارُ.
- تنهين ڏهاڙي ڪيو، برهہ بي اختيار.
- ڏونگر تو ڏورائي، چشمن جو چمڪار.
- ناز نيڻن جو سرتيون، ووڙائي وٽڪار.
- سوز سڄڻن جو سرتيون، "سچل" ڪي سينگار.

❖

آءٌ وري تون تان ويهہ، سڄڻ آءٌ تان تنھنجڙي آهيان.

- آهون عاشقن جون سُٽي، ڇڏ پرين پرڏيهہ.
- پکي پاڇاٽين جي ميان، اڄي پرين تون پيهُہ.
- اصل لاکُون آهي هي، ڏاها تنھنجھڙو ڏيهُہ.
- "سچل" ڇوي سپرينَ، آءٌ ساري ساٽيهہ.

❖

آءٌ هلي ڏس حال، منهنجو پاروڇا ڙي ميان.

- راتيان ڏينهان روح ۾، تنھنجو خاص خيال.

- اوهان ٻاجهون سپرين، ساعت پايان سال.
- . مون نماڻيءَ سان، ڪر پلائيءَ پال.
- سارڻ سڪڻ اوهان جو، مونکي مِلڪ اَئون مال.
- مرشد سارو ميچيو، ”سچل“ جو تہ سوالُ.

❖

اوڏانهون جي اچن، ڙي جيڏيون،
انهن آءٌ ڪينٽ نہ سڃاڻان.

- پريان سندي پارَ جون، ڪيهون ڳالهيون ڪَنِ.
- مونِ هن نماڻيءَ ڪي، دلاسا ڻا ڏين.
- ساهہ منهنجو سرتيون، نيو نياپن.
- هي بت بيراڳي ڪيو، ڪاڪيُون ڪيچيڙَنِ.
- ”سچل“ چو نہ سُڌير تئين، هو هٿِ پاڻ پچن.

❖

اُهي ڏوراپا ڏيئي، موٽِي مُڪا يارَ مُون ڏي.

- هُوءَ جا ڳالهڙي ڪالهہ ڪئي سون، ڪينن تو وسري ويئي.
- اسان ٻاجهون سڻ ڙي عاشق، ڏينهن گذرايوَ ڪيئي.
- کهڙين ڳالهيُنِ مِر تون تا آهين، پرت منهنجي توسان پيئي.
- چئي منجين تو هَٿِ پانڌين جي، تہ حال اسان هتِ هيئي.
- ڏوهہ گناهہ ور تنهنجا بخشيا، ”سچل“ يار سِيئي.

❖

- اُهي پڙيون پاروچا، اڄ اڱڻ منهنجي ايندا.

هيءَ شريعت ڪا ڪندي، اڙي سرتيون سائين ساڻ
ناهيان ثانياٽي تن جي، جان پرجهي ڏنم پاڻ
ٻانهي ڪري پنهنجي، اُهي صاحب سڏيندا.

اُتي ويني اوهان جو، هن واتن ورونهان
ڏين سرتيون مونکي، لڪين تيون لُوهان
اهو اتم آسرو، گولي گڏ پي گڏيندا.

سُٺي سچڻ موٽندا، هنَ عاشق جون آهون
وِيني ڏسان تن جون، آءُ راتيان ڏينهان راهون
پڪا پکن سامهان، آٿي اوڏو اڏيندا.

پاڙيچيون پرديس ۾، آءُ محبن ريءَ ماندي
سگهڙو ساٿيئڙن سان، ڪندو هادي هيڪاندي
سوين لکين سرتيون، مونکي دلاسا ڏيندا.

ڪَينِ جون مونکي خبران، آٿي پانديءَ پهچايون
هيون هوتن سنديون، هيڏي ورڻ جون وايون
"سچل" جن جو آهين، سي ڇنَي نه ڇڏيندا.

❖

آءُ اوهانجڙو آهيان، مونکي ڪيم وسارج ميان.

- دوست اوهان جي در تي ميان، مران تا نابر ناهيان،
پنهنجي ڪڍ قطارج ميان.
- ميلاپي جي وو مان پرين، لالچ هَڏَ نه لاهيان،
ڪٽي نيڙ نهارج ميان.
- هيءَ ڪميٽي وو ڪوڙي ميان، سگ ڪو ساٿو ساهيان،
پنهنجي وَتِ وهارج.
- سچو ٻڌي سندرو ميان، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان،
اچي گڏ گذارج.
- سوال "سچل" جو وو اِهو آهي، نينهن سندو نباهيان،
پنهنجو سگ سنيارج.

❖

اڙي جيڏيون، منهنجو جيئڙو، ونيو سڄڻ وجي.

- چرخي مُنا تاڙيون، پينر سيڪائي پڇي.
- دردمندي جي دل اهائي، مت نه ڪنهنجڙي مڃي.
- طرف تنهنجي يار "سچل" ڙي، سوز نه پنهنجڙو سڃي.

❖

اڙي جيڏيون، مونکي چو ٿيون، پرينِ ڏنهن جهليو.

- ويهان ڪين پنيور ۾، جو روح اُنهن سان رَليو.
- ساٿس تيندس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو.
- مونکي نہ ڪريو مستان، مَنُ تہ محب مليو.
- پريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو.
- سچڻ سارو پنهنجو، سر ”سچل“ ڪي سَليو.

سر ڪوهياري

آءُ پانهن جي پانهي، آهيان عيبدار سچڻ.

- عمر سچيائي ڪوڙ ڪمايم، بخش مونکي اهو جاني.
- روز ازل ڪئون ابد تائين، آهہ ڳچيءَ منجهہ ڳاني.
- ڏوه ڏنگايون ڏس نہ منهنجيون، محب ڪج مهرباني.
- ڪيئن ”سچوءَ“ جي دِل تان دلبر، دوست ڪَيو ديواني.

❖

آءُ ڪيچ ڪندي، وجي پورهيو پرين سان، ڙي جيڏيون.

- جيهي تيهي يار سجڻ جي، چڱي توڙي مندي.
- آءُ انهين جي آهيان، برهہ جنين جي بندي.
- چونديس حال حبيب ڪي، ڳچيءَ پائي گندي.
- اڻ ملهہ پانهي آهي، سڀ پرِ سائنِ سندي.
- ”سچو“ سارِيائي دلڙي، رمز تنين جي رندي.

❖

آءُ ويندي پنهل جي پارِ ميان، تڪيس ڪين ترن ۾.

- مُون مَنَ گڏي گوندرين، ڪيچي ٿيم قرارِ ميان.
- ذات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڌو آهي جارِ ميان.
- ڪنديس وجي ڪيچ ڏي، ڪنيزاٽي ڪارِ ميان.

- آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مُون وٺڪار ميان.
- پوڻ اٿم پنڌ ۾، دوست پٺيءَ درڪارِ ميان.
- سارو ڪم "سچل" جو، آهي اُنهن جي اختيار ميان.

سر ڪلياڻ

آءَ تا ڪالهہ اُڏامي، وڃي پيس پِرينِ وٽ.

- هُت قبوليت تنهنجي، حلقہ بگوش غلامي.
- مهر متوئي ناهہ ڪو، عاشق تڄ تون آرامي.
- اصل لاڪون تنهنجو، هيءَ پاڇي آهي پيغامي.
- ويس برابر اوڍهين، وينس ڪين وِسامي.
- مونکي ڪيائون تنهنجو، "سچو" يار سلامي.

❖

آءَ پنهون پاڻ آهيان، ڪاڪيون مُنجان قاصد ڪاڏي.

اها صورت سمجهي ڏٺيم، ساٿي ٻيا ڪيئن سنيايان.
ڳالهہ پري هئي، تي پئي اوري، ڪيڏي ڪانگ اڏايان.
مُدعا مطلب هُو مڙيوئي، پرٿيون سي ڪيهُون پٺايان.
سُڌ پئي مون سِر انهيءَ جي، ڪيچ پنيور ڪي پانيان.
"سچوءَ" منجهئون ٿيو سچ پيدا، ڪيهُون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان.

❖

آءَ ڪانگا ڪر ڳالهہ، پريان سندي پارَ جي.

- مون سان ڪري جو ڪالهہ وئيس، اُهي تان وعدا پالِ.
- هن غريب سان پرين گڏج، برهہ ڪيسِ بي حالِ.
- هيڏي اچڻ جي هئي اُنهن ڪي، ڪا تان قيل مقال.

- ٻاجهه پوئي وي ٻاروچا، هِيِ تان نئج نالِ.
- ياد ڪرن ٿا هت توئي ڪي، وجهه نه جيءُ جنجال.
- "فَاذڪُرونِي اَذڪرڪُم"، پئين تون کهڙي خيال
- قول پرينَ ڪيا جي توسان، سي تان سڀ بحال.
- دل ٻڌل آهي تو ۾ پرين جي، "سچل" تون پاڻ سنڀال.

❖

آيا ڏِنوَ آيا ڏِنوَ، چئو ڪي پانڌي آيا.

- پرينءَ ڪي هن پارَ ڏي، سَلِ ڪِي ساٿي سعيا.
- طرف اسان جي ڪهُ ڙي ڪانگل، ها روح سندن جا رايا.
- ڪينَ آئين ارمان هي، تو ڏينهن گهڻا ڪئين لايا.
- وري سگهو وَنءُ اوڏاهين، جو سورن اسان ستايا.
- "سچل" ساري گهڻو سنڀاري، سڄڻ ٻي ڪي سڪايا.

❖

اڄ سڄڻ پاڻ ايندءِ، جنهن لَئي نهاريئي ٿي واٽان.

- متان لاهين آسرو، حال ٻائي اچي ٿيندءِ.
- عجيبن جي اچڻ جون، ماٺهو مبارڪان ڏيندءِ.
- پڪا پڪن سامهان، آٽي دوست اڏيندءِ.
- متان ماندي تون ٿئين، گوشي پاڻ گڏيندءِ.
- توکي چاٽي پانهنجو، "سچل" يار سڏيندءِ.

❖

اوري ڪانگل آءُ، ڪِيئَنِ جي خبر ڏي ڪاءُ

- پريان سندي پار جو، لهي اچج سماءُ.
- ڳالهين تنهنجين مئون، سرير ڪي اچي سو سندن تو ساءُ.
- منهنجو ٿئي هت ڪين ڪي، ٻاجهون هوت هلاءُ.

- سورن ڪارڻ سڻ ڙي ساٿي، جيڪس چٽيم ماءُ.
- "سچل" دوستن جي دَرَ جو، اصلئون آهي غريب گداءُ.

❖

آئين هلي هِنَ جاءِ وي، هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيئڙا.

- ڪا گهڙي نيباهه نہ جاڻج، پيچ نہ تنهن سان پاءِ وي.
- اَلدُنيا ساعتن، اهو نقطو دل سان لاءِ وي.
- جاڏنهن آئين تون وڻجارا، وري وڃڻ اوڏنهن آهہ وي.
- دنيا ۾ دم ڪيئي گذاريئي، "سچل" سڄڻ جي ساءِ وي.

❖

آءُ تان تنهنجڙي آهيان، ڪانڌ مونکي ڇو ٿو ڇڏين.

- تون تا منهنجو آهين اصل ڪئون، ڪنهن نہ ٻي در ڪاهيان،
هوت ايندين هت ڪڏين.
- آءُ نماڻي عيبن هاڻي، سگ نہ ساٿو ساهيان،
پَڪا اوري آڻي اڏين.
- توڙي سجاڻين توڙي نہ جاڻين، لالچ تا ٻيي نہ لاهيان،
ساڻ گوليءَ پاڻ گڏين.
- آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، آءُ غريب سا چاهيان،
نانءَ "سچو" ڪري سڏين.

سر ڪلياڻ - سسئي

آهي بي نام نشان، سِر انهيءَ جو ناهي امڪان.

- طرحين طرحين پوشاڪان پهرئين، ڪُل يَومٌ هُوَ في شانٌ.
- ظاهر ذات صفات سهي ڪر، سِري سِرهہ الانسان.
- منصوري آهي راهہ اهائي، جوش تنهين ۾ ءِ جولان.
- غرض گداگر يار اچي ٿو، نا تہ "سچو" ساروئي سلطان.

سر ڪلياڻ - آسا

اُنھن جادوگرن اکين، بيران ڪيوسين،
انھن نيڻن سندي نازن، حيران ڪيوسين.

راتو ڏينھان دل کي، ھيءَ آھي پريشاني
انھن غمزن ڳجھن رمزن، ديوان ڪيوسين.

ھَئي ھَئي ھِي فرياد ڙي يارو، ڪنھن کي سڻايان،
خونِي ھِن خمارن، مستان ڪيوسين.

ميدان منجھہ "سچو"، تھدِلئون آيو آھي
انھن تارن سندن تبرن، نيشان ڪيوسين.

سر ڪيڏارو

اُھي ماروئڙا مونکي، ٻيھر ماڻَ ملنِ.

- مدينِي جي ملڪ مان، لڏيو لوءِ وڃن.
- وِيني آھيان وات تي، مَنَ اچيو حال پڇن.
- پکا پکن سامھان، اوري آڻي اڏن.
- انھن ڪارڻ جيڏيون اکڙيون رت رُئن.
- اصل لاڪون آھي ميان، "سچل" سگ سندن.

سر ڪئونسيو

اي پرين تون پاڙ پنھنجا، قول جي تو ڪالھہ ڪيا.

- منجھہ جدائي توھان جي، ھت اسان ھي حال ٿيا.
- مون تان ملڻ لئي توھان جي، ڪوڙين ڪھڙا ٿي خيال ڪيا.
- حال منھنجي کي ڏسِي، ڪيئن يلا تو يال ڪيا
- سڌ "سچل" سڪ سوز مُئون، جاني اوھان کي حال ڪيا

سر ڪسوري

آءُ ڪانگا ڪا پرين جي ڳالھ ڪر
واعدو ڪيئي ڪالھ سو برحال ڪر.

ڪيئن ڏنو تو دوست منھنجو ديس ۾
خوش ڏٺو هُيئي يار ڪھڙي ويس ۾.
سا خبر مون سان ساري في الحال ڪر.

ڪي پڇيائون خبر هِن جي حال جي
ڪي ڪيئي آگاهہ هن احوال جي
سو مون سان ڏاھا اهو احوال ڪر.

هِتِ فراق آهي ماريو مون پيو ڇا چوان
سور هِن جي ساهہ ڪي نت نت نوان
آءُ ادا خاطر منھنجي خوشحال ڪر.

ڪيئن اڏاڙو هُئين پرين جي پار ڏي
ڪِي نياپا هِي نيا هُيئي يار ڏي
ڪا مدد منھنجي ادا الحال ڪر.

دوست جي بحضور ۾ حاضر ٿئين،
زاغ زاريءَ مؤن اهي نياپا نئين
لڳ سائينءَ سارو "سچوءَ" جو سوال ڪر.

سر گجري

آهي ڪوڪ بڪوڪ يار، ڪيڏي ڳولھيو ٿيون اوهين سرتيون.

- ظاهر آهي ذات تنھين جي، هتِ شھر بازار.
- "وَنَحنُ اَقرَب" چاٽو سيئي، دورَ نَہ آهي دلدار.
- احد احمد هيڪڙو، ناهي لک هزار.
- مرشد هيئن فرمايو، آڻ اُت اعتبار.
- ڳھيليون انھيءَ ڳالھ جو، خوني آهِہ خمار.
- آهي سيوئي ست جو، "سچل" هِي سينگار.

سر مومل

آءُ تان ڏيهاڙيون زار و زار.
ساريون رُئان تي هت ڳالهڙين گهٽيون گهٽيون.

- ڪڏهن هُيَڙو سپرين، پاڇاٽين سان پيارُ.
- ڪامل آهيان ڪاڪِ ڪٿون تو بنا بيزار.
- ايندو هٿين اڌ رات جو، ڪاهي ڪرهُو سوارُ.
- ماري مونکي ميندرا، وَلها هي ويچار.
- وَسي تنهنجي وِرهه جو، بادل هت بسيار.
- ڏسي وَڏ وڙائي توهان جي، هو ڏکيءَ کي ڏهڪار.
- سچل سگ اوهانجو، تنهن ڏي نيڻ ڪٺو نروار.

❖

آءُ تان روز رُئان ساريون،
سودا تنهنجو وو ڳالهڙيون، ڪيتريون ڪيتريون.

- ٻُڌي وَرج وِلها، زور منهنجيون زاريون.
- سڪ سنديو ڪيون سي ڪيتريون، جِيءَ اندر جاريون.
- راتا رسڻ تنهنجي، ڪُوڪان هِتِ ڪاريون.
- ويئي ڳرهيان ڳالهڙيون، هَنجون هت هاريون.
- جيڪي جايون جيءَ ۾، وِرهه تنهنجي واريون.
- "سچل" سهندا سپرين، عاجز جون آريون.

سر وهاڳ

احوال عشق لائي، "سر سِرهُ" بلائي.

- سسي شيخ عطار جي، تو چوٽئين چلائي.
- ڏٺو تماشو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپائي.
- دين ڪفر مان نڪري، تو اناالحق الائي.
- واديءَ ۾ وحدت جي، ڪوڙين سِر گنوائي.
- "سچل" ڪي تنهن صف ۾، سائين مانَ سڏائي.

سر بروو

برھ بيراڳي ڪيو، ڙي جيڏيون، مونکي درد ديوانو ڪيو.

پڇو ڪَيم طبيب پيا، مونکي نيڻهن تہ نيو.
هاريون اڇي اوڇتو، پوور پرين جو پيو.
اُندوه عشق عجيب جو آ، ڏکيءَ کي ني ڏيو.
جو امڙ اوراڻو ڏنو، سو تا ساڳي ٿيو.
سرتيون ٻاجهون سوز جي، آهي جُڻِ گاڏُون جيو.
راتو ڏيهان روح کي، خيال ڪيو هن ڪِيو.
"سچو" باقي سچ ٿيو، غير وڃڻون تا ويو.

سر جهنگلو

بحر برھ جي موج ڪڙي ٿي، ناگهہ تنهن سر آياسي.

نوج بموج برابر آئي، جان جسم جي سڌ نہ ڪائي،
ڪامَ نهنگ نياسي.
هر لُڙاٽ منهنجي لُڙ لايو، تنهن تا هيءَ وجود وڃايو،
خوني مون ڪنياسي.
ڪارونيار مڙيوئي قلزم، تاتي جان جسم نڪو دم،
چوهيءَ چوليءَ سر چڙهياسي.
لهہ درياه تي اچانڪ آيس، مهر ساڻ تنين لُڙ لايسي،
پيا سڀ غرض گنواياسي.
سيرُ سرير ڪيو سڀ پاڻي، خاڪي جسم ٿيو گم هاڻي،
عينون عين ٿياسي.
سچل" نالو آهين بهانو، تون يگانو ناهين بيگانو،
عشق معشوق ڪياسي.

سر ڪلياڻ

برھہ جي بازار، جيڪا ڏسڻ ايندي.

- جيڪا جو ڏسندي تجلو تنهنجو، رهندي منجهہ قرار.
- سودو جا ڪندي سر جو، وهندي سا ڪين قرار.
- چؤسول اندر سرخي مائل، تيز گهمي تلوار.
- جنهن ڪنهن چمڪو ڏٺو تنهنجو، سا سِرُ ڏيندي سردار.
- "سچو" انهيءَ سِير ۾، آهي ڪسڻ جي ڪار.

سر ڪلياڻ - آسا

بيرنگي سڄڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڙي ميان.

- سرخ سياهي زرد سفيدي، انهيءَ عجائب آيو.
- ڪاٿهي فرعون ڪاٿهي شداد، ڪاٿهي موسيٰ نانءُ سڏايو.
- تخت هزارو چڙهي ڪري وو، تنهن تا جهنگ پچايو.
- سج ڪڪر ۾ سٺو ڙي سرتيون، ڪنهن تا چند ڇپايو.
- ذات صفات کي "سچو" سهي ڪر، هاديءَ هيئن سمجهايو.

ب

سر جوڳ

ٻانهي آهيان گولي آهيان، آءُ تہ يار سڄڻ جي.

- آءُ نماڻي عيبن هاڻي، ڏوهن ۾ آءُ تا اولي آهيان.
- جيهي تيهي آهيان ڙي جيڏيون، جانب جي تا جهولي آهيان.
- پلپل پڇن حال منهنجڙو، ڳالهہ انهيءَ جي تا گولي آهيان.
- هيڏي هوڏي نہ وڃان، محبن جي آءُ تان ٽولي آهيان.
- ڏس "سچوءَ" ڏي سپرين، نا تہ ڇپر هٿ چولي آهيان.

سُر سسئي

ٻاروچا پنيو ٻاجهه، ڇپر منيءَ ڪي هِيئن نه ڇڏيجو.

- مهر نه لاهيو مون پرين، مٿان هنَ محتاج.
- آهي هِنَ عاجز جي، توتي لَالن لاج.
- ڳچيءَ پائي ڪپڙو، اُت ڪريان ايلاز.
- هيءَ پنيءَ لڳي تنهنجي، مُنهنجون ساري راج.
- گهوريان گهوٽ اوهان تان، سڀ مڏيون ۽ ساج.
- پورهيو ڪنديس پرت جو، هٿين ڪنديس هاج.
- اوهانجي ته اچڻ لئي، "سچو" وِجهي ٿو واجهه.

❖

ٻاروچا هيئن نه ڇڏيو، هيءَ نيو نماڻي ساڻُ.

- سڏ تنهين ڪي سوز انهيءَ جي، جنهين لڳو ٻاروچاڻو ٻاڻ.
- ٻانهي گولي توهان جي، پنهون پاڻ سڃاڻ.
- پرين ڏسج پاڻ ڏي، آهيان آءٌ اڄاڻ.
- بخش سچوءَ کي سپرين، سندو نينهن نياڻ.

❖

ڪير پڇي ٿو حال منهنجو، خان ٻاروچل ٻاجهون.

رِيءَ آهيان يار سڄڻ، آءٌ اداسي اَهنجو.
بن ڪنهين سان پيچ پاتوسين، غرض رکي سو نه ڪنهنجو.
ال اسان ڏي آهي جنهنجو، آءٌ پي آهيان تنهنجو.
ن چاتو صحيح سڃاتو، تون عاشق آهين اسانجو.
ون پيهي پاڻ پڇندو، آهين "سچو" تون ڪِي سَنجو.

❖

باروچي لَنوَ لائي وو ميان، ڪوهياري لَنوَ لائي.

- ڳالھ نہ ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سورَ سلائي.
- سرتيون مون سان سورَ ۾، پيڻر ڪا نہ پائي.
- پِرَ وڻيسان هانوَ کي، ڏانهن عجيبن آئي.
- سِرَ ڏيڻ سچڻ کي، "سچل" آهي سچائي.

سر سسئي - جوڳ

ٻانهن جي آءُ ٻانهي آهيان، باروچي جي ذات جي.

- ڪيمَ جهليو مون جيڏيون، دوسن جي ديواني آهيان.
- آءُ ڪنيزڪ ملھ خريدڻ، شاهن جي ڪا ثاني آهيان.
- اُتَنِ اوٺارنِ تئون لا، ڪوڙين آءُ قرباني آهيان.
- جي مون پڇيو جيڏيون، سُورن ۾ ساماڻي آهيان.
- پڇو "سچوءَ" ڪئون سرتيون، محبن جي مستاني آهيان.

❖

پيو ڪير حامي منهنجو تيندو، لکي باروچل ٻاجهون.

- دردمنديءَ جي دل اُنهيءَ کي، پاڻئون دلاسو ڏيندو.
- ڪين ڇڏيندو ڇيرين، سوئي نال نماڻي نيندو.
- اڪڙين سان سيئي ڏسنديون، اگڻ آرياڻي ايندو.
- پاڻ پنهنجو يارُ پيارل، ساڻ غريب گڏيندو.
- ڏنگاين ڏي ڪينَ ڏسندو، بَديُون تا بخشيندو.
- مهر پنهنجي سان ڪنهن ڏهاڙي، "سچو" نانءُ سڏيندو.

سر ڪوهياري

هي ٻاروچل جي آهيان، وي آهيان، وي آهيان.

يان سندي ٻار ڏنهن، آسرو هَڏِ نہ لاهيان، وي لاهيان.
رت وارا سپرين، آءُ نماڻي چاهيان، وي چاهيان.
تا سائين آءُ تا ڳولي، سڳ نہ ساڻن ساهيان وي ساهيان.
هن لنگهيم هت ڪيترا، ڪيچ وڃن ڏي ڪاهيان، وي ڪاهيان.
"سچل" جو آهِ تنهين سان، انهن ٻاجهون ناهيان، وي ناهيان.

سر ڪنيات

ٻانهون ٻانءِ مَ ٻاڻ، توهين مالڪ ملڪ جو.

- "لا خَيرُ فِي عبدي" آهي، اهو اتيئي اُهڃاڻ.
- ٻاڻ ٻنهنجو ٻاڻي، صورت منجهہ سڃاڻ.
- تون ئي ڄاڻندڙ سيڪي، ٿئين ڪيئن اَڄاڻ.
- الله الله چو چوين، ٻاڻ ئي الله ڄاڻ.
- "سچو" سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان.

سر بروو

پينر هيءُ پنيورُ، اسين ڇڏي ويندا سون.

- وَسِ نہ آهيان ٻنهنجي، پُورن مٿي پُور،
هت رتي نہ رهنداسون.
- جاءِ عقل جي ناهہ ڪا، عشق ڏيکاريو هت زور،
اُهو وٺي ويندا سون.
- پورهيو ڪنديس وي پرين جو، ڇڏي ٻي تَڪَ تور،
اسين جا ڪِي جيئنداسون.

- ڪاڪيون وڃي ڪيچ ۾، لاهي هينئين جو هور،
ڏک ڏوراپا ڏيندا سون.
- ”سچو“ ڏني سڄڻن، شوق مچايو شور،
تن جي پکي پهنداسون.

❖

پول نہ پئي ڪنهن پُل، تون تہ آدم ناهئين.

- لکو تو لاتيون ڪري، جيئن باغ اندر بلبل.
- مَلڪن تي سجدا ڪيا، واهہ متي تنهنجو مَلُ.
- ڪيرُ تپائي ڪيرُ ڪڏائي، شاهہ بنا دلدلُ.
- احد منجهارُون عبد سڏايئي، هُئين تان پاڻ اصل.
- ”سچل“ چوي سچ تي آئين، ڪونهي تنهنجو تُلُ.

❖

پينر هيئن نہ پانيون، تہ ڪي هوت ڪندا هھڙي مون سان.

- عشق تہ آتش جهڙو، لالڻ وڃن لايُون.
- ڏيندس پاروچن زيءَ، پنيور ڪي باهيون.
- سرتين سڌ نہ سُور جي، هي تنُ وڃن تايُون.
- ڏنوَ ڏين تا ڏيل ڪي، سنديون جتن جايُون.
- ”سچل“ وڃي ساتڙو، چُپ چپاتي چايُون.

سر بروو - جوڳ

پُلُ وڃي تو، پُلُ وڃي تو، لوڪ ساروئي پُلُ وڃي تو.

- مان تون ويندي اُهوئي ٿيندو، پول اهوئي جيڪو پيچي تو.
- اهو اُهوئي سرتيون آهي، نہ اها ڪوئي ڳالهہ ميچي تو.
- اَندر ٻاهر اُهوئي آهي، ”سچو“ هي سِر صحيح سيچي تو.

سر سسئي

پيچي پاهڻَ تي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پوئي.

- پنهون سندي پار ڏي، اسين تا پنڌ پياسي،
ترس اهو من تيئي.
- چو تو سمهين پير مُئيءَ جا، اگهين نينهن نياسي،
ڏک ويا ڏير ڏيئي.
- سُڻُ ڙي ڏونگر حال "سچل" جو، وندر جي اسين وياسي،
چگيان پاٿي هوت چوئي.

❖

پلي ڪري آئين آئين، هت تون گهرجين يار.

هت تنهنجي گهرَ گهٽي هئي، دوست مٺا دلدار.
جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار.
هي پي هُو پي هڪ ديس تنهنجو، چئين ڪُنڊين چوڏار.
اچي ٿيئين هڪ "سچوءَ" سان، لاهي پيائيءَ بار.

❖

پينر ڙي بيوس، وجي آءُ پيان.

- وس نه آهيان پانهنجي، واڪو ڪيم بيوس،
مين ديوانڙي ٿيان.
- لوڪ ساروئي سرتيون، روح نه اچي رس،
حالٿون هڻ مين ڳيان.
- مچ ڏاڍو مُون سر آيو، ڪوئي نه اچي ڪَس،
قابو عشق ڪيان.
- برهه واري بات ڪئون، "سچو" نه ڪري بس،
مهٺا ڏِيَنِ سنئيان.

سر ڪوهياري

- پلي ٿيو پينر، منهنجو هي سگ عربي چام سان، مرسل مير سان

عشق تہ آريءَ چام جي، ڏيکاريو ڏونگر
روئي رگينديءَ رت سان، چٿارين سو ڇپر.

تکي سير سمنڊ جي، واڪا ڪري وَرُ ميان
دهلي ڪين دلي ڪئون، سندي مام ميهر.

اڪيون عجيبن ريءَ، جال وهائن جَرَ ميان
جن ڏٺو سپرين، سي ڪِيئن ڪن صبر

مون تي رسج مصطفيٰ، دوست مِٺا دلبرِ
"سچيڏني" جي سدا، ڪا وَرنه ڪجو ور.

سر بلاولي

توسان يار عاشق، منهنجي پرت اصل ڪئون پيئي.

- اصل منهنجو عشق توسان، ڪوڙين آهن ڳالهيون ڪيئي.
- ڪڏهن مڪو ڪون اسان ڏي، نياپو ڏک ڏيئي.
- اسان توئي سان هڪ ٿيندا سين، وڃون وائي هجر جي ويئي.
- سيئي سنيالج ڳالهيون اسان جون، جاني ڪيڙم توسان جيئي.
- جيئي ڪيا هيم قول توئي سان، سچو پاڙيندس سيئي.

❖

تون رَب ڏاڍو بي پرواھ، آءُ تا ڏڄان تنھنجي ڏاءُ.

ذڪريا کي ڪرت وجھايئي، سسي منجھان ساھ
ھو مڪي جو ڪوڏيو، تنھن کي ڏِنئي ڪينءَ کھڪاءُ.

حسن مارايئي حسين مارايئي، ڏيئي جِيءَ جفاءُ
ڪربلا منجھ قتل ڪرايئي، ترسُ نہ پِيرَءِ ڪاءُ.

ظلمي آھين رحمي آھين، جا وڻيئي سا واهُ
"سچو" سر تي سڀ مَنين، سائين جيڪا رَب رضاءُ.

❖

توکي پِيڙو چا ڙي يار، جو آئين درد جي دامان ۾.

ڪُنگري عرش اُتي ڪُل مَلڪان، بيٺان ڪن صفت ثناءُ ڙي.
شام سنجھوي تي چاڪر آئين، بيحد ڪِيتئي بناءُ ڙي.
پاڙُون چاڙي پانھنجو ھِت آئين، لھڻ سڌ سماءُ ڙي.
صورت منجھ "سَچو" جي ڪِيڙئي، اھو اصل اَلاءُ ڙي.

❖

تنھنجو ديسڙو وسي، پلا ڙي وي پرديسي.

اڳڻ يتيمن جي آءُ تون دلبر، آھيون نماڻا اسي.
سر اسان جي راتو ڏينھان، نينھن جو مينھَڙو وسي.
چشمن تنھنجي چيٽڪ لايو، ويا منھنجي دل کسي.
اچڻ اسان جو آھي توڏي، ڏيھ سندوَ ڪو ڏسي.
پارون تنھنجي سڻُ "سچل" وي، مَنَ ڪو رھبر رسي.

سر بروو

تون آءُ اسان وٽ يار، تنهنجي ڪاڻ جِيئڙو جکي ٿو
تنهنجي اچڻ ڪاڻ ساهڙو سڪي ٿو.

- بس نہ وَهڻ ڪئون ڪرن، نيڻن سدا نار.
- ماٺ ڪندي ئي چاڙهيا، برهہ اسان تي بار.
- پرين پاڙج پنهنجا، جي ڪيئي قول قرار.
- چمي چشمن تي ڪنيم، تنهنجو عشق الله توهار.
- باهہ جنيهو آءُ پانئيان، جو دم توهُون ڏار.
- راتو ڏينهان آهِہ توهان جيِ، ”سچوءَ“ سار سنڀال.

❖

- تون آهي صاحب صورت جو، هيءُ آهي غلام تنهنجو
آهي ذوق شوق سهٽا، مونکي مدام تنهنجو.

جي آهن اصل اوهان جا، سي نا وسارجو ميان
مون آهي مقرر، سائين سلام تنهنجو.

راتو ڏينهان روئڻ ۾، هِينئڙو اُداس هُيڙو
رهبر آڻي رساڻيو، پريتم پيام تنهنجو.

دلگير تون متان ٿئين، ڪر دور درد کي ميان
اول آخر اسان وٽ، هوندو مقام تنهنجو.

رد ڪر فنا فڪر کي، اُميدوار ٿي رهہ
هِتِ هُتِ يقين ڄاڻج، آهيان امام تنهنجو.

تون آهين اصل اسان جو، آهيون اسين سي تنهنجا
آهي قبول ڪُلي، سچو ڪلام تنهنجو.

❖

تون تہ پاڻهي تو سائين ڄاڻي، ڪيهو حال چوان توکي هاڻي.

- دل ديواني ڪئي اسان جي، محب اوهان جي ماڻي.
- ڏوهن ڏي ڏس ڪين اسان جي، سائين تون پاڻ سڃاڻي.
- دردمنديءَ جي دل توئي سان، اکين اڙائي آڻي.
- ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر، ويٺي وڃهان ويچاڻي.
- سوال "سچوءَ" جو آهي اهوئي، تنهنجو عشق نہ شال اُڪاڻي.

❖

تون تان وسين منهنجي من، توکي چئي ٻڌايان ڇا.

- هوت سنديوَ آءُ حاضري، پيون سي ڏِنڙَم ٻَن.
- مقصد منهنجو تون ٿئين، پيا ڪعبي نِيتَ ڪُنِ.
- آءُ گهٽو گهوري تن جي، ڪيو سر صدقي جِن.
- عرض اِلاهُون عاجزن، ڪوه نہ ڪرين ڪنِ.
- اکين عامَ نہ آئڙي، توکي جاني ڏٺو جِن.
- آهي "سچوءَ" کي سدا، طلب توهان جي تَنِ.

❖

- توکي جاني نہ ڄڃائي تو، رُسڻ نماڻن سان.

جيهي تيهي توهان جي، آءُ اصل ڪئون آهيان
اوهان جي تا اڇڻ جو، آسرو هڏ نہ لاهيان
سر تي سوز فراق جا، هي مينهڙا وسائي تو.

پري ڪر نہ پاڻ ڪئون، ڏي دلبر دلاسو
تو رِيءَ سُجهي ڪو نڪو، مونکي پرين پيو پاسو
جيهو تيهو اصل ڪئون، هي سندوَ سڏائي تو.

سُکن متي ڏکڙا، تي محب متايان
غم خوشيءَ کئون اگرو، آءُ پليرو پانيان
منهن مقابل توهان جي، اهو گوندر گڏائي تو.

اگڻ نماڻيءَ جي تون، اچج الله ڪاڻ
هيڪر هوت ڪريج تون، يار ييرو منهنجي پاڻ
سوز تنهنجو سپرين، هِتِ سانول سِجهائي تو.

وني ويني آهي، اهو واعدو ويچاري
ڳچيءَ پائي ڪپڙو، هِيءَ ڪري تي زاري
"سچو" سگ اوهانجو، هِتَ پانڌي پُڇائي تو.

❖

توکي عاشق پنهنجو ڄاڻان، توکي سوَنِ ۾ سڃاڻان.

- اسين تا توسان آهيون سدائين، وجهج ڪين وڃاڻا.
- اُهي تا آهن نظر اسان کي، اچي جي در وڪاڻا.
- دَستئون ڪري ڏِنوَ مونکي، يار دارونءَ جا داڻا.
- سهج سچو تون ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا.

❖

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا، انهن ڳالهين ڳاريا، هزارين هزار.

- اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا، نيئي سر سلايا، تنين تو آهار.
- جنين موج آئي، تنين سڌ سيائي، ڪيهي ڳالهه ڪائي، لنگهيا شهسوار.
- ڪمر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نيئي سر ڏنائون، لاٽائون ميار.
- مَيچڻُ هت هٽن سي، اها ڳالهه ڳڻي سي، تريءَ سر ڪٽي سي، ڪيائون نثار.
- جي موجن چڙهيا سي، لهرن لڙهيا سي، اناالحق پڙهيا سي، ڪِيا هن خمار.
- هي نعرو هنيائون، اناالحق پڙهيائون، نيئي سر سليائون، ٿيا گم غبار.
- مَي جا پيتائون، سي سهرا ڳيتائون، وڏي ذڪ وڌائون، پاڙيائون قرار.

- پهلوان پاسي، نہ ٿيندا ڪڏان سي، ايها بات باسي، هليا حڪم وار.
- مُلڪان مُلڪ ۾، مَلَڪَ ۽ فلڪ ۾، سڄو سڀ خلق ۾، پئي هِي پچار.
- منهنجون حُب هلياسي، ماري چوٽ چلياسي، وڃي رنگ رَلياسي، تنين هِي تنوارَ.
- اهي اعتباري، سِري جن سواري، عجب خوش خماري، ڪُنَنِ جي قطار.
- نشانا ڪوڙيائون، منهن نا موڙيائون، هٿي هٿ ٻڌائون، ڪُنا قرب دار.
- تي منصور مستي، ڪيائين گم هستي، هنيائين دو دستي، تپش جي ترار.
- پيي شبلي شابس آءِ، سورن جي سراپاءِ، ڏڪيائين لڱن لاءِ، وجودڙن وسار.
- مُلان سَوَ قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي، منجهن ڳنڍُ غازي، ڪڙو هو جهونجهار.
- فتويٰ لکيائون، قتل سو ڪيائون، مبارڪ ڏنائون، نِي ڪي هوشيار.
- هوئين پير جنهن تي، ڏنو سر پيي تنهن تي، نہ سڌ هي سين ڪي، ٿئين سچ سچار.
- سچل سڪ تنين جي، جذب جاءِ جنين جي، نہ پرواهہ ڪنين جي، رکي ني سنيار.
- وڍي سر پچاڻو، اناالحق وراڻو، اهو سر سڄاڻون، نيو اعتبار.
- هنيائين هڪل هِي، وئي تا شڪل هِي، نہ حاجت عقل هي، جَليا جلويدار.
- ڏنو منهن متاري، نہ ڪاڏي نهاري، سٽيو سر سُڄاري، دلون دوستدار.
- سچي ڳالهہ ڪيائين، نہ ڪوڙي چيائين، نپائي نينهن نپائين، ڪارڻ هڪ نظار.
- باهين ۾ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اناالحق ٻڌائون، تي هَئي هَئي هونگار.
- پيي بغدار سارو، مريو بهوت بارو، منجهن نر نعرو، هٽي هوشدار.
- "سچل" عشق ايندئي، اچي ڏاڻ ڏيندئي، "من وما" نيندئي، ڪندئي گل بهار.

❖

تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهيو ريهيو تا هي ساهہ، آٿئي الله.

- طرفئون تنهنجي راتو ڏينهان، چت گهٽيرو چاهہ.
- آهي اسان سان سپرين، حُبَ سَندَوَ همراهہ.
- پيو پناري توهان جي ميان، هِي ڏوهاري ڏاهہ.
- واڪا ڪيون تو وهي، دل اندر درياهہ.
- ڪاڇي ڪري ڪپڙا، "سچل" مَليندا پاهہ.

❖

تون آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان.

- سِرُ پنهنجو سرتيون، آءُ گهرئون آيس گهوري.
- ڪامل ڪڏهن ڪين ڪي، آءُ ڏونگر سگهان ڏوري.
- ڪا جا تند طلب جي، چتُ وئين تون چوري.
- نيو نماڻي پاڻ سان، تِرُ نہ رهي تو ري.
- "سچل" سگ اوهان جو، ڪيئن پڇي تنهنجي ٿوري.

❖

تنهنجي حسن ڪيو حيران مونکي، انهن چشمن ڪيو مستان مونکي.

- جلوو حسن جو هڪ ڏهاڙي ڏنم، تهين دم ڪيو ديوان مونکي.
- خمار اکيُون مخموري تنهنجيون، مستيءَ چشم جي ڪيو مستان مونکي.
- تحفو عشق جيهو آهي ڪونہ ٻيو، توڏنهن آيو فرمان مونکي.
- "سچل" مقصد هي تا توهين تون، ڏيو نينهن جي دست نشان مونکي.

سر بروو - ٻيروي

- تو ڪيئن اُهي وسري ويا، جن تي ڪارُون توسان ڪيا.

پاندي پرينءَ جي پارَ ڏنهن، آندي خبر اها يارَ ڏنهن
آيڪ اصل اصرار ڏنهن، دوستن سندي ديار ڏنهَن.

ڪيئن تون پئين ٻي ڳالهہ ۾، هيءَ جيءَ وڏءِ جنجال ۾
چئہ آهين ڪهڙي خيال ۾، رهہ تون هميشه حال ۾.

ڪانئُنِ پاسيِ ڏينهڙا پيئي، سي ڳڻُ سندُن وسري وِيئي
"سچل" سخن سانيڻ ٿِيئي، سڏ ڪين ڪڏهن تا ڪِيئي.

سر پيروي

تو ڪيئن وڃايو پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي.

- پاڻ وڃايو نہ لهين، پڇي شڪ گمان.
- آخر گڏيئي گهر ۾، سوئي گهر سڃاڻ.
- مڪڻ آڪر هيڪڙو، سوئي ڪير سباڻ.
- آهين ناهين آهہ سيوئي، آهِ نڪو اهڃاڻ.
- ڇا جي ٿيندو ڇا جي ليندو، صورت وچ سڃاڻ.
- ”سچو“ ٿي سچ آيو، ماڳ انهيءَ مهمان.

سر پيروي - پهاڙي - جوڳ - تلنگ - سورٺ

- تيز تير انداز چشمان، يار جون خوني خطاب
ناز پروريون نظر سان، تيون ڪن عاشق ڪباب.

ڪانُ ڦهرن مؤن سنئون، سر شائقن ايندو شتاب
لڱڻ سان لوٽ پوٽ ٿيندا، جُنگ نہ ڏيندا جوابُ.

پلڪ جي پاسي ڪري، يڪبارگي نيٽون نقاب
هيءَ ٿي تن جي ڏسڻ سان،خلق ساريائي خراب.

آهِ ويجهائي جو هي، عاشقن ڏوڙو عذاب
مَوت ماريا جي اڪين، تن سالڪن پيٽو ثواب.

بره جا باشا چوان، يا نينهن جا نيزا ناياب
يا چوان سي باز بحري، يا تراريون تيز تاب.

ملڪ گيري ڪن وڏي، غماز سان لس لاجواب
قتل جي ان ڪئون ٿيا، تن تي پيو کهڙو حساب.

پيا جڏهن قطرا ڪري، بحرين مون جي هيون پُر آب
ٿيا ”سچل“ روشن اُتاهون، آفتاب اُئون ماهتاب.

سر توڏي

تنهنجي اچڻ جون واٽڙيون، نت نِت اُڀي نهاريان.

- لَنوَ لڪايو لوڪ کئون، هنج ۾ هنجون ٿي هاريان.
- سي ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪريان، جيڪي سچڻ ٿي ساريان.
- داغ تنهنجي درد جا، ڏيهه ڪي ڪيئن ڏيکاريان.
- "سچو" چوي سائين شوق تنهنجي ۾، ڪو دَم نہ وساريان.

❖

تهين ڏينهن ڏنائون، ساهه منهنجو ساهڙ کي سرتيون.

- دردمنديءَ جي دلڙي، نازن سان نيائون.
- هيڏي هوڏي نہ ويو، سوگهو ساهه ڪيائون.
- سٽي سنيها يار جا، عاشق ٿيس آئون.
- جيءَ وڏائون جار ۾، ڪاڪيُون تن ڪڍائون.
- ميهر سندي معرڪي، هِيءَ غريب ڳڏيائون.
- جِيءُ منهنجو جيڏيون، ويرن منجهہ وڌائون.
- "سچل" ڪَڍُ سرير مئون، ميڙي سڀ مدايون.

سر جوڳ

تنهنجي آهيان آءٌ، پنهنجي ڪري چاڻ.

- جاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان آءٌ،
هونديس اوهان ساڻ.
- آءٌ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نہ ساهيان آءٌ،
چيتڪ ڪَيس اَچاڻ.
- سڪن ڪيئي تو لَئي سانول، هڪ نہ ڇاهيان آءٌ،
صدقي ڪيم پاڻ.
- توهئون ٻاهر سُڻ "سچو" وي، ڪو دَم ناهيان آءٌ،
منهنجو جهلج ٻاڻ.

❖

تو ريءَ ڳالھڙيون ڪنھن سان ڪنديس، آءُ وَرَ واڳ وَرائي.

- وات نہ وندُرِ جي لھان، وڏيس مونجھہ منجھائي.
- سڪ تنھنجي سپرين، تي ڏونگر ڏورائي.
- ھيڪلڙي ھيءَ حُبُ ۾، ويني ورھہ وِسائي.
- طعنن شھر پنيور جي، وڏم تَنُ تپائي.
- جيھو تيھو سپرين، سچو سندُن سڏائي.

❖

تَنِ رويُون حال چوان، الا جي اوني آيم اوڏھون.

- پايون پاند ڳچيءَ ۾، آءٌ پيرين تن پوان.
- سرتيون انھيءَ سوز جي، ناھي سُڌِ اوھان.
- سڪن اُتي ڪين ڪي، آءٌ متيان سور سنوان.
- سچڻ سچڻ تي ڪريان، بيون لاتيون ڪين لنوان.
- جوش تنين جا جان ۾، ھن مونکي نت نوان.
- "سچل" اکڙين مَنون تيا، ريلا رت روان.

❖

تنھنجي ڪارڻ ڪاريو، ھوءِ ھوءِ ھوليڙو.

- ڪنھن سان ڪريان سپرين، تنھنجي ڳالھين ڳاريو.
- ڪنھن در ڏيان دانھڙي، تنھنجي محبت ماريو.
- آگ عشق جي اندر اسانجي، ڏاڍو ٻارڻ ٻاريو.
- آءٌ اوھانجڙو آھيان، والي ڪيمَ وساريو.
- پاٹون پاسي نہ ڪريو، سگ "سچل" پنھنجو ساريو.

❖

تون آءُ ڙي قاصد آءُ ميان، ڪا خبر ڏينهم ڪِين جي.

- پرين سندي پار جو ڪو، لهي اچ سماءُ ميان.
- منهنجو ٿني هت ڪين ڪي، ٻاجهون هوت هلاءُ ميان.
- ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو وِرهُه وڌاءُ ميان.
- "سچل" سمجهين ڪين ڪي، اهو اَٿي لوڪ لقاءُ ميان.

سر جوڳ - برو و

تون تا ڪڏهن ايندين وي يار، تنهنجي روز نهاريان راه.

- سر تي چاڙهيا، سپرين بره تنهنجي بارَ.
- راتيان ڏينهان روح کي، تنهنجي سر سنيار.
- وَهن ٿا واڪا ڪيو، نيڻن سندا نار.
- آءُ تا هڪڙو ناهيان، تنهنجا عاشق لک هزار.
- سُورَ سندءِ ميان سپرين، مونکي کوهه ۾ هٽن ٿهار.
- پرين پاڙج پنهنجا، جي ڪيئي قول قرار.
- ڏوهه ڏيان ٻئي ڪنهن کي، آهي مُون ئي سر ميار.
- اندر منهنجو اڌ ڪيو، جاني اِنهيءَ جار.
- ائي پهر تي وچي، تنهنجي تند تنوار.
- مُئي ماري اتهين، تون وئين ڏنهه وٺڪار.
- "سچو" سگ اوهانجو، تو روئي زار و زار.

سر جوڳ - پوربي

توسان منهنجي يار، رهجي اچي شال.

-آءُ چا جاڻان عشق منجهاروُن، برهي وارا بار.
- طرف نه ٻي ڪنهن خيالَ رنيايان، تن ۾ تنهنجي تار.
- هوندين هميشه گڏ اسان سان، نيڻين وِهايم نار.
- ٻانهن سچوءَ جي سهڻا سائين، پرتي اٿوَ سردار.

سر جهنگلو

تنهنجو ديس وسي، پري نہ وڃ پرديسي، ميان.

- ياقي ٿئين يار اسان ڪئون، دل نماڻي ڪسي.
- اوهان ٻاجهون دلبر سائين، آهيون اُداسي اَسِي.
- ويتا ڏسون واٽ اوهان جي، مَنَ ڪو رهبر رَسي.
- اچڻ اسان جو يار ايڏنهن، ڏيهہ سندوَ ڪو ڏَسي.
- سِر "سچل" جي يار سدائين، ورهہ جو مِينهڙو وسي.

سر سارنگ

تنهنجي چشمن چيتڪ لاهيو، هاڻي آءٌ ڪيئن ڪريان.

- ڪَلَ نہ مونکي ڪا هئي، عشق اچانڪ آيو.
- دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو، رمزن جو رنگ لايو.
- سدا گهرجي "سچل" ڪي، محبت جو وي مايو.

سر سسئي

تاڏي منهن نہ پيو، ڙي منهنجو، جاڏي لوڪ لڙي ٿو.

- جيڪي هُيڙس جيڏيون، ساڳي آءٌ ٿيو.
- پاڻ ٿي پنهل آهيان، چاڻو ڪونہ پيو.
- ظاهر منهنجي ذات ڪي، ڪيچين پاڻ ڪيو.
- "سچو" سارو سچ ٿيو، وڃئون ورهہ ويو.

❖

تنهنجي پانڌي پيغامن، الا منهنجو جيءُ جياريو.

- هي تا تَنُ تَاوانُ ڪيو، اڙي ساٿي سلامن.
- تو تئون آءٌ قربان ٿيان، ڏنهن آئين عجيبن.
- منهنجو چت چريو ڪيو، هن نينهن جي نياپن.
- دردونديءَ جي دل ڪي، ڪيو قابو ڪلامن.

- ڪيائون ياد حقير کي، يار پـچاڻان پرينِ.
- ڪيائون مهرئون پانهنجي، گوش ڏئي غلامن.
- منهنجو ورهه وڏايو، اُن جي انجامن.
- جيهو تيهو آهي اصل، "سچو" سگ سندن.

❖

توڏي هُيـن ڪا تياري، اجهي اڄ سي ايـنداءِ ميان.

- رکج وڏو آسرو، جي تون محبت ماري، اُهي نال نہ نيـنداءِ ميان.
- اچي اگهڻ تنهنجي، ڏيـنداءِ تان دلداري، سنوان طالع تيـنداءِ ميان.
- وٺي گهٽي يار کي، زور نہ ڪا زاري، وَري پـوءِ نہ ويـنداءِ ميان.
- آهي هٿ حبيب جي، ڳالهه "سچوءَ" جي ساري، توکي ڏاڻُ سي ڏيـنداءِ ميان.

❖

- تَن قال کي ڪوتاهه ڪئي، حاصل جن تيو حال هي
صُمٌ بُڪمٌ سڪوت ۾، فرمان تيـنِ فـي الحال هي.

حيران حيرت ۾ تيا، بانڪا هون بيحال هي
فـارغ تيـنِ سڀ فـعل ڪنون، نِيُنَ عشق ٻيو افعال هي.

نـنگ نام ڪنون نڪري هليا، جيءَ تنون لاهي جنجال هي
دارين جو دامن ڇنن، خاصو جنهيـن جو خيال هي.

هن فـڪر ڪان فـارغ ٿيا، عاشق ڇڏي اشڪال هي
ظاهر سهي تـن ذات ڪئي، وَهندو تِـينِ وصال هي.

جي قابو رهيا قرآن تي، عالم تَنيـن عيال هي
جن ڪن سجاتو پـاڻ کي، ساقط تـنيـن سوال هي.

چئـن آهرن منهن وجهي، پـاڻـئي پـَسڻُ برحال هي
تيئـن پـاڻ تـن پـاڻون ڏنو، ڪُلي لـتـن ڪَشال هي.

حلاج حالون جنهن لڌو، سوريءَ وارو سنيال هي
"سچل" صدق تنهن تئون ٿئي، اعليٰ جنين اقبال هي.

سر ڪلياڻ

- تنهنجو درد اصل کئون، اختيار ڪيوسي
تنهنجن سخنن سچن تي، اعتبار ڪيوسي.

ڪي ٿا پڇن پرينءَ کي، ڪُرسيءَ يا عرش اُتي
تنهنجن اکين منجهان سهڻا، اسرار ڏٺوسي.

ڪي تا تابع تجلي، يا. شعلي نُوري يارو
اسان صورت هن ۾، تا ديدار ڏٺوسي.

تنهنجو حسن پنهي جهانين، يار سچڻ سهي ڪيوسي
تنهنجي سچيءَ ڳالهه هن اُتي اقرار ڪيوسي.

هُو جي ڪِيڙو مون سان، سو پنهنجو واعدو پاڙيو
سر ساهه مٿائون صدقي، صد بار هي ڪيوسي.

"سچو" سگ دروازي، روز ازل کئون
تو پير عبدالحق جو، پيزار ڪنيوسي.

❖

تون پنهنجو پاڻ پساءِ، شوق تنهنجو مونکي يا شفيع.

- هن جي اکڙين ۾ اچي، جوڙي ويهج جاءِ.
- ناميا نانءَ ڏٺيءَ جي، پير اسان وٽ پاءِ.
- اڳي پوءِ پيي آسرو، تنهنجو اسان کي آهه،
- اڄ ٻه واٽ نهاريان، لالن تنهنجي لاءِ.
- آءُ اڱڻ آسروند جي، "سچل" کي ڪين سڪاءِ.

❖

تو ۾ تند تنوار، ٻڌين نہ تي ٻوڙي الا!

- ڳالھ اهائي ناهي سلڻ جي، خرچين سو لک هزار.
- ساٿيڙن ميان ڪيا هي سڏڙا، لاهي سڀ ميار.
- دم غنيمت جا هت آهين، ڏينهن دنيا ۾ چار.
- "سچل" آکي ميان عشق منجھارؤن، تڳان تنهنجي تار.

ٿ

سر بروو

ٿئين متان تون ماندي، نال وٺي توکي ايندا.

- اهو رکج آسرو، وره ڪنون ٿيندين واندي، اڄ اگھڻ تنهنجي ايندا.
- اجها ٿيندينءَ سگھڙي، هوتن سان هيڪاندي، ڳل ٻانهون تنهنجي ڏيندا.
- خبر خوشيءَ جي اڄ، اها اسان آندي، هڪ توسان اڃي ٿيندا.
- وهندا ويڙهي تنهنجي، ڪاڻ پورهني جن پانڌي، ڪين وري پوءِ ويندا.
- "سچل" اجهو آيو، دوست ڏسي درماندي، سڀ بديون بخشيندا.

سر تلنگ - پيروي - سورٺ

- تو دوستيءَ جو دم هڻين، پر ڪين ڪُسي قربان ٿئين،
مهند منصوريءَ جي تون، منجھہ معرڪي مردان ٿئين.

وري سِري صحيح اَنا سِرَھ، تنهن اسم منون انسان ٿئين
جي تو پوي سڏ سِر جي، حيرت اِنهيءَ حيران ٿئين.

غازي گدائيءَ منجھؤن، صوبہ عجب سلطان ٿئين
تون شاھ تو شاهي ٿئي، تو گوءِ تون چوگان ٿئين.

نعرو اناالحق جو هڻي، تي مرد سر ميدان ٿئين
جي دم سڃاڻين پانهنجو، تون دين تون ايمان ٿئين.

هي پنڌ سَوَ پرزا ٿئي، جي نينهن جو نيشان ٿئين
"سچو" يڪايڪ يڪ ٿئين، تون شمع تون پروان ٿئين.

سر جهنگلو

ٿي تون رهبر راهي، پريان سَندي پارَ ڏي.

- ڏيهه اُنهي جي ساٿي تون سگهڙي، آءِ لهي آگاهي.
- ترُ نہ هڪڙو ترس اِتاهين، آ والي تنهنجو واهي.
- هن نمائيءَ سان نانءِ سائين جي، ڪرين تون هِيءَ همراهي.
- درد سندي اڳيان دوستن جي، ڏيندا هي نيڻ گواهي.
- يار مسافر سگهو "سچوءَ" سان، آٿي تون ميڙ الاهي.

سر جهنگلو - تلنگ

ٿورا ڪيڏا مون سان لايا، يار سانگيئڙي.

- جيئن چيوسي تيئن مچيائون، موتي نہ تن موٽايا.
- چپ چپاتي ويڙهي اسان جي، اچ اچانڪ آيا.
- دل سان لايم هُو جي دلبر، سچا سخن فرمايا.
- ڏکن سکن ڏنهن ڪين ڏنائون، تو ري عاشق ٿي آزمايا.
- "سچو" هُناسين اُداسي جن لئي، سي موليٰ محب ملايا.

سر ڌناسري

ٿيون ورڻ جو وايون، يار سانگيئڙي جِون.

- هٿ پانڌيءَ جي پارئون پرين جي، اِهي سي خبران آيُون.
- ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏنهن، يار اسانڌي اُڏايون.
- اڱڻ اُهوئي اسان پرين جو، شل جدا نہ هونديون جايُون.
- ڪيئي ڪتابتان پنهنجي اچڻ جون، مونڏي هوت هلايون.
- ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون، "سچو" سوز سلايون.

پ

سر آسا

پاڻ منجهؤن ڪَلَ پيئي نہ پيئي، دوست جي ور ميان مونکي.

- "وَنَحنُ اَقرَبُ" ويجهو وسي تِو، ڏسُ هاديءَ جو هيئي وو هيئي.
- ڪڏهن زاري ڪڏهن زوري، بوليون سندس اهي ٻيئي وو ٻيئي.
- هادي اسان کي وقت ملڻ جي، ڏس ويا اهو ڏيئي وو ڏيئي.
- يار رنگيلو هڪ رنگ ناهي، ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي وو ڪيئي.
- "سچوءَ" جو اندر ٻاهر سوئي، وڃئون ٻيائي ويئي وو ويئي.

سر بلاولي - پيروي - آسا

پنهنجي نظر ۾ پيهي، وَئون هاءِ هاءِ سالڪ.

- ڪشادگي ميدان جي ڏِسُ، ڏَٻائي ديهي.
- آءُ تا هن اسرار جي، ڳالھ ڪريان ڪيهي.
- ڳالھ سا ڳجهڙي هاديءَ واري، آھ سلڻ نہ جيهي.
- سچي ڪوڙي ظاهر ٿيندي، ڏِسُ وڃي تون ويهي.
- "سچل" طلسم ڪر سهي تون، آهي اشارت ايهي.

سر بروو

پانڌي نيئي پهچاءِ، هِي نوان نياپا نينهن جا.

- هوت اسان کي هيترو، تون سانول ڪِيم سڪاءِ.
- ڏينهن گذرن ڏک ۾، راتيون هن هوش هواءِ.
- اوهان ٻاجهون سپرين، هِيءَ ويني ورھ وساءِ.
- پرين ڏسج پاڻ ڏي، وايُون هي وَرناءِ.
- اڱڻ اچي هنَ جي، سگ "سچو" سرچاءِ.

❖

پرين نہ ڇڏج ٻئي پار، ساريو تنهنجيون ڳالهيون روئان آءٌ

- اگڻ آسروندِ جي، والي ايندين ڪهڙي وار.
- ماري هن مشتاق کي، ڪانڌَ مَ وڃ ڪوهيار.
- آهين جنهن تون آسرو، سا ويچاري نہ وسار.
- نماڻيءَ جي نجهري، آءُ گهڙي هڪ گهار.
- ڪيئي "سچوءَ" سان ڪيئي، سي پرور واعدا پار.

❖

پرين نہ ٻئي پار، جانب تنهنجي جان ۾ آخوند وي.

- سبق ڏيئي سور جو، ڪتابي نہ ڪارِ.
- حرف سهي ڪر هيڪڙو، ورق سيئي وارِ.
- نينهن وارن کي ناحقي، مُلان هِيئن مَ مارِ.
- راتو ڏينهان آهي توئي کي، ڪتابَن جي ڪارِ.
- باجهون نالي نينهن جي، "سچو" سبق وسارِ.

❖

پڇيون ڪي پرينِ، حال منهنجي جون خبران ساٿيو وي.

- ساهہ سڪي تو جن کي، مونکي ڪِي سارن.
- هن دم دلاسا ڏنا، سرتيون ساٿيئڙَنِ.
- تون هِت ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾، هُو هُتِ ياد ڪرنِ.
- آهينَ جنين جي آسري، سيِ تو ڪاءِ ڇڏنِ.
- "سچو" سنگت پانهنجي، مَنَ غريب گڏنِ.

❖

پُرجهي پاڻُ نہ ڄاڻان، ڪير آهيان يار ڙي ميان.

- مورت موڳائي ڪئي، صورت تا نہ سڃاڻان.
- ڪنهن تان ڳالهيئون ڪاڪيُون، ٿيا سي هت نماڻان.

- جان جئو دل سيوئي، آڏا تيم آڏاٽان.
- ڏنم ڏاڍي ڏک سان، عشق جا اوراٽان.
- خامُ خيال وي "سچو" ڙي، انهيءَ فڪر اُڏاٽان.

❖

پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهان لئي گذريم.

- هي هِت هجر هلاڪُ ڪيو، آهي هِينئڙي ڪي هاءِ هاءِ.
- حال نہ منهنجو ڪو هيو، تنهنجي برهہ ڪيو برپاءِ.
- راڳ رڱن ڪَي تنهنجو، راتو ڏينهان آءِ.
- اچي نظر ڪونہ پيو، سانول تو سواءِ.
- عرض ڪريان آءٌ ڪهڙو، تون جاني آهين هر جاءِ.
- "سچو" سگ اوهانجو، دانهن تنهن جي ورناءِ.

❖

پري تين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي.

- سائِن تِيسُ نہ سنگتي، هَئي هَئي هھڙي حال.
- جَتَنُ ڪيڙم جيڏيون، جيئڻ منجھہ جنجال.
- ڪنهن در ڏيان دانهڙي، هو جي ڪَهي ويڙم ڪال.
- ڪوڙين ڪيڙم ڪيترا، انهن ڪاڻ ڪشال.
- سيئي سچو آيا، جن لئي وجهايم فالَ.

❖

پچن ڪوهہ طبيبَ، اوُ، سوز واريون سرتيون پلا.

- پيدا تيندا پاڻهين، ڪول آيس قريب.
- ڏِينِ ڏيڪاري ڏيل مَون، اچانڪ عجيب.
- "سچل" وسن سي سدا، هِينئَڙي منجھہ حبيب.

❖

پورهيت پاٽي ڏوئي، خان ٻاروچا تنهنجي.

- حاضر خدمت اڇي اوهانجي، حال هي چوندي سروئي.
- ساٿي اسان جي سڌ لهڻ لئي، ڪڏهن نه مُڪو ڪوئي.
- قول ڪيو هوئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي.
- ڪيئن وساري وِيهان اوهانکي، ڪئي تا ڍهڙي توئي.
- طوطي ٻچيءَ سَوَ سلامن، "سچل" مُڪا پڻ پوئي.

❖

- پرديسي گڏيا دوست، لٿو هجر هلاڪي
آيا سي اڱڻ منهنجي، جن ڪيو فراقي.

جن ڪاڻِ سڪيس سال، ويٺي واٽڙين تي
مون ساڻ اچي پاڻ، ٿيا محب ملاقي.

پرديس لڳ مون تي، پانڌي روز پڇايا
مون ڪي ڪانه پئي خبر، سي اچي ٿيم اوطاقي.

پيغام پهريون پانڌين هٿ، پاڻ مڪائون ٿي
هاٿي هڪ ٿيا مون سان، جي يار هئا ياڪي.

آهي سگ "سچل"، دوست جي در جو اصل ڪنون
تنهن ڏيڻ ڏوراپو ناهي مست ميثاقي.

سر بروو - سارنگ

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڙين.

- ملڻ لئي محبوب جي، تيون راتو ڏينهن وسن.
- جهور نه لهي جهڙ جي، نا ڪڏهن اوڳاٽن.
- سدا سانوڻ تن کي، بوندون بس نه ڪن.
- "سچل" سپرين لئي، تيون جهوريءَ منجهه جهڇن.

سر بروو - سسئي

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان.

- ظاهر ڪريان ذات ڪي، تا هي بُتَ پجايان.
- منصوريءَ جي موج ۾، تو اناالحق الايان.
- واديءَ ۾ وحدت جي، سِرُ گهوري گهمايان.
- اعليٰ "اعظم شان" جي، نوبت نينهن وڄايان.
- ظاهر باطن هڪڙو، آءُ تا حڪم هلايان.
- "سچو" سارو سچ تيو، هِيءَ حڪمت چلايان.

سر پيروي

- پُڇي عشق نتو پوشاڪي، هاريا ڇڏيا اها هوشناڪي.

ابا ڪتِي ڪُلِ عشق ڪُون يارو، عرش ڪرسي افلاڪي
اهو بَار برهہ دا چايا، خاص ويچاري خاڪي.

عشق نارُ احتراق اتوَ، هَئي هَئي سڀ هلاڪي
نيست نماڻا جي تيا، يارُ اُنهن اوطاقي.

جت جاموت جي جاءِ ناهي، ڪي ڪامل ڪن قضا ڪي
سڪ سَڏِنِ ساڻ نہ تئي، محبت ناهہ مذاقي.

علم پڙهايس عالم ڪئون، برهہ بچايس باقي
برهہ تنهان ڪُون بخشش ڪيتس، جي مست هُئنِ ميثاقي.

انهيءَ فڪر ڪنُون جي فارغ، تن تي ترُ مَ طراقي
"سچيڏني" ڪي مَي جي مَت مئون، سرڪ چڪائي ساقي.

❖

پير وني جي تون آئين يار، وَنءُ وني سي پير سچار.

- هڪ هنڏئون هلي ٻئي هنڏ آئين، تيئن هنڏ لاتئي لقب هزار.
- چوتين جاءِ سهي ڪر سالڪ، پوءِ تينديِن هت گرد غبار.

- بحر اعظم جو آهين پڪيئڙو، ونءُ اُڏامي پئو تنهن پار.
- سودا سُود وهايئي ڪيئي، ڪهڙا ڪيڙءِ وڻج واپار.
- "سچو" سالڪ سمجھ اتيئي، لاهي سڀ تون مرد ميار.

❖

پلپل پرين جي پار جي، ڪانگا خبر ڪا مون ڏئين.

- دوست جي ڏس ديس ڏي، ڪيئن ڪالھ تون اُڏري وئين.
- وَلِ وَلِ اسان جي حال جا، نانڪ ادا نياپا نيئن.
- ساري سنيها سوز جا، هني هني سيني لائج هنئين.
- ماري منا مشتاق ڪي، ڪيئن يار تون ياقي ٿئين.
- پُورنِ اندر پرديس ۾، ٻاجھون اوهان آهيون ائين.
- آءُ جي مئي تا گھوريس، جانب سدائين تون جئين.
- "سچل" سڪي ساري توڪي، تون ٻي تهين سان هج تئين.

سر پيروي - جھنگلو

پُڇو نہ منهنجڙي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان.

- اچڻ اسان جو ٿيو اُتاهين، جاتي ڏينهن نہ رات.
- ظاهر ٿيوسي ذاتي دي وچ، سمجھڻ منجھ صفات.
- ظاهر آھ زبانون منهنجي، "الاَقربُ" سنڌءِ ڪلمات.
- "لا" ڪي لاهي نفي ڪِيوسي، اِلاالله اثبات.
- "سچو" سِر سهي ڪر پنهنجو، عشق منجھون عشقات.

سر توڏي

پارئون تان پرينِ، جيڏيون اچن اهي اولانيا.

- تيلهان ترسن تار ۾، جيلهان محبت نہ هئي من.
- ڪين چانگار چڙن جي، ڪُوڙي پيڙئي ڪَنِ.

- سڪ سچي جن ساهہ ڪي، سي تارون نہ ترسن.
- ڪين اسان ڪئون تنهنجون، ڳالهيون تيون وسرن.
- ڪيئن اسين تو وسريا، جا طلب نہ هئي تن.
- عشق "سچل" جن آهيئي، سي تان رُوءِ رسَنِ.

❖

پرين آهي پار، آءُ تا هت ڏينهن گذاريان.

- ويهي وسارڻ اتهين، آهہ ڪميڻن ڪارِ.
- عشق وارن ڪي جيڏيون، پوڙي هَڏ نہ پار.
- دڙڪا ڏيو نہ درياءَ جا، تري ويندس تارِ.
- ايندين ورهہ واريون، اديون ڙي هن آرِ.
- "سچوءَ" وڏو سپرينءَ، جانيڙي ڪنهن جارِ.

سر جوڳ

پاڙيچيُون ڙيَ پرين جو، مون ڪي پُورُ اڄ آ پيو.

- انتر جنتر مون تي، هي نينهڙي نيو.
- چرخو پچي چيهاڙيون، مون تہ ڪاڪيُون ڪيو.
- هن جان جميعت تئي، جي لالڻ پائي ليو.
- ڏس اچي ڪو پرين جو، هن ڏاهہ ڪي ڏيو.
- جي دَرِ اچي دلبر، تا جيئي "سچل" جو جِيو.

سِر جوڳ - آسا - بلاولي

پلپل پُونمَ پور، عمر تن ماروئڙن جا.

- دم دم منهنجي دل ۾، مارُن جا مذڪور، سرتيون سورن جا.
- سانگيئڙن ڪي سدا مان ساريا، هِينئڙي هُريمَ هور، پوءِ تن پورن جا
- پِنبڻين وهايان ندين، چولي چڪنا چور، وهہ ڪَسَ ڪورن جا.
- مِن مچائي "سچل" ويو سائين، دائم دونهان دستور، خاص ڪورن جا.

سر جهنگلو

پانڌي آيم اڄ پيهي، پريان سندي پار ڏنهن.

- ڏوٽ ڏوراپا ڏيئي مڪائون، تن ڪئي ديواني ديهي.
- ڳالهيون اهي يار سڄڻ جون، ڪيئن وساريان ويهي.
- جهڙيائي آهي جيءَ تنهنجي سان، هت يي گدري نيهي.
- هوش "سچل" جو ميان نيو نياپن، ڳالهه ڪريان بي ڪيهي.

❖

پانڌي اوڏاهون اڄ آيو، پريان سندي پار ڏنهن.

- طرفان تنهنجي هوين اچڻ جو، ساڻ ڏٺين ڪي سعيو.
- گهٽو پڇن هت پرين توئي کي، گهمين تون هت اجايو.
- آهه توئي ڏي سڻ ڙي عاشق، روح سندن جو رايو.
- پاچاٽين جو هن پيغامن، وري سو ورهه وڌايو.
- ٻڌي نياپا ٻانهون ٻڌي ٻيٺي، آٽي "سچوءَ" سر نوايو.

سر ديسي

پرين سان پت پري، ڙي جيڏيون منهنجي.

- دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوت وري.
- ڏونگر مون ڏورايو، سندي ذوق ذري.
- صحيح سڃاتم پاڻ ڪئون، پنهون ناهه پري.
- تو ڪينن سري "سچوءَ" ري سپرين، توريءَ مون نه سري.

سر ديسي - تلنگ

پاڻ سڃاڻ آيو سو پلي آيو، ڪم نه هيڙس ڪو بيو.

- پاڻئون جاٽي پاڻ سان هت، لنؤ تا لائڻ آيو.
- عرش منجهارؤن الهي هت، ورهه وسائڻ آيو.
- سوليءَ تي منصور تي هت، سر سلائڻ آيو.
- مصر جي بازار ۾ هت، ملهه وڪامڻ آيو.
- "سچو" وي سنسار ۾ هت، پير گهمائڻ آيو.

سر ڌناسري - توڏي - پيروي

پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾، آءٌ دوست تو در آئيان.

- راتو ڏينهان روح پنهنجي ۾، تنهنجا سرين ڳڻ ڳائيان.
- ڏوٽ ڏوراپو ٻڌي، آءٌ پَلَوُ توکي پائيان.
- زاريون ضعيفيءَ مثون ڪري، پرين توکي پرچائيان.
- جا تو پٽي پيزار جي، سا ڪِهه لڳن کي لائيان.
- سڀ ڳالهه پنهنجي سِر جي، توکي "سچو" سمجهائيان.

سر راڻو

پنئي پيش پرين کي پاڻ، آءٌ چونديس هلي حال هي.

- تو تئون آهي مينڌرا، ڪاڪ ساري قربان.
- دل کي ديوانو ڪيو، هيڪر تنهنجي ٻاڻ.
- ناميا ڏسج ننگ ڏي، آءٌ تيس اَٽچاڻ.
- آندو هيث عتاب جي، مونکي "سچو" پنهنجي چاڻ.

سر سارنگ

پانڌي منهنجي يار کي، ساري چئج سلام.

- چئي مُڪا هُئا ڪيترا، پرت وارا پيغام.
- اوهان جي اچڻ جا، هُلَ پون هنگام.
- محبت منهنجي روز ازل ڪنؤن، توسان محب مدام.
- "سچوءَ" جيها ڪيترا سائين، تنهنجي در تي غلام.
- ڪڏهن ڪندين يار اسانڌي، اچڻ جا انجام.
- عشق اوهان جي شور مچايو، هُلُ پون هنگام.
- ٻانهي گولي يار سڄڻ جي، ملهه خريد مدام.
- روز ازل ڪنؤن "سچو" آهي، سائين سنديوَ سامَ.

سر سسئي

پنهنجو ڪيو هي تان پنهنجو ڪيو، مونکي يار پنهل ڪوٺي.

- دوست ڳَڏيو دلجاءِ تي، وِڇڙون وڇوڙو ويو.
- آذر تي ارواح ڪي، منهنجو جِيئڙو جِيو.
- رهجي اچي هوت سان، ڪو ڏاهيون ڏسڙو ڏيو.
- اڱڻ آسروند جي، اچي لعلن پاتو لِيو.
- ساهُه سچوءَ جو سرتيون، سندي نيڻن ناز نيو.

❖

پاڻهين پارؤن يارَ، قاصد مونڏي اچ آيو.

- اچڻ سندي اُن جي اتي ويا آزار، تورو ڪيڏو تن لايو.
- ڏنا دلاسا دل کي رهبر رات هزار، سندن رُوح جو رايو.
- هيڏي هوڏي نہ وجين اچج ۾ اعتبار، محبت مڙيوئي مايو.
- اچڻ جا محبوب ڪيا پڪا قول قرار، "سچل" توڏي هُنِ رايو.

❖

پاڻهين پئيوَ سُڌ سُورن جي، وو عشق لڳيوَ جي اديون.

- ساري خبر وجي تن ڪؤن پڇجو، جي ورهہ سجڻ جي وڍيون.
- ڪين لڪن سي لوڪ اڳيان، جي آهن ڏکن جون ڏڏيون.
- محب مسافر ٿيا جنين جا، ڪُوڪان اُهي لک ڪنديون.
- ورهہ ولوٽيا جي وَهنديون تن جي، نيٽڙن نير جون نديون.
- پارئون پرين جي سٹو سيئي، لوڪ پلي ڏئي بديون.
- اڳيون پويون سڀ معافي ڪيون، محب "سچوءَ" جون مديون.

❖

پاڻ کي يار نہ ڄاتوم، پينر پُلي آهيان.

- ٻڌيس ٻيائي ۾، جو پاڻ نہ سڃاتوم.
- موڳائيءَ جي موجھ ۾، تي ورھ وسايوم.
- اٿڻ ويھڻ پانھنجو، ھي پينر تي پانيوم.
- خاص مناري خاڪ جي، سو سرتيون سمايوم.
- ڏسڻ ٻڌڻ ھڪڙو، ھي ڪاڏنھن الايوم.
- ينطق واري رمز ۾، ھي سر سلايوم.
- نالو آدم جو رکي، ھن حيرت ھلايوم.
- نانوَنِ منجھان ناھ تي، ھت سچو تي آيوم.

❖

پاڻ پرين اھو آھي، متان پينر پولو پانيو.

- جنھن تي آھي تنھن تي آھي، نانءُ ٻئي تي ناھي.
- پاڻ پنھنجو سھي ڪيوسي، ڪيچ وڃون ڪين ڪاھي.
- ھيئن تنھن جو اوھين نہ ڄاتو، چئو تڏھن پيو چاھي.
- "سچو" ساري صورت اُھائي، لوڏا لَڪَنِ جا لاھي.

❖

پانڌي دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا.

- آڏيءَ رات وو ڪيائون ساڻپاھو، حال ڪيا تن ھي مون، ويا ترڪي توڏا.
- ڪيم قبول پنھون ڪارڻ، ڏک سرين ني سي مون، لڪ ڏئي لڪ لوڏا.
- محبت ڪئون تا منھن نہ موڙيان، پرزا ٿيان ھت جي مان، گسي وڃن توڙي گوڏا.
- سر تان صدقي آھ "سچل" جو، ڪاڪيون چون ھت ڪي مون، درد ڏيندو سو ڏوڏا.

❖

پوءِ ھت ڪيئن ڪندي، ٻاجھون يار جي آءُ.

- پيرين پوندي پرين جي، ڳچيءَ پائي گندي.
- وھي واڪا ڪيون، نيڻن منجھئون ندي.
- سپ پر سنڌينِ آھيان، چگي توڙي مندي.
- دل "سچل" جي سرتيون، برھ تھين جي بندي.

❖

پاھڻ ڙي پرڏيھي، ناھي واجب ادا ايذائڻ توکي.

- ڏيندئي ڏوراپو يار اسانِ جو، وت توئي جي ويھي.
- پير ڦيھين تون نت نماڻن جا، ڳالھ ڪريان ڀي ڪيھي.
- ھيءَ اميد ھئي نہ تو ڏنھن، جبل ڪيئي مون ساڻ جيھي.
- جيھي ڪندين ڪوھ اسان سان، ڳالھ ڪنديس ھُت تيھي.
- "سچل" سچاتو سنگ توئي ڪي، آھي عادت تو ايھي.

❖

پرين اوھان ڪئون پوءِ، ھت راتيون رھنديس ڪا.

- پٺيءَ ايندس تنھنجي، لال وري ھن لوءِ، پوءِ سوري سھنديس ڪا.
- وعدا ويڙءِ وسري، ھوت ڪيا جي ھوءِ، پئي ٻول ٻھنديس ڪا.
- پرين تنھنجي يار ڏنھن، قاصد اچي ڪوءِ، وري ھت ويھندس ڪا.
- "سچل" سڪ اوھان جي، ھِينئڙي ۾ ھوءِ ھوءِ، پئي ناھ نہ نھنديس ڪا.

❖

پرين منھنجي اڱڻ، الله توکي آڻيندو.

- اچڻ سندي اُن جي ٿيندیون وڌايون، مبارڪ جڳ ڏيندو.
- وري وسائج پنھنجيون جايون، ٿورو مون تي لک ٿيندو.
- پلو پنھنجا ھٿڙا ڪري پلايون، لڱين مون لائيندو.
- خبران ڪينِ جون اسان ڏي آيون، توکي پرين ساڻ نيندو.
- فراق فنا ٿيو، وصل ٿيون وايون، "سچل" ناڻءِ سڏيندو.

سر ڪلياڻ

پاندي پيغام پھچاءِ، منھنجا مُحبن ڪي ميان.

- اکڙين ڪي اصل ايڏنھن جو، وڏو اوسيئڙو آھ.
- ڏاھا وڃج ڏيھ اُنھي ڏي، جاتي جانب جاءِ.
- ادا ڙي ساتي پارئون اسان جي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ.
- راتو ڏينھان آھ ڏھاڙيون، ھينئڙي ڪي ھاءِ ھاءِ.
- دوستن سندي درَ جو اصلئون، تو "سچو" سگ سڏاءِ.

❖

پنهون آءُ آهيان، اڙي پينر پُلي ناهيان.

- تيو تيُون مُنڪر ڳالھ انهيءَ ڪنون، ڇئو ٻيو تڏهن چاهيان.
- ڪيچ پنيور بہ وسنئن اسان جي، ڪهڙي طرف آءُ ڪاهيان.
- هرڪو چوي تا سهسين عاشق، نانءُ پاڻ تئون لاهيان.
- هتِ هتَ آهي صورت منهنجي، تاھ نہ ڪو ٻيو ٿاهيان.
- پَنهَنجو پاڻ سان يار "سچو" وي، نينهن اهوئي لايان.

❖

پاڻ وچ تہ نہ آهيون، ٻڙي جيڏيون! ڪيئن تيون چاٹو.

- جوئي آهي سوئي آهي، اسين اصل ڪنون ناهيون.
- شوق منجهارُون شھ درياوان، لڪينِ وَهن تيون واهيون.
- جي نہ چون تا ڳالھ اهائي، برهہ لائي ٿو باهيون.
- واقف وارن تي حال اهوئي، ڏک نہ ڏسن ڏاهيون.
- مستيءَ وارا حال انهيءَ سان، ڏنوَ "سچو" وڃن ڏاهيون.

❖

پريُن هي پيغام، ساري ساٿيو ڏجو.

- ڪڏهن ڪندو پار اسان جي، اچڻ جا انجام.
- ٻانهون ٻڌي يار سڄڻ کي، ڏجو سوَ سلامَ.
- در اوهان جي يار پنهون وي، ٿئي نہ طلب تمام.
- شوق اوهانجي شور مچايو، ڪياسي هُلَ هنگام.
- جيهو تيهو آهي اصل ڪنون، "سچو" گولو غلام.

❖

پنهنجا وعدا پاريا، سانول سائين.

- هُو جي ڪيائون اصل اسان سان، سي قولَ نہ يار وساريا.
- ڏينهن اُهي مون ڪان نہ وسرن، جي مون گڏ گذاريا.
- سخن سچائي يار سڄڻ جا، سي هِن ساھ سنياريا.
- اُنهن ڪارڻ شهر بحر هِي، مونَ تا نتُ نهاريا.
- دوست "سچل" جا دور هُئا جي، سي واليءَ هتِ واريا.

سر ڪلياڻ - آسا

پاڻ تہ آھيان پاڪ، پر ڪي ڏينھن ھِت گذاريان تو.

- ساڳيوئي سو لانجھو آھيان، ظاھر ليکي چاڪ.
- آھيان آءٌ معشوق مڙن جو، موتي تيس مشتاق.
- آھيان آءٌ خوشحال هميشه، ھن غمزي ڪيو غمناڪ.
- ڪاٿھين زھر پيالو ظاھر، ڪاٿھين ٿيان ترياق.
- "سچو" آھي وصال سيوئي، ڪاٿھين فلڪ فراق.

سر وھاڳ

پور پرين جي ھي ماريان، عشق سڄڻ جي چاڙھيان.

- دوست بنا درماندي، دمُ ھتي ڪيئن گھاريان.
- سرُ سڄڻ تنون صدقي، وارِيُون آءٌ ڪيئن واريان.
- ڳالھيون ڳجھہ اندر جون، آءٌ پرين سان پاريان.
- سگھو موٽج سپرين، ڏھاڙيون ويٺي نھاريان.
- محڪم محبت وڌيون، جاڙيءَ مٿي جاريان.
- ھُو جي ڪيم پاڻ سان، ڳالھين اِنھن ڳاريان.
- مجلس محبوبن جي، ساعت ساعت ساريان.
- "سچيڏنا" ساھڙ ريءَ، ڏمَ مڙيئي ڏاريان.

ج

سر آسا

جنهن دل تي آهي جوش، سا دل سُورن سان سَنِري.

- آءُ تہ گهوري اُن تئون، جنهن تي جوش خروش.
- ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، خلق اڳيان خاموش.
- سالڪ سڪ نہ سرها، گوندر ڏي ڪن گوش.
- اثرِ اهيئي عشق جا، اول وڃائن هوش.
- خَلقَ الانسان عليٰ صُورته، هِي بادشاهي پوش.
- "سچو" سوريءَ سي وڃن، جي مي ۾ تيا مدهوش.

❖

- جي مون پچو ڙي جيڏيون، آهي برهہ بيقراري
بخشش الاهي آهي، ناهي ڪسب اختياري.

آهي نہ عاشقن کي، سوريءَ متي سواري
هڪ درد دل ۾ تن جي، ٻي خلق جي خواري.

ڪيائونِ حجاب ظاهر، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
مشتاقِين کي مارن، خوني سندن خماري.

مژگان وارا مقرر، ڪشيو مارين ڪاري
عاشق آهي ايلازي، پائي ڳچيءَ ۾ ڳاري.

محبوب جون اصل کئون، ڪجليون آهن قهاري
آهي اصل اُنهن کي، هيءَ سُڌ "سچل" جي ساري.

سر بروو

جڏهن پرين پاتم جهاتي، تڏهن حاجت ناهي حج جي.

- اچڻ ساڻ اُنهن جي يارو، عشق ڪئي اثباتي.
- سڀ ڪجهہ تينڙم حالؤن محرم، وسريم ذڪر ذاتي.
- چوريءَ چوريءَ يار سڄڻ سان، ڏسُ "سچل" دل ڦاتي.

❖

جي مون وٽ دوست اچي، آءُ ڦيريون ڙي لک پايان.

- شال نہ ڏسي جيڏيون، ڏنهن هنَ جي ڪَمَ ڪچي، آءُ وينڙي ڳڻ ڳايان.
- جيهي تيهي سرتيون، آهيان سامَ سندن سچي، سر پيرن تي نايان.
- دل وچي تي دئورجي، تـو جيئن مهراڻ مچي، ياڻ جتي ڪي ڀايان.
- ساهہ ”سچوءَ“ جو سرتيون، تـو انهيءَ رنگ رچي، آءُ ٻانهي هُو سايان.

❖

جيڏيون آءُ ڪا رهندي، هوتن ريءَ، هونديس سانول ساڻ.

- لونءَ لُونءَ منجهہ لڳي رهيو، ٻاروچاڻو ٻاڻ.
- وندر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ.
- ويڙا ڏيئي ڏک جو، هِنَ ڏُکيءَ کي ڏاڻ.
- دردمندي دانهون ڪري، چوتڪ ڪيڙس چاڻ.
- مانَ اچي تئي ڪڏهين، هِنَ مُنيءَ جو مهمانُ.
- ”سچل“ سگ اوهانجو، سو تا پنهنجو چاڻ.

❖

جِيءُ آئين پلي آئين، ڪيچي ڏنوَ ڪالهہ ڪاتي.

- سگهو سگهو تون ڏيج سنيها، ڏينهنَ گهٽا چو لائين.
- تورا لائين هن تڪيءَ تي، جي پير اگڻ تون پائين.
- پاڻ توئي تئون ڪريان قرباني، جو ڳالهہ سڄڻ جي تو ڳائين.
- طرفؤن تنهنجي هِيءَ نماڻي، تي سي پلائي پائين.
- ڏيهُ سڄڻ جو ڏسيون ڏهاڙي، ”سچل“ تـو ڪانگ اُڏائين.

سر ٻروو - پيروي

جاني تو نہ جڳائي، رُسڻ نماڻيءَ سان.

- دوست اوهانجي در تي، ويني وِرهہ وَسائي.

- ٻاهر ٻانهي تنهنجي، سانول هِيءَ سڏائي.
- اڇڻ لَئي اوهانجي، پانڌي روز پڇائي.
- فالان فلڪ فراق جون، وريتين ڪان وڃهائي.
- سوال "سچو" جو سُپرين، عجز ساڻ اگهائي.

سر پيبروي

جنهن کي عشق موليٰ جو ناهي، سو ڄڻ جهنگ جناور آهي.

- وهم ارادا خيال ٻيا وڄ، ڳاهه برهه جي ڳاهي.
- هُو جو ڪوٽ هٺڻ جو، ٻوڙ پهرينءَ سان ڍاهي.
- عاشق تڏهن ڪونجي، جڏهن سي لاڳاپا لاهي.
- دوستيءَ ٻاجهون دوست جي، هڏِ ناهه نه ٻيو ڪو ناهي.
- محبت جي ميدان ۾، سي ڪامل پون ڪاهي.
- "سچو" صاحب سڪ وارن کي، چاهَ منجهؤن چاهي.

❖

جا چوڻ جيهي ناهِ، سائي ڪِيئن چوان جيڏيون.

- ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهن ڪَلَ نه آهي ڪاءِ.
- اوڏي ناهه پروڙ کي، ميان ويجهي نه ويساءِ.
- هُيڙِي سُڏ حلاج کي، تنهن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ.
- پوڻ آهي اُنهه ۾، جتي هُوءِ هواءِ.
- "سچل" سِر نه سَلڻ جو، سو تا سي مَنجهاءِ.

❖

جن ڏوراپو پرين جو، ڪِيئن ذرو سي جيئنديون.

- جانب گڏيو جَنِ کي، تاڪِ وِجي سي تيِنديون.
- نيست نماڻيون جي ٿيون، پرُ پيالو سي پيئنديون.
- سي دم "سچو" سچ جو ڪري، چانگاران چيئنديون.

❖

جن لائي توڙ نڀائي، آءُ صدقي وڃان تن تئون.

- شابس آهي اڪڙين ڪي، جن وئي دل ورائي.
- پلي پاڇي پرين ڏنهون، اڄ اسان ڏي آئي.
- راتو ڏينهان آهي ئي، وات انهن جي وائي.
- ڏهاڙي ڏسڻ سان، محبت آگ مچائي.
- ووءِ ووءِ آهي وات ۾، ”سچوءَ“ ڪي تہ سدائي.

سر پيروي - جوڳ

جيئن سچ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سچ ڪي.

- مَچلي جِيئي آب سان، آبُ پڇي طُغيان.
- تارو پڇي نجم ڪي، موج پڇي مهراڻ.
- ڦڙي پڇي مينهن ڪي، شاهہ ڳولي سلطان.
- هو مڙيوئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيا حيران.
- ”سچوءَ“ جي صفت ۾، اهو باريءَ ڪيو بيان.

سر توڏي

جنهن ميهر ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آهيان.

- تنهن ڪنير تان قربان ٿيان، جنهن ڪچو پچايو.
- اوهين جيڪس جيڏيون، اهو پيلو ٿيون پانيو.
- تنهن مونکي تار ڪَنِ مئون، منجهؤن لهرن لنگهايو.
- انهيءَ داب دلي جي، سارو درياءُ دبايو.
- پاڻ پنهنجو سرتيون، ڙي گهوري گهمايو.
- اصل اڻ تاريءَ جو ڙي پينر، آ ساهڙ تي سايو.
- سيٺاهن جي سرتيون، مونکي لاري نہ لايو.
- ساهڙ تو وٽ سير ۾، ”سچو“ اُڪيرئون آيو.

❖

جيڏيون ڪائي م جهلي، مونکي پارئون پرين جي.

- خويش قبيلو اوڙو پاڙو، مونکي چا لڳ پَلي.
- ميهر جو مون بخشيو، سو تا هيءُ نہ سلي.
- ناحق وجهو نهڪران، آءُ ياڳي پيڙس يلي.
- ساه تهين تئون صدقي، جا هاريونِ اوڏنهن هلي.
- "سچو" ساهہ سڙير کي، ميهَرُ وينو ملهي.

❖

جِيءَ جون ڳالهڙيون هُيون جَنِ سان
هاَءِ هاءِ سانگ چڙهي ويا سيئي.

- ماريس انهيءَ مامري، هيءَ پوءِ اُنهن ڪان پيئي.
- وڃي ويندي‌س اوڏهين، حال پنهنجو هيئي.
- ايندا اتم آسرو، جِيءَ گهريا تي جيئي.
- موڏي مُڪائون ڪيترا، ڏک ڏوراپا ڏيئي.
- جيءُ وڏو آ جار ۾، تن نياپن نيئي.
- "سچل" سنيها ٻُڌي تن جا، ميان ٻُڌ ٻانهون ٻيئي.

سر تلنگ

جو تو ڳوليِن يار، سو تا تو ۾ آهِ.

- ڏونگر ڪيڏا ڏورئين، چَئو تون ڪِنَي لاءِ.
- هيڏي هوڏي نہ وڃين، پاڻ ئي ۾ مُنهن پاءِ.
- دل واري خاني ۾، سندي جانب جاءِ.
- اهڙيءَ اوڏائيءَ جي، "سچو" ڪَلَ نہ ڪنهن کي ڪاءِ.

سر جوڳ

جو اڳڻ پيهي اچ آيو، سو سامي مون تا صحيح سڃاتو.

- بيراڳيءَ جو بيک ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو.
- سِر جتائون جوڳين واريون، تنهن لِڳين بَسمون لايو.

- مُرليءَ مست آواز اُنهيءَ جي، منهنجو رُوح ريجهايو.
- رانجهو تخت هزاري وارو، مولئ آڻي ملايو.
- عطر عنبير اُنهيءَ جي ڪارڻ، مون تان مُشڪ ملايو.
- پياري هِي سِر پاڻون چاڻي، "سچوءَ" کي سمجهايو.

❖

جو تون پيرا پري آئين، تنهنجي توري هڪ نہ ٿي پڇان.

- عاشق هِتي لکين هزارين، لَنؤ اسان سان ٿو لائين.
- عيبَ اسان ۾ آهن اَپارين، اُهي پلا ڪيو ٿو پائين.
- ڏوهہ ڏنگايون ڏسي اسان جون، چِتُ نہ اسان تئون چائين.
- راتو ڏينهان يار اوهانجا، ڳڻَ "سچو" ٿو ڳائين.

❖

جو جوڳي زلفن وارو، سو سامي مون تا ڪين سجاتو.

- ڳل ۾ ڪفني دست پهواڙ، مشعل مُنهن موچارو.
- انگ پيوت بنائي آيو، بيڪ پني وڻجارو.
- ٻئي لباس ڪو رانجهو ايندو، ڇڏي تخت هزارو.
- "سچوءَ" سجاتو رانجهو آهي، جڏهن حال سليائين سارو.

سر جهنگلو

جيڏيون مونکي چو تيون جهليو، ويندس پرين جي پارَ.

- هُنَ پر پيرا ٿي ڪريان، جو مون هُتِ روح رَليو.
- ڏانهنِ گهٽا ڏينهڙا، مون ٿي عَشق اَلَيو.
- رُوح پرِيان جي پارَ ڏي، وَني سا حُب هليو.
- پرِيان سندي پار ڏي، پاڙيچيونُ نہ پَليو.
- "سچوءَ" جو جوڙي سرتيون، محبت من مليو.

❖

- جي هُئين عاشق تہ برسر، مِينهن محبت جو وساءِ
ساهہ جو سانگو ڪرين تا، پيرُ هن پڙ ۾ نہ پاءِ.

پاڻ ڪُلُ قربان ڪر، هيءَ دم هٹن جي ناهي جاءِ
آءِ ادا اعتبار ڪر، آهي هوش نيندڙ هيءَ هواءِ.

رت روئڻ راتو ڏينهان، آهي لُڇڻ محبوب لاءِ
هي ملي سودو سهانگو، ڪين ڪِي سرڪئون سواءِ.

ڪين ڪي مون ڪئون ٿيو، هِيءَ عمر تا ويئي اجاءِ
هي وساري وي ويهڻ، جاني نہ هيئن توکي جڳاءِ.

هِيءَ مهل موچاري اتئي، پوءِ ڪريندين هاءِ هاءِ
هاءِ هاءِ مئون هٿ نہ ايندئي، ويل ويندئي واءِ واءِ.

هيءَ حقيقت حال جي، ساري وجي سائينءَ سُڻاءِ
سو "سچو" مرشد سچوءَ جو، پير عبدالحق آهِہ.

❖

جوئـي آهيان سوئي آهيان، هندو مؤمن ناهيان.

- نا مَين مُلان نا مَين قاضي، نا مَين سبق پڑهايان.
- نا مَين مسجد نا مَين حُجرا، اندر پير نہ پايان.
- نا مَين ڪعبہ نا مَين قبلہ، مڪي مُول نہ جاوان.
- نا مَين سُني نا مَين شيعا، سيد ڪيئن سڏايان.
- نا مَين نانڪ نا مَين لڇمڻ، گنگا مُول نہ جاوان.
- يار تہ ميڏا درس درازي، "سچل" نانءُ سڏايان.

❖

- جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان ناهيان.

آدم شيث ۽ يعقوب، يونس، نالو نينهن سڏايم
ڪيم طوفان تمام زمين تي، عالم سڀ ٻوڙايم
هَنومان ڪائم ڏنيم، لَنڪا لَنڪا ٻاهيان.

وامق عذرا، ليليٰ مجنون، ڪيئي ڏينهن ڪوٺايم
بديعل سوئي صيفل تي ڪر، برهين بار اُٺايم
سو بديعل سوئي سيفل، لڪين ٺاهه ٺو ٺاهيان.

شيرين ۽ فرهاد تي ڪر، ٽڪر ٽاڪ ٽِڪيوسي
خسرو تي حيران ٿيوسي، حيلا سَوَ ڪيوسي
ذات نه ڇاڻان پنهنجي، آءُ ته اصل ڪنون ڇاهيان.

يوسف تي زليخا خاطر، مصر بازار وڪاڻس
عيسيٰ تي وَت اشاري، چڙهه آڪاس اُڏاڻس
رنگا رنگ لباس لڪين ڪر، ڪي پهريان ڪي لاهيان.

سولي چڙهه منصور جو تي ڪر، اناالحق الايم
شمس تي تبريزئون آيس، خوشيئون ڪَلَ ڪلايم
لک لباس ڪري ڪيئن اهڙا، ڦاهيءَ ۾ ڦٽڪايان.

مدت پڇاڻون ناںءَ "سچل" تي، عالم ۾ هن آيم
نانءَ انهيءَ ۾ وحدت وارو، سارو سِرُ سڻايم
نعرو نينهن جي ٻاجهون يارو، ڪونه سڳو ٻيو ساهيان.

❖

جوڳي آهيان جوڳي ٿيندس، جوڳي جنگ جوانُ.

- نا مَين مُلان نا مَين ٻانڀڻ، نا مَين ورق قرآن.
- نا مَين پوٿي نا مَين پوڙي، نا مَين گيتا گيان.
- نا مَين اولهه نا مَين اوپر، نا مَين زمين آسمان.

- ڪاريَهر قتل ڪيان تو، مرليءَ سان مستان.
- شهر "سچل" دا وچ درازين، ناهي مڪي ملتان.

❖

جاني جدائيءَ ماريو، ڏينهن ڍهيلا گهوريا.

- اصل لاڪُون آهيان اوهانجي، هيءَ ويچاري نا وساريو.
- نانءِ سائينءَ جي اسان نماڻن سان، اچي سو گڏ گذاريو.
- مشتاقن ڏي مهر پئي تان، ڪٽي نيڻ نهاريو.
- پري نہ پاڻون يار ڪريجو، پنهنجي وٽ وهاريو.
- سگ "سچل" آهي در تنهنجي جو، سو پنهنجي ڪِذ قطاريو.

سر جهنگلو - پهاڙي

جيءَ نچ آيا يلي ڪري آيا، ساٿي سڄڻ جي ڏيهہ ڏانهن.

- مون تان چاتو واٽ - واهُو، پر مون ڏي سي هوت هلايا.
- ڏينهن پڇاڻون پاندي پرينِ جا، ساڻ غريب گڏايا.
- پاڻ مٿائن ڪيان قرباني، لڪين تورا جن لايا.
- اول دلاسا ڏيئي اُنهن هِي، پوءِ پيغام سٺايا.
- طرف تنهنجي اهي عجيبن، سچا سخن فرمايا.
- اُٿِ تُٿِ اهائي آهہ اسان ڪي، ڏکيا تو ڏينهن لنگهايا.
- پيا اسان وٽ هاٿي تنهنجا، سچو ڙي پنڌ سجايا.

سر جهولڻو - مارئي

جاليُئي جن سان تي وو، تا ماروں ڪيڻ ويا
هوءِ هوءِ حالڙو، ڪنهن سان ڳرهيان.

پڪا پتي اُتهون، ويا پرئين پنڌ ڪٽي
راتو ڏينهان روح ڪي، اوڏنهن گهرَ گهٽي.

گهڙي جا هت گهاريان، سا وِيڙيچن نہ وٽي
جهليان شال وجي، اُن پهن جي پٽي.

مون من ماندو مارئين، چاٽي هڪ ڏٽي
پڪا پانور ڪنڌئين، هو جو ويئا حال هٽي.

جدائي جهانگيئڙن جي، منهنجي باب بٽي
"سچل" سنگهارن جا، هت ويني ڳڻ ڳٽي.

سر جهولڻو - بروو

- جاني آءُ ڙي جاني ميان، آءُ تا روز پچان ٿي پاندي.

تنهنجي اچڻ ڪاڻ، آءُ هت پوٽيون پٽايان
سنجهي صبح سرتيون، ٿي پانڌي پڇايان
ڏاها تنهنجي ڏيهه ڏي، ٿي ڪانگل اُڏايان.

پرين تنهنجي پار ڏنهن، اچي قاصد ڪوئي
حال سٺايان پنهنجو، تنهن رهبر کي روئي
جاني جال اسان جي، هاٽي هجر ۾ هوئي.

دلبر تنهنجي ديس ڏي، ٿي ڏسان ڏيهاڙيون
ناڻ تنهنجو سپرين، اسين وَسِ نه وساريون
ڳچيءَ پائي ڪپڙو اسين ڪريون تا زاريون.

اُٺي ويني اوتيان، آءُ پنبٽين مان پاٽي
اچي ڏسج سپرين، تون حال منهنجو هاٽي
دردمنديءَ جي دل ۾، تنهنجي سڪ ساماٽي.

تاڪُون سڄڻ تنهنجي هِينئڙي حيراني
ڏيئي ڏکيءَ کي وئين، تون نِينهن نه نشاني
سدا "سچل" آهي ميان، تنهنجي ڳچيءَ ڳاني.

سر سارنگ - بلاولي

- جيءَ آئين پلي آئين تون، ڪنهن منزل مون پهچائين تون،
تو موتي سر وڃائين تون.

سرمد کي ڏيئي لَتَ کهايَئي، سوريءَ تي منصور چڙهايُئي
شيخ عطار جو سر وڍايئي، هاڻي هيڏي پنڌ پچائين تون.

ذڪريا ساڻ ڪرت چيرايُئي، يوسف کي منجهه کوه وجهايُئي
شمس مُلنِ هٿئون مارايُئي، عاشق تو آزمائين تون.

جٽيو ڪفر صُنعان وهايُئي، بُلي شاهه کي ذبح ڪرايُئي
جعفر کي درياءَ ٻوڙايُئي، تن کي پار لنگهائين تون.

گهاٽي ۾ بلاول پيڙايُئي، عنايت کي ميدان مارايُئي
ڪرمل کي هِن حڪم هلايُئي، ڦيروءَ ڪنڌ ڪپائين تون.

قاسم ڏُرَنِ سان سٽايُئي، موسيٰ کي بي سهاڳ وڻايُئي
آڪيداس تعزير ڏوايُئي، سو اڄ ساڳيو آهين تون.

”سچل“ سَنڌِ پنڌ پچائي، گهوريو پنهنجو سر گهمائي
نينهن واري ڳالهه ڳالهائي، عاشق تي فرمائين تون.

سر سسئي

جي وٺي حب وڃن، انهن کي ڪِيئن نه سڃاڻا.

- چڏي لاڳاپا لوڪ جا، پريان پنڌ پون.
- ڏونگر سي ڏوريندين، محبت جن کي من.
- آيل عاشقن جون، ڪُوڪان پِيڙَم ڪَنِ.
- اديون هن ارواح کي، تاسف ڏنو تن.
- ”سچو“ صدقي ان تان، جي وٺي درد وڃن.

سر ڪلياڻ

جيجان زلفن واري، اُنهيءَ ساميءَ مَنُ موهيو.

- باهہ برهہ جي اندر اسان جي، ويو سو ٻگهڻ ٻاري.
- هجر فراق ڙي يار اسان کي، ڪُوڪان ٿو هت ڪاري.
- جوڳي ڪِيڙَوَ جِيءَ اسان جو، مُنجهہ اهو ٿو ماري.
- اڄڻ سنديون يار اوهان جون، "سچل" واتان نت نهاري.

❖

جي اوهين چاڙو ڙي جيڏيون، آهي الله لوڪ سارو.

- ڪاٿي آهي چپ چپاتيءَ ۾، ڪاٿي سو ماري نعرو.
- ڪاٿي بيڪسيءَ ۾ گذاري، ڪاٿي سو حُڪمن وارو.
- ڪاٿي شرع جو شور مچائي، ڪاٿي ڳچيءَ ۾ ڳارو.
- جاڏي ڏسو تا تاڏي آهي، سندس نينهن نظارو.
- حقيقت جي حال ڪئون، "سچو" ٿئي نہ ويسارو.

سر ڪلياڻ - تلنگ

جو هوم وروڻهن وارو، جيجان گڏيم سو تا جوڳِيئڙو.

- اڳين پوئين ڳالهہ جو، خيال سليائين سارو.
- سورن جي سوغات سان، آيو اوڏنهُن وڻجارو.
- پسڻ سان پيدا ٿيو، سيني ۾ منجهہ ستارو.
- صورت تنهنجي سقري، مُنهن مشعل موچارو.
- جُڙي وينو جان ۾، برهہ اُنهيءَ جو بارو.
- آهہ "سچوءَ" جي سرتيون، اُهو اکين جو اُجارو.

سر ڪنڀاٽ

جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجھ پوي
آءُ حال چونديس روئي، تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي.

- سا نہ ڇڏجو ڇپرين، جا لالن توسان لوئي.
- پريان سندي پارَ ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي.
- سوئي ايندم سپرين، جانب جِيءَ جو جوئي.
- پورهيو ڪنديس پِرَ جو، ڳچيءَ پائي اوئي.
- ثمر ٿيڙم سُڄَ ۾، جا حُبَ توئي سان هوئي.
- اڪيون عجيبن ڏي، بيٺيون جُهڙ جهوئي.
- "سچو" سگ اوهان جو، پُور وڏا جنهن پوئي.

سر گجري

جهڙو هِي عجائب آهِ، ناھ عجب ڪو ٻيو اهڙو.

- هيڏي هوڏي نہ ڏسين، منهن پاڻ ئي ۾ پاءِ.
- پئو تصور هن ۾، ٻي بازي ڪا مَ بناءِ.
- اڪيون پٽي جي ڏسين، تا هادي آهي هرجاءِ.
- "سچوءَ" سارو سچ چيو، رمز دِليءَ سان لاءِ.

سر مارئي

جائي وٽيئي ڪيني سائي، هن ڏکيءَ کي ڏوھ ڪيهو ڪيهو.

- ڳالھ اوهان جي سڀ عالم ۾، ڳڏي سا عشق اُڏائي.
- حال منهنجي جِي هوت پنهون ري، توکي سُڌَ سيائي.
- پاڻ لڪائي سِر پنهنجي کي، وري گهمائيني وائي.
- ڳالھ ڳجهيءَ جي دوست پيارل، ڪَلَ نہ هُن کي ڪائي.
- سائي نباهج نانءِ ڏٺيءَ جي، لَنؤ "سچل" سان جا تو لائي.

جهم

سر سسئي

جُهليو جن تي حال، اُنهن کي آءُ ڪيئن نہ سڃاڻان.

- مڃن ماضي ڪين ڪي، نڪو استقبال.
- لڪو ناهي لوڪ ڪئون، انهن جو احوال.
- جي مون پڇيو جيڏيون، آهي ورهہ وصالُ.
- ووءِ ووءِ ٻاجهون تن کي، نڪو قيل نہ قالُ.
- سچو سڃاتو تن کي، جن کي عشق ڪمالُ.

سر مارئي - پيروي

- جهانگيئڙن ڪئون جدا ٿيڙس جيلاهون
سَهسين سُورَ ڏسان هت تيلاهون.

مارو شال وري مونکي ياد ڪري
پلڪان ڪانئس جي هت پيس پري
مانَ حال ڏسي اچي اوراهون.

هَني هَني حال منهنجو عمر هي آهي
اُنهن ٻاجهون جيئڻ منهنجو ناهي
پنهوارن ڪئون وو پيس پراهون.

قسمت قيد الماءِ جي هت آندو
اُنهن ٻاجهون آهي هينئڙو ماندو
وساريو مونکي جهانگيئڙن ڇاهون.

راتو ڏينهان وو رُئان تي ساريون
ويني دَرِ الله ڪريان تي زاريون
ٻڌندو اُهو هي هن جو ايلاهون.

وري پنهوارن جي پڪي آءُ پيهان
سگهڙي مارن سان لاوان شال لهان
ويٺي ڪريان اِهي آهون ۽ دانهون.

ڇڏي محل ماڙيون وڃي پَٽُ پسان
بيگانن ڪئون وڃي پنهنجي راڄ رَسان
ڳالهيون ڳرهيون ڪي ڏيئي ميان ڳل پانهون.

"سچل" سنگهارن سان هيڪاندو ٿيان
گڏجي انهن سان پاٽي مينهن پيان
ڪينِ جي خبر وو ايندم اوڏانهون.

پ

سر بلاولي

چشمن يار جي مون تي، چٿو جا چوٽ چڪائي.

- دردمندن جي دل اچانڪ، آٽي عشق اڙائي.
- اسان نماڻن تي روز ازل ڪئون، تنهنجي حُسن هَلائي.
- بنهي اکڙين سيف ستم جي، چٿو جو آٽي چمڪائي.
- برڇي بره جي سيني اندر، "سچل" هن خيال ڪپائي.

سر بروو

- چرخو چوريو ڙي، ايندوَ ڪمُ نہ ڪتڻ
جاڳو جاڳو ڙي، ڇڏ ڪٽي ساوَ جو سمهڻ.

هت ڪيئن ريڏئين راند ۾، وسري ويئي موت مرڻ
اڳتون هلندينءَ هوت ڏي، ڪيئن تيندئي ڪنڌ ڪٽڻ.

جيئن قوتو پاٽيءَ ۾ تري، تيئن تئي جان جيئڻ
خوبي ويندئي نڪري، جائين هُئين نہ چڻ.

واندي ويھ نہ ويسلي، ڪر ڪا ڏڪار ڪتڻ
پانڌي لائج پريت سان، جتي عشق آتڻ.

صاحبڏنو چوي سڪُ تون، پرواني جيان تہ پچڻ
سڙن سگھن ڪَين ڪي، اھڙي رنگ رچڻ.

❖

چئو ميان عشقا ڪَئين ڪَئين، تون سوين سيلَ بنائين ٿو.

- يا تون آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناھ نھائين ٿو.
- ڪاٿئين مُلان قاضي تون، ڪاٿئين سيد سڏائين ٿو.
- ڪاٿئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿئين بانگ ٻڌائين ٿو.
- ڪاٿئين مُنهن ۾ محراب، ڪاٿئين تلڪ لڳائين ٿو.
- ڪاٿئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿئين جٽيا پائين ٿو.
- ڪاٿئين پيرين آهين پيادو، ڪاٿئين بورُ ٻڇائين ٿو.
- ڪاٿئين منبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پڙهائين ٿو.
- ڪاٿئين زريفت قبائون، ڪاٿئين ليڙان لڙڪائين ٿو.
- ڪاٿئين ڏئي شرعي فتويٰ، ڪاٿئين منصور مارائين ٿو.
- ڪاٿئين هنومان ڪونائين، ڪاٿئين ڏهيسر ڏسائين ٿو.
- ڪاٿئين ٿئين رام يا سيتا، ڪاٿئين لڇمڻ لَڪائين ٿو.
- ڪاٿئين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي ٻيک بنائين ٿو.
- ڪاٿئين ٿي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سمائين ٿو.
- ڪاٿئين ٿي پاتشاھ ملڪ جو، سارو ديس دٻائين ٿو.
- ڪاٿئين ٿئين غرض گداگر، ڪاٿئين ٽوليون ٽڪائين ٿو.
- ڪاٿئين مفتي تون خدائي، ڪاٿئين اناالحق فرمائين ٿو.

❖

- چيم آخر ٻڌي هتڙا، اڳيون دلبر تو ايندا سون
چيائون ايندين تہ چا تيندو، ڏسڻ منهن کين ڏيندا سون.

چيم دلبر تنهنجي در تي، اچي تيندس مان درباني
چيائون تنهن طرف هرگز، نہ پوريل در پتيندا سون.

چيم دلدار کي آهيان، فقط هڪ بوسي جو سوالي
چيائون کين اهڙا سوال، مورئون ئي مڃيندا سون.

چيم اي دلربا دلبر، نہ ڪر گم آبرو منهنجي
چيائون هي اجان چاهي، سوين پيا سور ڏيندا سون.

چيم منهنجي مرڻ کان پوءِ، اچين مَنَ تون مرقد تي
چيائون جي ڏنوسي ڪٿ، لتاڙي لوڙهہ ويندا سون.

چيم دلبر متا دم دم، پرتو تي "سچل" سائل
چيائون کيم لوڙهج دل، اوهان آخر گڏيندا سون.

سر مومل - تلنگ

چڙ پڙ وارو ڪير، هيءَ ڳجهارت ڪوئي پيجي.

- ڪير چوي تو ڪير ٻڌي تو، عجب جيهو پير.
- سڌ تهين کي سِر انهيءَ جي، جيڪو پائي ايڏهن پير.
- "سچو" سچ تہ ڳالهہ اسان جي، سمجهي ڪو مڙد متير.

ڇ

سر بروو

چو تو چنين چو تو چنين، محبت لائي جڙيا جاني مون سان.

- پانهون ڪِيڙو پرين پنهنجو، ڳڻن سان ڳنهين.
- جوڙي هَنيون جان ۾، اڪين پاڻ پنهين.
- آلا ڦٽ فراق جا، رَڪيوَ اڇي پاڻ پنين.
- سگ "سچل" ڪيو در تنهنجي جو، اصل ڳالهه اِنهين.

سر پيروي - بروو

ڇپر تا نہ ڇڏيندين، پلو پنهل يار.

- پاڻ سڄاڻي پنهنجو، گولي ساڻ گڏيندين.
- اڳڻ آسروند جي، آرياڻي تون ايندين.
- اهو اٿم آسرو، نال نماڻي نيندين.
- پڪا پڪن سامهون، اوري شال اڏيندين.
- سڪ ۽ سُور "سچوءَ" ڪي، بلوچا بخشيندين.

سر توڏي

ڇڏ غصو غمناڪ سان، اڇي مِلُ تہ ماندائي لَهي.

- سُڌِ سَيا توکي پرين، جيڪا وادوڙيِنِ سان وِهي.
- سُور سيبائڻ جهڙو، پر جِيءُ جدائي نا سهي.
- پاڻون آيا هِنَ پور هي، ڪي تو مدٿا پريم پَهي.
- "سچل" ويهاريو وَتِ ۾، هِي ناهُ تڏهين ڪو نهي.

سر جوڳ

چو تو چڏين چو تو چڏين، آءُ تا تنهنجڙي آهيان.

- مون کي هاڻي پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريبن گڏين.
- پڪا پڪن سامهان، اوري تہ دلبر آڏين.
- "سچل" نهاري واتڙيون، ايندين تون صاحب ڪڏين.

سر سسئي

چڏيم هوت حُجَت، ڙي آءُ تيس نانءَ نماڻي.

- اڇي مونکي ڪين ڪِي، چڏي لوڪ لذت.
- وڏو آهي مامري، مونکي تا محبت.
- وڃا نڌر ڪان نکري، اوني رات اُچت.
- سور تنهنجا سپرين، رڳا ئي راحت.
- مونکي تيلهڻ آيا، پيرن سان پريت.
- "سچو" سڪ اوهانجي، واڳيو ۾ وحدت.

سر ڪوهياري

چاکي ڏونگر ڏوريان، مَن وسي يار منهنجو.

- پرين آهي پاڻ سان، تڪ ٻيا چو توريان.
- راتو ڏينهان روح ۾، آرياڻي تي اوريان.
- سيڪنهن پارين پاڙي سپرين، آءُ گهٽو ئي گهوريان.
- هوت هميشه حاضري، وندر ڪنهن لڳ ووڙيان.
- "سچو" سچي ڳالهڙي، چت اِهائي چوريان.

سر ڪلياڻ

چو ڪرين تو ارمان، جيڪي آهين سوئي، تيندين.

- اتر اوير اولهہ ڏکڻ، سرزمين چا اُهو آسمان.
- پاڻئون جاڻي پير گهمايئي، تي صورت ۾ انسان.
- اُتڻ ويهڻ جاڻ اهوئي، آهہ ڪُل يوم هُو في شان.

- "ڪُلُ شيءِ يَرجعُ اِليٰ اصلِه"، قادر ٿيو قرآن.
- هاديءَ حقيقت هيءَ پرجهائي، "سچو" تون سلطان.

م

سر بروو
حاجي حج ادا ڪيوسي، ڪعبو مُنهن محبوب جو.

- هاٿي حاصل سرتيون، اڪبر حج ٿيوسي.
- ٿيو قبول تہ اسانجو، جيڪو عرض ڇيوسي.
- هِيءَ تَنُ طوافي ٿيو، وڃئون ڦير ويوسي.
- هاريون ري حرمين ڏي، سندن نامُ نيوسي.
- اُنهيءَ پاڄهون ناهہ ڪو، اهو احرام ٻَڌوسي.
- اِهو ڪعبو اِهو قبلو، سچو ڏِسُ ڏِهيوسي.

❖

حال منهنجو ڪونہ هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون.

- معاف ڪيائون مَديُون، ڏوهن ڏي نہ ڏٺائون.
- جيڪو حال احوال هو سائين، پاٽئون پاڻ پڇيائون.
- پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏيائون.
- "سچوءَ" ڪي ڪيئي سرتيون، ٿي دلاسا ڏنائون.

❖

حال هلڻ جو مون ۾ ناهي، آءُ تا ڪيچ پهچان ڪِيئن.

- ناتو نماڻيءَ جو اصل توسان آهي، هِيءَ هوت نہ ڇڏج هِيئن.
- تون تہ صاحب سپرين، سگ نہ ٿي ڪو ساهي، ڪر جاني وٺيئي جِيئن.
- پسي حال حقير جو، آءُ ڪوهيارل ڪاهي، ڪر سچو پنهنجي سِيئن.

❖

حال معلوم توکي هيئـي، آءٌ تا وَسِ نہ ويئياسِ.

- پريـن تـنهنجي پارَ ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي، ايڏنهنِ منهن ڪيون بيئياس.
- ڇڏي وَڃ نہ ڇپريـن، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي، تنهنجي محبت مارياس.
- ڇنـي ٻڌايان سرتئيـن، هن سپاجهم سيئـي، آءٌ تا وارُ نہ وسرياس.
- پاڻئـون پري نہ ڪريـن، آءٌ پَلو اوهانجي پيئي، تـنهنجي پکي نہ پيئياس.
- ساڻـي ڏيج ”سچل“ جا، اهي نياپا تون نيئـي، آءٌ تا گهڻو اُڪنڊياسِ.

سر پيروي

- حَقَ اناالحق ٿي چيو، پـر منجهہ نظر منصورُ هو
منجهہ شرع شرڪت چون، منجهہ معرفت منظور هو.

وَسُ نہ هو حلاج جو، ڪوئـي محبتي مخمور هو
سِرُ نہ جي سوريءَ ڏنائيـن، قرب ۾ ڪو قصور هو.

هوءِ حيرت ۾ هئڻ، تـنهن دائـمي دستور هو
سِرُ مٿـي سوريءَ سٽڻ، تـنهن ذوق مون بہ ضرور هو.

عيـن حق جي فـوج ۾، تـنهن مست جو مذڪور هو
مشرق ۽ مغرب تهيـن جو، مرتبو مشهور هو.

عام کي ارمان تـنهن جو، حرکـي بہ حضور هو
حال ۾ حلاج هَئـي هَئـي، موج ۾ مسرور هو.

سِرَ ۾ توحيد جي، ڪيئـي سالَ مَلهُ مسرور هو
پـوءِ ”سچو“ نيـنهن نيو تـنهن، ڇهڇـي ڇڪچور هو.

سر پيروي - جوڳ - ڪئونسيو

- حسن تنهنجو تو اچي، طرحئن طرح ڏيکار ۾
هڪ هئين آئين وري، ڪنهن شوق مئون بہ شمار ۾.

ڏوريان انهيءَ دم ڏور تيا، واقف پيا ويچار ۾
حاصل نہ تن جيئي پيا، آهن سندي انڪار ۾.

محرم ٿئين منهن جي وجهين، هن تَنَ سندي طومار ۾
جي تو چوين آءُ شاهہ تيان، گم تي يڪايڪ يار ۾.

رک هوش تا مدهوش ٿئين، غمزون اَتئي گفتار ۾
ساري پوئي سُڌِ تا صحيح، جي رُخ رکين رفتار ۾.

پوءِ تا پڇج هيءَ ڳالهڙي، اول اچج اعتبار ۾
قابل هُئين ڪر پانهنجي، صورت سهي سنسار ۾.

ڪر گوش در گوش، جي ديدان رکين ديدار ۾
آهي "سچوءَ" تي نام جي، ناهي پيو نروار ۾.

سر جهنگلو

حُج ڦتي ڪيم هاٽي، ماريس تنهنجي ماٽي، الله جاٽي.

- تنهن ڏينهن لاڪُون يار اوهان سان، لايو نينهن نماٽي، الله جاٽي.
- ويئي ڏسان واٽ اوهان جي، آءُ پيلا هِنَ پاٽي، الله جاٽي.
- جيهي تيهي آهيان اوهان جي، سائين تون پاڻ سجاٽي، الله جاٽي.
- راتيان ڏينهان يار سجڻ ميان، تَنُ توئي ڏي تاٽي، الله جاٽي.
- وڏڙا طالع "سچل" جا، الله جي توکي آٽي، الله جاٽي.

❖

حال اچي ڏِسُ هاٽي، وَهي تو پنبڻين مان پاٽي، پاڻ جاٽي.

- آءُ ڪنيزڪَ مُلهہ خريدَڻَ، سائين تون پاڻ سجاٽي.
- سُڌِ لهج تون سگهڙي منهنجي، جاني ڪِيو جا جوڳياٽي.

- ڏيئي ڏيکاري پاڻ ڇپايو، پلي اها توکي پاٽي.
- روز ازل کؤن در تنهنجي تي، والي هِيءَ وڪاٽي.
- سيني اندر يار "سچوءَ" جي، سک سنڌئي ساماٽي.

سر جهنگلو - پيروي

حڪم تنهنجو تو هلي، ر ڏوهه پاڻ ئي کي ڏيان.

- آهي "فعالٌ لّما يُريد"، نانءُ هِي ڪاڏي ڏِنيان.
- آهي "وَبي يُنطِقُ وبي يُبصرُ"، تِرُ نَہ هڪ تو ريءَ جيان.
- جاڏهونِ اچي ظَاهر ٿئين، هَلُ هيجِ مٿون تاڏي هيان.
- "يُرجِعُ اِلئ اصلِہ" ائين سُڻُ، مامَ هِيءَ مونهان ميان.
- گَم نامَ غمزي مِ ڪرين، ساڳيو "سچو" سوئي ٿيان.

سر سسئي

حيلا ڪيم هزارين، مانَ تِڪَنِ مون وٽ رات.

- ڪرهَہ قطاري هليا، بودا پلاٽي پِريات.
- آءٌ ستي هُو هليا، توڏن جي ڪيو تاتَ.
- سُور ڏنائون سوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏاتَ.
- پرين ساري موڪلي، ڏانهن "سچوءَ" سوغات.

سر مومل

حالَ منهنجي هاءِ هاءِ، تو رِيءَ لَهنِ هي ڏينهڙا.

- آهي هن احوال تي، وَلَها تان واءِ واءِ.
- دوست تنهنجي ديس جي، اَڪنڊ اسان کي آهه آهه.
- ڏسيون ڏهاڙي آءٌ تي روئان، جانب تنهنجي جاءِ جاءِ.
- ڪاڪ نہ لڳي ڪس مون، سوڍل تنهنجي ساءِ ساءِ.
- سوڍاَ ستاري ڪري، پير اڳڻ منهنجي پاءِ پاءِ.
- دردمنديءَ جون دانهڙيون، واليءَ لڳ ورناءِ ورناءِ.
- سوال سچل جا سپرين، لالن دل سان لاءِ لاءِ.

خ

سر بروو

خبر ڪا مون ڏيو ساٿيو، عجيب جي اچڻ جي.

- ڪيچيڙن جو قافلو، وچين ۾ رات ويو.
- اِئين نه ڇڏيو ڇپرين، هِي تا نال نيو.
- توڙي ورهه وهاريو، ڪنديس ڪونه پيو.
- وندر سندي واٽ تي، مون ضدقو سِرُ ڪيو.
- ڇڏ ساها سنبر ڙي "سچل"، جي تو پُور پيو.

ب

سر بلاولي

ديس اسانجڙي آيو، بڙيون ٻاروچو، مولي سو آڻ ملايو.

- اچڻ ٻاروچي جي ڪَلَ نه اوهان کي، تڏهن تيون ورهُه وسايو.
- ويڙهي اوهانجي وسي ٻاروچو، پري چو پنڌ چايو.
- اگڻ اوهان جي آهي سدائين، گهوري تا پاڻ گهمايو.
- آءُ نماڻي عيبن هاڻي، پاڻ پرين ۾ پرچايو.
- پنڌ ويني يارَ "سچوءَ" جو، ڪيو هوتَ سجايو.

سر بروو

دل جون ڳالهيون، آءُ نه توسان اوريان.

- ڳجهيون ڳالهيون ڪريان ڪِن سان، تَڪَ ويني تي توريان.
- سگو تنهنجي سِڪ جو، ساهه اندر تي سوريان.
- سڪ اوهان جي سَرَ تي، ڏيهه سارو ئي ڏوريان.
- راتو ڏينهان ڪاڻ اوهان جي، چِتَ ۾ چرخو چوريان.
- اگڻ "سچوءَ" جي آءُ تون پيارا، پاڻ گهٽو ئي گهوريان.

❖

دوست دلاسو ڏيئي،
ڏک ڏوڙو وري ڏيندءِ.

- متان ويهين مات ڪري، يار سڄڻ سان تو پيئي،
ساڻ نيٽن دل نيندءِ.
- مون تا ڏٺا ڪيترا، ماريا سي ڪجلين ڪيئي،
اڄ صبح تو وٽ ايندءِ.
- "سچل" آڏو سڄڻين، ٻانهون ٻڌج آ ٻيئي،
سڀ بديون بخشيندءِ.

❖

دردمند جي دل جو ميان، شوقي يارُ شڪاري.

- يار سھڻي جون ڏسو ڏھاڙي، ڪَنِ تيون خونَ خماري.
- سورن وارن ڪي سيني اندر، ماري قيبر ڪاري.
- چشمان چوٽڪ ڏاڍو لائين، ڪجليان ھنِ قھاري.
- ٻانھون سي ٻڌيم اڱيان اُنھن جي، زاري سَوَ لک زاري.
- دل اسان جي لٽ نيس تيون، ٻئي چشمان چاري.
- پاٽان چاٽي ظاھر ڪيائين، ھوءِ ھوءِ حسن ھزاري.
- جيءَ "سچل" جو جار وڏائون، ڏيئي پاڻ ڏيکاري.

سر بروو - جوڳ

دوست تنھنجي درد جي، ھِيءَ ڳالھ آءُ ڪنھن سان ڪريان.

- چڎ پرين پرڏيھ تون ميان، ڏک اوھان ٻاجھون ڏريان.
- دوست رَھُ ھِنَ ديس ۾، سُرَ منھنجي سُورن پريان.
- لَڪَ سيني ويئي لنگھيس ميان، آءُ پور مئون اوريان پريان.
- ساڻ چرخي چت جي ميان، وِرھَ جا ڏاڳا وَريان.
- سِرُ "سچل" چوي پنھنجو، دوست تو آڏو ڌريان.

سر توڏي

دارون نہ ہيو ڏئي، آهي طبيب عشق منهنجو.

- ڊبليون دارونءَ سنديون، موتي نال ڇو نئين.
- ڳالھ اها ئي عاشق جي، هِيءَ لائي سان هينئين.
- اوڏنهن اولانيو آيو، ڇو ويچ ڏي وئين.
- رک "سچو" سوز سيني ۾، تا تون سچو ٿئين.

❖

دوست کي دانهون سٽي، من مهر ڪا مون ڏِنهن پوي.

- دردمنديءَ جي دَرَ اُتي، تو ڪانگ لاڪيٽو لَنوي.
- پيغام پرين پارَ جا، چشمن اُتي ويهو چوي.
- عاشق آهي اُڪنديو گھڻو، تو راند روئڻ جي روي.
- سِرَ پِرِ اسين ايڏنهن اچون، يا ڪي اوري ايندؤ آوي.
- "سَچل" سدا سڪ سوز ڪئون، پيو ماڻ محبت جو موي.

❖

ديواني هن دل ڪَيو، ڪو دوست دلاسيو ڏيو.

- تو ٻاجهون سانول سائين، ڇئو ڪير ڪو پچندو ٻيو.
- توهُوَن الاجي ڪيئن سائين، سو وعدو وسري ويو.
- گهرجي سعيو تنهن جو گھڻو، جو پيش اوهان جي پيو.
- ڪنهن کي ڏيان هِيءَ دانهڙي، هَني برھ بيراڳي ڪيو.
- هَني هَني ههڙو حالڙو، اي يارَ تو ريءَ ٿيو.
- هيءُ ساھُ منهنجي سرير مئون، تنهنجن نازن تان نيو.
- نِجهري نماڻيءَ جي اچي، هڪ ڏينهن لالن پاءِ ليو.
- ڪَيو ڪالھ هادي قول تو، مڙني اڳيون مون سان اهو.
- "هوندس "سچو" تو ساڻ آءٌ"، هو پير عبدالحق چيو.

سر جوڳ

دل ناهي منهنجي وسِ ڙي، جيڏيون ڪِيئن ڪريان.

- انهن اکڙين کي، ناهي ڏسڻ ڪئون بس ڙي.
- اصل لاڪُون آهيان، پاڙيچيون پرِوس ڙي.
- ڪاڪيُون آهه نه عام سان، روح منهنجڙو رس ڙي.
- ٻاجهون ويڙهي دوست جي، ٻي ڳالهه نه لڳي ڪَس ڙي.
- ساهه سچوءَ جو سرتيون، دوست وٺي ڪيو وس ڙي.

❖

دَم دَم جا ديدار، اپر اسان جي نارَ تي.

ٻگا ڏاند ٻڌائون ٻيٺي، تن جي ڳالهه ڪريان آءُ ڪيهي
وهن ڏارو ڏار، ڳاڏيءَ جي ڳنڪار تي.

ياروني هڪڙي چڪريون ٻيٺي، آرا انهن جا آهن اُهيئي
وهن بارو بار، لٺ واريءَ للڪار تي.

ڦرهيون ونگڙون وهن اوپاريون، ارڙيون سُونهن ٻابهه موچاريون
جهلڻ جا جهجهڪار تي، لوڙن واري ڏڏڪار تي.

ڊوڊي چونڪ جوٺر جانسري، ڳنان تنهن جا ماکي مصري
کيرن جا به خمار، پيهن جي پونجار تي.

ڪانگن ڪانگيرو، وهين واهيرو، کېرن ڳيرن ڪيو اچي ڳهيرو
ڳوڙهن جا وسڪار، جهرڪن واريءَ جهارَ تي.

نيسر پرڙچ ۾ آيو پاٽي، سَتگر تيڙم سج ۾ ساٽي
پوکَ پچي تي تيار، ڪم "سچلَ" جا ڪلتار تي.

سر جهنگلو

"دَعْ نَفسَڪَ وَتعالِ"، آتي ڳجهي اها ڳال.

- خاڪي جسم ڪئون ڪر جدائي، بحر عدم جي ۾ جال.
- خيال وجودي چو نه وساريں، ڪرين ٻي قيل مقال.

- ڳالهيون ڪوڙيون سَتِ سيبيئي، پئو تون خاص خيال.
- ڪڏهن نہ ٿيندئي حقَ سو حاصل، جي تو بت بحال.
- گرد غبار ۾ ڪاءِ نہ غوطا، "سچو" وي پاڻ سنيال.

❖

دل اتي وڃي پيئي، جاءِ جتي دم ناهي.

- شئي عجب جي پار اسان جي، ڏس مڪائون ڏيئي.
- خيال لڳوسين وڃي اتاهين، وائي ٻي سڀ ويئي.
- دهشت واري موِج ڏسي تا، ڪوپا موتيا لک ڪيئي.
- نيڪي بدي تَنِ برابر، جَرِ گهڙيا وڃي جيئي.
- بحر عميق ۾ سٽو ڙي سرتيون، ناٺ وڃايم نيئي.
- حال منهنجي جا محرم آهن، "سچو" ڙي واقف سيئي.

❖

دل جا دلبر يارَ، سِگهو سِگهو ايندو رهين.

- اسان نماڻن جي ناٺ سائينءَ جي، لهين تون سارَ سنپارَ.
- پارَ اوهانجي ڪيئي مُڪاسين، قاصد سَوَ هزار.
- اوهان ٻاجهون يار پيارا، اَچن تا اوتارَ.
- سي تون پاڙج پانهنجا، ڪَيوَ جي قول قرار.
- هُوءَ جا هُيَڙِي متي منهنجي تي، ڪرين سا معاف ميارَ.
- "سچل" اوهان لَئي يار سياڻا، روئي تو زارو زارَ.

سر جهنگلو - ڪئونسيو

- دل چپن سان جي چمين، پير مغان جي آستان
محبت سچي محبوب جي، بانڪا وڃي تون باس تان.

ڪي ڏينهن مون محبوب لئي، ورد وظائف تي پڙهيا
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، تيون خود خدا جون خواستان.

جڏهن شوق مون شامل ٿيو، پيو خيال خاطر ڪئون ويو
هڪ واسطو تنهنجو رهيو، وسري ويون ٻيون واسطان.

راهون سڀيئي گمراهه ٿيون، جي مون پڇين تون ڳالهڙي
ڪر گذر ٻي گوڙ ڪئون، ٿئي راه رب جي راستان.

رنگ روح کي جيڪو لڳو، دنيا ۽ عقبيٰ ٻيو پڳو
غمزي تهين گم ڪُلُ ڪيو، وَهه واهه ٻيا وسواس تان.

عشق جي ڙي جيڏيون، ناهي تماميت ادا
چاهُون چوائي تو گهڻو، هيءَ درد مونکي داستان.

"سچو" سدا سڪ ۾ رهين، متان تون جهلين روئڻيون اکيون
هُتِ درد وارن جي پرين، پاڻهين ڪرن ٿا پاس تان.

سرسسئي

ديس ڇڏي پرديس ويو، هاڻي هوت مونکي هِيئن ماري.

- اُنهن پاجهون سرتيون، هي گوندر ڏينهن گذاري.
- راتو ڏينهان روح مُنهنجو، ساڻ ڏٺين کي ساري.
- دعا ڪريجو جيڏيون، شال وهنم ڪين وساري.
- ساريو صورت سڄڻن، هي ڳالهه اسان کي ڳاري.
- ويو ويساهي نڪري، چار گهڙيون پنجُ گهاري.
- راهان اُن جي اچڻ جون، "سچو" نتُ نهاري.

سرسسئي - تلنگ

دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين کي ميان.
اول لائي پوءِ نه ڇنجي، پرت نباهي نجي

- پرجهي ڏسج پرين پانهنجو، هينئن نه ڪا پل ڪجي.
- ڳالهيون تنهنجيون يار ٻاروچا، راتو ڏينهان هنِ هجي.

- وِرهَه وارن سان يارِ ڏهاڙي، ڏک پيائي اچي تـجي.
- قاصد ايڏنهن جا چوَن ائيـن مون، هوت ايـندئي اڄ اِجهي.
- ڏنگايون ڏي ڏِسُ نہ منهنجي، سڀ اوهان ڪوُن تو سجهي.
- اچڻ ڪارڻ هوت اوهانجي، "سچو" فـالان ويٺو وجهي.

ڏ

سر بلاولي - جهنگلو

ڏسو عشق جو انصاف، سپـيئي مذهب ڪيائـين معاف.

- مَڪي وڃڻ مقصد ڪيهو، ڪر اندر تَنَ طواف.
- واديءَ ۾ وحدت جي جُڙي لام ڪاف.
- "الانسان سِري وَاَنَا سِرهُہ"، غازن آهي صاف.
- جوئـي مذهب عشق جو، سوئـي آهي غلاف.
- "سچو" انهيءَ ڳالهہ ۾، خَسِ نہ آهي خلاف.

سر بروو

ڏس ڪهڙيون ڦيريون پائي، اهو لِڪَ لڪوتي يار سڄڻ.

- غمزي هن حيرت تـي، جو عشق لکـن سان لائـي.
- علم عقُل ويو اُڏري، عيـن عشق جي آئـي.
- طبَل سڀ تَمر تـيا، جڏهن نوبت نيـنهن وڄائـي.
- 'نحو' 'صرف' ويو وسري، جاتي پاڻ خيال ڪـپائـي.
- رمز پـنهنجي راز جي، "سچوءَ" ڪـي سمجهائـي.

❖

ڏنو هِيءَ پانڌيءَ پيغام، تنهنجي اگڻ اڄ يار اچي تـو.

- عاشق عجيبـن جو، توڪي سو لک آهي سلام.
- سڀ قبوليو سپرينءَ، جيڪو ڪيئُي ڪلام.
- پڪو آهي پـرينءَ جو، توسان اڄ انجام.

- روءُ نہ رت اکين مئون، عاشق ڪر آرام.
- "سچو" ڳڏجن پوءِ پِي، آهہ نہ طلب تمام.

❖

ڏيئي مون ڏيکاري، وري ويو در توَن دلبر.

- ڏٺم اکڙين سان، هوءِ هوءِ حسن هزاري.
- وَس نہ هن جو ڪو هيو، هوش نئين هُسواري.
- دين ڪفر اسلام ڪئون، برهہ ڪيتي بيزاري.
- ڪنهن در ڏيان دانهڙي، مونجهہ انهيءَ مون ماري.
- سوز سفيران لايون، هِن ڇڪيءَ ڪي چوڏاري.
- حاجت هن جي نہ هئي، جا قاتل فوج قراري.
- گهٽي مدت ڪان پوءِ اچي، دوست ڏني دلداري.
- باسيائون تا برهہ جي، سچوءَ ڪي سرداري.

❖

ڏني ڏيکاري ڙي، ميان صورت سپرين جو وو.

- حَسنَ حُسين جي ڪاڻ، زاري ڙي زاري.
- ورتم ساري لوڪ ڪئون، پينر ڙي بيزاري.
- محبت محبوبن جي، مونکي اصل اختياري.
- چوانِ حقيقت حال جي، هِيءَ سجڻ ڪي ساري.
- هت هُت ڪندا ڪاڪيون، اُهي مونسان موچاري.
- "سَچلَ" سدائين گهرجي، يارن جي ياري.

❖

ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي، يار سجڻ اڄ مونکي.

- اوهان ڀاڄهون يار پيارل، حال اسانجڙو هيئي هيئي.
- پرين ڏسجو وڙ پانهنجي ڏي، اسان هتون جا پيئي پيئي.
- ياد ڪرين يارَ ڏينهن اُهيئي، ڳالهيون ڪيو ڳڏ ڪيئي ڪيئي.
- هو جي ڪيون ڳالهيون تو سان، نينهن "سچل" وي سيئي سيئي.

❖

ڏونگر آهي ني ڏِس ميان، هاريون منهنجي هوت جو.

- هلان ته هلڻ نه ٿئي، ناهه ويچاريءَ جو وَسُ ميان.
- راتيون رهڻ روهه ۾، ڪَاڪيون آهي ڪَسُ ميان.
- ڪيڙو عشق عجيب جي، هينئَڙي ۾ هنبس ميان.
- آهي عجيبن جي، ”سچل“ سڪ سَرسُ ميان.

❖

ڏي دلاسو دوست هن ڪي، جو اصل تنهنجو آءِ.

- هتِ تي گڏاريان ڏينهڙا، سانول اوهانجي ساءِ.
- غصو نه ڪر غمناڪ سان، نه ته حال هِن هاءِ هاءِ.
- دلبر اوهانجي در بنا، جاني نه مون ٻي جاءِ.
- جنهن ڪي دوستي، آهي اُنهيءَ واءِ واءِ.
- ڏسي اسان جو حالڙو، تون پير اسان وٽ پاءِ.
- پاڄي وئي هي پانهنجو، لالڻ پنهنجي ڳل لاءِ.
- مطلب اهو محبوب ڪر، طالب نه هيئن ترساءِ.
- آهه دَمُ اسان ديدار جو، ڪنهن وارِ هي وَرساءِ.
- راتو ڏينهان هي تهانجون، ڳالهيون وينو هت ڳاءِ.
- نيڻ ڪڻ نالي ڏٿيءَ جي، هي سگ ”سچل“ سرچاءِ.
- ڪافر مؤمن هِڪڙو، سچو ٻوڙج ٻيائي.

سر جوڳ

ڏوتين ڪئون نه ڏور، آهيان عمر اوڏي ان ڪي.

- ناهيان ٻاهر تن ڪئون، هڪڙو ئي دَمُ دُور.
- ”اَلانسَانُ سِري وَاَنَا سِره“، دوستن جي دستور.
- هيءَ مڙيوئي آهي تاَ ميان، مارُنِ جو مذڪور.
- ”سچل“ ساندج ڳالهڙي ميان، مارُن جي مستور.

سر ڏناسري - مومل

ڏيـنديسِ ڏوراپـو، آءُ وڃي وراڻو روبرو.

- پـريان سندي پـارَ ڏي، ڪـو نئـيـن نياپـو.
- اوهان ٻاجهون سپـريـن، آءُ ڪريان تـي ڪاپـو.
- سوڍلَ توئـي ساڻ آهِ، منهنجو سڱ نہ سياپـو.

سر ڏناسري - سورٺ

ڏوڙو ڏک پـيو دوست اسان تي، محب جڏهن موڪلايو تو.

- دردمنديءَ جي دل کـي دلبر، نازن سان نوايو تو.
- منهنجو تـنهن ڏيـنهن پريـن پـاڻ سان، آڻي روح اٽڪايو تو.
- گهونگٽ منجهہ ڪري ڪيئي غمزا، عاشق تـي آزمايو تو.
- رهبر ڪج روانو اسان ڏي، فـائق هيئـن فـرمايو تو.
- ميلائـيءَ جو محبت سگهرو، "سچل" جو آهہ سايو تو.

سر سسئي

ڏاڍو جدائي جَلُ، ووءِ ووءِ، مون وتون هوت نہ هَلُ.

- اچي ويهہ اڪيـن ۾، پـاسي تـيءُ نـہ پـلُ.
- ڪيچ وڃڻ ڪم ڪهڙو، ڳالهہ سانول اها سلُ.
- مُئـيءَ ڪـان منهنجا پـريـن، چوريءَ يارَ نـہ چلُ.
- ڪري ڪشالا ڪـاف ۾، لڏم ڪـوهيارلُ.
- "سچل" وي ساهَہ سـان، هيا سي رَلَ مَلُ.

❖

ڏونگر چو تو ڏکائين، پير پيادن جا ميان.

- پنڌ ڪن جي هوت پنهونءَ ڏي، تَنِ چو روهَه رَلائين.
- اهو ڏوراپو تيندئي اوڏاهون، چو طالب تو ترسائين.
- هيئن تو گهرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين.
- سمجهي ڏسج ساڻ ڏکوين، پاهڻ ڪيئن تو پائين.
- هو جو مُنجهي اچي تو ۾، سي هوتن ڏانهن هلائين.
- ڪو ڪو تورو سگ "سچل" سان، محبن سان ملائين.

❖

ڏينهِن پچاڻُون آئين، پلي آئين يارَ مُنهنجا.

- اڳڻ اسان جي هوت پاروچا، پير جي اچ پائين، پلي پائين.
- پري اسان ڪؤن يار پرين ڙي، ڏينهن گهٽا چو لائين، ڪيئن لائين.
- ڏوهه ڏنگايون يار سجڻ ڙي، ڪيئن پلِيءَ ڏنهن پائين، چو پائين.
- هيئن نہ گهرجي يار توکي، چِتَ چُڪيءَ تئون چائين، ڪيئن چائين.
- عرش ڪرسي تئون اچي اتاهين، مَنِ "سچل" جي تون مائين، پلي مائين.

سر مارئي

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ مُنجان مارئين.

- وساري ويهي رهيو، حال بُڏي هيئي.
- مڙي اچو مون گهرين، آهيو جهانگيئڙا جيئي.
- ڪيئن تا پهنوارن ڪئون، پري هِيءَ پيئي.
- لهو سُڌ سنگهار جي، جي آهيو اتيئي.
- ڪو رسائي مُون راڄ ڪي، نياپا نيئي.
- "سچل" پچيائون ڪين سا، جا ويڙيچئون ويئي.

ذ

سر ديسي

ذري ذري ڪَنِ چشمان چُورُ، نَيــنِ اسان کي ڏيون وهلُورُ.

- تَنُ مَنُ سڀ تاراج ڪرن ٿيون، ديدن جو آ هي دستورُ.
- خوني وتـن خيال پـنهنجي سان، ڪسن شهزادن جو شعورُ.
- ناز نياز سان هِڪي وارِي، چاڙهن سُوليءَ تي منصورُ.
- ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان، ڪَيفي ڏاڍو ڪَنِ ڪَلورُ.
- ”سچل“ ڪيرُ ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل ڪن ڦتورُ.

سر سسئي - بلاولي

ذاتيءَ منجهہ ذات ڇپائي، بازي هي يار بڻائي.

- هاديءَ حقيقت هال جي، مونکي ساري سُڻائي.
- سيڪهيـن ۾ سڄڻن، پـنهنجي نوبت وڄائي.
- ڪاٿـئيـن انا الحق جي، تن چوٽ تہ چلائي.
- انا احمد بلا ميمي، اِها معنيٰ مڙيائي.
- ڪاٿـئيـن مسيتـن ۾، ٿـيو خاصو خدائي.
- موتي مڙهيـن وچ ۾، تـنهن مالها ڦيرائي.
- اندر باهر هڪوئي، آهِ صورت سيائي.
- ڪاٿـئين وِتي نہ وار جي، تي ڪاٿـئيـن جدائي.
- ڪاٿـئين متي تخت جي، ڪاٿـئيـن گدائي.
- ڳالهہ نہ سمجهڻ جهڙي، پـر سيا سمجهائي.
- ”سچل“ جي صفت ۾، تـنهن الک الائي.
- ڪافر مومن هڪڙو، ”سچو“ ٻوڙج ٻيائي.

ل

سر بلاولي

رکين يار جو خيال، ڪوڙا ڇو تو ميڙين مالُ.

- تڏهن طالب ڪوٺجين، جڏهن ڇڏين سڀ جنجال.
- هلي وڃ حال ڪي، ڪُلي ڇڏ قال.
- وَڃي وڃ وِرهُه جي، جو ڪوٺيو ڏي ڪلال.
- "سچيڏنا" سڀ ۾، اٿئي جانب جو جمال.

سر بروو

- رمزان سي هادي جون ميان جيڪي ڇيائون مونکي
سي تا سلڻ ناهن، هوءِ هوءِ ڏريون آهن دل تي.

ڳالهيون ڪري ڳجهه جون، ٿا صاحب سمجهائين
لااله ڪان اڳنان، ٿا هادي لائين
سمجهڻ سمع بصر جو، ٿا فائق فرمائين.

خونيون خاص نه پائنجو، هي نت نمازان
چاٽو پلي ڳالهڙي، هي سوز و گدازان
اتوَ اناالحق جا، اِهي عبرت آوازان.

هَئي هَئي هڪڙي ڏينهڙي، ٿا هادي ائين چون
جن نه سمجهي هِت ڳالهڙي، سي سُيان گهٽو روئَنِ
جن سڃاتو هِتهين، سي هُتِ پيي ائين هُوئَنِ

جيڪي پُليون ڳالهڙيون، انهون پڇن پري آءِ
ڪوڙا قصا ڪُههِ پيا، دَم سڃاڻن سواءِ
پُرجهڻ آهي پاڻ ڪي، بي پَلي بات نه ڪاءِ.

هاديءَ حقيقت جي يار، موتي هيئن چيو
آغا آهي هي ادا، آهي ڪونہ ٻيو
جيئي لنگهيا سپ ڪون، يار مقصد تن ٿيو.
سائين ساڳيو سو اٿو، هيو جو وجودئون ويو.

مرشد هادي رهنما، تا سمجهائڻ ائين
هُو تون جاڻج پاڻ کي، متان هِيءَ ٿئين
وحدت جي چوگان ۾، اِها گوءِ نئين
سچو ساڻ يقين جي، هي حال ڏي هِئين.

❖

رات رين ڪاتي پيئي، اڙي ساٿيو سُڌ ڏيجو.

- پڇاڻا پرين جي حال اسان هيئي، ساڻ ٽڪيءَ هڪ ٽيجو.
- پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڪانگ اُڏايم ڪيئي، نال وٺي هي نيجو.
- عرض آرياڻي ڪي ناڻ ڏٺي نيئي، ٻانهون ٻڌي چڱيان چنجو.
- "سچل" ياران ساٿيو ڪين ڏوراپا ڏيئي، پيرين پانڌيو وڃي پنجو.

❖

رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرين جا.

- آءُ اوهان تان صدقي، جا وائي مِنيوَ واتِ.
- پسان اکڙين سان، ٻاروڇاڻي ذات.
- راتو ڏينهان روح کي، تن جي آهي تاتِ.
- هُني هميشه ساٿيو، "سچل" سَندوَ ساٿِ.

سر بروو - جوڳ

رهبر روز بروز، اچڻ مون ڏي يار جا.

- ڪنهن ڪي سليان سرتيون، سپرين جو سوز.
- اندر منجهه عجيب جي، ڪِيڙو سڪ سروز.
- هيڪند ڪارڻ تي ڪريان، خاطر اندر خوز.
- شال ڪهين تي نه ٿئي، سندو جانب جوز.
- "سچل" اِجهو آيو، آرياڻي امروز.

سر پيروي

ريءَ ڪجل تڪبير وجهن ٿيون، سي ڪيئن سرمو پائن.

- وار جنين جا تليهرَ ڪارا، سي ڪيئن سينڌ چٽائن.
- ڏند جَنين جا ماڻڪ موتي، سي ڪيئن سرخي لائن.
- جايون جنين جون درس درازين، سي "سچل" نانءُ سڏائن.

سر توڏي

رهبر اِئين چون، اچ اڱڻ تنهنجي ايندا.

- تون ڪِيئن وسارين تن کي، تو هُت گهٽو پچن.
- در تنهنجي دوست اُهيني، اچ تاَ اِجهي اچن.
- پکا پانور ڪٽي ڪري، اوڏا تنهنجي اڏنِ.
- "سچل" سندءِ وي حال جي، ساري خبر لَهن.

سر تلنگ - وهاڳ

رانجهو چاڪ تي آيو، نه جاڻان ڪيهي ڳالهه ڪئون.

- پڏر وجهي پاڻ کي، لالڻ پاڻ لڪايو.
- بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمايو.
- سوئي چوندڙ سوئي ٻڏندڙ، ڪيائين ڪونه ڪنايو.

- "ماريايت شيئا الا وَرأيتُ الله فيه"، فائق هيئن فرمايو.
- "لَو ڪَشفُ الغطاءِ مااذتَ يقينا"، حيدر هي رنگ لايو.
- ماڻهوءَ جي مظهر ۾، اَٽي سو نيئنهن نوايو.
- "سچوءَ" جي صفت ۾، الله اِئين الايو.

سر جوڳ

رات مڪر روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي.

- اڪيونءُ اباڻي پار ڏي، بيئيون جهڙ جهوئي.
- اباڻن جي آسري، ليڙون تيم لوئي.
- وندن ورچن پاڻ سي، ڏئونرن جي ڏوئي.
- لکي ڪاغذ مون وڌو، پڪيءَ ڪي پوئي.
- ڪي ڏينهن ڊويم ڪيت سان، آب ٻري اوئي.
- اوهان ٻاجهون ڪونہ ڪو، ڪَلَ لهي ڪوئي.
- ماروُ ملندءِ مارئي، "سچل" ڪي سوئي.

سر سسئي

رات رهبر مون ڏي آيا، خان باروچي جا ميان.

- هتڙن وجي اِتي تئين آرامي، ڏينهن گهٽا چو تو لايا.
- لڳ اسان جي هُيڙين اُداسي، وِرهي تو مينهن وسايا.
- طرفڙن تنهنجي سڻ ري عاشق، پانهنجا مون ساٿ سنبايا.
- چاڻ تحقيقون آهن اسان جا، ايڏنهن اچڻ جا سعايا.
- ڏينهن گهٽيرا ڪاڻ اسان جي، "سچل" تو پند پچايا.

سر سسئي - جوڳ

روبو حال چوان اَلا، جي اوني آيم اوڏاهون.

- پايو پانڌ ڳچيءَ ۾، آءُ پرين تن پوان، اَلا.
- سرتيون اِنهيءَ سوز جي، ناهي سُڌِ آوهان، اَلا.

- سڪن متي ڪين ڪِي، آءُ متيان سورَسَنوان، اَلا.
- سچڻ سجڻ ٿي ڪريان، پيون لاتون ڪين لوان، اَلا.
- جوش تهين جا جان ۾، مونکي آهن نت نوان، اَلا.
- ”سچل“ اڪڙين مان ٿيا، ريلا رَتُ روان، اَلا.

سر مارئي

روئان زارو زار، مَنَ مارن ڪي ملان آءُ.

- ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، پري ٿيم پنهوار.
- وني وِيڙا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سنگهار.
- اِهو اٿم آسرو، ايندمِ اَجڙوارَ.
- ڪَندا مُهڙ ملير ڏي، رڻ چڙڏي رييار.
- سو دم گوندر گذري، جو دم اُنِ رِيءَ ڏار.
- روئي رت اکين جا، جهونا ٿيا جهالار.
- وجي ٻڌنديس اُتهين، سندي پَهُنِ پڪارِ.
- رکي ويڙيچا ويا، مُونهين سر ميارِ.
- پِيُڪنِ مون پهچائين، سومرا سردارِ.
- راتو ڏِيهان اوڏهين، ”سچوءَ“ ساهہ سنيارِ.

سر مومل

راڻي سَندو راز، مون سان ڪيڏو ئي آهِ.

- ڪاڪيُون آڏو ڪانڌ جي، نتو وڻي ناز.
- ٻانهان ٻانهن جان ٻڌي، ڪرڻ نت نياز.
- هَئي هَئي ماريو حسن جو، آهي غم غماز.
- ”سچو“ پرپائڻ پرينءَ جو، آهي ساڻ ايلاز.

ڙ

سر بروو

ڙي جيڏيون هاڻي هوت ويا جي، سي موٽي مانَ اچن.

- دُعا ڪريجو جيڏيون، پري نہ هوت وڃن.
- سگها موٽن پوئتي، اچي ويڙهي هن وهن.
- وڃي ڪيچ وٽن ۾، پورهيئت پچن.
- ڪيچي ڪميٽيءَ جي هُتِ، ڪَچي شال نہ ڪَنِ.
- "سچل" اصلؤن آهي، سرتيون سگ سندُنِ.

❖

ڙي جيڏيون آءٌ تا بيو نہ ڪندي، منهنجو پيچ پنهونءَ سان آهي.

- آءٌ جنهين جي آهيان، سو تا مهر نہ لاهي.
- ڪيرَ ڪميٽي هوت سڄڻ سان، سگ سياپو ساهي.
- هت وڃي ڙي هوت جي، وَس نماڻيءَ ناهي.
- سوال "سچوءَ" جو اِهو آهي، نينهن سندُن نباهي.

❖

ڙي جيڏيون هاڻي گھوريو هوتن رِيءَ، سارو شهر ڀنڀور.

- لاهيندا وو لطف سان، هن ڏکيءَ ڪئون ڏور.
- هي هالاڻي اُن جي، شعلي وڏڙو شور.
- منٿ نہ منهنجي موٽيا، زاري آهي نہ زور.
- درشن ساڻ دفع ٿيندو، سندو هينئڙي هور.
- "سچل" سندين راهہ تي، هڪ جفا بيو جور.

❖

ڙي جيڏيون هِتِ هوتن رِيءَ، آءُ ڪنديس ڪوه رهي.

- اندر وِرهه وٿاڻ ڪيا، لونءَ لونءَ منجهه لهي.
- ڇڏي شهر ڀنڀور کي، وينديس ڪيچ ڪهي.
- ڪونهي ڪوهيارل رِيءَ، سرتيون هت سهي.
- قول ڀاڙيندو پانهنجو، ڪيوَ ٻاروچل ٻهي.
- "سچل" ڳڏيم ساٿ جو، پنڌن منجهه پيهي.

سر جهنگلو - پيروي

ڙي جيڏيون! منهنجي سائينءَ سڄڻ سان زاري زاري.

- مان اياڻي عيبن هاڻي، برهه سنڌُن آهي باري باري.
- حاضر ٿينديس در ذوستن جي، پائي ڳچيءَ ۾ ڳاري ڳاري.
- پوءِ تا ياقي يار ٿيوسي، پهريون لايون ياري ياري.
- هت سڄڻ جي اديون ڙي آهي، ڳالهه "سچوءَ" جي ساري ساري.

سر سسئي - حسيني

ڙي جيڏيون آءُ تان، حال پنهل سان ڪندي.

- اصل لاڪُون آهيان سائين، بلوچاڻي بندي.
- وَس نه آهم وار جو، آهيان سائينءَ سندي.
- ڪندي وجي ڪيچ ۾، دانهون سا دردمندي.
- سڌ لهندا سي وري، برهه جنين جي بندي.
- سچو اڳيون سڄڻا، ڳچيءَ پائين گندي.

سر سسئي

ڙي ساٿيو مُنهنجي يار جي، ڪا ڳالهه اچي مونسان ڪريو.

- آهي آرامي ڪي يار اسان جو، پُڌي سا ووءِ ووءِ ورريو.
- جي هيڪند ٿيان هوت سان، تا ڪاڄ سيو مون سريو.

- پيهر مون سان ڪيچ ڏي، ڪي وڪان ڀ تي چو نہ پريو.
- ڏوٽ ڏوراپـو يار سڄڻ تي، متان ڪو پـانڊيو ڏريو.
- سوز "سچوءَ" جو سنگ سڄڻ سان، ڳوڙها سي ڳاري ڳريو.

❖

ڙي جيڏيون! مونکي چو تيون پرين ڪان جهليو.

- ويهان ڪيئـن پنهور م۾، جو روح اُنهن سان رَليو.
- سائن تينديس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو.
- پرياں سندي پـارَ ڏنهن، پـاڙيچيون نا پليو.
- سڄڻ سارو پـنهنجو سِرُ، "سچل" ڪي تان سَليو.

سر ڪوهياري

ڙي جيڏيون هاڻي شال تيئي، منهنجو پاڙو پرين سان.

- مان مُئـي تا گهوري، جاني شال جيئـي.
- هِنَ تا پـُور پـرايو، هاريون هوت وئـي.
- ٻاروچي ڪا ٻاجهہ پـوي، هي تا نال نئـي.
- سارو مطلب مون تيو، پـنيءَ هوت پـئـي.
- شال "سچوءَ" ڪي سپرين، ڏوراپـو نہ ڏئـي.

سر ڪلياڻ

ڙي جيڏيون آءٌ تا ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان.

- جيهي تيهي يار سڄڻ جي، چڱي توڙي مندي.
- آءٌ تـنيـن جي آهيان، برهہ جنيـن جي بـندي.
- چونديس حال حبيب ڪيِ، ڳچيءَ پـائـي گندي.
- اڄ ملهي ٻانهي آهيئي، سڀ پـر سائيـن سندي.
- "سچل" سارياڻي دلڙي، رمز تـنيـن جي رندي.

ز

سر بروو

زاري پيئي زاري، اڳيان عجيبن آهي اسانجي.

- روز ازل ڪَنوُن عاشقن جي، سُوريءَ تي هسواري.
- شاهه منصور حلاج حسينيءَ، سوري ڪيئن سينگاري.
- هِي تني گم اُهو تني ظاهر، چپ چپات چوڏاري.
- ”سچو“ ساهه سري ڪر صدقي، سرس وٺين سرداري.

❖

زار روئي ڪيم زاري، دوست ڙي تو ريءَ تا نه سري.

- محبت تنهنجي وو ڪيس مستاني، بار برهه جو باري،
دوست ڙي چوي لوڪ چري.
- هن بنديءَ کي بخش بلوچا، هوت اچي هڪواري،
دوست ڙي سندن ذوق ذري.
- ميلاٽي لڳ محب اوهانجي، واجهه وجهي ويچاري،
دوست ڙي وڃان تا مر مري.
- آهي مڙيوئي معلوم توکي، حال حقيقتِ ساري،
دوست ڙي وڃ مر يار وري.
- جيڪي آهين سو تا تو آهين، حڪم سندو آهي جاري،
دوست ڙي پيڙم خبر ڪري.
- ”سچو“ آهي سگ اوهانجو، ڏجو تنهن دلداري،
دوست ڙي وڃن ڳچ ڳري.

❖

زاريون ڪيون زار زار ميان، ويني روئان ٻڙي جيڏيون.

- ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ياقي سو تيڙم يار ميان.
- راتيان ڏينهان ڳالهه انهيءَ جو، جيڏيون جِيءَ کي جار ميان.
- پاتو اٿم لڳ پريندءَ جي، ڳل هنجن جو هار ميان.
- عاشق کي وو سوز ”سچل“ ڙي، آهي سدا سينگار ميان.

س

سر بلاولي

سمجهي پرجهي نال سڄڻ جي، نينهن نسورو لايو ڙي.

- عشق نارُ احتراق اتوَ، فائق هِيئن فرمايو.
- محبت منجهہ مجازن چا ڪيو، جن ايڏو سوز پرايو.
- ليليٰ تي مستانو مجنون، جنهن حال ۾ قال وڃايو.
- رانجهن تخت هزاري جو سائين، چِہ مون چاڪ سڏايو.
- سيفل سوز بديعل جي مؤن، واتين ورهہ وسايو.
- اعليٰ عشق انهيءَ ڪؤن آهي، ٻيو حيلو ڪونہ هلايو.
- محبت جي منصور مقابل، سوريءَ پاڻ سَلايو.
- شمس ڪڍي شمشير برهہ جي، جنهن ڪل ڪي خان ڪَلايو.
- "سچو" عشق تہ هاديءَ جي سان، قلب ۾ روح رَلايو.

سر بروو

سرتيون ڏين صلاحان، چِتُ تون چرخي لائين،
آءِ ڪَتيان ڪي ڪانگ اُڏايان.

- راتو ڏينهان رُئان اُنهن لئي، پرين جي تيم پراهان.
- دل جميعت تڏهن ڪي ٿيندي، جڏهن ايندا هوت اڳاهان.
- والي ورائي وري ٻنيور ڏي، سٽي اسانجون آهان.
- اديون انهيءَ جي ويٺي اچڻ جون، روز نهاريان راهان.
- ڪيون قبوليت سپيني "سچو"ءَ جون، سائينءَ عرض الاهان.

❖

سڻ منهنجڙو حال، ديس وسيني، گهوريو پرڏيهہ تئون.

- مون ڪئون پري نہ ٿئين، سائين مڃ سوال.
- منهنجو توسان تا آهيئي، خاصو يار خيال.
- روئان واتڙين تي، ڪريو ههڙو حال.

- واڳان وطن پانھنجي ڦيري آءُ في الحال.
- توکئون ڳجھو ناھ ڪو، عاشق جو احوال.
- ڪر "سچوءُ" ڪي سپرين، ڪٽي نيڻ نھال.

❖

سڪ ھُئي جنھن جي سر، دوست آيو اسان جي در.

- پرين وڙئون پنھنجي ڪئي، ويچاريءَ ڏي ور
- ھي سر ڪيان صدقي، گھوٽ اچي مون گھر.
- ڏنم ھنن اکين سان، پرين موچاريءَ پَر.
- جاءِ ڪِيائون جِيءَ ۾، ٺھريا ھَڏِ نہ ٺر.
- قرب ڪارڻ سڻ "سچل" ڙي، ڪوشش ڪائي ڪر.

❖

ساجن انھين سَير، ايندئي ڙي اجان.

- سنئي پوتيون پرين سان، جي گھڙيون اِنھين گھير.
- سپريان جي سير ۾، ھيجئون ھِينئڙو ھير.
- ٻڌي نچج نينھن جي، ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇير.
- "سچل" سائين جي پچين، ڦند سپيئي ڦير.

❖

- سجڻ تنھنجو برھ باري، اسان جي ساڻ تو ياري
آءُ تا ٻانھي تون تا سائين، ٻڌي ٻانھون ڪيم زاري.

اچانڪ لَنوَ جو تو لائي، پئي تا ڪَلَ نہ مون ڪائي
وٽيئي جا ڪيم سائي، پاتي سون ڳل ڳچيءَ ڳاري.

وڏوسين طلب ۾ توئي، نہ ھو ھتِ حال مون ڪوئي
چوان ھي حال ڪنھن روئي، معلوم آھي توکي ساري.

اُلانيـيون عشق جي لايون، ويون وسري سيئي وايون
اسان جي طرف ڏي آيون، ڪئي سڀ لوڪ بيزاري.

لڪان ڪِينئن ڳالهه هن دم جي، ڏاڍي آهي راهه هن غم جي
ملامت ڪُل عالم جي، اسان تا اصل اختياري.

”سچل“ ڪر سَوَ شڪرانا، پڇي تا برهه بيگانا
توڙي هِتِ سي ٿيا ديوانا، مليوسين دوست هڪواري.

❖

سگها ايندا سِگها ايندا، پانڌي پريَن جا ڪي تا.

- سڪايل سان سرتيون، ڏک پائي اچي ٿيندا، پلي ايندا.
- دردمنديءَ جي دل ڪي، دوست دلاسو ڏيندا، پلي ايندا.
- ڪينَ ڇڏيندا ڇپرين، نال نماڻي نيندا، پلي ايندا.
- پڪا پڪن سامهان، آٽي پاڻ اڏيندا، پلي ايندا.
- پاڻ پنهنجون سپرين، ساڻ غريب گڏيندا، پلي ايندا.
- سو ڏينهن ٿيندو ڪهڙو، جو ”سچل“ ناءُ سڏيندا، پلي ايندا.

❖

سونهون سگ ٿيو ڪاڪيون ڙي
ڪيچ ڏٿين سان شال مولو ميڙيندو.

- اڳئين ڪان پيي اڳرو، پائين تا ورهه ويو.
- آريءَ جي اولاد سان، ڏاڍو پيچ پيو.
- بيڪسيءَ جي دائري، تنهن ڪي نينهن نيو.
- صدقي تن سِرن تئون، ”سچل“ ساهه ڪيو.

سر بروو - تلنگ

سارونئي سِرُ آهي، ڪاتي سچل ڪاتي ذات سچل جي.

- موج درياءَ حُباب ڪڙا ڪيا، جاڻج ڪو شڪ ناهي.

- آهي اونهو اسرار الاهي، ڇا منجهاروُن ڇاهجي.
- پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ، ناهه لکين ٿو ناهي.
- عاشق عشق معشوق اُهوئي، ڏانوَ ڏاڍو ڪيو ڏاهي.
- ”الاالله“ اثبات مڙيوئي، ”لا“ ڪي ڇڏ تون لاهي.
- ”لَي مَع الله“ سمجهه اشارت، پيل لنگهيو منجهه پاهي.
- وات اِهائي وحدت واري، ڪامل ايندا ڪاهي.
- سوئي اندر سوئي پاهر، ڪيئن چوان ائين ناهي.
- ڳالهه ”سچل“ جي سالڪ سمجهن، لوڪ ليکي ٻيو ڇاهي.

سر پيروي

- سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نه وٺي
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم، ٻٽي نه ٻٽي.

سچ ته پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو آهي
انگ ته آدم جو ٻئي ڪنهن جوڙيو ناهي
سچ چيو منصور نئين چڙهيو ڦاهي
اهڙا بار برهه جا، ٻيو ڪٽي نه ڪٽي.

سچ ته عربي محب مجيب چيو
اَنا احمد عين عجيب چيو
اسان ته عامن خاص نصيب چيو
ڳٽي يار ويو ٻيو ڳٽي نه ڳٽي.

نه ڪا عيب ثواب جي جاءِ آهي
نه ڪا نيئنهن نواب جي راءِ آهي
اهو عشق حسن هر جاءِ آهي
چٽي يار ويو ٻيو چٽي نه چٽي.

سچ ته ”سچل“ سائين جي ڳالهه سچي
مَئي ته محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي.

رنگ رمز انهيءَ ۾ ويو روح رَچي
سڌڙا مالڪ سٽي، ٻيو سٽي نہ سٽي.

❖

ڪنهن سان ڪيم نہ ڪَلَ، جو سودو آندم پاڻ سان.

- سودو ڪنهن نہ پڇيو، آيس ۾ مشڪل.
- گِران قيمت ڪئون سپئي، موتيا تنهن مهل.
- سودي ههڙي جي اُتي، لاهن سڀ نقل.
- ميڙو مُوڙهن تي ڪري، عالم ڪئي اُچل.
- حال ڏسي تان هُن جو پيو، جيئَڙو منجهہ جنجل.
- ڏوهہ نہ مونکي ڪو ڏيو، پئي خلق منجهہ خلل.
- "سچل" سِرافراز ڪيو، آٽي سو عشق اجهل.

❖

- سهسين رنگن ۾ سهٽو، بيرنگي بن آيو.

بوتي وِچ مٽيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو
چولن چِرنِ واهَڙنِ، لهرن لعل لڪايو.

سمنڊ نالو ڪَنِ الله جي، مٿم آٽي ڏرايو
نہ تہ اصل پاٽي آهيان، لوڪ نانءُ پلايو.

وحدت جي آڙاهہ ۾، يار جن جسم جلايو
منصور اُتي موج ۾، سُوريءَ سِرُ سَلايو.

عرش ڪُرس آسمان مڙيوئي، آٽي ورهہ ورايو
باري بار برهہ جو، آدم سر تي اُتايو.

"من خدايم" موج ۾ ميان، "سچوءَ" يار الايو
آهِہ ڪُلُ روح ربي، مرشد عبدالحق فرمايو.

❖

- سِرُ ڏئيـن تون سِرُ ڏئيـن، جي عشق ۾ تـو سر ڏئيـن
تيـن وڏا طالع تنين جا، جان جسم ڪئون جي ڏئيـن.

تـو عمر ناحق وڃائيـن، غير جي خيالات ۾
محب پيي توکي مجن، جي نيـنهن جي بازي نئيـن.

مَحُو ڪر ڳالهه ڪُلي، مُڙُ مَ چڙهه ميدان تي
جيئـن چوان تـو سا مڃ، هيءَ عشق پـنڌ آهي اِئيـن.

ڳالهه ڪرڻ ۽ تيـڻ ۾، آهي تفـاوت ير وڏو
حال سان هميشگي جي، پُر اهو پـيالو پيئيـن.

موت موتي نا پـڇي، تـنهنجي اها گهر جي ڳلي
”قبل موتوا“ ڪئن پـڇاڻان، ڙي وري جاني جيئـن.

پيو مُبدل ڪر سيوئـي، خيال پـئو توحيد جي
جيئـن ڪيو منصور شهه، تا آخري تون ڪر تيئـن.

نازباني تـو چوان، دل سان لائـج هيءَ ڳالهڙي
نانءَ ”سچو“ جي تـو چوي، ساري رمز سڻ سان تون هنئيـن.

❖

سڻُ تون منهنجڙو حال، واقف سائيـن، مرشد سائيـن حال ميان.

- تـئي خلاصي خودپرستي ڪئـون، ميان ڪر پلائـي پال.
- بخـشش توڏهون وو تـئي برهه جي، ڪاريئي سو ڪونه ڪشال.
- مان مان وڃي وسري ميان، تون ئـي تـئي برحال.
- صحيح ”سچل“ جي دانهن اهائـي، فـضل تـئي فـي الحال.

سر پيروي - تلنگ

سانول سوين گڻ تنهنجا تي ساريان.

- هُرن منهنجي هِينئڙي اندر، سي تا ڪِيئن وساريان.
- واتان اچڻ جون وو توهان جون، ويني سي نت نهاريان.
- اوهان ٻاجهون سپرين، گوندر ڏينهن گذاريان.
- جهري جهوريءَ ۾ پيو، هِينئڙو ني هيڪارين.
- آسروندي آهيان، قول ڪيا سي پارين.
- ”سچو“ سگ در تنهنجي جو، پنهنجي ڪڍ قطارين.

سر توڏي

سانگ چَري سيئي آيا، ڏينهن لايا جن اوڏهين الو الو.

- انهن ڪارڻ اوڏهين ميان، مون تي پنڌ پچايا.
- سانگي جي هُتا سانگ تي، واليءَ پوءِ ورايا.
- پرين هتا پرديس جي، سي موليٰ محب ملايا.
- قادر پنهنجي ڪرم سان، ويڙهي هن وسايا.
- موليٰ پنهنجيءَ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا.
- تون تا هڪڙو ناهين، تا ”سچو“ سَوَ سڪايا.

❖

سگهڙي پرين جي پارجي، ڪانگا خبر ڪا مون ڏئين.

- دوست جي ني ديس ڏي، ڪِيئن ڪالهه تون اُڏري وئين.
- اول اسان جي حال جا، نازڪ ادا نياپا نئين.
- ساري سنيها سوز جا، هَني هَني سيئي لائج هينئين.
- ماري مون مشتاق کي، ڪِيئن يار تون ياقي تئين.
- پُورن منجهه پرديس ۾، ٻاجهون اوهان آهيون ائين.
- آءُ جي مُئي تا گهوريس، جاني سدائين تون جئين.
- ”سچل“ سڪي ساري توکي، تون پي تهين سان هو ائين.

سر پهاڙي

- ساقي آهيون شراب جا، اسين ڪامل ڪلاتي
جال پري جام پيئون، آب حياتي.

لاتوسين لولاڪ ۾، وڃي "لا" سندي ڪاتي
"مان" کي ماري مان پروڙيم، گهر هڪ پاتي.

"همه اوست" حال ۾، اسين آهيون اثباتي
نفعي ۾ نابود ٿياسي، صاحب صفاتي.

مٿي ڪُنَ ڪپر لنگهياسي، منجهان ظلماتي
سِر سڃاڻي پنهنجو، ٿيا سي ذات اندر ذاتي.

"سچل" سارو پاڻ ٿيو، جنهن مام سُڃاتي
تصوير نظر نور اندر، پاتائين جهاتي.

سر جوڳ

سيڪنهن صورت ۾ سپرين، سرتيون ساري ڳالهه سليائون.

- ڏيو ٻاري سچ کي ڪاتي ڪين ڏٺائون.
- ساڻ روشنيءَ سچ جي، پرجهي سچ پسيائون.
- وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون موراڻون.
- "سچوءَ" سندي نانءَ ۾، اهڙيءَ طرح اُتائون.

❖

سَنديوَ سارَ سنڀال، يار مونکي آ ياد اوهان جي.

- مُون هُون ڏورڻ نہ ٿيا، الا آهن قاف ڪشال.
- اوهان ٻاجهون سپرين، جِيئڻ منجهه جنجال.
- ڪريو فنا فراق کي، وِجهان واجهہ وصال.
- ٻاجهہ ٻاروچا تو ٻوي، ههڙا ٿيڙم حال.
- راتو ڏينهان رُوح ۾، جُڪان لَئي جمال.
- سڪ "سچل" کي سپرين آهي، جيءَ ۾ تنهنجي جال.

❖

سهڻا توکي ڪيهو هاڻي، ڏوراپو ڏيان پلو من موهڻا.

- وس ويچاري ناه اصل ڪئون، تون پرين پاڻهين چاڻي.
- اندر منهنجي آهي اوهان جي، ڏاڍي سِڪَ ساماڻي.
- اوهان ٻاجهون وينـي اوتيان، پنبڻين مان پاڻي.
- "سچل" اصل ڪئون آهي اوهان جو، پنهنجو سو سگ سڃاڻي.

❖

(1) سيڪنهن سڄڻ پئي عيد ڪئي، مونکي رِيءَ پرين ماتم آ.

عيد اضحيٰ جي چوان، تو لَئي خوشي مون لَئي حشر
ملُ ته ماندائي لهي، نه ته سُولي سر انجام آ.

تين تاريخ اضحيٰ جي، سيد هلڻ سامان آ
هو سيد شهيد ٿيو، جنهن جو ڪربلا ۾ مقام آ.

ڪي چون آ هوريو، ڪي چون سوداءُ ٿس
ڪي چون سرسام ٿس، مونکي پرين پري پياريو جام آ.

مستن جي ملاقات جو، اصل ڪئون انجام آ
سارو قصو هن سُور جو، "سچل" توکي انعام آ.

سر جهنگلو

سيڪنهن ويڙهي تون وسين، تو رِيءَ آهي ڪونه ٻيو.

- چوليءَ هِيئن چاتوم، توکي سانول سڃاتوم
هر جاءِ آهي حاضري.
- هر جا حاضر تون، موتي کهڙي آهي مُون
هادي ڪڻ حجاب ڪي.
- ڪاٽئين قاضي ٿئين، ويهي ناحق فتويٰ ڏئين
سوريءَ تي منصور جي.

(1) (نوٽ: مٿين ڪافي جيئن فقيرن کان ٻڌو اٿم، تيئن لکيو اٿم.)

- موتي تنـيـن منصور، ڪَيئي مُلن جو مذڪور
شاهد تـي بيهي شرع تي.
- اناالحق آواز، هِي تا سارو تـنهنجو راز
ظاهر ڪُيئي بيهي زميـن تي.
- سرمد تي اسرار، ڪِيئي عالم ۾ اظهار
وري وڌءِ شور شهر ۾.
- هِي سڀ ڪم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ
جيڪي ڪريـن تون ڪريـن.
- حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون
تـنهنجو هُلُ هنگام هي.
- اُپريو آفـتاب، جَهليو تارن هڏ نـ تاب
گوشا وِيڙا گم تـي.
- "سچل" بِيَجُ گمان، تـي حيرت ۾ حيران،
جو موليٰ مون ۾ انهو تـئيـن.

❖

سل ڙي سوداگر ميان، تون تا آئـيـن وني هِتِ سودو کهڙو.

- هُتئون آڻي هِتِ ڪِئن لِڪايئي، ڪٽي مشڪ عطرُ.
- هوڪو هت پيو ڪيهو گهمايئي، ڪري تا گم گهرَ.
- ههڙي جواهر جي هِت تا ڪنهن سان، ڪيئي ڪانـ خبر.
- پـنهنجي اڳيون ڪيئي ميڙيو ئـي، سارو ملڪ شهر.
- ڇاڪـئون تون تا شاهـ ڇپـائـي، هنئيـن سان هَتَ مُهر.
- لکي ڏنا تو ڪيترا، مُلنِ ڪـي محضر.
- لعلان لڪيـن ڪيون پـڌريون، "سچو" وي سرور.

❖

- ساٿي ري ديس دلبر جي، سگهو وڃ يار پرين جي
خبر ڪا خير جي آڻين، اُهي خوش خاص سو مظهرُ.

پانڌي پيغام هي ني تون، سنياري دوست کي ڏي تون
ڳالهيون ڪر ياد پيي هي تون، آهين تون دل گهريو دلبر.

عاشق ايڏنهن نهاري تو، تولئي گوندر گذاري تو
سڄڻ تو سُرسُ ساري تو، اوهان لڳ آهِ منتظرُ.

زياده تو ڪري زاري، ڪيائين سو ڳچيءَ ڳاري
مَ ڪج تنهن تئون تون بيزاري، ڏسي ڏوهن سندو دفترُ.

درد ۾ دل بجانو تيو، اُتي يڪدل يگانو تيو
وٺي نياپو روانو تيو، رسيو تا روءِ وڃي رهبر.

اڳيان پيي ٻاجهه هُت پيئي، وائي تا هجر جي ويئي
دلاسا دوست ڪيا ڪيئي، لکڻ ڪئون هن اُهي ٻاهر.

آهي سڀ خيال هِي منهنجو، اوڏنهن ويو حال هِي منهنجو
”سچل“ ري سوال هي منهنجو، حضوري ۾ تيو حاضرُ.

سر جهولڻو - جوڳ

- ساٿي ساري سنيها ڇنج، پنهونءَ کي بيراڳي آهيان، وو.

حال ڏِسيو تو جو وڃي، سارو عرض ڪرين وو،
دلاسو ڪو دوست ڏنهُن، وڃي جلد ورين.

ڪارو ڪج نہ ڪيچ کي، ڇپر تا نہ ڇڏين وو،
ٻانهي چاٽي پنهنجي، گولن سان گڏين

توسان عمر گذاريان جا، ڪين هِت هئان وو،
ڳالهين تنهنجن ڳاريو، جا تي رت روئان.

ڏوريندي مون ڏونگرين، گهٽا ڏينهن تيا وو،
ٻُڌا هوندا هوت تو، جي "سچل" سڏ ڪيا.

سرسسئي

سرتيون منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت وني ويا.

- ڪونه ڪميٽيءَ جو ٽئي، هاديءَ رِيءَ همراهُه.
- پينر شهر پنپور ۾، آٽيندُنِ الله.
- هنڌئون جنهين هوت ويا، روئي چمان راهُه.
- پرڏيهين تي ناهه ڪو، وريتيون ويساهُه.
- آهي رفيق رُڃُنِ ۾، سندو سوز سپاهُه.
- ناهيم ٻئي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيچيون پرواهُه.
- معاف "سچوءَ" ڪي سي ڪندا، جيڪو ڏوهه گناهُه.

❖

سل سوداگر يار ڙي ڪهڙي ديسئون آئين آئين.

- ظاهر ٽئين تون اچي زمين تي، ڪٽي ڪستوريءَ بار.
- هلي اُتاهون اچي اِتاهين، هنجين سو پوتوئي هار.
- طرحين طرحين اچي ڪَيَئي هِتِ، صورت جا سينگار.
- شاهه آهين تون يا تہ گماشتو، لائيي ڪذِ قطار.
- اچي پياسي سڻ "سچو" ڙي، شوقون منجهه شمار.

❖

ساريو ڏينهن رئان ڙي، هيس جيڪي هوت پنهونءَ سان.

- ٻُڌڻ وارو ناهه ڪو، جنهن ڪي حال چوان ڙي.
- قاصد اچي ڪو اوڏهُون، پيرين تنهن پوان ڙي.
- ڏڪايو تان ڏيل ڪي، اديون اڄ اوهان ڙي.
- انهن ٻاجهون سرتيون، نت نت سور نوان ڙي.
- ماريو محبوبن جي، طلب ناهِ توهان ڙي.
- غرض نہ رکان لوڪ جي، هڪ سائين هوئن سنوان ڙي.
- "سچو" ٻاجهون سوز جي، ٻيون لاتيون ڪين لنوان ڙي.

❖

سهٽي سجڻ سان، نينهَڙو لايو سي.

- ورد پڙهيو ڙي وچ ۾ اديون، آڏو عشق آيو سي.
- سڀ وساريائين ڳالهيون ڏسڻ سان، ڏاڍو پُور پايو سي.
- ٻن وجهي ٻيون ڳالهڙيون، ڳلي ڳلي سو تا يار ڳايو سي.
- اول وقت عجيب جي سرتيون، اِنهيءَ گهورَ گهايو سي.
- "سچو" سَوَ مبارڪان، چاهڻ سر تي چايو سي.

❖

سو ڏاڍن جو ڏيهُ، جاتي نينهڙو وو نيڻ لايو.

- جاتي پُهچَ نہ پکيءَ ميان، سو سيڻن جو ساٿيهہ.
- جي وڃان در دوست جي، چمان پيرن ڪيهُ.
- جي ڪونيو ڪهن سپرين، وجي پکڙي تن پيهُ.
- سچل عاشق جي آهين، وَتِ وادوڙين وجي ويهُ.

❖

سگھڙي لَهج سنڀالَ، هادِي هن جي حال جي.

- ڪوته ڪريو قال ڪي، آٽي ۾ احوالَ.
- سگھو موتِج سپرين، تو رِيءَ ڪيم ڪشال.
- فنا ڪريو فراق ڪي، ويجھو ڪريو وصال.
- گھٽا لايَوَ ڏينھڙا، ماريس هن مثالَ.
- اوهان ٻاجھون سپرين، ھھڙا ٿيڙمِ حال.
- اڳڻ هن جي آءُ تون، سچل مَڃُ سوال.

❖

ساري ڏيھَ نہ ڏي ڙي، پانھنجي دل سمجھہ سنڀالي.

- ڳالھہ پڇين جي پرينءَ جي، حرف حال ئي جا ھي ڙي.
- اڄل نہ نڪر پتر جان، نينھن پاٽيءَ سان ني ڙي.
- هاريون انھيءَ حال جو، قرب سڃاڻن ڪي ڙي.
- پاڻھين آهن پڌرا، "سچل" سالڪ سي ڙي.

سر ڪلياڻ

- سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو اڄ ياد آيا سي
تنھن ڏينھن لاڪُون اڄ تائين، اُهي بر چشم چايا سي.

ڪيو تا قول سائينءَ هيءُ، مڙدن آڏو پڪو مون سان
هونداسين دم بدم توسان، اِنھيءَ وعدي وَڻاياسي.

ڏيو هِي تَنُ اطاعَتَ ۾، گڏيو هِي جان جانان سان
پري ڄاڻجو پاڻ ئي ڪي، لارِي هن يار لايا سي.

روزا ڪيئي نمازان، توڙي سَوَ ورد وظيفا
سڀيئي لڳ ظاهر آهن، سبق ساجن پڙهاياسي.

پئو جي خيال خاصي ۾، سڄاڻو پانهنجي صورت
ٻڌي ٻولي ڏسي ٿو ڪير، فڪر ٻيا سڀ ڦلاياسي.

وينو منجھ بادشاهه محلي، ٻولي ٿو ڪيئي اهو ٻوليون
اهو بادشاهه اهو بنگلو، نه ٻئي ٻولي پلاياسي.

جيڪي ڪيا دوستن مُون سان، اُهي ڳڻ تا نه وسرن ٿا
هئا گڏ جي حبيبن سان، چڱا سي دم لنگهاياسي.

شڪر الحمدلله، ٿو پڙهان لک بار شڪرانا
اُهي پيهي پڪي آيا، جنين لَئي پنڌ پڇاياسي.

"سچو" آهي سگ درازي، ازل جي روز سائن جو
پنهنجو سي ڪيئن ڇڏيندا هي، توڙي عيبن اُٺاياسي.

❖

سچو ناءُ ٿو سڏائين، ڇئو ته ڪاٿي تون آهين.

- ڄاٿي واٽي پاڻ کي، ڪِيئن ٿو ٻول ٻلائين.
- خوديءَ واري خيال کي، راهه انهيءَ ٿو رلائين.
- پير مٿو آگريون، ناءَ ٻيا ٿو رکائين.
- ڪاٿي تون پيدا ٿئين، ڪاڏهون وري تون آئين.
- ناءُ اهو ناپيد ٿيو جو، سچو اصل ڪٿن تون ناهين.

❖

- ساٿي تون يار منهنجي کي، نيئي پهچاءِ سنيهو هي.

ته قيدالماءِ جي قسمت وڏي دوري توکئون مونکي
سي پاڙج وعدا پنهنجا، ڪيا هيئي يار جاني جي.

ڪتابن ۾ وڏم منهن تي، ته ٿئي خورسندگي حاصل
لڳي دل اوچتي توسان، وساري برهه بي تي ٿي.

مون کي توتان فراقي ڪيو، اها فرياد ڪنهن کي ڏيان
هُو جي ڳالهيون ڪِيَئي سانول، "سچوءَ" کي ياد آهن سي.

❖

ساڳيو مون تا سچايو، اُهو جيڏيون يار منهنجو.

- اصل لاڪون آهي انهيءَ سان، هن نماڻيءَ جو ناتو.
- تہ ڪو ٿي ڪري جوڳي ايندم، چاڻ نہ هيئن مون چاتو.
- ڏسي صورت ساري سهڻي، عشق انهيءَ سان مون لاتو.
- هيءَ نماڻي عيبن هاڻي، پيچ پاڻهي تن پاتو.
- سَهو "سچو" ري ڏسي اسانجي، چِتُ نہ دلبر چاتو.

❖

سالڪ راهہ سچاڻين، پاڻ نظر ۾ آڻين.

- جاءِ نظر جي آهين اصل ڪوڙن، يار يقين جي جاڻي.
- پاڻ وڃائج نورُ نظر ۾، تہ وسرئي ٻي آڪاڻي.
- فنا ڪنون اڳي بقا نہ ٿيندين، جيئن پارو ۾ پاڻي.
- صورت منجهان ٿي ٻي صورت، وڃون سا گرد اڏاڻي.
- هاديءَ حقيقت هِيءَ سمجهائي، "سچوءَ" ساهہ سيباڻي.

❖

سچ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سچ کي الو الو.

- مڇي جيئن آب ساڻ، آبُ پڇي طغيان.
- تارو پڇي نجم کي، موج پڇي مهران.
- ڦڙي پڇي مينهن کي، شاهہ پڇي سلطان.
- هو مڙيوئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيو حيران.
- "سچل" جي صفت ۾، اهو باريءَ ڪيو بيان.

سر ڪلياڻ - پهاڙي

سيڪنهن پار پرينءَ جو پرتو، خوابڻن عين ڪُلايو.

- وحدت مون وو ڪثرت ڪيائين، رنگيءَ رنگ رچايو.
- تون مان جي پردي مثون ٻاهر، سرتيون ڇو نہ سڏايو.
- طرحين طرح پوشاڪان پهرين، لالڻ پاڻ لڪايو.
- هي سڀ حُسن هاديءَ جو آهي، پينر ڪيم ڀُلايو.
- پاڻان ڳجهي ڪيائين پڌر، هيءُ تنهن هنر هلايو.
- "سچيڏني" جي صورت ۾ تنهن، اهڙي رمز رَلايو.

سر مارئي

سارِيان آءُ تان لوءِ پانهنجي جو لويون، عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر ميان.

- هُت وڙيچا وينا ورهائن ڏيهاڙيون، سي ڏئونرن سنديون ڏويون.
- سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءُ تا روز، منجان تي روئون.
- ڪنڍيون ڪوڪڙن سنديون، ڳچيءَ پائن تا، هت پيڪا پوئون.
- صبح سانجهيءَ ڪٺن خوشيءَ سان، اُهي سي تا آب پريون سي اويون.
- پانڊين پائن پُسيون، ساڳ سگر سنگهار "سچل" سي سويون.

❖

سومرا سائين، توڪي وو، ڳالهيون چونديَس آءُ حال جون هوءِ هوءِ.

- عمر اَباڻي پار ڏي، ڪرڙ ڪڪوريا ڪي وو.
- ڪوڪڙ چونڊيا ڪانڌ سان، پٽ چڙهي پيڪي وو.
- سگر ڪَين سقرا، سَئين جان سيڪي وو.

سر وهاڳ

سک ڪيها سچڻ ڙي، ٻنِ جيئڻ منهنجو جيڏيون
سڪن وڏيس سرتيون، آءُ پرين ڪان پري.

- ڏک چگيرا دوست جا، جي قادر ڪرم ڪري.
- سوئي عاشق ڪونجي، جو محبت منجهہ مري.

- ڪاڪيُون مونکي ڪينَ ڪي، ٿي ساجن ريءَ سَري.
- جيڪا اديون عشق جي، آئي هيٺ اري.
- تنهن جان جٺو قربان ڪيو، روڏئون منجهه ذري.
- ”سچو“ سوز اُنهن جي، ڳاري منجهه ڳري.

ش

سر آسا

شاهه ٿيو سيلاني، نه ڄاڻان ڪيهيءَ ڳالهه ڪئون.

- ٿي گداگر ڪري گدائي، شرف چڙهي سلطاني.
- صورت اِنهيءَ ڪير سڃاڻي، هَني هَني سڀ حيراني.
- ظاهر پنهنجي ذات ڪيائين، جوڙ ڪري جسماني.
- ڀول نه ڀُني ڪنهن اوهين ڀلجو، عين اٿوَ انساني.
- اُهو اندر اُهو ٻاهر، ڪير ٿيندو قرباني.
- ”سچل“ سر ’سري‘ ڪر ڄاڻي، جان جٺو سڀ جاني.

سر برووو

شال مون سان وريون وريون، ڪانگا ڪرين ڪِي ڳالهڙيون.

- جدائيءَ جون جان تي، پُورن ڪيون پَريون پَريون.
- درد سڄڻ جي دل منهنجي کي، زور ڪيون هِن ذريون ذريون.
- ڏکن واريون ڳالهيون، اسان ڀي دل ڀائي ڏريون ڏريون.
- وايون وصل جون متان ڪرين، يار ”سچل“ تون ڍريون ڍريون.

❖

شال اوڏاهون ايندا، وٺي خاطر خبران خير جون.

- مون هن نماڻيءَ کي، اچا دلاسا ڏيندا.
- پرين پاٺين پاڻ سان، هيءَ گولي گڏيندا.

- محبت مون مسڪين سان، شال نباهي نيندا.
- ڪيچي ڪڏهن ڪينڪي؛ هي چيچر چڏيندا.
- جيڪي اڳيون پويون، بديون سڀ بخشيندا.
- پڪا پڪن سامهان، آٽي اوڏو اڏيندا.
- ڏک سک پائي سپرين، هن ڏکيءَ سان تيندا.
- ٻاجھه ٻريا ٻاجھه مئون، ڪري "سچل" سڏيندا.

سر پيروي

شخصُ ڪو جامون ڪري، جامون نه نالو سو سڏاءِ.
نانءُ سو پنهنجو سڏائي، سر جنهين جي نانءُ آءِ..

ڪيئي ڳالهيون ڪوڙين ڪري، محلي ۾ وينو پاتشاهه
ائين نه چئبو آهي هي تا، ماڳ محلي جو الاءِ.

آهي عجائب جيهڙو، بازيگري هن جو بناءُ
پاڻ تان پنهنجو لهي، هن سِر جو سارو سماءُ.

رمزِ مرشد ڪؤن سهي ڪيم، جو ندا سوئي صداءِ
اُس "سچل" ريءَ سچ ڪئون، ناهي ذرو ڪوئي جداءِ.

❖

- شهر هڪ آهي عجب، الملڪ تنهن نالو تيو
جنهن گهٽي ڏٺڙي، تهين ڪوشس ڪشالو تيو.

جو شهر سو بادشاهه، هي نوع نرالو تيو
جو تيو واقف شهر، چڪتِ تهين چالو تيو.

ڪنهن ڪي صحيح تنهن شهر جو، ساعت سنيالو تيو
سو خاص عامن جي اڳيئن، لاغرض گوسالو تيو.

جو اوڏانهن ويو تنهن شهر، سو بي شڪ بي تالو تيو
"سچوءَ" سڃاتو شهر سو، عاشق الله وارو تيو.

❖

شوريدن ڪئون حال، پڇج وڃي پوءِ هُوءِ ۾.

- مجلسِ وچج اُن جي، تا ڏسنين خاص خيال.
- مَي ڪئون پڇج مَي ڪي، تان ڪندئي ڪوٺ ڪلالُ.
- آگهه لهج اُن جي تا، تو وڃ تڻ آهه وصالُ.
- ورق وسارج وچ جا، تان فارغ ٿئين في الحال.
- عقل اُڇلج آب ۾، تان برهه ڪرئي بي حال.
- جي تو وسِهين ويسلا، هِي "سچل" سچ سوال.

سر توڏي

شهَ درياهه تيِ وڃي پياسي،
لهرين ڪيئي ڪُنَ لَسَ لنگهياسي.

- سِيرَ سمونڊ جي آندا اُتاهين، وسري ٻيا سڀ وهڻ وياسي.
- ڪارونيار مڙيوئي قلزم، نينهن برابر اُتي وو نياسي.
- ظاهر پهريون لَهر ڏٺي سي، پوءِ سارو پاڻي پاڻ ٿياسي.
- فوق تحت جي خبر نه پوندي، خوني موج به موج ڪنياسي.
- "سچل" اتي سچ ٿيو، چڙ چلڪ جي سر چڙهياسي.

سر جوڳ

شان سيد تنهنجو شهنشاهي، آهيان مان آهيڙياڻي.

- گذر اسان جو ذهن گلويون، هِي ترندي توريائي.
- شاهه آٽائي شوق پنهنجي مان، ڏولي ۾ ڏقيرياڻي.
- ٻالِ جتي ڪان ٻاليشاهڻ، نالو آهِه نماڻي.
- چٽ چنوڙي چولو ڇيهاڙيون، سر تي پوتي پراڻي.
- اَنا اَحمدُ بلا ميمي، پارس ڪئي آ پڇاڻي.
- "فَاذڪروني اَذڪُرڪم"، سچل ذات سڃاڻي.

سر سارنگ - پيلو

- شي آهيان ڪاڪيُون ڪهڙي، جا سمجهي نہ چاڻان.

بعضي ڀايان پُتلي، يا آهيان گڏيءَ ڏور
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور.

يا تہ محل آهيان، جنهن ۾ شاهنشاهہ
ٻوليون ڪري ڪيتريون، تو دَرونئون داناهہ.

يا تا گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار
يا تہ موج درياءَ جي، جا ٻوڙي تي ٻاهار.

يا ميـنديءَ گل تان آهيان، جنهن اندر لالائي
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن سر ۾ سرهائي.

يا تہ چشمو آهيان، جو اَبَر ڀريو آب
تنهن ۾ سايو سج جو، يا پاڇو ئي مهتاب.

يا تہ پاڇو ئي حق جو، آءٌ اصل ڪؤن آهيان
جنهن ۾ ڳالهہ ناهِن تا، سو ٻيي تا ناهيان.

ڳالهہ سچوءَ تا سمجهي، ڪؤن هاديءَ اهائي
تا غير خدا جو ناهئين، آهي صاحب سدائي.

سر مارئي

شال نہ وسارين، مارو مونکي شال نہ وسارين،
درد جنين جو آهي دل کي.

- انئي پهر اوڏهون، نيڻ تا نهارين.
- پَهون پهنور پانهنجا، ويجها وهارين.
- جوڙِ اسان جا جهوپڙا، ماڙيون تيون مارين.

- هردم طلب جون تن ۾، تارون تنوارين.
- سنگهارن جون ساهہ ڪي، ڳالهيون ٿيون ڳارين.
- "سچو" سارين جن ڪي، سي بي تو سارين.

سر مومل

شوق پيچي شڪ شير، پيارل ماري آهيان.

- ڪوڙين منجهؤن ڪو لهي، هن پونءِ سندو پير.
- اچي پيڙس اُتهين، جاتي اير نہ پير.
- دوست دشمن هڪڙو، ڪنهن سان پائين وير.
- "سچل" سگ اوهان جو، سنڌئي سڄاتو سير.

ص

سر بروو - تلنگ

صحيح سڃاڻج ساري، خود آهين وي خدائي.

- لکين ستارا گم ٿيا، روز ڪئي روشنائي.
- ڪوڙين قطرا ڪارونيار، ويا ڪين سموند سمائي.
- سڏ جنهين ڪنهين سر انهيءَ جي، مٿي جنهن جي آئي.
- تخت هزارو اوري رهيو، پري رهي بادشاهي.
- "سچو" سچي ڳالهڙي، پاڻ پرينِ پُرجهائي.

سر پيروي - جهنگلو

صحيح سڃاتو سين هاڻي، اصل اسان جو تون آهين.

- عاشق متان اوٿئين، پنبٽين مئون پاٽي.
- ڪڏهن اسان جي ڳالهہ ڪئون، عذر متان ڪو آڻي.
- عاشق مٿي ڳالهہ جي، وري تا ڏين وراڻي.
- ڏينهئون نئين آهي، ناهي سا پرت پراڻي.
- تَنَ ۾ تنهنجي اصل اسانجي، "سچو" سڪ ساماڻي.

سر تلنگ - ڪنيات - بروو

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.

- ڪاٿئين حنبل شافعي، ڪاٿئين مالڪ نعمان.
- ڪاٿين پنڊت پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن.
- ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان.
- ڪاٿئين مير وزير ٿيو، ڪاٿئين ٿيو دربان.
- ڪاٿئين طفوليت ۾، ڪاٿئين پير جوان.
- ڪاٿئين احمد بلا ميمِ، ڪاٿئين هنومان.
- ”سچو“ پيو صبر ۾، هوءِ حيرت ۾ حيران.

سر پهاڙي

صدقي صدقي هي سر ميان، آهي ڪوهيارل تنون صدقي.

- قاف ڪشالا ڪيچ جا، ظاهر ٻجهن رِڙُ ميان.
- جبل گهايا جوش مٺون، گهاٽي ڪيڙو گهر ميان.
- محبت جي ميدان ۾، گهيڙ ڏسي وِچي گهڙ ميان.
- وِيهڻ مونکي وِهه ٿيو، ترسان هَڏ نه ترُ ميان.
- جيڏيون جانب جت لَڏي، پِڻي پِڻي وتي هي ٻرِ ميان.
- حبيباڻي هنج ۾، ڪيهه ڪري وجي ڪرَ ميان.
- ”سچل“ سچي سِڪ مَٺون، فاقو ڏسي نا قُرِ ميان.

ط

سر بلاولي - سارنگ

طلسم افلاطون بنائي، ڏسي سا سينگار جي.

- سڪندر ليکي سال لنگهي ويا، ساعت هُئي هڪ وار جي.
- نظر نه آيا باغ باغيچا، حرفت هئي هشيار جي.

- ڪاٺيءَ اَڪ جي ڪئون ٿيو ٻاهر، سڌَ پيس سنسار جي.
- چوري پاتشاهه اُتي ڪئي، ٻولي ٻڌائي پلڪار جي.
- وري ورايئون جاءِ انهيءَ ڪؤن، خبر پيس اسرار جي.
- اصل اُهوئي هن جهان جو، ڳالهه اٿو اعتبار جي.
- دنيا هڪدم آهي "سچل"، سا بازي بازيگار جي.

سر بروو

طعنا سر تي سهندي آهيان، سرتيون ساري لوڪ جا.

- ٻاجهون ٻاروچل جي، راتيون هت ڪا رهندي آهيان.
- قاف منجهارئون ڪاڪيون، لعلن لوڙي لهندي آهيان.
- پسڻ ٻنان پرينءَ جي، ناهه نه ٻي ڪنهن نهندي آهيان.
- پينر هن پنيور ۾، ريءَ ٻاروچي نه ٻهندي آهيان.
- سچو سچيءَ سڪ ڪئون، ڪيچن ڪڍ ڪهندي آهيان.

ع

سر آسا

عشق لڳئي تا ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين.

- سورن جي سِٽون ڪهڙيون پڙهين تو، ورهه نه پچندئي ولاالضالين.
- ديد ڏسي ڪي ديد اڙائن، تينهن نه پڇندائي نابين.
- جلوَو عشق جو عرش ڪرس تي، سر زمين ڇا زير زمين.
- دل سان ذرو درد قبوليم، ڪشف قبور ڪرامت ڪين.
- شبها شڪ سيئني لاتم، پاڻ سڃاڻڻ ساڻ يقين.
- طالب ڪي تلوين گهرن ٿا، تہ ڪي تمنا تي تمڪين.
- هاديءَ عبدالحق "سچوءَ" ڪي، توڙڻ هيءَ تان ڪئي تلقين.

سر بلاولي

عشق آهي اربابُ، تقويٰ طاعت رعيت تنهنجي.

- ڪلُ ستارا گم ٿيا، جڏهن اُڀريو آفتاب.
- جي مُڙئي ويا ميدان مٿون، اُتن آهي عتابُ.
- اصل عاشقن جو، ڪولي نينهن نقاب.
- شارڪ ڀڳا سنيري، جڏهن آيو نينهن نواب.
- "سچو" ورتو جنهن ورهَ ڪي، عالي تنهن القاب.

سر بروو

عاشق ڪر آرام، پرينءَ گهٽو پڇيو تنهنجو، خوشيءَ ۾ رَهُ.

- طرف تنهنجي آهه اچڻ جو، اسان جو انجام.
- رهبر عاشق ڪي وڃي، سوَ لک ڏيج سلام.
- اڳنان آهي تونهانجو، سرهائي سرانجام.
- جيڪي چيو تونهانجو آهي، ڪُلي قبول ڪلام.
- "سچو" تنهنجي ساهه ڪي، آهه محبت بخشي مدام.

سر توڏي

عاشق ڪر آرام، آءٌ تا توکي اوڏو آهيان.

- بيو نه پائنج پاڻ ڪي، آهين هڏ نه عام.
- تون تا آءٌ ئي آهيان، پيج دُوئيءَ جا دام.
- مطلب آهي تونهانجو، سريرئون سرانجام.
- ڪيئن ڪيو تون پاڻ ڪي، بندو ٿي بدنام.
- ڪفر زلف اسان جي ميان، مُنهن سندم اسلام.
- پانهپ پيائيءَ ڪنون ميان، "سچو" ڪج سلام.

❖

عشق اکين نيئي لايو، مستانن محبن سان.

- سر متي مون سرتيون، ورھ ميڻهن وسايو.
- البت ويندي اوڏھين، پل پاڙيچيون نہ پايو.
- آءٌ ڪيئن ويھان ماٺ ڪري، سورن ھت سجايو.
- جا سيبايم سرتيون، ڳالھ اھائي ڳايو.
- اصل آھ عجيب جو، "سچل" تي سڀ سايو.

سر تلنگ

عين اٿو انسان، پول متان پُلي ڪائي.

- دلق درويشي ھري آيو، صورت ھن سلطان.
- آھي جڳ ۾ سٺو ڙي جيڏيون، صاحب جو سيلان.
- ڏسي تماشو يار سڄڻ جو، ھر ھمہ حيران.
- واھ عجائب جيھو ڪيائين، "سچو" ڙي سامان.

سر پهاڙي - گجري

عشق تنھنجي ماري آھيان، آءُ اچي ڏي دوست دلاسو دل کي.

- سگھہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، ڪيچ وٽن ڏي ڪيئن ڪاھيان.
- آءُ تا ٻانھي تون تا سائين، سگ نہ ٻيو ڪو ساھيان.
- ڪم اچي جي ھي سرُ تنھنجي، تا پيي نابر ناھيان.
- آءُ اڻ سُونھي سُونھي ناھيان، ڪاڏي ڪرھلُ ڪاھيان.
- ھوت ڪرين تو ھھڙيون، اَسرُ ھڏ نہ لاھيان.
- اڳڻ آءُ تون يار پيارا، سڀ پلايون تي پانيان.
- ورھ اوھان جي ڪيئي ولوتيا، "سچو" چوي آءُ چاھيان.

سر پيلو - ڊوليو

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گُل سناسي
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.

برهي جي اک بيني، ڪائي مثال چيني
توڙي رَنگئون رنگيني، چينيءَ جي مٽ نہ ڪاسي.

گلِ آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ ڪون ڪاتي، رهندو پتنگ پياسي.

صورت ۾ جاءِ دم جي، دَمُ ريءَ نہ صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي.

ابليس جي وڏائي، هر ساس تي سوائي
جيوڻ تہ دم پلائي، نہ تہ تحتُ نحس ناسي.

ثابت "سچل" سچاري، يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري، تِنِ تَنَ متي اٽاسي.

سر جوڳ

عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر، ساريان تا لوءِ پنهنجيءَ جون لويون.

- هُتِ ويڙيچا وينا ورهائن ڏيهاڙيون، سي ڏوُنرن سنديون ڏوريون.
- سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءٌ تا روز مُنجان تي رويون.
- ڪنڊيون ڪوڪڙ سنديون، ڳچي پائن تا هت پيڪا پويون.
- صبح سانجهي ڪٽن خوشيءَ سان، اُهي آب پريون تا اوريون.
- پاند ۾ پائن پُسيون، ساڳ سگر سنگهار "سچل" سي سويون.

سر جوڳ - آسا

عاشق ڪيتئُي اداسي، وهه واهه ڳالهه خاصي.

- روز ازل ڪنون لُونءَ لُونءَ منهنجي، واءَ وِرهه جي واسي.
- دلڙي اسان جي سهڻا سائين، پهريون ڪيئي پياسي.
- هيڏي هوڏي ڪين وياسي، باس اها اسان باسي.
- عشق نعرا سُڻ اشارا، هي دل لڳي هراسي.
- بيخوديءَ مون باغ بهاران، خوديءَ کانءِ خلاصي.
- برهه اوهان جي ڪيو بيراڳي، "سچو" رنگ سناسي.

سر جهنگلو

- عاشق اکيون پٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان
ظاهر زباني تو ڪريان، عجب جيهو اسرار ميان.

اعتقاد فردا جو نه رک، اڄ دوست تنئي اظهار ميان
جن کي پسڻ هِتِ پريںءَ جو، هُتِ پيي تنهين ديدار ميان.

سالڪ سهي ڪي تا ڪرين، صورت سندو گلزار ميان
ٻانهون ٻڌين چو ٻين کي، آهين تون سپهه سالار ميان.

بلبل اول ڪر پاڻ کي، گهتُ گهتُ سارو گلزار ميان
جي تون زليخان جان ٿئين، ساجن سيو سنيگار ميان.

تون تا سچيءَ هن ڳالهه ڪنون، عاشق نه ڪر انڪار ميان
جيڪي چيو مرشد توکي، آڻج اُتي اعتبار ميان.

سَرِ وِ پا اهو ساجن وسي، تيءِ پاڻ ڪوُن بيزار ميان
آهي وَسُ سچو سڀ يار جو، ناهه ڪو اسان اختيار ميان.

❖

عاشق جي احوال جي، تون ڪوهُ نه پُڇين ڪَلَ.

- راڻي ڪارڻ تي روئي، محل چڙهي موملَ.
- سهڻي گهڙي سير ۾، آڻي عشق اجهلَ.
- سسئيءَ گوندر گهاريا، پنهونءَ ريءَ هتِ پل.
- ڪڏهن ٻُڏي ڪانه ڪا، جهانگيئڙن تي جهلَ.
- سڪ "سچوءَ" ڪي سرتيون، ڪيا هينئڙي اندر سلَ.

❖

عشق وڏي مَر تنهنجو، وي ڏولڻ تڏ طعنا ڪيم توڪي.

- تا ڪي سڃاڻان عاشق توڪي، اهو هُنُر آهه منهنجو.
- ڪنين ڪنين ڪي لڳي اسان جو، عشق اصل ڪئون اهنجو.
- اها وراڻي آهه "سچل" ڏنهنُ، راضي اوهين هڏ رهجو.

سر ڌناسري

عشق نه توڪان ڌار، سمجهه صحيح پنهنجو پاڻ سڃاڻج.

- منجهه تي بادل منجهه برساتيون، منجهي مينگهه ملهار.
- منجهه درياهه وهن تيون واهيون، ويرن ناهه ڪو وار.
- ناهي پنهنجو پاڻ نڳايوئي، رات نڳيوئي نڳ يار.
- منجهه مدينو ڪعبو قبلو، منجهي مصلا چار.
- سهڻي ويچاري، چِتن ٻُلائي، وَرُ ڙي ميهر يار.
- منجهه ئي مڙهيون، ماڳ مسيتان، دائرا دم ديدار.
- پنجتن پاڪ پساءِ پيارا، چگا ۽ چارئي يار.
- "سچل" ڪي آهه سڪ پرين جي، هر دم ليل نهار.

سر سارنگ

عشق اسان وٽ آءُ، اچي تو تا سانوڻ لايا.

چئنچل پيهل ٿي چوڏاري، مينهن رات ڪئي موچاري
عزت لڌي آسمان، پرينءَ اچي پير گهمايا.

بوند برهه جي برسي باري، جوش اڪين مئون جَرَ ٿيا جاري
بيحد ٿيا باران، اصل ڪئون واهه وهايا.

گل ڦل گاهن ڪئي گلزاري، مچيائون سارنگ جي سرداري
سهسين ٿيا سامان، اکين آگم لايا.

يار "سچل" چئي محب ملياسي، بيشڪ دل جا درد لٿاسي
شاهي رکيائون شان، اچي تن حڪم هلايا.

سر ڪسوري

عشق اول آزمائي، ڪاڪُيون ڪيچين جو پير پوءِ پائي.

- سر تي سهج سور سٺاٽا، ياروچو ٻولائي.
- صحيح ملنديءِ هوت حقاني، رانول مئون روُ لائي.
- عاشق صادق وو "سچيڏنا"، پولي ڪنهن نہ ٻلائي.

سر ڪِسوري - جوڳ

- عاشق مرندا ڪينَ ڪي، رهندا ڪين مڪان ۾.

ديواني درياهه جو، پيتئون پيالو پُرُ ڪري
اجر منجهه امر ٿيا، اُهي گڏيا ڪين جهان ۾.

غيب ۾ جي غرق ٿيا، تن گهاءَ گردن ۾ لڳا
ٻولي ٻولن ٿا ٻي نہ ڪا، اُهي رهن الامان ۾.

ڪَيئي پڙهندي سال ٿيا، روزا نمازون نفل ني
تن ڪنن ڪَلَ نہ ڪا، باطن جي بيان ۾.

چيـن ولايت گهر ڪري، گهڙي گهارن ڪيـن ڪي
پـسن هادي حق کـي، رهن تـا بيابان ۾.

هر دم آهي دم دوست ڏي، اُهي سونهن تا سرانجام ۾
”سچوءَ“ کي سوئي مليو، هي گرُ اَچي تہ گيان ۾.

ع

سر تلنگ

- غافل ٿي نہ گذار، عاشق روز اَزل جا، واحد کي نہ وسار.

صَيقل ساڻ ثناءَ ذڪر جي، اندر قلبُ اُجار
لنوُ لنوُ منجهہ لقاءَ پرين جو، ديکـيـن تان ديدار.

فـاذڪُروني اذڪُرڪُم، ٻاهر نـہ ٻاڪار
ياد ڪندن کي ياد ڪري ٿـو، ثابت صدق ٻيهار.

ترس نہ، توڪل جو ٻڌ ترهو، سر سچڻ کي سپـار
پـيهي اَنت عميق بحر ۾، اعليٰ اَمل برار.

هوتُ چڏيو حيران وَتيـن ٿـو، ترُ ڪيو اندر تار
بـندا ناهہ بقا دنيا کـي، غـافـل دم نـہ گذار.

صَحي سڃاڻ تہ ساڻ وَسيئي ٿـو، شڪ نہ شُبهہ شمار
وَهُو معڪم عيـنها ڪنتُم، پـيهي ڏس پـاتار.

مِن لہ مولا فلہ اَلڪل، ڪري نظر نهار
هوتَ گڏيو جن يار يگانو، حاصل تـن هر ڪار.

ڪڍ ڪشالا سور مرَسَل تون، من منجهيئي مار
ڏکـن پـٺيءَ سک سدائـي، حق چيو هر بار.

"صاحبڏنا" سمجھ صحي سِر، پارون تڪر تار
ليس في الدارين ِالاھُو، پـِرَمَ ہي ڪنھن پار.

سر مارئي

غم ۾ ڪيئن نہ گذاريان، ڏوتين وِچون مونکي ڏينھن پيا.

- ميان ملڪ ملير ڏي، ڪنيو نيڻ نھاريان.
- پڪا پـھنوارن جا، ساعت ساعت سنياريان.
- راتيان ڏيـنھان روح ۾، ساھيڙين کي ساريان.
- وس جي ھُوئي ڪوئي منھنجو، ڪڍ پاڻ قطاريان.
- پـَت پنھنجي پاٺھين، پھنوارن سان پاڙيان.
- يادَ ڪيوسي ڳالھيون، پنھنجو پاڻ تي ڳاريان.
- موڪل ڏيم مِتين مِڙان، گھڙي ھت نہ گھاريان.
- ٻڪر ٻاٻاڻن جا، چھرائيءَ سان چاريان.
- جان مون روح رڳن ۾، ويڙيچا نہ وساريان.
- جا لوئي آنديم لوءِ ڏنھن، عمر شال اُجاريان.
- حال پسي ھي پنھنجو، ماروئڙن لڱ ماريان.
- ھي پت پتيھر گھوريا، طولَ ٻانيان تلواريان.
- ڪرَ لھڻ لَئي ڪانگڙا، اوڏنھن روز اُڏاريان.
- "سچل" سنگھارن ڪئون، ھي سِرُ ھَڏِ نہ واريان.

ڪ

سر بلاولي

- ڪريان يارو مسلمانو، عشق جي ڳالھ اڄ ڪيھي
سورھ سوريءَ اناالحق جو، ھڻن نعرو نسنگ نيھي.

چڏي ھي عيش عالم جا، وڃن تڙ پيڙ ۾ پيھي
وڏايو غم سندن غمزي، تنين دل رمز سان ريھي.

وجي تا ورهه ارن ڪئون، وٺي اچو ورهُ ڪي ويهي
اليلان عشق ڪيون ڪيڏيون، لاتائون جان جڙ جيهي.

ڪئي ڪنهن ناز نيڻن جي، ديواني درد هيءَ ديهي
"سچو" روئڻ راتو ڏينهان، عادت آهي عاشقن ايهي.

سر بروو

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪنديس آءٌ، حيلا هت هزارين وي.

- پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي، بره اوهان جي بندي آءٌ، وري ماڻ نهارين وي.
- پرچي اڱڻ آءٌ تون، پايان ڳچيءَ منجهه گندي آءٌ، يار گڏ گذارين وي.
- جيهي تيهي هوت اوهان جي، چڱي توڙي مندي آءٌ، سا تون چو تو وسارين وي.
- اوهان ٻاجهون سپرين، نيڻئون وهايان نندي آءٌ، پيو "سچل" پياري وي.

❖

ڪالهه اسان تو ڪيون ڪيون، يار سڄڻ ڳجهيون ڳالهيون.

- تين پراڻيون ڪين ڪي، نتُ سي آهن نيون نيون.
- رهيون آهن روح ۾، چڱيون اوهان جي چيون چيون.
- ڪين وسرن ساهه ڪئون، اُهي تا پاڙڻ پيون پيون.
- مٺيون ڳالهيون توهان جون، هن "سچل" ساهه سنيون سيون.

❖

ڪالهه اسان وٽ ويهي ويهي، يار سڄڻ ڪيوَ ڳالهيون.

- سي نه وسرن ساه منهنجي ڪئون، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي ڪيهي.
- بيهر ٻاروچا ٻاجهه پوئي، تون آءٌ پڪي هن پيهي پيهي.
- ڏينهن به تي چار دوست اسان جي، دل سان رمزن ريهي ريهي.
- هُج هميشه يار اسان وٽ، پرين نه تج پرڏيهي پرڏيهي.
- ڪيو بيراڳي ڏينهن انهيءَ لاڪون، دوست "سچل" جي ديهي ديهي.

❖

ڪالهہ قاصد اوڏهون آيا، اها ڪيائون آگاهي.

- پار پنيور جي هٿا اچڻ جا، سات ڏٺيءَ ڪي سايا، چڱي ڏنائون گواهي.
- منهن محبوب جو ٿيو اسان ڏي، پياسي پنڌ سجايا، ڪيها رهبر ڪريان راهي.
- يار مسافر ڪيم اُداسي، ڏور جنين ڏينهن لايا، آٽي تون ميڙ الاهي.
- سچل اُتاهون اچي رهي هت، ويڙها سي يار وسايا، غم لٿي گمراهي.

❖

ڪڏهن الا جي ايندا، يار سانگيئڙا ميان.

- سگهي اچڻ جون ڪانگ اسان ڪي، اچي واڌايون ڏيندا.
- ڏيئي دلاسا دل منهنجيءَ ڪي، نال نماڻي نيندا.
- اهيئي اُميدون آهن اسان ڪي، هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا.
- ڪين سي ڏسندا ڏوهہ اسان جا، بديون سڀ بخشيندا.
- آهي اوسيئڙو اکڙين ڪي، گولي ساڻ گڏيندا.
- ڪيچ وٹن ڪنون پٽي سي پڪڙا، آٽي هت هوت اڏيندا.
- جيهو تيهو "سچو" سندن آ، پانهنجو ڪين ڇڏيندا.

❖

ڪڏهن قاصد وري ويندين، ديس ٻاروچل جي ميان.

- خبر خوشيءَ جي وٺي اُتاهون، سگهو اسان ڏي ڪِي ايندين.
- دردمنديءَ جي دل ڪي هاٽي، ڏاها دلاسو ڏيندين.
- سپيرين جي ڳالهہ ڳجهيءَ جو، وڃي سو واقف ٿيندين.
- سوز فراق يار "سچوءَ" جو، تون هيءُ نياپو نيندين.

❖

ڪيچ منهنجڙو ڪمر ني، آهي پلو پينر ڙي.

- ويا ڪيچيئڙا نڪري، گوليءَ ڏيئي غمر ني.
- دعا ڪريجو جيڏيون، جاني ٿيان جَمرُ ني.
- ڪنهين ڇن نہ ڇڏيان، دوستيءَ وارو دَمرُ ني.

- قيامت تائين ڪينڪي، تيندي طلب تَمر ني.
- پيرُ نہ چڏيان پرينءَ جو، توڙي تئي چيهاڙيون چَمر ني.
- جهڙ نہ پائنجو جيڏيون، اُهو اڪين جو آگَمرُ ني.
- سِڪنون "سچو" پرين ڏي، راتو ڏينهان رَمرُ ني.

❖

ڪيچي ڏنم اڄ اِتي، اوهين تا چا ٿا پانيو.

- سال لنگهي ويا ڪيترا، ڪاڪيون ڙي تا ڪَتي.
- اڄ ڪاڏي ويندِيس ڪينَ ڪِي، هوت سو منهنجو هِتي.
- منزل محبن جي جتي ميان، هونديون سرهايون تتي.
- موڳائي جي مونجهہ ۾، الا ڪانڌ ڏسي ڳپ ۾ ڳتي.
- سودو سيڻن سان حاصل تيندو، ميان "سچل" سر ڏتي.

سر برو و - جهنگلو

- ڪريان اسرار مان ظاهر، هئي حيرت ۾ حيراني
نڪا ڪا جوڙ جسماني، رهي ڪت شڪلِ انساني.

عجائب بحر وچ پيوسي، جسم ۽ جانِ ڪوُن ڳيوسي
لهر اَپي اَپ هڻ تيوسي، تئي سڀ موج نوراني.

سُٺو منصور ڪي سِر سِي، سُوليءَ ڪنون نہ ڪڙا ترسي
برهہ دي بوند سر برسي، جسم ڪُنون ٿيا فنا فاني.

ماريُس اَناالحق دا نعرا، ٿيا هَس جسم سو پارا
پڙهيُس سِر حق دا سارا، ڪيتُس جند جانِ قرباني.

نظر ڪوئي غير نا آندا، نہ دم وچ غير سماندا
اَپي نال اَپ لنو لائيندا، تئي سڀ روح روحاني.

منجهہ اَنا اليہ اِشارت، هئي عبرت هَمہ حيرت
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، "سچو" هنہ سر سُبحاني.

سر بروو - جوڳ

ڪيئن چوين تو ڪيئن چوين تو،
لوڪ ناهي ٻيو ڪيئن چوين تو.

- لوڪ سيوئي اُهو آهي،
ڪيئن ٻيائيءَ منجهه پوين تو.
- اَڃاڻ بنائي پاڻ ٻهاريئي،
غمزي اِنهيءَ ۾ ڇو نه ڳنوين تو.
- ساڻ سچي تا سَچو ڳذارين،
راند روئڻ جي ڪيهي روين تو.

سر بروو - پيروي

ڪيهي چال چلي تو، اڙي جيڏيون يار منهنجو.

- "وَنَفَخَتُ مِنِ رُوُحِي"، ساري ڳالهه سَلي تو.
- "اَنا عَبدُ وَ رسوله" مُلَنِ گهر ملي تو.
- ڪاٿئين تعظيمان ڏئي، ڪاٿئين ڪبل ڪلي تو.
- ڪاٿئين سُکيو سپرين، ڪاٿئين جوشنِ منجهه جلي تو.
- "سچو" سيڪنهن صورتين، هڙئي طرح هلي تو.

❖

ڪيڇؤن آيم ڪالَهه، سي تا سڻو سنيها.

- ڳالهيون ڪندي ڳذريئي، سوريتي توکي سال.
- اُڪنڊ اسان ڏي ڪانه تو، ڏينهن اِتي جاليئي جال.
- ڪنهن جي ڪارڻ تي ڪيا، لَڪَ روئي تو لال.
- ڪرين نه قطري جيتري، ساعت هن سنيال.
- ٻڏي ڏوراپا مون ٿيو، جيئڻ منجهه جنجال.
- جن لئي ڏونگر ڏوريان، تن پيي هڙا حال.
- سي سپ تنهنجا اگهيا، جي ڪيئي ڪالهه ڪشال.
- ٻڏندو ٻاروچو وري، "سچل" جا پيي سوال.

سر بسنت - ڪلياڻ

ڪيڏي ڳوليو تيون ڙيِ ائين سرتيون،
آهي ڪُوچہ بہ ڪُوچہ يار.

- ظاهر آهي ذات تهين جي، هَتِ شهر بازار.
- "وَنحنُ اَقرَبُ" چاٹو سيئي، دُورَ نہ آ دلدار.
- اَحدُ اَحمدُ هيڪڙو، ناهي لک هزار.
- مرشد هيئن فرمايو، آٹڻ اُت اعتبار.
- ڳهليُون انهيءَ ڳالھ جو، خوني آھ خمار.
- آهي سيوئي دوست جو، "سچو" هي سينگار.

سر پيروي

ڪانگڙا قربن جا، توکي ڪالھ اڏايو ڪن،

وتئون ويڙيچن.

- آسروندي آهيان، من ڪو پيرو ڪن.
- پکا پکن سامهان، اوڏا مانَ اڏن.
- "سچل" جي سرير ۾، دونهان روز دُکن.

❖

- ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ، فرعون تي حڪم هلايم تي.

ڪڏهن منصور ڪڏهن شمس الحق، اهي سر تي سُورَ سهايم تي
ڪڏهن دارا ڪڏهن سڪندر، ڪڏهن ديس دٻايم تي.

ڪڏهن اياز ڪڏهن محمود، ڪڏهن نوڪر ناڻ ڏرايم تي
ڪڏهن ليليٰ هئس مجنون، ڪڏهن واتين ورھ وسايم تي.

ڪڏهن نام شداد جو مون تي، وري نونو بهشت بنايم تي
ڪڏهن وامق عذرا، ڪڏهن شرين فرهاد ڪوٺايم تي.

ڪڏهن هنس زليخا ڪڏهن يوسف، ڪڏهن عزيز مصر سڏايم تي
ڪڏهن رام سيتا ڪڏهن لڇمڻ، ڪڏهن ڏهيسر بنايم تي.

ڪڏهن نمرود هوس ابراهيم، وچ آتش پاڻ وجهايم تي
ڪڏهن دائود هوس سليمان، ڪڏهن تخت هَواءِ اڏايم تي.

ڪڏهن چام پنهون ڪڏهين سسئي، ڏونگر ڏس پچايم تي
ڪڏهن گهڻ گهڻ وڄن گهنگهرو، ڪڏهن ڇير پيرين ڇمڪايم تي.

ڪڏهن آيت مصحف ياد ڪيم، ڪڏهن ناچو ناچ نچايم تي
ڪڏهن ٿَيا ٿَيا ۾ ڪڏهن ٿِيا ٿِيا، ڪڏهن ڦيري ڏيئي ڦتڪايم تي.

ڪڏهن زردا جاما زربفتي، ڪڏهن دلق ۾ ليڙ لڙڪايم تي
ڪڏهن عاشق ڪڏهن معشوق ٿيس، ڪڏهن اڪيون ٻيي اتڪايم تي.

ڪڏهن لڪ وڏا تي ويس ڪيم، ڪڏهن سِرُ سارو سمجهايم تي
ڪڏهن نانءُ "سچو" تي هت آيس، ڪڏهن روح تا راڳ رسايم تي.

❖

ڪن مڙيئي ڦتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو.

- جدا جماعت ڪان، آهيان پاڻ امام.
- دم نہ اڳيون دين ٿيو، ڪفر نڪو اسلام.
- فارغ هوونڻ فرض ڪئون، سنت ڪي بہ سلام.
- "سچو" آيو سچ ۾، ناهي حلال حرام.

❖

- ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو مؤمن چوي ڪو ڪافِرُ چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحرُ چوي ڪو شاعر چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو پنڊتُ چوي ڪو سنت چوي، ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثي ڪَلونَتُ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو مُلان چوي ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي
ڪو روزيدارُ نمازي چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو رَدِ چوي ڪو بَدِ چوي، ڪو بيديني بيحد چوي
ڪو مُشرڪ پيي مُلحِدُ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو صورت ۾ انسان چوي، ڪو شِرُ پريو شيطان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو سُستُ ڪوئي سرمست چوي، ڪو راه تي دين درست چوي
ڪو عاشق روزِ الست چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو زير زبر زِنديق چوي، ڪو رهنُماءُ رفيق چوي
ڪو غرقيءَ منجهه عميق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو رنگ ڪوئي بي رنگ چوي، ڪو مستو مست ملنگ چوي
ڪو ننگي ڪو بي ننگ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو حالي چوي ڪو قالي چوي، ڪو خاص الخاص خيالي چوي
ڪو ازلي مست موالي چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو شڪ چوي ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي
مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

ڪو خاص چوي ڪو عام چوي، ڪو پختو چوي ڪو خام چوي
ڪو "سچو" سچو نام چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

سر پيروي - بروو

- ڪيرُ هُيڙس ڪير ٿي، آيس نرالي نامَ ۾
ڪيئن ڦاسايم پاڻ کي، ٿئين درد جي هن دام ۾.

ڪو نڪو ڄاڻي اُهو، جيڪو پيو هن جام ۾
آهي عجائب هي وڏو، پيو خاص ديرو عام ۾.

جي الف ڪئون آيا هلي، لائق نہ پياسي لامَ ۾
”لا“ ڪئون لنگهي آيا هلي، مستيءَ سندي تہ مقام ۾.

اصل ڪئون عارف اِهو، آندو جڏهن انجام ۾
ظاهر ظهورئون ٿيو تڏهن، ڇا ڪفر ڇا اسلام ۾.

بت وٺي پنهنجو پيو، زاهد خصالت خام ۾
عشق اناالحق چيو، منصور ماريو مام ۾.

جن عشق آرانيو ڏنو، سي مرد پيا ماتام ۾
هوندا سي هڏهين ڪينَ ڪِي، عاشق اُهي آرام ۾.

ڏڙ سِرُ جدا تن آيا، جي عشق جي احرام ۾
طالب ٿيا تڪرار ڪئون، سوريءَ سندي سرانجام ۾.

هُيڙس آءٌ جو آيس هاڻ، ڪهڙيءَ طرح عام ۾
پي سلاميءَ تئون اُتي، ”سچو“ آيو تہ سلام ۾.

سر پيروي - سسئي

ڪير آهيان الا جي آءٌ، نہ ڄاڻان سڃاڻان آءٌ.

- بعضي ڄاڻان پاڻ کي، آءٌ آهيان گنهگار.
- مان سمجهي ڏسان سرتيون، آءٌ سيوئي سردار.

- اِهو اتو سرتيون، دهشت جو درياءُ.
- ڪيئي موتيا پوئتي، سچو يار هزارين هتاءُ.

سر توڏي

ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندي وٽي وهندي وري.

- خط منجهؤن معلوم ٿي، ساري خبر ڪين جي ڪري.
- دوست دلاسا لکيا تا، تو اسان ريءَ ڪيئن سري.
- آءُ تا گهٽو تو ساريان، ڳالهيون چوين ڪهڙيون چري.
- "سچل" توسان آهه منهنجي، اُها ذوق سندي دل جي ذري.

❖

ڪاڪيُون مونڏي ڪالهه، دلبر لکيا دلاسا.

- ايندا اڱڻ سي توهانجي، جن لئي سڪينءَ سال.
- هاريون هجر فراق جو، واريو ورق وصال.
- سرهو ٿيڙو ساهه مون، لاٿئون ڪلُ ڪشال.
- ڪرم ڪيائون پانهنجو، منهنجي ڙي ڇا مجال.
- بِرُ نه ماندو تون ٿئين، لهندئي "سچل" سنڀال.

❖

ڪنهن ڪي ڳالهه سڻايان، ميهر سندي موج جي.

- سڪ ساوڻ ڪيو ساهه ڪي، ڇولي تا نه ڇپايان.
- دعا ڪريجو جيڏيون، سندُن نينهن نيايان.
- سارنگ آيم سر تي، سو ٿي ورهه وسايان.
- ڳالهه پرينُ جي ڳجهه جي، ٻين ڪي ڪيئن ٻڌايان.
- وهي سير سرير ۾، لهريون تا نه لڪايان.
- "سچو" ساهڙ ساهه ڪي، اوڏو ئي ٿي پايان.

❖

ڪنهن ويل نه ٿا وسارن، عاشق نه تج تون ماندو.

- "وَنحن اقرب"، اها اشارت، گڏ توئي سان گذارن.
- اصل لاڪون طرف تنهنجي، نتُ نتِ گهٽو نهارن.
- جي تو اُڪنڊ انهن جي، سي پِيءِ توئي کي سارن.
- ڏينهن اِتهين چو تو لائين، تو هتِ "سچو" سنڀارن.

❖

ڪو دم اسان جي درد ڪئون، عاشق متان ڪاهل ٿئين.

- يَسمَعُ ڪرين يُبصرُ صحيح، هن جسم ڪئون جاهل ٿئين.
- سِر ساهه سان صدقو ڪرين، جي تون منهنجو مائل ٿئين.
- هن قرب جي تون ڪل لهين، اناالحق جو قائل ٿئين.
- صورت سڃاڻي پانهنجي، هر فعل مئون فاعل ٿئين.
- دم دم سندن ديدار جو، "سچو" سدا سائل ٿئين.

❖

ڪيئن ڙي اديون آتڻ اچان، مونکي پُور پرينِ جو پيو.

- هَئي هَئي سُورن جي سيف سان، ماري ويچاريءَ ويو.
- مونکي نه ڀي مصلحت ڏيو، هَئي نينهن تا هن کي نيو.
- سوئي پاڙيندو پانهنجو، جي قول ڪوهياري ڪيو.
- الحمُدللهُ تي چوان، هي سگ "سچو" ساڻِ ٿيو.

سر تلنگ

- ڪِيڙو مست پرين جي، ڪٽي ناز مونکي
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مونکي.

شوق شراب پيان، پڙ وٽ راتو ڏينهان
ڪونهي وري قاضي مُلان، جو ڪو لحاظ مونکي.

نيٽيـن نـنڊڙي حرام، آهي تان روز ازل
سُرندو سوز سڄڻ جو، آهي ساز مونکـي.

وائـي وات ڪهائـي، مُئيءَ کي جيڪا پريـنِ
اچي وري هُو هُو پـريـنِ، جو تـو آواز مونکـي.

”سچل“ مقصد سارو، تونهي وت تونهي الله
ڏس ڪو راز پـنهنجي، جو ڪو نياز مونکـي.

❖

ڪنهن کي چونديس حال ڙي جيڏيون،
پيچ پنهل مون سان پاريون هليو ويو.

- دريءَ منجهارُون دوست ڏٺوسين، لالڻ لِيئڙو پايون، هليو ويو.
- سينگا، بڙچيون، ڪان هٿن ۾، سيني اندر سَٽڪايون، هليو ويو.
- باه برهه جي باري ٻاروچل، دونهان درد دکايون، هليو ويو.
- آءُ چا چاٺان ذات جتن جي، ڪرهلُ ڪيچ قطاريون، هليو ويو.
- ڪانهي ڪاڻ ڪتڻ جي سچل کي، آتڻ دوست اُجاريون، هليو ويو.

سر پوربي

ڪهڙي ڳالهيئون يار، ووءِ ووءِ ڪيئي بيراڳي اسان کي.

- دردمنديءَ جي دل تي، باري چاڙهيئي بار.
- اصل ڪئون آرام وڃايو، جاني تنهنجي جار.
- مونکي يار جدائيءَ ماريو، آءُ روئان زارو زار.
- ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيڙا، تنهنجي حسن هزار.
- غمزي ساڻ غلام ڪياسي، ”سچل“ وي سردار.

سر جهنگلو

- ڪم نہ عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي
ڪڻ ملامت ڪا مٿي، مَرُ ڏيهہ تو طعنا ڏئي.

برهہ ۾ بدنام ٿيءُ، پيو ڪين ٿئي ڪسبن ڪئي
عشق جي درياءَ جي، ڇولي ڇڪي مَرُ تو نئي.

پوءِ تا خير ساري جو پوندئي، دوست جي هن پنڌ پئي
راهہ گم ڪر انهنجي، وَڻءُ وک نہ ڪنهن ٻهڳڻ ٻئي.

ييچ حجابان پڌر پئو، لٽيو توکي کهڙي لئي
چا ٿيندو پوءِ تا سچو، هَئي هَئي اِنهي ورئي وئي.

❖

ڪون آهيان ڪون آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان.

- جسم اُتون ڪُلُ آسرو، لحظي ڪئون تو لاهيان.
- ٿيا خلافي خيال سيئي، نروار ۾ تا ناهيان.
- جانِ ٿئي خود ڪئون خلاصي، پاڻ اها پيي پانيان.
- بحر جي هن موج تي، جان چڙهان تا چاهيان.
- بادشاهيون ڪيتريون، "سچو" عجب سر و پايان.

❖

ڪيهي جدائي تو پائين، اسين پري توڪئون ناهيون.

- هيڏيون هوڏي چو نهارين، نہ پاڻ منجهيئي منهن پائين.
- آهيون سدائين طالب توسان، ڪنهن لئي وره وسائين.
- پيو نہ ڇانج پرين پاڻ ڪي، آهيان اُهوئي آئين.
- تون تان آءُئي آءُ تا تون ئي، لنؤ ٻئي ڪنهن سان لائين.
- ٻولي ٻيائيءَ جي ساري وسارج، آهہ "سچو" سپ سائين.

سر جهنگلو - بروو

ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڱڻ منهنجي آيو.

- دوست گڏيو دلجاءِ تي، هينئڙي لٿي حيراني.
- هِن وڙّ لائق هوسِ نه آءٌ، محب ڪئي مهرباني.
- مشڪل جا هئي ڳالهه اسان کي، اُها ڪيوَ آساني.
- فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون، "سچوءَ" کي سلطان.

سر جهولڻو - مارئي

- ڪانگل ساري سنيها هي، چنج مارن کي ويراڳي آهيان.

اوهان ٻاجهون گهٽيرو، محلن ۾ ماندي
قسمت قيد الماءِ جي، ارادي آندي.

چانور چڻا چورمان، آڇن نت نوان
ڏؤنرا پُسيون ڏيهه جا، ساريو هت رئان.

زهر پيالا سوز جا، اوتيون آءٌ پيان
اوهان ٻاجهون سپرين، مران نه کي جيان.

ڏکن ڪارڻ ڏيهه ۾، نپايس اوهان
"سچل" اکڙين مئون، ساري رت رئان.

سر ديسي

ڪڏهن الاجي ايندين، پيهي پڇڻ پنهون يار.

- پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏين.
- پڪا پکن سامهان، اوري شال اڏيندين.
- اهو اتم آسرو، ڇپر تا نه ڇڏيندين.
- سگ پنهنجي در جو، "سچو" ناءُ سڏيندين.

❖

ڪندي آءُ ڪوهہ رهي رهي، جيڏيون هت هوتن ريءَ.

- اَندرِ وِرهہ وٺاڻ ڪيا، لونءَ لونءَ منجهہ لهي لهي.
- ڇڏي شهر ڀنڀور ڪي، ويندي‌س ڪيچ ڪهي ڪهي.
- ڪونهي منهنجو ڪوهيارل ريءَ، سرتيون هت سهي سهي.
- قول پاڙيندو ڙي پانهنجا، ٻاروچل ٻهي ٻهي.
- "سچو" گڏيم سانگ جا، پنڌن منجهہ پهي پهي.

سر ڌناسري

ڪر نينهن سندو ندان وو، جلدي آءُ چڙهي سُوليءَ تي.

- مرد ٿيوين مردود نہ ٿيوين، ٿيون اٿان سلطان.
- مست اتي معراج اهوئي، متان ڪرين ارمان.
- سورهہ ٿئين تا آءُ "سچو"، نہ تہ گوءِ اهو ميدان.

سر سسئي

ڪالهہ قاصد اوڏهون آيا،

جي جاني ايندءِ اڄ جائي.

- اسين تہ اڄ اوڏاهون آياسي، هُئن اڄڻ جا سيا،
ڪيچ هُني هِيءَ وائي.
- سڪين سارين جن ڪو، واليءَ پوءِ ورايا،
اڄي ٿيندءِ ڏک پائي.
- ڏينهن گهٽا تو هوت پنهون ريءَ، ورهي مينهن وسايا،
آئي اوڏهون وڏائي.
- اجهي ايندءِ سپرين، ڏينهن گهٽا جن لايا،
ڪل نہ پوندءِ ڪائي.
- "سچل" سڪندي سال ٿيا، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا،
وڃي هي عمر اجائي.

❖

ڪر پاڻ کي سجود، تون آهين جاءِ سجود جي.

- تون ئي عابد آهين، تون ئي آهين معبود.
- هيڏي هوڏي نه ڏسين، تون مڙيو ئي مقصود.
- ”سچو“ سمجھ ڳالھڙي، محب آهي موجود.

❖

ڪري سانگ پرين وري آيم آهي، ديس اسان جي اَلو اَلو.

- وري وطن آيا، پيـنر تيڙم پَلو پَلو.
- پرين اڳون پيشوا، هاريون مونَ سان هلو هلو.
- اصل لاڪون آهي انهن سان، روح منهنجي جو رلو رلو
- انهن ٻاجهون ناه ڪو، ڳولڻ مونکي ڳلو ڳلو.
- سر سڄڻ جو لوڪ کي، ساهيڙيون نه سَلو سَلو.
- ”سَچل“ سچيءَ سڪ ۾، شال نه پوندو وَلو وَلو.

❖

ڪنهن کي حال چوان هي،

اديون ڙي واويلا.

- ڏيرن ڏيئي ڇڏيا، موتي سور نوان هي.
- مٺا محبوبن جا، ڏنا پاڻ اوهان هي.
- سُکن اُتي سرتيون، ڏيان نه سور سنوان هي.
- ”سچل“ سرواڻن کي، وڃي پيرين پوان هي.

❖

ڪي ايندا هيڏي ايندا، اَلو وهينئانَ ٻاروچا.

- ساٿي مونکي سچ چئو، دوست دلاسو ڪو ڏيندا.
- هونداَ ڪي مون وٽ هوت هميشه، وري ڪي پوئتي ويندا.
- هيڪر شهر ڀنڀور ۾، ساڻ ٽڪيءَ اچي ٽيندا.
- ٻاروچن کي ٻاجھ پئي، آءُ چگي کي چيندا.
- سور ”سچوءَ“ جا سرتيون، نال پنهنجي کي نيندا.

❖

ڪيچين جي ڪڍ ڪاھ، متان وِھين ڪين وساري.

- ڏسنديئين ڏونگر چوٽيين، بلوچاڻي باھ.
- ڦولج پاڻ فقير تي، وندر جي وڙاھ.
- متان ويھين ساٿ ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاھ.
- ساري شھر ڀنڀور جا، لاڳاپا لاھ.
- عرض وجي ڪر روبرو، ڀيا ساٿي ڪيم سنياھ.
- ٻانھي تنھنجي ٻروچ جي، ڪو تون سگ نہ ساھ.
- روح رھي ھت ھونت ريءَ، "سچو" ڪنھن نہ صلاح.

❖

ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منھنجو جيئڙو جھجي ٿو.

- پريان سندي پار ڏنھن، الله اوٺي آڻ.
- ڇڏي شھر ڀنڀور کي، ھاڙھي ويندي ھاڻ.
- روئڻ ڪئون جھلن سيئي، روئن اکڙيون اُڪاڻ.
- جيءَ وڏائون جاڙ ۾، ٻاروچاڻي ٻاڻ.
- سگھو ايندو سپرين، ڀينر منھنجي ڀاڻ.
- "سچو" آءٌ تا آھيان، پريان جي پرياڻ.

❖

ڪيچي ويڙم ڪاھَ، آءٌ ٿي وِرھ وَسايان.

- مان نماڻيءَ ھِنَ جي، سگھي لَھن سنڀال.
- ڀينر آھي ڀنڀور ۾، جيئڻ منجھ جنجال.
- جَنِ لئي ڏونگر ڏوريان، سيئي ڏسان شال.
- آءٌ ڀيادي نہ پچان، ڏاڍا ڪاف ڪشال.
- مون جياريو جيڏيون، سندن خواب خيال.
- ساڻ "سچل" ڪَنِ سپرين، ڀلائيءَ جا ڀالَ.

سر سسئي - پيروي

ڪجو ائين ويساهه، سرتيون منهنجي ڳالهه سچيءَ تي.

- آيو ڪنهن تان ڳالهه ڪئون، شهدائيءَ ۾ شاهه.
- لڏم ههڙي هوت جو، ريجهائي مئون راهه.
- جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراهه.
- احمد عليِ هيڪڙو، آهي پاڻ الله.
- ساڳيو اتوَ پاڻ سو، حئو جو ارواح.
- "سچو" سچيءَ ڳالهه ۾، ڪهڙو ڪيم گناهه.

سر سسئي - بروو

ڪنهن لڳ ڏونگر ڏوريان، محب آ منهنجي من.

- "وفي انفسكم افلا تبصرون"، ڪاڪيون ڪجو هي ڪَنِ.
- اسين توسان، پري تون ڦولين، اولانيا هي اڇن.
- پاڻ سنيالج پانهنجو، پرين ائين چون.
- اهڙيءَ اوڏائيءَ ۾، ورهي مينهن وجن.
- "سچو" سيئي پري پيا، جدا ڇاتو جن.

سر ڪوهياري

ڪندي سا ڪيئن قرار،
جيڏيون جنهن جو جِيئڙو جتن سان.

- ورهه وارن ڪي سرتيون، ويجهي آهي وٽڪار.
- ٻڙيون ٻاروچل جو، نينهن لڳم نروار.
- محبت ڳڏي نه ليي، خرچين لک هزار.
- ڏسنديس اکڙين سان، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار.
- ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيم اختيار.
- سدا آهي "سچوءَ" ڪي، پينر برهه بهار.

سر ڪلياڻ

ڪالهہ جو ڪانگل اُڏاڻي،
پلو ڪيئن وئين پرين وٽ.

- گهٽي توسان ڪا ڪئي، اڳيون يار سياڻي.
- پرين کي پڇيو، ڏيج دلاسو هاڻي.
- ساري مونکي ڏيجِ سنيها، الله ڪارڻ آڻي.
- پريان سندي پارَ ڏي، عاشق چو نہ اماڻي.
- آئين اڏامي اوڏهون، "سچل" ساهَ سيباڻي.

❖

ڪڏهن ايندين هڪ ٽيندين،
نت نهاريون سنڌئي واٽڙيون.

- سانول کهين سانگ سان، اڱڻ اسان جي ايندين.
- اهو آَتئون آسرو، بديون تا بخشيندين.
- ڪنهن ڏينهن هن ڏکيءَ کي، دوست دلاسو ڏيندين.
- پرين نيندين پاڻ سان، چپر تا نہ ڇڏيندين.
- توري گهٽي ڏينهڙي، گولي ساڻ گڏيندين.
- پکا پکن سامهون، اوري آڻي اڏيندين.
- سو ڏينهن ٽيندو کهڙو، "سچو" ڪري سڏيندين.

❖

ڪڏهين اسان وٽ ايندا، ڪَهُ ڪانگا پرڏيهي.

- هوندا هميشه هوت اسان وٽ، وري کي پوئتي ويندا.
- ڪندا آرامي کي اچي اسان کي، وري کي برهہ بچيندا.
- هجر فراق وي معاني ڪندا، کي ڏوڙو ڏک ڏيندا.
- پکا پکن سامهان، کي اوڏا دوست اڏيندا.
- منهن مقابل محب اسانکي، "سچل" کي نانءُ سڏيندا.

❖

ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن، مون سان تون آهين آهين.

- هجين هميشه يار اسان سان، ڪيئن چوان تون ناهين ناهين.
- ڪڏهن آرامي ڪرين اسان ڪي، ڪڏهن بچين تو باهين باهين.
- ڪڏهن منصرري تي دم اناالحق جو، ڪڏهن ڏسين تو ڦاهين ڦاهين.
- "سچل" تون عاشق آهين اسان جو، تڏ نه درد جو داهين داهين.

❖

ڪُوڙي ڪَيني ڳالهه پنهنجي، ڪالهه ڪانگل جا چَيني مونکي.

- جيڪس ڪينَ ڏِرِوئين تون، وات ڏسي موٽئين اَهنجي.
- عجيبن جي آڏو وري تو، ڪچي ڪئي سا منهنجي.
- وري برابر وتئون اوڏاهين، سائين ڪندو شال سهنجي.
- تنهن ڪيِ سوئي توڙ رسائڻ، وٺي جو دامن ڪنهنجي.
- اصل لاڪون "سچل" سيوئي، اطاعت مجي آ تنهنجي.

❖

ڪيئن وساري ويهون ويهون، آهن جيڪي ڳجهڙيون ڳالهيون.

- ساه سَنيون تا ياد ڪيون سي، آهن عجائب جيهون جيهون.
- کهڙي ڳالهين عاشق اسان ڪي، ڏين ڏک ڏوراپا ڏيهون ڏيهون.
- ايهي عتاب تون تڪيس تو ڪيها، پڪي اسانجڙي پيهون پيهون.
- هِن پڇاڻون متان اسان تي، ڳالهيون رکين تون ايهون ايهون.
- تون "سچل" اسان جو اسين سو تنهنجا، ڳالهيون ڪرين پيرن ڪيهون ڪيهون.

❖

ڪيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم تي، سُڻُ تون منهنجا سائين.

- ڳالهيون ڪندي مون ڪيئي سِرَ تي، ڏک جا مينهڙا وسايم تي.
- پرين اوهان جي پارَ جا، تي ڏهاڙي پنڌڙا پَچايم تي.
- سڪ اوهان جي سپرين ميان، سارا ئي سُورَ سلايم تي.
- "سچل" سيئي آئيا، جن لئي فالان روز وجهايم تي.

سر ڪئونسيو

ڪل نہ پوندي ڪائي، عجب جيهي اسرار اُنهيءَ جي.

- هُني حلاج ذرو سڏ سرَ جي، تنهن سسي ڪوڙ ڪپائي.
- لاهي حجاب حجاب وڃائين، هِيءَ حرفت يار هلائي.
- "سَچو" سوئي صاحب آهين، پر سڀ ۾ ذات سمائي.

سر ڪنيات

ڪاڏي ويئڙا وو، پرين پاڙيچا.

- جاڏي هليا تهدل تاڏي، هَلْ تون هِينئڙا.
- محبن مون سان عجب جيها، ڪيتي ڳڻ ڪيئڙا.
- گوندر گاڏئون ڏينهڙا. هت جالن جيئڙا.
- هن اجايا اُنهن ٻاجهون وي، جي پَلَ پيئڙا.
- "سچل" سندا سانول ٻاجهون، هي حال ٿيئڙا.

ڪ

سر بروو - آسا

ڪٺي نيڻ نمار ڙي ميان، ٻلو منهنجا يار ڙي وو

- مُون مَنْ ڳڏي گوندرين، ٿئين تون ڪيچ قرار.
- ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ڳڏ غريب گذار.
- دلبر پنهنجي دل ڪٺون، ويچاري نہ وسار.
- منهن نہ مون ٻئي پار ڏي، پنهنجي ڪڍ قطار.
- "سچو" آهين اسان جو، هنجون هڏ نہ هار.

گ

سر سسئي

گولن جي آءُ گولي، خان ٻاروچا تنهنجي.

- آءُ نه ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولي.
- سڌ اچي لهه سگهڙي، آهيان عيبن اولي.
- هنَ ڏوهارڻ جيهي ڪا، لهندين ڳولن منون ڪا ڳولي.
- ناَنو سائينءَ جي يار سڄڻ وي، ڪر "سچوءَ" سان سولي.

❖

گولن جي آءُ گولي، ٻاروچاڻي ذات جي.

- سمجهي سگهان ڪين ڪي، ٻاروچي جي ٻولي.
- عبث آءُ پيي ناهيان، ڳالهه ڪِيَس ڪنهن ڳولي.
- ڪري ڪوهيارل ويو، هينئڙي اندر هولي.
- روئي اُنهن واسطي، چِڪ ڪيمَ هيءَ چولي.
- ڏسان اکڙين سين، ٻاروچاڻي تولي.
- "سچو" صدقي تن تئون، جند جنهين هت گهولي.

❖

گوليءَ جي گفتار، ٻُڌيَوَ ٻاروچن ۾ ڪا.

- ڪُتا ڪانَ قريب جا، هينئڙي منجهه هزار.
- آءُ پيادي نا پچان، سارو ساٿ سوار.
- اُنهن ڪارڻ آئيو، روئڻ زارو زار.
- لڏم پير پنهونءَ جو، منجهڙن گرد غبار.
- اُچي شال پنيور ۾، ٻاروچو بيهار.
- پائون ٻانهي پانهنجي، دوست نه ڪجو ڌار.
- ڪَنِ "سچوءَ" ڏي سچ جي، منجهئون نينهن نهار.

❖

گولي ماڻَ سڏين، اُنهن جي تان آهيان جيڏيون ري.

- پڪا پڪن سامهون، اوري ماڻَ اَڏين.
- آريچا عاجز ڪي، ڇپر تا نہ ڇڏين.
- ٻاروچا تا ٻاجهہ پئي، گولي ساڻ گڏين.
- هُئن همیشه مون پرين، لحظي تا نہ لڏين.
- اصل لاڪُون آهيان، هيئن آءُ هڏين.
- اڻ ملهہ ٻانهو آهي ٿي، ”سچو“ پاڻ سندين.

ڳ

سر بروو

ڳالهہ ڪريان آءُ ڪيهي، حال پنهنجي جي ڙي جيڏيون.

- ڪالهہ ڪالهوٽي سپرين، ويا وَتئون مون ويهي.
- ڪري پريشان ويا، دردمنديءَ جي ديهي.
- آءُ انهن جي آهيان، جيهي جي تيهي.
- مارڻ پوءِ جيارڻ، رسم اُنهن جي ايهي.
- ”سچو“ سوز فراق جا. بار ڪٽن ڪي نيهي.

❖

ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهي، تنهنجي مڙگن ماري آهيان.

- پرين وڙئون پنهنجي، آءُ پڪي هِن پيهي.
- پاڙي ساڻ پرين جي، وِرهُہ وهايم ويهي.
- پلئو لڳي پرين جي، جيهي سا آ تيهي.
- ڳالهہ ڏسائون جا سا تا، ناهي ”سچل“ سلڻ جيهي.

❖

ڳالهه سهي ڪيم ساري، يار جي وو پلو جيڏيون هوءِ هوءِ

- جي مون وِسهو جيڏيون، آءُ اُهو آهيان آري.
- پوءِ پروڙڻ پانهنجي، لاتي خلق خواري.
- پاڻ ڪري تو پاڻ ڪي، يار زورآور زاري.
- "سچو" وي سر پانهنجي، برهه ڪيائون باري.

❖

ڳلي ڳلي مون تي ڳولي، يار سڄڻ تنهنجي ڪارڻ.

- چڏي لاڳاپا لوڪ جا، اسان تا ٻانهپ ٻولي.
- تيس ديواني دوست ارهان لئي، ڪري ڇيهاڙيون چولي.
- اچي اچانڪ اندر اسان جي، حُبَ مچائي هولي.
- اصل لاڪُون آهي اوهانجي، "سچو" هيءَ غريب سا گولي.

❖

ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون، نِتُ ڏسڻ مونکي آئيون.

- رت روئڻ ڪنون اِهي اکڙيون، ڪين سي جهليُون جهليُون.
- ڪيچينڙن جون وري قطارون، هيڏي ٻڏيون سي هليون هليون.
- سي نه وسرن ڳالهيون، يار سڄڻ جي تو سَليون سليون.
- چاڙهيَني اسان تي درد فراق جون، چوهه ڏاڍي منون چليون چليون.
- روز ازل ڪنون ڪِيو "سچوءَ" سان، يار پلا ڪيئي پَليون پَليون.

سر توڏي - پرج - پيروي

ڳالهه پنهنجي حال جي، تو رِيءَ وجي ڪنهن کي چوان.

- جوش تنهنجا جان ۾، نِتُ نِتُ آهن مونکي نوان.
- ڪين جي پچان پوءِ تي خبر، پانڌي اول پيرين پوان.
- پاڻئون آيا هِن پُور هي، ڪِي هِن مڪا مونڏي اوهان.
- "سچو" مَتيان آءُ ڪين ڪي، هِي سُورَ سڪن سان سوان.

سر جوڳ - بروو

ڳالهيون ڳارن ٿيون،

دل ڪي دوستن جون، مَرَ ڪي محبن جون.

- ياد اچن جي ڳالهيون، اُهي ڪُوڪان ڪارن ٿيون.
- هو جي ڪيائون ڳجهه ۾، اُهي مامان مارن ٿيون.
- ڳٽن واريون ڳالهڙيُون، سي ٻارڻ ٻارن ٿيون.
- پسڻ ڪارڻ اڪڙيون، صاحب سارن ٿيون.
- پاٽيءَ ڳاڏئون رت جان، هنجون هارن ٿيون.
- اڪيون ڏسن غير جو، واحدئون وارن ٿيون.
- ”سچل“ اُهي ڳالهڙيون، نِتُ مونکي مارن ٿيون.

سر سسئي

ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار سڄڻ،

مونکي روز رُئارن ٿا.

- سِر تي سوز فراق جا، باري چاڙهيئي بار سڄڻ،
ايڏانهن نيڻ نهارن ٿا.
- منهنجو اندر اڌ ڪيو، جانب تنهنجي جارَ سڄڻ،
مونکي ماٺا تنهنجا مارن ٿا.
- پرين پاڙج پانهنجا، جي ڪِيڙئي قول قرار سڄڻ،
منهنجو جيءَ جيارن ٿا.
- ماٺو شهر پنيور جا، مهٺا لک هزار سڄڻ،
مونکي ڏيهه ڪئون ڏيارن ٿا.
- قاصد چوَنِ ڪيچ جا، تو هُتِ سار سنيال سڄڻ،
توکي ”سچو“ پاڻ سنيارن ٿا.

❖

گھ

سر بروو - ڪسيوري

گھوري گھوري وي جندڙي، سڄڻ تو تان گھوري.

- راتو ڏينهان اُهي اوهان جي، سائين جهوري جهوري.
- ڳچيءَ وِڌيوَ عجب جيهي، سهڻا ڏوري ڏوري.
- تند نہ ڇاڻان ڪنهين هيءَ، صاحب چوري چوري.
- دل ڪسيائي لُٽِ نيتيائي، حاڪم زوري زوري.
- اول آساني ڳالھ پوءِ ڪِيڙئي، سڀ ڪان ڳوري ڳوري.
- "سچو" لايوَ سچ منجهارئون، لالن لوري لوري.

سر بروو - ڌناسري

گھڻا وڃي ڏينهڙا لايا، يار پياري ميان.

- آءِ ڙي پانڌي ڪَلَ ڪائي ڏي، هُنن اڃڻ جا سعيا.
- اُنهن ڪارڻ راتو ڏينهان، مون تي وِرهَ وسايا.
- ڏينهن اُنهيءَ ڏي ڏسان ڏيهاڙيون، هُن تي ڪانگ اڏايا.
- يار مسافر موليٰ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا.
- تورا تنِ جا "سچو" سنيارين، جي اِجهي ڇوَنِ اڄ آيا.

سر پيروي

گھوريو هي پنيور، مون سگ ڀاروچن سان.

- مَرَڪُ تان معذور ڪي، سندو هوتن هور.
- راتيان رُئان وڏ ڦڙا، ڏينهن سا روئي ڏور.
- آهي آرياڻيءَ جو، ديوانيءَ ڪي دؤر.
- "سچل" ڳالھ انهيءَ جي، شوق مچايو شور.

سر جوڳ - مارئي

گھوري ھِيءَ جدائي، اڙي ميان پنھوارن ٻاجھون پور پيا.

- صبح ويلي ميان سومَرا، الا خبر اِھا مُون آئي.
- لنگھي ملڪ ملير جو، وِيڙٽي ويڙھ سَيائي.
- لعلن پنھنجي لوءِ ڏي، وائي پوءِ ورائي.
- پانور ڪنڌئين ڪِينَ ڪي، وھندا ساعت ڪائي.
- ڪَنين ٻڌان ڪينَ ڪي، وري اِھا شال وائي.
- ڏوٽي پنھنجي ڏيھ ۾، سرھا ھُئن سدائي.
- موتي نہ وڃن اوڏھين، جَنِ جي سڪ سمائي.
- ھوءِ ھوءِ ھن جي حال تي، ياڳيا ڪَنِ يلائي.
- "سچل" سندن ساٿ ۾، ڪري مَرُ تا ڳدائي.

سر راڻو

- گھوري چڏ عيش عالم جا، بنا ديدار دوستن جي
گھوري چڏ باغ بھشتن جا، بنا ديدار دوستن جي.

پسي صُورت سپرين جي، ملڪ حُوران ڪَرن حيرت
توري سج چنڊ جي طلوعت نھارڻ سُونھن ساجن جي.

عجب لنوَ جا پُرين لائي، سُتي ويني وَٽي سائي
اچي خوش ڪانہ ڀي وائي، اٿم سڪ ساھ ساجن جي.

محل ماڙيون دنيا دولت، حُوران حُجرا زيور زينت
ايندءِ ڪم ڪين ۾ قيامت، بنا صحبت سپرين جي.

"صاحبڏنا" دوا دارون، منجھون محبن سنديون سورن
ڏني ڏک ڏور وَھم وڃن، نھارڻ ڏي نماڻن جي.

سر سسئي

گھوري جانيءَ ري جدائي، گڏ گھاريون ھوءِ ھوءِ.

- معلوم توکي مون پرين، سائين سا ڳالھ سيائي.
- شال ڪَنَنِ سان نہ سڻان، تنھنجي وڃڻ جي وائي.
- توسان چنڊ ڪاڻ تا يار، نہ مون لڙھ لائي.
- ھن وڇوڙي جي شاھي دلبر، وَرَ سان گڏ گدائي.
- ساڻ "سچوءَ" سان تون سپرين، سائين ھج سدائي.

سر ڪلياڻ - تلنگ

گھٽا ڏينھن اِتي لايو، ڀلا سانول سي تا چاھون چاھون.

- فوجان فراق جون بڇَيَوَ اسان تي، ايھا سا مصلحت آيَوَ.
- دل اسان جي دلبر سائين، ديدن ساڻ دڀايو.
- گوشي گڏجي دوست اسان ڪنون، سي سارا سُرَ سلايَوَ.
- طرف اسان جيڪي تا قاصد، ڏِسي نہ حالُ ھلايَوَ.
- ڳالھ ڳجھي سا يار "سچل" ڪي، پاڻ اچي پُرجھايَوَ.

ل

سر بروو

لنگھي ويون ڪالھ قطارون، ڪونجڙين جون ڪيچ وٽن ڏنھن.

- ڪنديون ويون ڪيچ ڏي، طرحين طرحين تنوا،ن.
- ويچاريون وَلر ڪيو وَڙَڪَنِ، تُوتي تيءن سي ڦارون.
- وَلَرُ ڪونجڙين جو، ڪنھن اندوه اُڏاريون.
- اُنھن جي افسوس جون، پونديون ويون پچارون.
- اُنَنِ ڳانا َپت جا، موتين مڙھيون مھارُون.
- "سچو" ھليو سوز ۾، لاھي لوڪ ميارُون.

سر پيروي

لهندا سار سنڀال، منهنجي منهنجا سپرين ميان.

- مون ڪُڏن ڏورڻ نه تيا، آهن ڪاف ڪشال.
- اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ منجهه جنجال.
- ڪريو فنا فراق کي، وِجهان واجهه وصال.
- ٻاجُهون ٻاروچل جي، هِڙا تيم حال.
- راتو ڏينهان روح کي، مُنجهڻ لاءِ جمال.
- سک تُنهنجي سپرين، جيءَ "سچوءَ" جي جال.

❖

لوڏا ڏيان ڪاڪيُون ڪيڏا، ويٺو وچ هوت هندوري الله.

- شاهه منجهارُون عبد سڏايس، پورا ڪيون پاڻ پوري پوري.
- ذڪ منجهارُون ڏولي جا آئي، ذڪ ڪيون پاڻ ڏوري ڏوري.
- اوهين ٻاڙيچيُون پري نه پانيو، آهي آرياڻي سو اوري اوري.
- دل دنبوري يار "سچوءَ" جي، تارُ ڇڏيائون چوري چوري.

❖

ليڪي "لا" جي ڪنون جي لنگهيا، ڏاڍي وحدت جي ور سي ونگيا.

- اُڇَتِ اناالحق جي، پنيءُ اُنهيءَ ٽنگيا.
- ڳيڙا هر دوجهان ڪئون، اصل انهيءَ آهه چنگيا.
- عاشق ڪڏهن ڪينَ ڪي، سُولي ڏسي سنگيا.
- نيزي اُتي نينهن جي، عاشق اصل انگيا.
- "سچو" سورهه سوَنِ مئون، ڪي ڀهڳڻ وجي ڀنگيا.

سر توڏي

لُڙ وهي لوهاڻو، ٻار وي.

- سا ڪيئن ترسي تار ۾، جيءَ جنهين جهوراڻو.
- ڪاهيو پوي ڪُنَنَ ۾، ڏِتَڙسِ عشق اوراڻو.
- ساهڙ ٻاجهون ساه ڪي، ڪيو ورهه ويڳاڻو.
- سانول سدا آهِ ساهه منون، اوهين سيبني ائين چاڻو.
- پڇندو اڇي پاڻهين، "سچل" يارُ سياڻو.

سر جهنگلو

لک ڪريان توڙي زاري الا، وو، دوست چوي تون ڪهڙو.

- هتين يي پوان پيرين يي پوان، پايان ڳچيءَ ۾ ڳاري.
- آءُ اُهائي يارَ اوهان جي، آهيان محبت ماري.
- روز الست ڪان آهي اسان جي، يار اوهان سان ياري.
- اُسان يتيمن ڪيٰ يار پيارا، ڏيج اڇي ڏيکاري.
- وره متي تي ويني وسايان، دوست ڏيو دلداري.
- آءُ اوهان تئون سهٹا سائين، واري وجان لک واري.
- توڙي سجاڻين توڙي نه چاڻين، دوست نه آهيان ڌاري.
- ڳلِ اصل ڪثون آهي اوهان جي، ڳالهه "سچل" جي ساري.

سر جهنگلو - بروو

لک ڪريان شڪرانا، راضي ٿيو يار مون تي.

- سُور ٿيا ڙي سرتيون، سي وني راهه روانا.
- ڏينهن گهٽائي هُناسين سرتيون، دوست ٻاجهون ديوانا.
- راضي ٿيڻ جا آيا اسان ڏي، پرينُ جا پروانا.
- اڄي لڳا سر اسان جي، خوشيءَ جا شادمانا.
- ڪيا سچو ڏي دوست اچڻ جا، هاريون ڙي هَاوانا.

سر سسئي

لڳيءَ دل جو دارُون، ناهه ڪو ڏولڻ پيارا.

- عشق جون واٽان ٻرن لاٽان، تنهن مان نڪرن درد جون چاٽان
پوءِ تيون پوَنِ هي پچارا.
- عاشق تا ڪن درد جون دانهان، عشق منجهارئون اُهي آهان
تا روئن زارو زارا.
- آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، پاند ڳچيءَ وچ ٻلوُ پائين
اچڻ جا ڪر قول قرارا.
- ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون، مُور نہ مون ڪنون وسري ويون
دم دم تنهنجيون ياد يارا.
- هيڪر مونکي جاني جياريو، ڳالهين تنهنجن ڳجهن ڳاريو
وصل جا ڪر وري وارا.
- "سچو" تون تا تيءُ نہ ماندو، پرين تنهنجو اللهُ آندو
سجڻ سان ڪر الغارا.

سر سسئي - ٻيروي

لَتي هلاڪي هاٺي، دوست وسي منهنجي ويڙهي

- ڪوٺي ڪيو پانهنجو، پرينءَ پاڻئون چاٺي.
- ناحق اوتيم هوت رِيءَ، پنبٽين مٿون پاٺي.
- سيٺي آيا هُيس جنين لئي، جيڏيون ڙي جو ڳياٺي
- وٺي وهاريئون ويجهڙو، "سچو" سو سڳ سڃاٺي.

سر ڪلياڻ

لَنوَ اچي پاڻ لايَو، نا تہ مونکي ڪَلَ نہ هوئي.

- اصل لاڪون عشق لائڻ جي، ڳالهہ اِها خوش آيَو.
- درد فراق جي ڏِنوَ امانت، اها سَانول سيبايَو.

- عرش ڪرسي تا ڪينَ قبولي، اها اسان ڏي هوت هلايَوَ.
- ڳالهہ پرجهڻ جهڙي نا هئي، پاڻ سڄڻ سمجهايَوَ.
- ڏينهن اُنهيءَ جي يار "سچوءَ" ڪنون، سا سچي ڳالهہ سلايَوَ.

❖

لَنوَ وڃي ڪيئن لايَوَ، پرين چاتوَ پرديسي.

- پرَ پرَو وڏو ڪينَ سهيليون، تيلهان آڏو ڏک آيَوَ.
- ڏينهن گذريَوَ غم اِنهين جي ۾، ڳالهہ جنهن جي تي ڳايَوَ.
- دانهون فريادون ڪرين چو هاڻي، سک "سچل" سيبايَوَ.

❖

لَنوَ مون سان لايَوَ، يار ويڙهي هنَ ويهي.

- دردمنديءَ جي دلڙي، دلبر گهوٽ اکين سان گهايَوَ
ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهي.
- مشتاقن کي محب مارين تو، تَڪَ اهائي آيو
جيهي وٺيوَ ڪَيو تيهي.
- ڳالهہ انهيءَ جي سُڌِ نہ مونکي، پاڻ پرين پُرجهايَوَ
رمز ڳجهيءَ دل ريهي.
- پارئون پنهنجي ڪيئي قاصد، هِنَ ڏي هوت هلايو
ڏيهہ گڏيا چڻ ڏيهي.
- دل سچل جي دلبر سائين، ديدن ساڻ ڏتاريِرِ
نينهن اوهانجڙي نيهي.

سر مارئي - جوڳ

لڄايان نہ لوئي، وو عمر آنديم جا اِرڏاهون.

- جي تا ملڪ ملير ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي.
- سارو سنگهارن ڏي، حال منجان روئي.

- وجهان پرنديءَ پاهه ۾، شالون پٽ سيوئي.
- ڪٿي ڪنيم ڪِين جي، اڏوهنڌ جا هوئي.
- آنديم ڪٿي ڪوهه تئون، آب پري اوئي.
- پيئڻ ڪاڻ پنهوار جي، ڪلي مون تا ڍوئي.
- اهڙي اُڃي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي.
- مون سان مدد تا ڪندو، ”سچو“ صاحب سوئي.

م

سر بلاولي

مانَ پرين ڪي پوي، ڪَنِ فرياد اسان جي.

- عشق جِيون ماريون سٹو سيئي، اديون ڙي ناهيو اَوي.
- هن نماٹيءَ جو يار سڄڻ ڪي، حال وجي ڪا چوي.
- هيءَ تا هوتن ريءَ راتو ڏينهان، راند روئڻ جي روي.
- دَرِ دوستن جي ڪيئي آهن، ”سچل“ جهڙا سوي.

❖

منهنجي زاري زاري، سهٹا سائين توسان.

- معلوم توکي ڳالهه اسان جي، سائين سڄڻ تا ساري ساري.
- هيءَ تا هيٹي واءَ وهيٹي، برهه اوهان جو باري باري.
- دوست هنئين ۾ يار رمايا، گهوٽ نه وڃهج گهاري گهاري.
- اصل لاکون آهه اوهان سان، يار اسان جي ياري ياري.
- طرفون تنهنجي سائين ”سچوءَ“ ڪي، آهِ ڳچيءَ ۾ ڳاري ڳاري.

❖

منجهڙن نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندي ڪَلَ نه سندي الله.

- باطن ۾ تون پانهنجي، نا ميان وِجهه نگاهه.
- ريءَ پروڙڻ پانهنجي، ٻي راستَ ناهي راهَه.
- غير نه پائنج پاڻ ڪي، دوئيءَ ۾ داناهه.

- هادي حق الحق تا مونکي، اها ڪئي آگاهَ.
- تارڪ ٿي توحيد جي پئو، دانھ منجھ درياهَ.
- حقيقتان حال جون يار، چئي ڪيم آگاهَ.
- چئين قبلن چور ٿي سر، شاهي رک ڪُلاهَ.
- "سچل" سچي ڳالھڙي يار، سلڻ ناھ صلاح.

❖

مون منهن ٿيو اوڏاهين ميان، جاڏي منهن نہ ماڻهن جو ميان.

- رخ ۾ پهريون رچ مڙيوئي، تنهن پوءِ نور نگاهين ميان.
- حد پيچڻ جي سرحد ايها، قلزم ٿيو ڪيڏاهين ميان.
- وات وسنو جي جاڏي ناهين، پنڌ پيو تہ اوڏاهين ميان.
- ڪوڙيون ڳالهيون پوءِ پوڻ جون، وڃين تون اتاهين ميان.

سر بروو

متان تون مونکي ڇڏين، سونهان سڄڻ جا.

- محبوبن سان نانءَ ڏٽيءَ جي، نيئن غريب گڏين.
- نٿو جاڻان ڏينهن اُهوئي، ٿيندو الاجي ڪڏين.
- جڏهن تون حاضر ٿئين حضور ۾، نانءَ "سچل" ڪري سڏين.

❖

- محبت عشق مولا جي، گهٽا سي گهوٽ گهايا ها
هزارين ساھ سانول تئون، ڪنين گهوري گهمايا ها.

ڪنين سر ساھ ساجن لئي، مٿي سوريءَ سنياهيا ها
وِرھ جي وات تي ويرن، ڪلهن ڪنون ڪنڌ ڪپايا ها.

ٿيو تن مهٽو موتڻ، تکي ڪنهن تاوَ تايا ها
مٿا ميخاني تي مستن، وَٽيءَ جي وٽ وڍايا ها.

انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن، جو جوشئون جيءَ جلايا ها
ڪنيا جي موج محبت جي، اهي هن عار آيا ها.

ڏسو جي نينهن جي ناتي، ڪَنين جا سر گنوايا ها
"سچو" ڙي تي صدق تن تئون، جَنين هي رنگ رچايا ها.

❖

محبت مست مجنون ڪيا، ڪَئين خاصا خماري وو.

- اصل ڪئون عاشقن آهي، مٿي سُوريءَ سواري وو.
- هُئي هَڏ شال منصوري، جريده وارا جاري وو.
- هتؤن منهَن سا نه موڙيندي، هوندي جا ورهه واري وو.
- سَٽو مهميز محبت جي، ڪُنن ڪي ڪوٽ ڪاري وو.
- جنين ڪي جوش جاڳايو، تنين کهڙي تياري وو.
- ڇڏي هي عيش عالم جا، هليا سي هڪواري وو.
- پياسي هوءِ حيرت ۾، ڇڏيائون سڏ سار ساري وو.
- برهه جي باب ڏِسُ تن ڪي، سيا وائي وساري وو.
- سدا تن آهي سَاجن جي، اچڻ جي اُنتظاري وو.
- "سچيڏنا" سمجهه ڪِي اِتهين، متان تئين هٽ مياري وو.

❖

منهنجي اکِين لڳي، ناتا هاٽي لڳي، دل اَلو اَلو تنهن يار سان.

- روز ازل ڪئون اکيون لايون سين، دوست مٺي دلدار سان.
- ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيائين، چشمن جي چمڪار سان.
- دوستن جي در اچي پِيس، اصل سچي اعتبار سان.
- پرين اسان وٽ پيهي آيو، صورت جي سينگار سان.
- جيڪي تئي تو جوش وارن سان، سو نه تئي هٿيار سان.
- ناز نياز جي نينهن وارن ڪي، تڪ ڪيو تلوار سان.
- سِرُ "سچوءَ" ڪيو صدقي سائين، عقلَ ڇڏي اختيار سان.

❖

منهنجي حجت توسان ناهِ، توکي مولئ ميڙي يارَ.

- مون هن نماڻيءَ ڪي، آسرُ سندوَ آهه.
- اندر ٻاهر تانهنجي، جانب آهي جاءِ.

- ڏونگر ڏورڻ آيا، ساجن تنهنجي ساءِ.
- ”سچو“ آهي سڪ ۾، لعلن تنهنجي لاءِ.

❖

منهنجو پنڌڙو پَهه آهي، پلو سرتيون سانول ساڻ.

- سو تا چنڊ جيهو اصل ڪٿون ناهي، آهي سڳ ته پنهونءَ ساڻ.
- ايندو اتم آسرو آسر هَڏِ نه لاهي، ٿيندو مُئيءَ جو مهمان.
- چڙي شهر پنيور ڪي، ڪيچ وينديءَ هيءَ ڪاهي، لڳم ٻاروچي جو ٻاڻ.
- هيءَ ڪميٽي ڪوڙي، سڳ ڪا ساٿن ساهي، پر پرين ڏسندا پاڻ.
- ”سچو“ چاڻ سهي ڪري، توڙي ٻاڀ سندن هي ناهي، ته پي نيندا سڀاجها ساڻ.

❖

منهنجو هينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ٻي آءُ تا ڳالهڙي.

- وندر سندي وات تي، پرزا ڪنديس پاڻ.
- اَچي لڳو مون اوچتو، ٻاروچي جو ٻاڻ.
- دعا ڪريجو جيڏيون، شال موٽي مُئيءَ جو ماڻ.
- ويڙو درد فراق جو، ڏيئي ڏکيءَ کي ڏاڻ.
- اڳڻ ايندو تانهنجي، ”سچو“ سو سرواڻ.

❖

منهنجي اڱڻ اڄ آءُ، پرديسيڙا يار.

- والي شال وصال جو، ڪو وري لڳي واءُ.
- اَچي هَڏِ نه هتهين، سانول تو ريءَ ساءُ.
- ميان مشتاقن جو اچي، صاحب لَهه سماءُ.
- دانهون ڪري درد ۾، جا ڦٽي فراقاءُ.
- ٿيون مدايون ڪيتريون، سائين ”سچل“ ڪاڻ.

❖

مونکي ڪيم وسارج ميان، آءُ اوهانجڙي آهيان.

- دوست اوهانجي در تي، مران تا نابر ناهيان
پنهنجي ڪڍ قطارج ميان.

- ميلائي جي مون پرين، لالچ هَڏ مَ لاهيان
ڪٽي نيڻ نهارج ميان.
- سچو ٻڌي سندرو، ڪيچ وڃُن ڏي ڪاهيان
اڇي گڏ گڏارج ميان.
- هيءَ ڪميڻي ڪوڙي، سگ سَاڻُو نہ ساهيان
پانهنجي وٽ وهارج ميان.
- سوال سچوءَ جو اِهو آهي، نينهن سندو نباهيان
پانهنجي سگ سنيارج مَيان.

❖

مونکي هوتن هاڻي، ڪوڻي پنهنجو ڪيو.

- جَتَ گهڻا ٻيا جڳ ۾ سائين، منهنجو هوت آرياڻي
ڪنديس ڪونہ ٻيو.
- لڪين پچن پرين ڪي، آءٌ تا ڪيرَ نماڻي
سندن نينهن نيو.
- جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هِيءَ اگهاڻي
سارو ڪم ٿيو.
- ڪيائون ڪناري پانهنجي، هيءَ تا پاڻئون ڇاڻي
جڏو جيءُ جيو.
- پرين ڪيو پانهنجو، ”سچل“ سگ سڃاڻي
وڃئون ورھ ويو.

❖

مون ڪَرَ تان ڪين پچيائون، هاڻي ڪانگل ڪَلَ ڏي.

- ڏوڻ ڏوراپا ڪيترا، ڏيئي سي سخت مڪائون
هت حال اسان جا هي.
- سگها ايندا سپرين، ڪي تان پاڻ اُتيائون
جڏو جيءُ جيارن جي.

- ڏاها ڏيهہ پرين جي، آهيان اُباڻڪو آئون
منهنجو هي نياپو ني.
- طعنا طرفون تنهنجي، هن ڏکيءَ کي ڏنائون
سائين سڀ قبوليم سي.
- سي نہ وسارج سپرين، "سچل" سمنائون
اُهي قول ڪيا هُئي ڪي.

❖

مونکي تايو طبيبين، بَنِ ڦکيون وڃهان تن جيون.

- نظر ساڻ نهال ڪيو، هاريون حبيبن.
- آزارئون آزاد ڪيو، اچي عجيبن.
- دل کي دلاسو ڏنو، ڪاڪيون قريبن.
- ڏيندا "سچل" سپرين، گوش پيو غريبن.

سر بروو - ڪوهياري

منهنجو پانڌيئڙا پرينءَ کي، ڏيج هي نياپو.

- ڏيئي باهہ پنيور کي، هي ڪيچ ڪندي ڪاپو.
- اصل لاڪون آهي، منهنجو ساڻن سياپو.
- آهي اوهانجو سپرين، هن ڇوريءَ تي ڇاپو.
- منهنجو محبوبن کي، پيو نہ ڏيج ڏوراپو.
- سدا آهين "سچل" کي، تون جيءَ جو جياپو.

سر پيبروي

مُلان تہ ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن تا خاصا الله.

- هلي اچن تا ڪُنَنِ تي، هٿ ۾ ڪيون عاصا.
- جُڙي ويهن تا مانين تي، ڪُڪيون پرن تا پاسا.
- مُلان ڇون تا ڪينَ ڪائون تا، ڪائي وڃن تا ڪاسا.
- "سچو" سچ چوي تو ظاهر، بُنيون گهمن تا باسا.

❖

- مونکي تہ ميهر يار جا، ٿا پَل پَل پُور پـَونِ
پـل پـل پـُور پـَونِ، مونکي ساڙيو سُورَ وڄن.

يار لک هزار، ماڻهو مهٽا ٿـا ڏيـن
جهوليءَ پـائـي مون جهليا، مَنَ ٻيا ٻہ ٻہ ٽي ڏيـن.

تَنَ ۾ تاڪيون مَنَ ۾ ميخون، هَنيون حبيبـن
اڪـيلڻ اَهنجون ٿـيون، جيڪي وڏيون ويـنجهارن.

سچل سوز رُئـڻ روز، اِها عادت عاشقن
جن کي عشق الله جو، سي ڪيئـن سُک سُمهن.

❖

مئـن ماري، محبت تـنهنجي ميان.

- ورتم ڏڳ درد جو، تـنهن سيڪا واٽ وساري.
- گلا ۾ غيبت جي، سِرَ تي ڪـنيم ڪـاري.
- چنڊ اُيري آيو، ويئـي سڀ انڌاري.
- مڙني مٽـياڻن ۾، نيـنهن ڪئـي نرواري.

❖

- موتي ڏند محبوب جا، هيرا لال جواهر ها.

ڪڪر ها ڪنَ بهار ها، تـنهنجي چوطرف چوڌار ها
وسن ڦڙيون آَسمان تان، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها.

گل گلابي پـٽ جا، جنهن جي چولي ڪي چوڌار ها
چادر جنهن جي گل شفا، جنهن ململ تي ڪي اسرار ها.

ماڻهو مديـني شهر جا، آدمي ڪي اسرار ها
”سچل“ اچڻ سان ڏٺا، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها.

سر پيروي - بلاولي

منهنجو هوت پنهونءَ سان، جيڏيون نينهڙو لڳو.

- پرو پيڙم پاڻ مئون، پينر ڙي پول منهنجو پڳو.
- پيائيءَ جو بند ڙي ڪاڪيون، توڙيو عشق تڳو.
- مونکي اوڏنهن آيو، سرتيون سندو ورهه وڳو.
- پرين "سچو" آهي پاڻ سان، جِيئن سئيءَ منجهه سڳو.

سر پيروي - بروو

منهنجي ساهَه سڄڻ کي ساريو، مونکي ڳالهه تنهنجيءَ ڳاريو.

- اديون آرياڻن جي وڃي، توڏن تونگ تنواريو.
- مون مَنْ گڏي گوندرين، ڪيچي ڪيچ قراريو.
- هڙي هوتاڻيءَ کي، وريتيون نه وساريو.
- جِيءَ سچوءَ جو سرتيون، سندن عشق اُجاريو.

سر پيروي - جوڳ

مُڪاسين قاصد ڪالهه، اجهي جاڻج آيا آيا.

- آهي تياري اوڏانهن اسان جي، آهيون سو منجهه خيال.
- اُڪنڊ تنهنجي اصل اسان جي، آهي جِيءَ مِر جال.
- عاشق توتي ڪرم ڪيوسين، سڻي سندءِ احوال.
- پنهنجي لطف سان هاڻ لاتاسين، تو تئون ڪُل ڪشال.
- اڄي لهون تا اِجها تنهنجڙي، "سچو" ڙي رات سنيال.

سر پيروي - جوڳ - ڪئونسيو

موجَ مستيءَ جي چڙهي، واديءَ وحدت جي منجهاءِ
ڪيو پسارو پيل پاڻيءَ، جوش مان هر جاءِ بجاءِ.

هن لهر تي جي لڙهيا، تن کي پيو سارو سماءُ
جي سُڪر جي سِير تي ويا، تن چيو آءُ خود خداءِ.

هاءِ هي حلاج جان، ڪيئي لعل هن لُڙ ۾ لڙهيا
پار هن آيا اُهي جي، گهوٽ هن گهيڙون گهڙيا.

ڪي تبي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهه پيهي ويا
ڪَين ڪي عاشق اُهي، ڀڄڻ وَري ٻاهر پيا.

غرق تيا غازي اُتي، ڪنِ عام بينا هاءِ هاءِ
آءُ لڙهي آيس اُتي، جاَتي رَتي ناهي رياءُ.

دلق ڪي درياءَ ۾، اُڇلن بهادر بي بها
صاف تي نڪريا سچو سي، صاف سالڪ جي هئا.

سر پيروي - جهنگلو

مون اڪين ڪي پرجهايو سمجهايو، پر جهليون پليون نہ رهيون وي ميان.

- انهن اکڙين ويڙهي پرائي، وجي وِرهہ وهايو سور پرايو.
- ڏاڍي جاءِ وي اُنهن مستانن، نثين سو آپ اڙايو جيءُ جڙايو.
- آڪڻ ميڏي اُتي لڳنديان ناهين، اُنهن ڪو پُور پرايو وجود وڃايو.
- جتان پڪيان دا وي پيرا ناهين، عشق اڪين اُتان لايو وِرهہ وسايو.
- خيال سچل دا وي لڳا اُتاهين، جتان تنهن هينئڙو ڪسايو مطلب پايو

سر پيروي - ڪئونسيو

- منصور سُوريءَ تي چڙهيو، هر ڪنهن چيو تي واهہ واهہ
عاشق اُتيئي سر ڏنو، اناالحق تيو سي ساهہ ساهہ.

عشق اچي نعرو هنيو، تيس سيائي ٻاهہ ٻاهہ
نظر مونکي هادي آيو، تيو سوئي الاالله.

عاشق سرڪي جا پيتي، تي سيائي هُو هواءِ
منصور شمس تبريز پارن، هٿ ڪيو جاهہ جاهہ.

ويا سمند ڏيئي تبي، سارو لڏائون سڌ سماءُ
الف سان جي گم هُئا، تيا ڪُل شيءِ هر جاءِ جاءِ.

”سچو“ ڏسڻ سان سرخ ٿيو ۽ تخت تي هو شاهہ شاهہ
رُچي اُتاهون لعل ٿيو، سارو اِهو هو خود خداءِ.

سر توڏي

منهنجي اصل آهہِ، ميان، دل دوست جي.

- جيئن هلائن تيئن هلي تي، منهنجو وسُ هيءَ ناهہ.
- سوگهي ڪَيئون دل اسانِ جي، ڪنهين ڏاڍي جاءِ.
- جاءِ سا ڪهڙيءَ محڪم ڪَيئون، مونکي ڪَلَ نہ ڪاءِ.
- ”سچو“ توڙي پانهنجو ڪيائون، تہ بيي ڇڏِ نہ هاءِ هاءِ.

❖

منهنجو ناهہ ڪوئي اختيار، هَٿي يار وي.

- مون تا سِرَ تي چائيو، باري برهہ جو بار هَٿي.
- راتيان ڏينهان تيڏي ڪارڻ، روئڻ زارون زار هَٿي.
- ڪيئن ڏنو تو سپرين، جاني جيءَ ڪي جار هَٿي.
- ”سچو“ سارو سمجهين، عشق سندو اسرار هَٿي.

❖

منهنجو شرم سپوئي آهي، جيڏيون تان ستگر تي.

- وري ڏنائون پاڻ ڏي پاٿهين، نا تہ هٿا حال اسان هي.
- اُهي پاڙيائون پاٿهي پنهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي.
- جنِ پياريو پرُ پيالو، شال ساقي جِيئن سي.
- سدا اُهي وسن اسان وٽ، جاني جِيءَ جا جي.
- سِرُ ”سچل“ ڪي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هٿئون ڏي.

❖

منهنجو ڪي هُتِ پڇيائون، سچ چئو ادا ڙي ساٿيو.

- گوشي ويهي گڏ اوهان سان، منهنجي ڪا ڳالهہ ڪيائون.
- سَليو سنيها ساڻ سلامن، هِنَ ڏاهہ ڏي ڏنائون.
- پيغام پرت وارا، چئو جي مونڏي چيائون.

- دلاسي جي دردمنديءَ ڏي، ڪا جا اچ خبر لکيائون.
- "سچل" ڪاڻِ تو گهٽيرو، هِن ڏيهه تي ڏنائون.

❖

مون کي مٺا ڏيئي، مَرُ ڪا پارئون پرين جي.

- هيءَ تا حبيبن ريءَ، پيالا زهر تي پئي.
- ڏوڙو ڏک مون پرائيو، هئي دوست جي وئي.
- روز پرين جي پارَ ڏي، مونکي نينهن تو نئي.
- ساروئي ڪم "سچل" تيو، پنيءَ دوست جي پئي.

❖

مونکي نيڻ تا نِيَنِ، هر هر حبيب ڏي.

- دل آهي جوش خروش ۾، اکيون روز رت رُئن.
- شڪر آهي خدا جو، ديدان ديدار ڪرن.
- پارئون يار لک هزار، مونکي مٺا ڏيَنِ.
- سِرَ تي "سچل" سپ سهايا، پينر پلي چوَنِ.

❖

مونکي ڏور چو ڏسَنِ، سرتيون ديرو دوست جو.

- جي مون سٹو سرتيون، هو سدا وِچ وَسَنِ.
- اکيون عجيبن کي، پَل پَل تيوَن پسَنِ.
- "سچل" سورن واريون، وِجي روءِ رسَنِ.

سر تلنگ

مُلان مارِ م مون، سجڻ ڏسان کين سبق پڙهان.

- آدم کَنون اگي هُياسي، آدم ذات نہ هُون.
- الف اسان نون يار پڙهايا، بي دي بانس نہ بُون.
- شاهه درازين "سچل" وسي، مَن جو محرم تون.

سر جوڳ

مارُو اُهي سي مليامر، ميان، طلب جنين جي آهي تَنَ کي.

- ڪَرَمَ ڪيائون کهڙا، جو ڏِوتي هٿِ ڏنامر.
- هت تا حاصل ٿيا هن کي، مارُوئڙا ئَي مدامر.
- پاڙيائون سي پانهنجا، ڪيائون جي کي انجامر.
- طالع وارا تن اڳيون هنِ، گولن جا بہ غلامر.
- هتِ جنين کي هُتِ بہ تنَ کي، اچي پيا آرامر.
- کَاڏهون "سچل" سالڪن کي، ٿئي طلب تمامر.

❖

محبت جي مَي ماريو ڙي مونکي،
ڪاڪيون ڪنهن سان وِرهُ وراهيان.

- عقل علمر سڀ ڇوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو.
- اڪيان ڪول تہ ظاهر ڏيکين، سيرُ سچڻ جو سارو.
- پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوتُ اتوَ هاڪارو.
- محبت مؤن منصور وڃهايو، ڦِچيءَ جي وچ ڦارو.
- سنبرُ "سچيڏنا" ڇوڙ سانباها، وِرهہ ڪيو جان وارو.

❖

مونکي عبرت آهي اهڙي حال جي،
هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهہ جي.

- ڪاٿئين ڏاڍو ڪاٿئين هيٺو، ڪاٿئين جوڙ جٽيا تو پائي.
- ڪاٿئين ڪوري ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين سيد سڏائي.
- ڪاٿئين تارڪ ڪاٿئين سارق، ڪاٿئين تو مُڪ ملائي.
- ڪاٿئين شاهي ڪاٿئين سپاهي، ڪاٿئين حڪمِ هَلائي.
- ڪاٿئين ڪافر ڪاٿئين مؤمن، ڪاٿئين سُوريءَ سِرُ سلائي.
- ڪاٿئين گسائين ڪاٿئين سناسي، ڪاٿئين تو بت بنائي.

- ڪاٿئين سامي ڪاٿئين اِنامي، ڪاٿئين تلڪ لڳائي.
- ڪاٿئين قادر ڪاٿئين نادر، ڪاٿئين ”سچو“ نانءُ سڏائي.

❖

مونکي آهن ياد،
محب منيون تنهنجيون ڳالهيون ڳالهيون.

- هيءَ نماڻي ڏوهن هاڻي، دوست پهچائين داد.
- پرين پنهنجي پارَ جو، عشق ڪرين امداد.
- ”سچو“ آهي اوهان جو، تنهن جي دوست ڪريو دلشاد.

❖

مئن ڳڏي هان عشق اياڻي،
هيڏي هوڏي گهمڻ نہ ڏيندا.

- نيڻن سندي ناز سان، ڪيائون هتيڪو هاڻي.
- ڏيلُ ڏناٺون ڏکيءَ جي، اهو آرانيو آڻي.
- ڏنا دلاسا دل کي، موتي سو يار سياڻي.
- مَاريون وِڏمِ مامري، سندن سانگ ستاڻي.
- ”سچل“ سَگَ اوهان جو آهي، سائين پاڻ سڃاڻي.

❖

ميلو ٿيندءِ ميلو ٿيندُءِ، نينهڙو لايو،
جڙيا جاني مون سان.

- ”وَهُوَ مُعڪمُ“ چيوَ وصالون، وري سو وِرهہ وَسايو.
- ”وَنَحنُ اَقرَبُ“ پاڻ اُتيوئي، موتي تا بره بچايو.
- اسين توسان تون اسان سان، پاڻ پرينءَ فرمايو.
- زلفان ڪوليوَ خيال اسان جي، ڏاڍو ڪو ستم سهايو.
- ڪري اُمارو اڳيون اسان جي، تيرن ساڻ تپايو.
- راند رُئڻ جي سڪئين ”سچو“ ڙي، ڏاڍو تو پُور پرايو.

سر جهنگلو

مڙس تي منصور پئہ، نہ تہ ڪيم چئو منصور آن.

- منصُور جي منزل اُتي، ڏاڍا تماشا تهمتان.
- سگهہ نہ جي ساري سگهين، مُنهن رکين تنهن تي متان.
- چو چوڪراٽيءَ ۾ پئي، رانديون روين راتو ڏينهان.
- احوال سڀ اسرار جو، عشق کي آهي عيان.
- ٽڙڪو ٽڳيءَ جي ٽاهہ جو، ناحق ڪرين تو ناتوان.
- هِنَ کي ڇيو هُنَ کي چوين، آهيان لاهوتي لاطمعان.
- منصور جي تنهن ملڪ تي، آهن سدا نُڪتا نوان.
- سُڻُ "سچو" تون سمجهہ رک، توکي چڱائي تو چوان.

❖

- مُلڪ جا مالڪ ٻيا هن، تون وِچئون ٻيئين ٻٽي.
هَئي ڪنهين هن حال ۾، توکي وڏو هستيءَ هٽي.

سير الله سير باالله، سير مون الله گهرُ
سير في الله لاهہ تون، خود ڪئون وڃي منزل ڪٽي.

هِي جيئڻ آهي عاريت، جن جو آهي تن کي وٽي
ڪَڏُ وڃؤن تون پاڻ کي، اندر ٻاهر آهي ڏٽي.

آهين امانت ٻين جي، تون آهين ڪاٿئين ڪينکي
سِرُهي سارو سهي ڪر، هڪ ٻہ ٽي چو تو ڳٽي.

اِنسان جو اولو ڪري، سَوَ رنگ ڪرين سنسار ۾
شاهہ کي هِيءَ ڳالهڙي، وهہ واهہ جا "سچو" وٽي.

❖

منهنجو هينئڙو پيو، وچي پرين جي پيار.

- سپريان ڏي سرتيون، مونکي نينهڙي نِيو.
- ڳڻن ڳالهين يار سڄڻ جي، سوگهو ساهہ ڪيو.
- پاڻئون پائي اڱڻ اسان جي، لالڻُ شال لِيو.
- جَڙَ لڳي هُيَوَ جيڏيون، تہ ڪيئن مون ڏوهہ ڏيو.
- سپيريان جي سڪ ۾، مون سان ٻيلي ڪونہ ٻيو.
- سگَّ سڄڻ سان سگ "سچوءَ" جو، جيڏيون جيءُ ٿيو.

سر جهنگلو - پيروي

مون ڪي نہ وسار، وو ڍوليا، آءٌ تا تنهنجڙي آهيان.

- ناءَ سائينءَ جي اسان نماڻن ڏي، ڪٽي نيڻ نهار.
- پرين وڙئون پانهنجي، گڏ غريب گدار.
- ڪيوَ اسان سان يار پيارل، پنهنجا وعدا پار.
- اڱڻ اسان جي سگهو ڪي ايندين، والي سو ڪهڙيءَ وارِ.
- در پنهنجي جو دلبر سائين، "سچُو" سو سگ سنيار.

سر جهولڻو - سسئي

- مونکي ميڙين الله، سگهو آڻي الله، وو ميان ٻاروچا.

اُنهن ڪارڻ ڪاڪيون، وجهان وچاڻا
سانول پنهنجو سرتيون، سَوَن ۾ سچاڻا.

ٻيهر شهر ڀنڀور ۾، آڻين الاهي
پيرين پئي تن ڪي، ٿيون پاڻ تي صلاحي.

اوڏانهن آڏيءَ رات جو، ڪانگل اُڏايان
جي پري آهيان تن ڪئون، تا ٻي سَندين سڏايان.

ڪڏهن مڪو ڪونہ ڪو، پرينءَ پيغامي
اصل لاڪُون اُن جو، آهي ساهہ سلامي.

ڪڏهن ايندم سپرين، تي پوتيون پتايان
”سچل“ سوالن سان، ويندا ورايان.

سر ديسي

مون ساري سڄاتي، بازي بازيگر جي.

- مستيءَ منون منصورِ جو، ٿئين جي تون جماعتي.
- سورِهہ باسع سِر تي، تون ڪسن جي ڪاتي.
- غير نہ آڻج وچ ۾، آهين ظاهر تون ذاتي.
- متان پائين پاڻ ڪي، تون ”سچو“ صفاتي.

❖

مونکي هِيئن نہ ڇپر ڇَڏِ، پلو پنهل يارَ.

- پرين پاڃاٽي پانهنجي، گولي گولن گڏ.
- تون تا صاحب سپرين، هيءَ ڏوهارڻ ڏڏ.
- آءٌ اوهان جي آهيان، هون هَئون هڏ.
- تنهنجي صاحب سپرين، شال نہ سڪان سڏ.
- جايون جانب پنهنجيون، اڪڙين ۾ اڏِ.

سر ڏناسري - توڏي

محبن مُڪا مون ڏي وري، اڄ ڏوٽ ڏوراپا ڏيئي.

- سٺي سنيها يار جا، ٻولي ٻڌيم ٻانهون ٻئي.
- دل ديري ڏي دوست جي، وهندو اُنهيءَ ويلي وئي.
- مونکي وساريو ڪيئن اٿئي، مون پرت توئي سان پيئي.
- تنهنجي اسان جي وچُون، ڏِس ڏينهن ويا گذري ڪيئي.
- لتو دئُور دل ڪوُن پائين، آهي حيف تا توکي هيئي.
- مون ڪيون توساڻ جي، سانيج ”سچل“ ڳالهيون سيئي.

❖

مون سان ڪيون ميهار،

ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون.

- سي نہ وسرن سِير ۾، جي آيون ڏنهن اسرار.
- سَون ليکو ناهہ ڪو، پَر هيون هت هزار.
- پڇي پيون پَرَ تي، منجهؤن گرد غبار.
- منهيون اڏن تيون ڪيتريون، آٽيو متي آر.
- ساهہ سچوءَ جو سوگهو ڪِيڙو، پاڙيچيون هُن پار.

سر سهڻي

منهنجو نينهن وڏايو ناز، نيڻن نيڻن ميان.

- سَيفان آهن يا تہ ستم جون، تنهنجيون اکيون ڪجليون ڪاريون
وي الا يا تہ بحري باز.
- دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، ڏادي زور سان آندي
وي الا نيڻن منجهہ نياز.
- شال پون ڪَنِ يار اوهانجي، او هڪيئي واري
وي الا عاشقن جا آواز.
- ٻئي ٻانهون ٻڌي سچل وچ، تون ساڻ يقيني
وي الا ور متي ڪارساز.

سر سسئي

ماريو هوت وڃن لا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي.

- ڪاڪيون ڪڏهين ڪين ڪي، منهنجي مِنتَ مين لا.
- پنيءَ پيس جن جي، سي پي سور سڃن لا.
- دعا ڪريجو جيڏيون، پيرو تا نہ پڃن لا.
- اهو اتم آسرو، ڏيندا آب اُڃن لا.
- "سچو" سهمي ڪين ڪي، رُوح تہ ڪانءُ رڃن لا.

❖

مانَ اڃن اُهي ڪائُون، مُئي ويا جي ماري.

- پريان رِيءَ سرتيون آهيان آءٌ اپائُون،
ويهان سي ڪيئن وساري.
- پرين ڏسُ وو پاڻ ڏي ميان، آهيان ڏهارڻ آئون،
نيندا سي نال قطاري.
- اڇي اسان وٽ سپرين ميان، اديون ڙي شال اوڏاهُون،
مان ڪو ڏينهن گذاري.
- آيا قاصد ڪيچ جا ميان، ائين سو مون اُتائُون،
يار سچڻ توڪي ساري.
- آڏيءَ رات اُٿي ڪري ميان، جَتَ ويا هيم جائون،
تائون سا نِتُ نهاري.
- هاري توسان هُوءِ جي ميان، ڪي جي قَولَ ڪيائُون،
پرين اُهي سڀ پاري.
- ويهين وسارين وو اتهين متان، هي چانگارچيائون،
”سچل“ تو دوست سنياري.

❖

متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڙي ساٿيو مونکي.

- هيءَ ڪنيزڪ مُلهہ خريدڻ، ڪين هتؤن مون ٿيو.
- حرف اسان تي آهي اصل جو، وقت ويسرِ ۾ ويو.
- پلئہ پائي اديون، پيش پنهونءَ جي هي پيو.
- ”سچل“ ڪوني پانهنجو، پاڻ قريبن ڪيو.

❖

منهنجو سگ نہ سياپو، ڪاڪيُون ڪيچ ڏٺين سان.

- هِتئون هلي اُتهين، آءٌ نہ ڪنديس ڪاپو.
- بَانهي خان ٻروچ جي، تِيس لاهي لاڳاپو.
- شال نہ ڏڪيءَ ڪي ڏين، ڪنهن ڏوهون ڏوراپو.

- جيڏيون هن مُٺيءَ جو، آهي جانب جياپو.
- ”سچو“ سچڻ سان ڪندو، منهنجو مولي ميلاپو.

❖

مونکي تنهنجڙو آهه، اچڻ جو وڏو آسرو.

- جوڙي چڏيم جايون، لُونءَ لُونءَ ۾ تولاءِ.
- ڪين جڙي پيو جيءَ ۾، تنهنجي سڪ سواءِ.
- ڪڏهين ڪڏهين تو ڏسان، توکي جاءِ بجاءِ.
- هت گذاري ڏينهڙا، ”سچو“ تنهنجي ساءِ.

❖

مونکي يار مليو، جيءَ جان جنهين سان جار لڳو.

- لنگهيا اسان تئون ڏينهن خزان جا، سرتيون اڄ بهار لڳو.
- هئاسين ڳولائو اسين جنهن جا، سو تا اڄ شڪار لڳو.
- ڳليءَ ڳليءَ ۾ تال تماشا، ڇهڇٽو چوڏار لڳو.
- رنگارنگ بيرنگيءَ واري، شهر بحر بازار لڳو.
- اڱڻ اهيئي پيهي آيم، برهه جنهن سان بي اختيار لڳو.
- ٻانهون ڏنيون ڳل يار اسان کي، نينهن جنهن سان نروار لڳو.
- مرشد هاديءَ عبدالحق جي، وَت پنيءَ پيزار لڳو.
- ”سچو“ حجاب ويا هڪ ٿياسين، دم بدم ديدار لڳو.

❖

مون ۾ عيب اَپارَ، سچڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان.

- ٻانهَنِ جي آءُ ٻانهي آهيان، ساري سب چمار.
- هُئان هميشه هوت سان، شال نه ٿيان ڌار.
- اوچڻ ڪنديس اکيون، پٿر ڪنديس وارَ.
- پاڻ توئي تئون صدقي، سسي ساڻ ڪپار.
- ساهه ”سچوءَ“ جو سوگهو ڪِيڙو، رکي يارانو يار.

❖

مون وٽ هو مهمان، پلو جيڏيون، ايا ڪالهه قافلو.

- اٿم اوٺارن جو ميان، آيل ڙي ارمان.
- ڏئي ڏکيءَ کي ويا، سُورن جو سامان.
- جتن سَندي جات لئي، هَئي هئي هيءَ حيران.
- ڪندي وجي ڪيچ ۾، هِيءَ برهه جو بيان.

❖

مونکي آڏار ڏي، ميان، سهڻا ساٿيئڙا ڙي.

- وجي چئج پرين کي، حال منهنجو هي.
- پريان سندي پار ڏنهن، قاصد اچڻِ کي.
- وعدا پارڄ پانهنجا، جاني ڪيڙو جي.
- هو جي ڪيو ڳالهڙيون، ساهه نه وسرن سي.
- "سچل" سنگت پانهنجي، نانءَ ڏٺي جي تي.

❖

مون ڏي واڳ ورائيندا، سرتيون سگهڙا هوت ڪوهيارا.

- پڪا پکن سامهون، اوري آٿي اڏيندا.
- پينر هن پنيور جا، وري پاڻ وسائيندا.
- سپيئي ڏسنديون سرتيون، رئندي هوت ڪلائيندا.
- پاڄاڻيءَ جا پاٺين، پڪا پاڻ پچائيندا.
- سور "سچل" ڙي هوت سان، هِيءَ غريب گڏائيندا.

❖

مونکي ماريو مونجهاري، ووءِ، سانگي مون سيڻ ڪيا.

- سوز تنهنجو سپرين، هت ڪوڪان ٿو ڪاري.
- اُنهيءَ پاجهون سرتيون، هِيءَ گوندر گڏاري.
- ڏاڍي ذات جتن جي، جي عاشق ويا آزاري.
- وندرِ جي وٽن ۾، ٿي ڪيچي نهاري.
- "سچل" سپرينِ کي، تون ويهه نه وساري.

❖

مونکي مُرڪڻ سان تون، ڪيئن ماري وئين.

- ڪيني پڇندي پانهنجي، موتي ڏوراپو تو ڏئين.
- آءُ ايلازڻ دوست توئي کي، يار اتي وڃي ياڪي ٿئين.
- آءُ مُئي تا گهوري جاني، سدائين تون تان جئين.
- کهڙي ڳالهين يار سچڻ وي، هيءَ نماڻي نال نہ نئين.
- آهي ”سچل“ جيئن يار توئي سان، هج تنهن سان تون پي تئين.

❖

مونکي محب ويو ماري، ڪنهن دَرِ ڏيان هيءَ دانهڙي.

- سوز تنهنجون سپرين، ڪوڪان ٿو ڪاري.
- هوت نماڻيءَ هن کي، ويهہ نہ وساري.
- نيو پورهيت پاڻ سان، پنهنجي ڪڍ قطاري.
- ويو پاروچو نڪري، عاشق هي آزاري.
- راتو ڏينهان سپرين، ”سچل“ سگ سنياري.

❖

مونکي دوست ڏنيون دلداريون، جِس جيس آءُ تا جيڏيون.

- پاجهہ پاروچا تو پوي، سٽي ضعيف جون زاريون.
- سَنيون سپيئي سچڻ، عاجز جون آريون.
- لٿا فلڪ فراق جا، آءُ نہ گڏ گڏاريون.
- توکي تا تَرَ جيترو، وارُ نہ وساريون.
- سيئي ”سچلَ“ آيا، جن لئي جهونگاريون.

سر سسئي - بروو

مُکا دلاسا ڏيئي، ڙي سچڻ مونڏي.

- دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تا هيئي.
- پسي عيب اسان جا، مهر پنهونءَ کي پيئي.

- وريو ورق وصال جو، وائِي هجر جي ويئي.
- ماريون ملاقات جا، وَس ڪيا هيم ڪيئي.
- ”سچو“ سيئي آيا، جِيءَ گهريا هيم جيئي.

سر ڪلياڻ

ماري ويو ڪالھ رات، سونهن پريو سو تا ساميئڙو.

- راتو ڏينهان روح کي، طلب تنهن جي تات.
- ڪينَ سجاتم سرتيون، تا کهڙي آهي ذات.
- سُور نہ جهلڻ جهڙو، هاريون ڙي هيهات.
- ائـي پـهر تَنهنجي، وائي ”سچوءَ“ کي وات.

❖

محبوب ڳولي ڏِسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تُون ڏِسُ دل ۾ تون.

- واه ڪاريگر ساز بڻايئي، ”ڪُن فَيَڪُون“ جي ڪُن ۾.
- بي فائدو بازار گهمين تو، گل ڦل باغ بدن ۾.
- چوريءَ چوريءَ سير ڪرين تو، تنهنجو چنڊ چمن ۾.
- ”سچل“ سائين صحيح ڪر ڄاتم، يار ڳڏيو ڪک پن ۾.

❖

محبوب مِنو آهي مَنَ ۾، معشوق مِنو مَنَ ۾.

- پيائي سان تو ٻاهر ڳولين، اٿئي بَرَ بحر ۽ بَنَ ۾.
- چهرا چوريءَ چليو ڏسين چو، سو اٿئي چنڊ چمن ۾.
- زلف زنجير ڪئون زاهد پيُا، اهي ظاهر پرست ظن ۾.
- عاشق سوين احوال ۾، آڪن اناالحق اَنَ ۾.
- سَتَ زيور سينگار ڪري ني، دوست آيو درسن ۾.
- ”ڪُلَ يومٍ هُو فِي شانَ“، آيو وِرنھ هر ڪنهن ون ۾.
- چيديون تا چار اٿو، پرين پيارل پَنَ ۾.

- دلبر ديرو دائم دل تي، چو ديکين درپن ۾.
- ڪري تو آهون ڪين سٽي تو، اتني قدسي ڪلام ڪن ۾.
- مرشد ڪامل سانولُ سپرين، آيو صاف صحن ۾.
- فيض فاروقي فائق بخشيو، ”سچو“ فهمائي هِن فن ۾.

❖

مَنُ موهي منهنجا جاني، گهٽا لايَئي ڏينهڙا.

- صورت تنهنجي سپرين، مورت ڪئي مستاني.
- پرين اوهان جي پار جو، گوندر تيو گذراني.
- روز ازل ڪئون ڏنو اسان کي، نينهن پنهنجو نيشاني.
- اڳڻ اسان جي آءُ پيارا، محب ڪريان مهماني.
- پيريءَ جا ”سچو“ ڏينهن وسارج، تيئي جمال جواني.

❖

منهنجا واقف يار، سدائين تون جيئندين.

- راتو ڏينهان روح منهنجي کي، تنهنجي سار سنڀار.
- تحفو هن کي آهه اِهوئي، تنهنجي پيرن جي پيزار.
- اچڻ اوهانجي لِئي وِينا وِجهايون، فقيرن ڪئون قار.
- ڳالهيون سنديوَ ساريو ”سچوءَ“ کي، اچي تي اُڃنگار.

❖

مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪينن، ڪڏهن ڪيئن.

- اسان نماڻن تا سهڻا سائين، هٿ مَٿئون متان لاهين لاهين.
- آءُ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نہ تنهن سان ڪو ساهين ساهين.
- ڪڏهن آرامي ڪرين اسانکي، ڪڏهن بچين تو باهين باهين.
- ڪڏهن منصوري دم انا الحق، ڪڏهن ڏسين تو قاهين قاهين.
- حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تا ناهين ناهين.
- استغفرالله ڳالهه اهائي، جو ڪجهه مونسان تون ناهين ناهين.
- ”سچو“ جي عاشقَ آهين اسان جو، تج نہ درد جو دانهين دانهين.

سر ڪلياڻ - ڪانرو

مون سان تو جي ڪيون ڪيون، سھڻا اُھي ڳجھڙيون ڳالھيون.

- سي نہ وڃن وسري پلو ميان، چڱيون اوھان جي چيون چيون.
- اوھان ڀاجھون سپرين ميان، نينھن وھايون نَيون نَيون.
- لڪون ڪيون سي جي لوڪ ڪئون، پڌر اُھي اڄي پيون پيون.
- ڳجھيون جي ڳالھيون يار "سچل" ڪئون، ڪينَ سي وسري ويون ويون.

سر ڪئونسيو

منھنجو ھاڻي مون وٽ ايندو، ھاريون واقف حال جو.

- ڪينَ چڙھيندو چپرين، نال نماڻي نيندو.
- شال مُقام مٿي جو، تر وڃي تيندو.
- درشن سندو دائما، ڏاڻ ڏکيءَ کي ڏيندو.
- "سچل" يارَ پرين جي، وِرھہ وارو ڪو ويندو.

سر ڪسوري - بروو

مانَ پرينَ پھچائي، ھي نياپو ڪي نيئي.

- ڳچيءَ پائي ڪڙو تي، پاڄاڻي پرچائي،
حال ڏسي وڃ ھيئي.
- پرين ڏسج پاڻ ڏي، چِتُ نہ وڃ مون تئون چائي،
يار اسانڪئون پيئي.
- الله ڪارڻ آءُ تون سائين، ٻانھي تي ٻاڏائي،
وڃ دلاسا ڏيئي.
- اوھان ٻاجھون سپرين، ويني سو وِرھُ وسائي،
ڪانگ اڏائي ڪيئي.
- دَرَ اوھان جي جو دلبر سائين، "سچل" تو سگ سڏائي،
ٻڌي ٻانھون آيو ٻيئي.

سر مارئي

مارُو تر تيام وو ميان، ڏيان ڏوراپا اِهي ڪنِ ڪي.

- سي پاڙيـنديس پـنهنجا، هُتِ جي قولِ ڪيام.
- ڇڏي ملڪ ملير جو، پـريـنءَ وَس ويام.
- گهوريا پـري ڏيـنهڙا، جي پـهنوارئـون پـِيام.
- سنگهارن جي اچڻ جا ميان، "سچل" سنيهه سيام.

❖

مارُون مونکي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان.

- درد جنيـن جو دل کي، ڪرم سيـن اُڪاريـن.
- اَٿـي پـهر اوڏهيـن، تا نيڻ نهاريـن.
- هر دم طلب جون تـن اندر، تارُون تـنواريـن.
- "سچل" ساريـن جن کي، سي پِي تو ساريـن.

❖

مـارُنِ ڏي آءُ وڃـان وڃـان، هـادي الله اَلـو پـِلـو.

- لاوانِ لهنديس ڪيت پنهنجي سان، سرتيون تيـنديون مون ڇجان ڇجان.
- ڪَڍُ بـنديائي بـند مئـون، قلف ڪڙا تـي پيجان پيجان.
- وات جنهيـن ڪـئـون سانگي ايـندا، سائي وات مان وڃان وڃان.
- "سچل" سائل آهي اوهان جو، سِر سائيـن اڳيون سجان سجان.

❖

متان مُنڌ مارُنِ تَئـون، ويهيـن آسرو لاهي.

- بـندُ تـنهنجي باب مِ، اصل ڪـئـون آهي.
- سگ اسان جو سومَرا، چِنڻ جيهو ناهي.
- پـريـن نيـندا پـاڻ سن، سگر ڏي ساهي.
- نيئَرَ هي جي نينهن جا، ڪيرُ سگهي لاهي.
- رکـج "سچل" منهن ملير ڏي، ناهه نہ بيو ناهي.

❖

- مون تا ڇيو تو اڳهين، نہ تون دل قاساءِ.

آهون دانهون ڇو ڪرين، سير سيڻ سنداءِ
ڪچ پچ ڪنهن سان ڪينَ ڪي، ٻولي ٻي نہ ٻُڌاءِ.

وڇڙيا ڳڏ ڳڏي پرين، ڪو والي ورق وراءِ
توري گهٽي ڏينهڙين، ڪندءِ ماڙ خُداءِ.

سانگي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگ سُئاءِ
پاڻئون ڇاڻي پريت مئون، ڪوهہ ڪرين هاءِ هاءِ.

"سچل" سپرين لئي، ڪوڙين ڪانگ اُڏاءِ
تو پٺي ساريو جن ڪي، تن پيي سڪ سَندياءِ.

سر مومل

منهنجو سوڍل سارئي ساهہ،
راڻا رسامن ساڻ مارئي يار ڙي.

- وينِي ڪڙهان ڪاڪ تي، آڻيندئي تہ الله.
- هن مئيءَ جو ميندرا، توکي ڪيهوي پرواهہ.
- تنهنجي اچڻ سندي، روز نهاريان راهہ.
- مهر مٺون ناهہ ڪا، جيڪس هن جو بخت سياهہ.
- گهرَ اوهانجي تي گهران، چت اوهان جو چاهہ.
- ڪوڏئون قرباني ڪري، سچل ساهہ پساهہ.

❖

مونکي تنهنجي سار سنيار، وو،
ڇڏ رسامان آءُ تون يار.

- ڏوهہ نہ ڪوئي تو ڏيان، آهي مون ئي سر ميار.
- سڪ سوراخ مون ڪيا، هِينئڙي منجهہ هزار.

- موٽ مران تي ميندرا، برهي چاڙهيئي بار.
- ويني ڪري ڪاڪ ۾، هيءَ ويچاري ويچار.
- ”سچل“ سيئي آيا، جي دل گهريا دلدار.

❖

مونکي ڪانڌ بنا هيءَ ڪاڪِ،
ڪئوڙي آهي ڪاڪيُون.

- سوڍل ٻاجهون سرتيون، مري تي مشتاق.
- منهنجو ساهه سڏير تئي، اچي جي اوطاق.
- سڦري آهي سون ڪنئون، خاصي ڏٽ جي خاڪ.
- سُڏِ اچي لهه، تنهنجي، چُور ڪئي چوطاق.
- وِجهي ويچاريءَ ويو، اديون ڙِي اولاڪ.
- تَنُ ”سچوءَ“ جو عشق اوهانجي، چيري ڪِيڙو چاڪ.

❖

ميندرا آءُ ميان، هِت ويني ڪانگ اُڏايان.

- تو ساريندي سپرين، هِت سوڍا ساهه ڏيان.
- راتا رَتي راز جي، ڪاجا آهِ هيان.
- ڪامل ڪنڌيءَ ڪاڪِ جي، آءُ جاني ڪيئن جيان.
- شال اوهانجو اڳتي، ”سچل“ نينهن نيان.

ن

سر بروو

نـاهي ويـچـاري سـا وَس، هيءَ تا بيـوس آهـي.

- پريـن پنهنجي پارَ جو، ڏاها ڪو پَھُ ڏسِ،
تنهنجي ڪَسِ ني آهِي.
- اول آخر آهيئـي، رانول منهنجي رَس،
تنهنجي وسِ ني آهي.
- اوهان ٻاجهون سپريـن، ڳالهيون نہ اچن ڪَسِ،
روح رِسِ نہ آهي.
- پـچاڻان پريـن جي، آهي پنيور ڪئـون بس،
سو تا چَسِ نہ آهي.
- سانڍ "سچوءَ" تون سپرين، هوت ڳالهائج هَسِ،
ٻيو ڪو جَس نہ آهي.

❖

نتـي وٽي ڳالھ ٻي، ڙي جيڏيون مونکي نتـي وٽي.

- آءُ نہ ڪنديس اهڙي، جا ڪيچيـن مون سان ڪِي.
- آءُ اوهان لاءِ مست جو تـيڙس، پـيالو عشق جو پـي.
- اوهيـن مڙيئـي عقل واريون، آءُ جو بيراڳڻ تـي.
- "سچوءَ" پـچاڻان سپريـن، ڪوھ ڪنديس هت وِي.

❖

نينهن ڏاڍي سا لايو سي، آءُ تا هاڻي ڪيئـن ڪريان.

- عشق سولو سرتيون، هت پيـنر پانيو سي.
- پـُڇي اسان جا پـڪڙا، اديون اِجهو آيو سي.
- پيـنر شهر پنيور جي، هِتِ طعنـن تايو سي.

- جو ڏنائون جيڏيون، سو پَلَوَ پايو سي.
- سوئي "سچل" سِرَ تي، هاڻي چمي چايو سي.

سر بروو - جهنگلو

نہ مان مريد نہ مان پير، ساري فقر جو فقير.

- نہ مان حاڪم نہ مان ظالم، آهيان اَمُنَ جو امير.
- نہ مان طاعت نہ مان تقويٰ، آهيان وِرهہ جو وزير.
- نہ مان گهمڻ نہ مان گهتڻ، آهيان عشق جو اسير.
- نہ مان ڪچڻ نہ مان پچڻ، آهيان دوستن لئي دلگير.
- "سچل" ٻَڌو محڪم سر تي، محبت جو منديل.

سر توڏي

نئين ڪو گوش گذاري وو
هي نياپيا منهنجي پرينءَ کي هوءِ هوءِ.

- آءٌ اوهانجڙي آهيان، ويهُہ نہ يار وساري.
- اوهان جي تہ اچڻ جي، نت نت واٽ نهاري.
- راتو ڏينهان روح کي، تارَ سنديوَ ٿي تاري.
- ساعت ساعت سپرين، "سچو" روز سنياري.

سر تلنگ

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو،
آهي اُهو جو مان روز ڏسان ٿي.

- ويٺي هيڙس واٽ تي، اچي وسيلو ٿيو.
- ماڙيءَ منجهہ معشوق ڏٺو سي، لالن پائي ويو لِو.
- دريءَ منجهوُن ديد ڏني سون، لالن پاتو لِيو.
- جِتَنُ ڪج جِتَنِ جو، سگَ سبب سان ٿيو.
- صحيح سڃاتم سپرين، يار يقينئون ٿيو.

- "خلق الآشياءِ فَهو عَينُها"، شڪ وچئون پيو ويو.
- ڪٽي وڃان آءُ خوشيءَ سان، سرتيون جي سنهن ڏيو.
- سير سارو ئي صورتين، پاڻ قريبن ڪيو.
- پريون پچان ٿي ڪين ڪي، مونکي نينهن اُنهن جي نيو.
- ڪيو "سچوءَ" ڪي سرتيون، اُنهن خمارن ڪِيو.

سر پهاڙي

نانءُ اِهوئي نانوَنِ وارو، صورت مورت سائي وو.

- اسم خاني وڃون اَسما اِهو، ڏُس هاديءَ جو جائي وو.
- آهه تعجب اهو جو، لوڪان ذات لڪائي وو.
- گاهي طاعت گاهي عبادت، سجدو سَهو سيائي وو.
- ٻي پارون تا ڏئي ڏيڪاري، اوڙڪ خلق منجهائي وو.
- "سچوءَ" سهي ڪئي اِها سيائي، جا بازي يار بنائي وو.

سر پهاڙي - روپ

ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهانکي، يار توسان منهنجي زاري.

- روز ازل ڪئون چاڙهيئي اسان تي، بار برهه جو باري.
- جاتي ڪاتي صاحب ساريان، يار اوهان جي ياري.
- راتو ڏينهان ڳالهه اوهان جي، ٻي وائي مون تا وساري.
- دردمنديءَ سان ڪنهن ڏينهن دلبر، ڪر ڪا ورونهه واري.
- حال احوال جي آهي اوهان ڪي، سُڌِ "سچل" جي ساري.

سر جهنگلو

نوان نياپا آيا، مونڏي محبن جا ميان.

- قاصدن ميان هيڏي اچڻ جا، روز سي رستا لايا.
- طرف پنيور جي سڻ تون عاشق، پنهونءَ تي پنڌ پچايا.

- تو تا طالب يار سڄڻ ريءَ، گوندر ڏينهن گنوايا.
- اڱڻ تنهنجي اڄ سي ايندا، جن لئي تو وِرهه وَسايا.
- جيئي گذاريئي يار جانب ريءَ، سيئي ڏينهن اَجايا.
- هُنا پرين کي پار تنهنجي ميان، سچل اڇڻ جا سايا.

سرسسئي

نانوَن حق ڇپايو، پلو جيڏيون وو هوءِ هوءِ هوءِ.

- هينئڙي کي حيرت آهي اُهائي، لهرن بحر لنگهايو.
- هينئڙي سان لائن رمز اهائي، هاديءَ هِيئن سمجهايو.
- جان جسم جي ڏئي ڏيکاري، لِڪ لڪوتي ٿي آيو.
- رنگ برنگ ۾ طرحين طرحين، يار "سچل" رنگ لايو.

❖

ناهي هن درد جو دارون، توئي وٺ طبيبا.

- ترُ تفاوت درد نہ ڏيندئي، چوڙين جا سِير سرارون.
- ڦکي ڏيڻ سان هي وڃي ٿو، هينئڙو هاٿي هيڪارون.
- سوز گداز ني وي غم فراقان، لايون تا ڪول قطارون.
- دوا درد جي سوئي ڏيندو، جو ايندو پرين پارون.
- ناز پرين جيون يار "سچل" جي، آهن ساهه سنيارون.

❖

ناهي ويچاريءَ جو وَسُ وي، توکي معلوم مڙيوئي ميان.

- آهي هن ڪميٽي کي ميان، ڏونگر سندو ڏسُ وي.
- چڏي ڏونگر ڏاڪڙو ميان، ويڙهي اسان جي وَسُ وي.
- حال هِنَ جو هيٺو ميان، پنهون اچي پَسُ وي.
- ٻاروچاڻي جات ۾ ميان، سانول آهي سرسُ وي.

❖

نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون ڪاڏي وڃان.

- پنڌ پري ٿيو پرينءَ جو، عشق اُلارو اڃان.
- ڪتڻ وتڻ نه ٿئي، چرخو ڦيرائي پڇان.
- پرين لايون پٽ ۾، عشق سنديون سي چڃان.
- موتڻ واري ڪڏهين، "سچل" نه مصلحت ميان.

سر ڪوهياري

ناهي ميتا ۾ مطلب،

توڙي پنيءَ لڳئي جڳ تا پيي چا ٿيو.

- نفي سِري خفي اخفا، توڙي جاري ٿئي قلب.
- ڳالهين ڪئي ڪين ٿئي، منصوري منصب.
- ڪاڻ تماشي ڪيترا، پچن پار عرب.
- ڪري ڏيکارين ڪيترو، عالم ڪي به عجب.
- نفل نمازان ورد وظيفا، اهو ڪوڙ ڪسب.
- دائرا دعوت جا ڦرين، ڪي تسخيرات طلب.
- باجهون عشق الله جي، "سچل" ٿئي نه سبب.

سر ڪلياڻ

نِتُ اُهي مونکي ميان ڳالهيون،

اورڻ آيون وي آيون.

- هو جي ڪيڙئي ڳالهيون ميان،

ڪيئن سي وسرن وايون وي وايون.

- هو جي ڳجهڙيون پرين پرجهايون،

اُهي مون دل سان لايون وي لايون.

- ڪيَنِ جي خبران پارون اوهان جي،
اَج توڙي تا نايون وي نايون.
- موٽيو وڃين تو پرين تون پويان،
پير اسان وٽ پايون وي پايون.
- سانپڙ تيون سي ڪين "سچل" ڪي،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايون وي ڳايون.

9

سر بلاولي

ويهي هِت ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پچن تا.

- جيهو تيهو آهي اسان جو، چئو جو دوست چون تا.
- ڪڏهن ماندو متان ٿئين تون، تنهنجي اڱڻ اچن تا.
- جڏهن تين تيون هت سنياران، تڏهن هت پُور پون تا.
- پرين توکان پري نہ آهن، ويڙهي چڻ تہ وسن تا.
- ماندو متان ٿئين خوش ٿي "سچل"، هُو اچ گوشي گڏجن تا.

سر بروو

وِيڙا جي وٽڪار، اجان وري اينداسي.

- ڪي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار،
اسين ڪاڏي نہ ويندا سين.
- پوءِ منهن رکي جيڏيون، پاٽون چاٽي هن پار،
اسين ڪاڏي نہ تينداسي.
- آيا چاڻ سپرين، جِيءُ وي پيڙو جار،
اسين نينهن نيبهہ نينداسي.
- هاٽي "سچل" مون ڪان وِسري، ڪتڻ واري ڪار،
اسين جا ڪي جينداسي.

❖

وات مونکي آهي وائي، خان ٻاروچا تنهنجي.

- پرين نہ مُڪيوَ طرف اسان جي، لکي ڪتابت ڪائي.
- پيرو ڪنديـن وري پنيور ڏي، اها آڌار مون آئـي.
- حال منهنجي جي خبر نہ ڪنهن کي، چگي سڄڻ تو لائي.
- اهو آسرو مونکي آهي، تيـنديـن اچي ڏک پائـي.
- اڄ صبح تا اڳڻ "سچوءَ" جي، جاني ايـنديـن شال جائي.

❖

وات وندر جي ڏسي وو ڏسي، مونکي ڪو جيڏيون.

- سپـيريان جي ساٿ جا، آهيون عاشق اَسي وو اَسي.
- سڌ تـنهيـن کي سور جي، جام پنهون جا پـسي وو پـپسي.
- وِهان ڪيـئـن پنيور ۾، خان وِيو دل ڪـسي وو ڪـسي.
- پِريان سندي پـار ڏهون، مانَ ڪو رهبر رسي وو رسي.
- هيڪند ٿيان جي هوت سان، هيـنئڙو منهنجو هسي وو هسي.
- سِر "سچوءَ" جي سانوڻ وانگر، برهہ جو بادل وسي وو وسي.

❖

وِڃڻ، آءُ وِڃڻ ڪيئـن ڏيان، جُڙيا جاني توکي.

- وِڃڻ تـنهنجو سپـريـن، منهنجو موت ميان.
- اوهان ٻاجهون سانول سائـيـن، وٺي زهر پـيان.
- صورت تـنهنجي سپـريـن، "سچل" ڏسيو ٿي جيان.

❖

وَسِ ڪا آهي ويچاري، هنڻ هن جو هوت ريءَ ناهي.

- اُٺن اوٺارن تـئون، صدقي آءُ سَئو واري.
- چايو ڏاڍي چاهہ مئـون، برهہ بلوچي باري.
- هيڏي هوڏي جان ڏسان، آهي اندر ٻاهر آري.
- ٻانهون ٻانَهن جان ٻڌي، زار ڪريان ٿي زاري.
- "سچل" سهي جي ڪريـن، حق حقيقت ساري.

❖

ويجها شال رهن، ڏور لايا جَنِ ڏينهڙا.

- سگها منهنجا سپرينِ، پکي ماڻ پهن.
- وڏا طالع تن جا، جنِ جي راڄ رهن.
- هن منهنجي حال جي، سي سگهڙي سڌ لهن.
- طعنا دور جن جا، ڏاهيون سڀ ڏين.
- ”سچو“ صدقي ان تئون، جي تا ڪيچ ڪهن.

❖

ويندي تا وٽڪار، جيڏيون هيءَ لڱ هوت بلوچ جي.

- آءُ ڪيئن ويهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيارِ.
- ساه منهنجو سرتيون، آهي پرين جي پارَ.
- هيءَ دل ديواني ڪري، هو تيا پاڻ قرار.
- جات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جار.
- ”سچو“ نه وسار ساهه ڪئون، دوستن جي دربار.

سر بروو - پيروي

- وعدا اُهي اڄ ياد پيا، مون سان قريبن جي ڪيا.

ڳالهيون ڳجهيون اُهي يار جون، اصلؤن ٻڌيم اسرار جون
سي تيون عطا اعتبار جون، دل ۾ رهيون دلدار جون.

واليءَ اِهو وعدو ڪيو، جو ڪم چيوسين سو ٿيو
هڪ ٻول توسان ٻيو، وسري نه مون ڪئون سو ويو.

فائق وري فرمائيو، تو سر اسان جو سائيو
اهو ڏسڻ مون آئيو، دل ساڻ سو مون لائيو.

”سچو“ سدا سرهو رهين، هن ٻول اسان جي تي ٻهين
تو ناهه تا هن تي نهين، سر بار برهي جو سهين.

سر بروو - گجري

وسئون تا نہ وسار ڙي يار،
آءُ اوهانجڙي آهيان.

- سڪايلِ ڏي سُپرين، ڪٽي نيڻ نهار.
- هيڏي هوڏي نہ ڇڏين، پنهنجي ڪڍ قطار.
- توکي ڏسان مون ڏسين، پرين کھڙي پار.
- "سچو" صبر ۾ رهين، گوندر ڏينهن گذار.

سر تلنگ

ووڙيان ڇو وٽڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾.

- صحيح سڄاتم سرتيون، دل ۾ آهي دلدار.
- ڪاڪيُون آهي قلوب ۾، ڪيچ ڏٽي ڪوهيار.
- ناحق وندر ڇو وڃان، آهي ياڪر ۾ يتار.
- "وَنحَنُ اَقربُ" ويجهڙو، لڌم لالڻ يار.
- "وَفِي اَنفُسَڪُم"، اديون ڪيم اعتبار.
- ساهو ان اوڏو سپرين، ڪوهُ پڇان پيو پار.
- "صاحبڏني" سمجهيو، تن اندر تڪرار.

سر جوڳ

وعدو ڪيئن وساريوَ، پلا سائين ڪيهي ڳالهيُن ڳالهيُن.

- اسان نماڻن سان يار پيارا، ڪو ڏينهن مان گذاريوَ.
- ڏک ڏيئي وئين اڳي ڪان اڳرر، وري نہ پوءِ نهاريوَ.
- هيڏانهن هوڏانهن ڇني اسان کي، پنهنجي ڪڍ قطاريوَ.
- آتڻ چرخو ويٺي چوريم، ڏيئي سو عشق اُڏاريوَ.
- سيڪنهن ساعت سانول سائين، "سچل" هِت سنياريوَ.

❖

وينا منهنجيون ڳالهيون ڪَنِ، هُتِ ماروئڙا ملير ۾.

- عمر آنديئي مارئي، تاسف ڏيئي تن.
- سدا آهن سومرا، مارو منهنجي مَنِ.
- مون جيڏيون ملير ۾، چانگن پاس چڙن.
- چڏي پانور ڪنڌيون، مَنهيون اوري اڏن.
- ”سچل“ جي سرير ۾، ويڙيچا تا وسن.

سر جهنگلو

- وَهيان وساريان ڪيئن، جيڏيون جي لَنوَ لائي ويا.

گهوري چڏيم هي گهر جايون، برهه بهيران پنيءَ لايون
پير نه پوئتي ورايان، وري سنياريان ڪيئن.

شهر پنيور ڪئون تيم آزادي، ڪيچ ويندي ڏنم شادي
تنهن سان نينهن نباهيان، پوءِ نهاريان ڪيئن.

تي پئي منهنجي دلڙي ديواني، محبت ڪيڙس آءُ مستاني
دَرِ دَرِ ڦيريون پايان، هت گذاريان ڪيئن.

پُور پرين جي ڪئي پڌرائي، اوڙي پاڙي وِڄتي وائي
چا ڪي عشق چپايان، هڻ گهر گهاريان ڪيئن.

ڪيچيئڙن جي ڪم اڇان جي، رنگ پرين جي رنگ رچان جي
”سچو“ وي ڳڻ ڳايان، هِي سر واريان ڪيئن.

سر ڏناسري

وجي شال ڏسان، پنهون تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو.

- اديون اوٺارن ڪي، رَتيءَ ۾ رسان.
- ڪاڪيُون ڪوهيارل ڪي، پڇي شال پسان.

- وندر جي واٽن تي، گوڏن پر گسان.
- هاريون هوتاڻين جي، ويڙهي منجهه وسان.
- وڃي ڪيچ وڻن ۾، هوتن ساڻ هَسان.
- ”سچل“ سپرين سان، ڪنديس چاه چسان.

سر سارنگ

وڏيو سين وهه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو.

- اوڏا مينهن ملار تيا، گل ڪليا ءِ گاهه.
- سيئي سڄڻ سامهان، حالَ پائي همراهه.
- محبت منهنجي مَنَ ۾، چوريءَ مچايو چاهه.
- سڪ تا سڄڻن جي، اُجهايو آڙاهه.
- ديس ڇڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهه.
- هوتن ڏانهن نه هڪڙي، مڙيئي مون ڏانهه.
- پرين جي پيغام ڪيو، آرامي ارواح.
- قاصد توتان آءٌ ڪريان، هي سرُ صدقي ساهه.
- اڳڻ آسروند جي، آڻيندن الله.
- ”سچو“ چوي رَب ميڙي، روز پيچان آءٌ راهه.

• سر مومل

ولها وري آءٌ، مون ڪئون موت نه مينڌرا.

- مور نه مون سان مٽين، سوڍل سائين ساءٌ.
- شانن ساڻ رکي شريڪت، هي ڪميني ڪاءٌ.
- هو جي اچي ڊِت ڏنهن، وٺي اهو مون واءٌ.
- هَئي هَئي هن جي حال جي، لهه سائينءَ لڳ سماءٌ.
- ”سچل“ ڪنداسي سگهڙو، پاڻون جاڻي پرچاءٌ.

سر سسئي

واڳان قيري آءُ، هيڏي آءُ،
تا اوريون پاڻ ۾ مٺيون ڳالهيون.

- اوهان ٻاجهون سپرين، ڏنم سوز سماءُ.
- نهاريندي واٽڙيون، سڪ چڪايم ساءُ.
- پرين سندي پار جو، لڳو تڏو واءُ.
- "سچل" جو وي مشڪل آهي، تو ريءَ هت هلاءُ.

❖

وٺي خبر خاطر آيو، خير صلح جي مون ڏي.

- پارَ پنيور جي صبح تان، هو ڏٺين ڪي سعيو.
- طرف تنهنجي آهي اصل ڪئون، روح سندن جو رايو.
- نينهن جي نياپن جڻ اسان کي، محبن ساڻ ملايو.
- ٿيان قرباني آءُ تنين تئون، جنين نينهن نباهيو.
- ايندئي اُهي جنين ڪارڻ، ويئي وِرهه وسايو.
- پيو پرين وٽ هاڻي تنهنجو، "سچل" پنڌ سَجايو.

❖

وڃي پڪا پڇائيج، تون ساٿي ڙي سڄڻ يار جا.

- هيءُ تان حال حقير جو، وڃي سارو سڻائيج.
- هيءُ نياپو نينهنِ جو، وڃي پانڌي پهچائيج.
- ٻيهر ٻاروچا وري، اڇي وِرهه وسائيج.
- پانڌ ڳچيءَ ۾ يار کي، پارئون مون پائيج.
- "سچل" ڏي سرتيون، ڪي چڱو چوائيج.

❖

وڃي ڏيهه پرينِ، ڙي ساٿيو، منهنجو ڏيجو سنيهو.

- اوهان ٻاجهون سپرين، ڏکيا ڏينهنِ لنگهنِ.
- وينا ڏسون واٽڙيون، اڱڻ ماڻ اچنِ.

- ڪونہ ورندي تو ڏئي، وندڙ جي وڃڻ.
- ڏکيا اُهي ڏينهڙا، جي پاسي ڪان پرينءِ.
- پينر شهر پنيور ۾، شال پيرو ڪنِ.
- ويچاريءَ نہ وساريو، جا لڳي ساڻ لڪنِ.
- جيهو تيهو آهيئي، ”سچل“ سگ سندنِ.

❖

وري آءُ وطن، منهنجا ساريون نيڻ سکن،

موٽ سلامت سپرين.

- اکڙيون اوهيرا ڪري، وات ڏسيو وِجُهلن.
- پرين پرديسن لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهڃن.
- عمر اباڻي پار ڏي، وڃون تيون چمڪن.
- ميڙائي جا مينهڙا، ويجهو شال وسن.
- الله آندا مون پرين، دارون دردمندن.
- ”سچل“ سڪ سبيل تي، پارئون جا پرين.

❖

وٺي ٻاروچي ٻولي، سدا تا ساهہ منهنجي ڪي.

- هئي پناه ۾ يار سڄڻ جي، ٻاروچي جي ٽولي.
- ٻاروچاڻي ذات جي لا، گولن جي مان گولي.
- ڪاڪيون ويندس ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولي.
- ”سچو“ سامر اُنهيءَ جي، آهيان عيبن اولي.

❖

- وندر آءُ ويندياس،

وٺي سوز سڄڻ جو وٺي، پُور پرين جو.

ويندس رهنديس ڪين ڪي، هت گهڙي نہ گهاريندياس
پيرن اُتي پرين جي، ڳوڙها ڳاڙيندياس.

ڪاڻ ڪوهيارل ڪاڪيون، جهولا جهليندياس
آهُنِ ۽ دانهُنِ سان، ڪَرڳلِ ڪاهينديا‎س.

ٻاجهون ٻاروچل جي، ساڙيهه ساڙينديا‎س
پنهون وٺي تا پاڻ سان، اديون آٽينديا‎س.

پاڻ پنهنجو پُورَ مون، چنجين چاڙهينديا‎س
سر پنهنجو سرتيون، گهورينديا‎س.

وٺي مهار مَين جي، لوءِ ڏي لاڙينديا‎س
"سچل" ٻاجهون سوز جي، ٻيا ورق وارينديا‎س.

❖

ويهي آءٌ ڪوهه ڪندي، جيڏيون ڙي پنيور ۾.

- چونديس حال حبيب کي، ڳچيءَ پائي گندي.
- ڪُني سا ڪاڏي وڃي، جا برهه تنهنجي جي بندي.
- جيهي تيهي آهيان، "سچل" صاحب سندي.

سر سسئي - جوڳ

وڃي ڪا مِنت ڪري، منهنجي يار کي وو.

- هو سدائين ساڻ مون، پرين وچ نه پري.
- حال نماڻي جو ڏسي، وري سو پوءِ وَري.
- وٺي دامن دوست جي، اکيون آبَ ڀري.
- ساريو توکي سپرين، هِت مريض مري.
- رُسن نه تن سان جن رِيءَ، "سچو" نه ساهه سري.

سر ڪلياڻ

واهه واهه سجڻ عيد ڪرائي، نيڻن خوب نظاري جي.

- خوش ڪَيوَ دل سائين اچڻ سان، سار لَڏوَ سڪ واري جي.
- اکڙين ۾ اسرار ڏنوسين، وچ ڪجل دي ڏاري جي.
- يار ”سچل“ کي پنهنجو ڪِيتوَ، لتي غلامي ويچاري جي.

❖

وجي اکيون ڪاتي لائي، حال حقيقت جي سان.

- فڪر اِنهيءَ ۾ تي فنا تون، پاڻ پنهنجو پائي.
- اهڙي ڳاليهئون سڻ ڙي عاشق، سارو سو عشق وڏائي.
- محبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو مچ مچائي.
- ڪَنيئي لڪ ۾ پاٽهين، پولي ڪنهن نه پُلائي.
- جي تنين عاشق يار ”سچو“ وي، ائين سو عشق ڪمائي.

هم

سر بلاولي

هِيئن مُجن تا چوايون، مون ڏي ماروئڙا ميان.

- پالا بڙچيون نينهن جون، اچن خنجر ڪنيون.
- ڪرڙ ڪکوريا قوڳ ڦلاريا، سيرُ ڪرن مرُ سَنيون.
- ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، ڪالهه عمر سان ڪيون.
- ”سچل“ ساري هن جون، نيڻ وهن نت نيون.

❖

هِيئن مُجن تا چيون، مون ڏي ماروئڙا.

- ڪهڙيون ڳالهيون ويڙهيچن جون، تو وايون وسري ويون.
- گهڙيون اُهي گهوريون جي، پري اسان ڪوُن تو پيون.

- پـڪـا پـانـور ڪـنـڏئـيـن ميان، وڃن ڪـٽـيـرڙيون ڪـنـيـون.
- ڳالهيون ڳجهه جون هت تـيون ظاهر، عمر سان جي تو ڪيون.
- اکـڙيـن مؤن سڻ "سچل" وي، نيـنـهن وهايون نَيون.

❖

هي طلسم گهڙي جا، جارئـون جوڙيـائـون.

- تـنـيـا تـوٽـيـون ڏيـئـي ڪـري، هڪ محل اڏيـائـون.
- تـنـهـن ۾ ساز سرود ٻيا پيي، غمزا گڏيـائـون.
- در دريـچـا طاق وَري، نـهَ پـهـَ ٺاهيائـون.
- دائـم ٻن درن ۾ وري، ورهـُ وڏائـون.
- پـڪـو در پـريـت جو، ڏِس قابوُ ڪـيـائـون.
- اِنهيءَ مؤن اسرار ڪيـئـن، تـي ٻاهر ڪـڍيائـون.
- ويهي اُن درن مـئـون، تـي ڏورئـون ڏٺائـون.
- "سچو" هـتـيـارن رِيءَ، تـي ڪـوڙيـن ڪـُٺائـون.

❖

هــي تــون مـتــان تـئـيـن مـيـانُ
مـيَ منهنجڙي ڳالهڙي، هُو تـيءَ تـه مَئي پـئيـن.

- مرڻ آهي هن ۾، هُو آئـون تـه تـون جـئـيـن.
- باقي توهـيـن جو رهنديـن، فـانـي وڃـئـون وئـيـن.
- چڏ قال بت وجائـج، هي حال ڏي هئـيـن.
- چوگان ۾ چـگـو تـئـيـن، هي گوءِ جي نـئـيـن.
- تـيـنـدين "سچو" تڏهن تون، جي هي سِر صحيح ڏئـيـن.

سر بلاولي - جوڳ
هوت جي گولي، آهيان دوست جي گولي.

- ڏيـئـي ڏکـيءَ جي ويا، هيـنـئـڙي کـي هولي.
- کـيـن چـڏيـنـدا چـپـريـن، هيءَ آرياڻي اولي.

- سڪيس آءٌ نہ سرتيون، اُها پاروچي پولي.
- ڪئي انهن ڪاڻ مون، هت ڇيهاڙيون چولي.
- ڏسنديس اڪڙين سان، اُها تڪر ۾ تولي.
- اندر منجهہ اُتاري، چر وڏي چولي.
- جيڪي ڇيو جيڏيون، اُها جهلي مون جهولي.
- راهہ ڪيائون روهہ مٿون، "سچوءَ" ڪي سولي.

سر بلاولي - جهنگلو

هڪو ڏوهہ ٻيو ثواب، اتئي عشق جو حساب.

- وڄائيندي ورهيہ ٿيا، اڳيان رڌ رباب.
- پرين وسي پاڻ ۾، ڪڍي ڏس ڪتاب.
- واديءَ ۾ وحدت جي، آهي ڪونہ حساب.
- جيئڻ آهي جڳ ۾، بنان عشق عذاب.
- مَهندان محبوبن جي، تون ڪُسي ٿيءُ ڪباب.
- محبت جي ميدانَ ۾، جَهل تڪيرا تاب.
- ماهي سڪاين ڪي هٽي، نيزا نينهن نواب.
- "سچو" سڪاين جو تو، ڪولي نينهن نقاب.

سر بروو

- هادي ويڙهي آيو، هاڻي سائين هيئن سمجهايو
والي ويڙهي آيو.

ڪڏهن ٿيو ڪونہ ڪو، عاشقن آرام ميان
راتو ڏينهان تَنَ اُتي، آهي محبت جو ماتام ميان.

خاڪئون هلع خاص ٿي، ڪر پاڻي ڪئون پرواز ميان
چِريءَ چنبو ماريئي، ٿي شاهين آئون شهباز ميان.

جيڪو اصل آهي، ٿيو هاڻي سو سلطان ميان
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو، پيو گهوڙو ۾ جولان ميان.

گرد ڳجهو ڪيو طالبو، اُهو گهوڙي جو هسوار ميان
گهوڙي وارو گم ٿيو، اُپريو گرد غبار ميان.

آيو بحر جوش ۾، تڏهن موج پئي پاهار ميان
هَئي هٿي آيو نانوَ ۾، ٿيو سانوڻ جو سينگار ميان.

لُڙَ منجهؤن ٿيو اڇو ڪارو، اصل سو درياهه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا پاهر، ڪير ٿيو گمراهه ميان.

سانوڻ لٿو هڪ ٿي، تڏهن پاڻي موتيو پوءِ ميان
ڪارو اڇو لُڙ ٿيو، اهو سارو سمنڊوءِ ميان.

نانوَ لهي ويا پاهريان، اُهو باقي رهيو نام ميان
ڪُوران ڪَسيان واهڙان، هُت ڪُلي ٿيا گمنام ميان.

هت سيئي درياه ٿيو، پيا ڪوڙا لٿا نانوَ ميان
اول آخر هڪ ٿيو، ويو وڃائون گناهه ميان.

اصل جيڪي هوس آءُ ميان، هِت آهيان سو ميان
آخر ٿيندس سو وجي، هڏ آهيان ڪونه پيو ميان.

اڪيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ ميان
پئي نظر جتي تانهنجي، تتي پنهنجي چشم چاڻ ميان.

اڪيون اکڙين ۾ رکين، تا هِت هُت تون هين آءُ ميان
جي خبر اڪين جي لهي، تا تون نرالي نانءِ ميان.

اڪين مئون معلوم ٿئي، اِهو صورت جو سينگار ميان
"سچو" سارو سچ ٿيو، پيو ناهي تفاوت وار ميان.

❖

- هاءِ هي حَلاج جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا
پار هن آيا اُهي، جي گهوٽ هن گهيڙؤن گهڙيا.

ڪِي تِپي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهه پيهي ويا
ڪِين ڪي عاشق اُهي، ٻهڳڻ وري ٻاهر پيا.

غرق ٿيا غازي اُتي، ڪَن عامَ بيٺا هاءِ هاءِ
آءٌ لڙهي آيس اُتي، جاتي رهي ناهي رِيا.

دلق ڪي درياهه ۾، اُڇلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪرتا "سچل" سي، صاف سالڪ جي هٺا.

❖

هَٿئون پيتو مون تا پير مُغان جي، جام شرابون شوري.

- دور ڪارائي دل ڪي، تو چشمان ڪَيف ڪڪوري.
- اصل ڪٿون منصور جو، انهيءَ ڪاتيو ڪنڌ ڪٽوري.
- نشي منجهه نواز ٿي، گهوريون هي سِرُ گهوري.
- جنهن ساقيءَ سُرڪ پياري، آءٌ ڪيئن پڄان تنهنجي ٿوري.
- پِنهان ڪيائين پاڻ ڪي، چت "سچوءَ" جو چوري.

❖

- هر جاءِ آهي جاني، جلوو جمال تنهنجو
خم خم ۾ ڪري قابو خوبان خيال تنهنجو.

محبوب مانَ پَريا، ناهي مثال تنهنجو
ڪري قيد عاشق ڪاڪل ڪمال تنهنجو.

نازن ۾ آ نزاڪت وارد نهال تنهنجو
سَيد تون سَڀَ ۾ سرسو، ناهي ڪو سيال تنهنجو.

باريءَ بيان ڪيو آ بيشڪ بحالُ تنهنجو
پولو پلا نه پايان گهرجيم پال تنهنجو.

”سچل“ هيٺيءَ سان حاضر، هردم آ حال تنهنجو
آهي وسيلو وارث، وِلهيَنِ وصال تنهنجو.

❖

هڪ ڏهاڙي پير مغان، مونکي ڳالهه ڳجهي فرمائي.
سَلڻ جهڙي ناهي سا، جا پاڻ پرين پرجهائي.

- عام نه مڃن اِن کي، جا صاحبن سمجهائي.
- مَت منجهارئون مي جي، تنهن ساقيءَ سرڪ چکائي.
- پيالي مئون پرواز ٿيو، واهِ وڃي ٻي وائي.
- عبد ڇاتو ٿي وو جنين، تن بازي هٿ هارائي.
- حق ڪئون حق نصيب ٿيو، ٿي مُدعا ”سچو“ سيائي.

❖

هينئڙي ڳالهيون ياد، مونکي ٻاروچي جون.

- ويا ويساهي نکري، عشق ڏيئي امداد.
- ڀينر شهر ڀنڀور ڪئون، آءٌ ٿينديس آزاد.
- اُنهن ٻاجهون جيڏيون، عمر مڙئي برباد.
- دردمنديءَ جي دلڙي، شالُ ڪندا شاد.
- ”سچل“ سندي سرتيون، پُني سڀ مراد.

❖

هوت اچڻ جي ڪا ڪر ميان، پاندي روز پڇايان ٿي.

- راتو ڏينهان روح ڪي، سڪ اوهانجڙي سر ميان
تولئي ڪانگ اڏايان ٿي.
- سِرُ توئي تئون صدقي، گهوٽ اچين جي گهر ميان
گهوريو پاڻ گهمايان ٿي.
- ايندِيس اهڙي حال سان، دوست اوهانجي در ميان
ڳچيءَ پَلَوُ پايان ٿي.
- پرين پارئون تانهنجي، ٿي ويچاريءَ جي وَر ميان
وِيئي ڏکَ وسايان ٿي.

- سارو مطلب مون ٿئي، پرين اچي ڪنهن پر ميان
هت پوتيون پتايان تي.
- سچوءَ اُتي سپرين، دستِ مبارڪ ڏر ميان
سنديوَ يار سڏايان تي.

❖

هوتَ اچي هٿ ڏيندا، جيڏيون مون هن نماڻيءَ ڪي.

- پرين وڙئون پانهنجي، ڇپر تا نہ ڇڏيندا.
- ڏسندا اڪڙين سان، نال نماڻي نيندا.
- پاڻئون پاسي نہ ڪري، گولي ساڻ گڏيندا.
- پانڌين پچارون ڪيون، آرياڻي اچ ايندا.
- اگڻ آسروند جي، پڪا پاڻ اڏيندا.
- ڪيچين سندو قافلو، لوڏئون تا نہ لڏيندا.
- ساجن سنگت پانهنجي، "سچو" شال سڏيندا.

❖

هوت اسان وٽ ايندا، وٺي نال پيي نيندا.

- سٺو دلاسا سرتيون، هن ڏکيءَ کي ڏيندا،
گولي پاڻ گڏيندا.
- پڪا پاڇاڻين جي اوڏا آڻِ اڏيندا،
ڇوري تا نہ ڇڏيندا.
- جانچي ڏسجو جيڏيون، هڪ ٿڪيءَ سان ٿيندا،
وري پوءِ نہ ويندا.
- پسي حال حقير جو، بديون تا بدخشيندا،
"سچو" نانءُ سڏيندا.

❖

هوت اوهان تي آهِه، سارو ننگ نماڻيءَ جو.

- سائين ڪارڻ سپرين، پيرا اگهڻ تي پاءِ.
- پرين وڙئون پانهنجي، لنون نماڻيءَ سان لاءِ.
- ماڻهو شهر ڀنڀور جا، ساهه نه اچن ساءِ.
- ڏسنديس آءُ اکڙين سان، جانب تنهنجڙي جاءِ.
- ڪيو ڳڻن تانهنجي، ”سچوءَ“ ڪي هاءِ هاءِ.

❖

هوت پرين هڪ وارِي، مونکي اچ ملج ميان.

- ڏونگر ڏورڻ مون نه ٿئي، اوري آءُ تون آري.
- ڳچيءَ پائي ڪپڙو، زور ڪرنديس زاري.
- جا اوهانجڙي ڪونجي، سا تو ڪيئن وساري.
- هيجئون ڪنيم سر تي، بار برهه جو سو باري.
- ويني ڏسان واٽڙي، مونجهه اوهانجي ماري.
- ”سچو“ سندوَ سڄڻان، ٿيو فراق فراري.

❖

هوت ڪڏهن هت ايندو، ڪَهُ ڪانگا ڪَلَ ڏي ڪا.

- چئو ڪي وهندو اِتهين، ڪي ساڻ نماڻي نيندو.
- هيڪند اچي هوت هت، هن ٿڪيءَ سان ٿيندو.
- پاڻ پنهنجو سپرين، ساڻ غريب گڏيندو.
- پڪا پاچاڻن ڪي، اوڏا يار اڏيندو.
- هوت پنهنجا هٿڙا، هن ڏکيءَ کي ڏيندو.
- سنگت ڪوني سپرين، ”سچوءَ“ کي به سڏيندو.

❖

هوت اچج هت هاڻي، پنهنجا ڏک ڏسنديس.

- دوست اوهانجڙي آهيان، سائين لڳ سڃاڻي
پاڻ گولين گڏينديس.
- تون تا صاحب سپرين، هيءَ سا ناڻ نماڻي
توکي سائين سڏينديس.
- پکا پکن سامهان، آرياڻي مون آڻي
توکي اوڏا اڏينديس.
- پنيءَ لڳيس تانهنجي، حُب منجهون هوتياڻي
آءُ ڪا پاند چڏينديس.
- "سچل" اوتي سپرين، پنبڻين مان پاڻي
ڏک ڏوراپا ڏينديس.

❖

- هو سڄڻ مون ساڻ، جنهن جي ڪارڻ مون تي پوتيون پتايون.

"وَهُوَ مَعَكُمْ اَيـنَما كُنتُم"، آهي سندس اُهڃاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون تي فالون وجهايون.

سدا مون وٽ سپرين، محب ناهي مهماڻ
جنهن جي ڪارڻ مون تي واتون پچايون.

آهه ڙي اوڏائيءَ ۾، ڪونه پيو مون ڄاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون تي راتيون لنگهايون.

هيڏي هوڏي تي ڏنم، ڪين پروڙيم پاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون تي وڻي وِرهه وسايون.

پري پيچ نه پنڌڙا، "سچل" تون پاڻ سڃاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون تي ميڙيون سنيايون.

❖

هو ڪهڙي وات ويام
آءُ تان ڳوٺ رهيس سڀ ڳولهي.

- عشق تہ عاشقن جا، اڳهين تي ٻڌام
ٽولي ڪيئن لڪ ٽولي.
- ڪُوڪان چڙهي ڪيچ ڏي تي، ڪيچڙنِ ڪي ڪيام
ڇولي سر مون ڇولي.
- ڏوريندي مون ڏونگرين، سرتيون سال ٿيام
هاٺي رند لڌا مون رولي.
- ”سچل“ آءُ تان ناهيان، پوءِ ساري سڌ پيام
تو پاڻ ٻاروچو ٻولي.

❖

هوت ڏهون هاٺي آيُون، مون ڏي خوش خبران هي.

- اڇي اَڏيون تا اوڏڙيون، جارِ تنهنجڙي جايُون.
ڇڏي شهر پنيور کي، پير وري ايڏانهن پايُون.
- تيو جيارن جيڏيون، اُهي ويچاريءَ کيِ وايُون.
- ”سچل“ سنديُون دانهڙيون، دوست وري ورنايُون.

❖

هوندي سڀ پرِ سائين ساڻ،
هيءَ پورهيو بندي وجي ڪيچ ڪندي.

- ڪالهہ ڪالهوٺي سپرين، اڄان مون وٽ مهمان.
- لڳي قافن ڪيچ جي، پرزا ڪنديس پاڻ.
- اُنن اوٺارن تئون، آءُ ڪاڪيُون قربان.
- هوت هٽي ويو نکري، ٻاروچو مون ٻاڻ.
- ويهڻ مون وهہ ٿيو، ڇينڪ ڪيڙس ڇاڻ.
- ”سچل“ سوز فراق جو، ڏيئي ويڙم ڏاڻ.

❖

هوت وئيـن ڪيئن ماري، پلو هن نماڻيءَ جو.

- هيءَ ڪميڻي ڪُوڙي، وينين ڪيئن وساري
مان قاصد مُنجين ڪو.
- راتو ڏينهان سپرين، سڪئون اوهان ڪي ساري
تون هوت اسان ت هو.
- ”سچل“ سگ اوهان جو، واتان نت تهاري
هيءَ لال نہ ڇڏج لو.

❖

هوت پارئون مونکي هاڻي، ڏنا نينهن نياپا هِي.

- هتئون چيئي تانهنجي ميان، عُذر ڪيها پيا آڻي.
- اوتين کهڙي ڳالهہ ڪئون، پنبڻين مؤن پاڻي.
- وينينءَ ڪيئن پنپور ۾، سُور هُيئي جي ساڻي.
- ”سچل“ توکي ساهہ ڪئون، آهي اوڏو آرياڻي.

❖

هوت ڪڏهن نہ هلايوَ، پانڌي پنهنجي پار ڏنهُن اسان ڏي.

- طرف تنهنجي مکوسين قاصد، سو پي وَهندو ڪينَ ورايوَ.
- نياپو منهنجي نينهن جو، جيڪُسِ ساتيءَ نہ سٺايوَ.
- هو جو ڪيو هوئي وعدو، سو تان ياد نہ آيوَ.
- هردم هونداسين اسين توئي سان، فائق هِيئن فرمايو.
- تنهن ڏينهن لاڪُون يار ”سچل“ کي، سو باري برهہ بچايو.

❖

هوت اسانجڙو حال، تون تہ پاڻهين تو ڄاڻين.

- اوهان ٻاجهون سپرين، ساعت ٿيان سال
وري اچج آرياڻي.
- راتيان ڏينهان روح کي، سندو خواب خيال
هيءَ اتو نماڻي.
- ڇڏي ويندين ڇپرين، تو لڳ ڪيم ڪشال
هِينئن ڪِيئن هوتياڻي.
- معلوم توکي مون پرين، عاجز جو احوال
تون تا سانول سُڃاڻي.
- سوز اوهانجي سپرين، برهہ ڪئي بي حال
تہ ٻي عذر نہ آڻي.
- راهہ فراق فقير ڪئون، "سچل" مڃ سوال
هَنئي هادي لئي هاڻي.

❖

هوت غريب نماڻي، اِتي ڪنين وساريئي ميان.

- اڱڻ آسرونديءَ جي، آءُ تون پاڻون ڄاڻي
هوت مُئي ڇو ماريئي ميان.
- ونڊِر جن وڻن ۾، حُب منجهون هوتياڻي
مون تا گهڻو نهاريئي ميان.
- تورا گهڻا ڏينهڙا، هِن عاجز سان آرياڻي
مانَ گَڏ گذار پئي ميان.
- اُتي هلي هيڪلي، پرت منجهون ٻاجهاڻي
جڏهن سانول ساريئي ميان.
- ڇڏي وئين ڇپرين، ڪيَئي پنهون ڄام پڇاڻي
هيءَ ڪيئن آزاريئي ميان.

- ”سچل“ سگ اوهان جو، سائين لڳ سڄاڻي
پنهنجي ڪڍ قطاريئي ميان.

❖

هيڏي هوڏي نہ نهار

تنهنجي ويڙهي تا ياروسي ٿو.

- ساڻ سدا آهي تا تنهنجي
پرين نہ آهي ٻي پار.
- قولي لهج پاڻ مئون
چو تو وجين وڏڪار.
- پرين پري نہ پُڇج پنڌڙا
تون ”سچل“ پاڻ سنيار.

❖

هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان.

- آسروند ِوو اُيي آهيان، واڳ مئيءَ تي واريو
لالچِ نہ تي لاهيان.
- ڏاڍا ڏونگر لڪيون، توهہ پانهجي سان تاريو
ڇپر اڳيون نہ تہ ڇاهيان.
- آءٌ اوهانجڙي آهيان، وسئون ڪيم وساريو
جوڙ اوهان جي توڙي ناهيان.
- ٻانهي آهيان تنهنجي ٻاروچا، پورهيت پنهنجي پاريو
سگ نہ تي ڪو ساهيان.
- سانول اِنهيءَ سڌ ۾، ڳالهين تنهنجين ڳاريو
ڪيچ وڻن ڏي ڪاهيان.
- آءٌ اُڪندي هوت اوهان جي، ”سچل“ کي سانول ساريو
ڳاهہ برهہ جو تي ڳاهيان.

❖

هيءَ پورهيت پاٽي ڍوئي، خان ٻاروچا تنهنجي.

- حاضر خدمت اچي اوهان جي، حال چونديس روئي.
- ساٿي اسان جي سُڌِ لهڻ لئي، ڪڏهن نہ مڪو ڪوئي.
- قول ڪيو هُئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي.
- ڪيئن وساري ويهان اوهان ڪي، ڪئي تان هھڙي توئي.
- طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سلامن، سچل مُڪا پڻ پوئي.

❖

هوئي هڏ شال منصوري، جريدھ راهہ جاري وو.

- سٹون جي مير محبت جي، ڪُنن ڪي ڪوٺ ڪاري وو.
- چڏي هي عيش عالم جا، هلياسي هڪ واري وو.
- بره جي باب ڏِس تن ڪي، سيا وائي وساري وو.
- "سچل" وي سمجھ ڪي اِتهين، متان ٿئين هتِ مياري وو.

❖

هيئن مَ وَڃَ تون ماريون، هوت نماڻيءَ ڪي ميان.

- سڪ تنهنجي سپرين، ڪُوڪان هن ڪاريون.
- پرين پري چو وجي، ٻارڻ دل ۾ ٻاريون.
- ٻاجھ ٻاروچا تو پوي، سٹي ضعيف جون زاريون.
- جايون ساري جيءَ ۾، ورھ اوهانجي واريون.
- ميان مشتاقن جون، سَھُ آرياٽي آريون.
- سُڪ اِتي تِيُوَ سپرين، ڏک هتي ڏيهاڙيون.
- رات ڏينهان تو روئي، "سچل" توڪي ساريون.

سر بروو - ڀيروي

هُئي نہ مون ڪَلَ ڪائي، سِرَ انهيءَ جي ڙي جيڏيون.

- اڱ نہ سُيمِ ڪڏهن، هِيءَ راٺي واري وائي.
- ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، سائن جا سمجهائي.
- ڏوهہ ثواب جي ڳالهڙي، سڀ ويساهہ وڃائي.
- سائي حقيقت حال جي، سڀ اچانڪ آئي.
- ”سچو“ سانيج ڳالهڙي، پرين جا پرجهائي.

سر بروو - ليلان

هار چنيسر ڄام، ليلان ڪسايو دستئون پنهنجي.

- ڏاڳو مٺيو هو ڪسوتي، جو دل جو تي پيو دام.
- نظر وڌيئي تا غير تي، تيلهان تون ٿيئن تمام.
- ڀُلي ڀولي ۾ پئينءَ، هار ڀانيئي آرام.
- تنهن ڏينهن آندءِ پاڻ سان، سُورن جو سرانجام.
- ”سچل“ رهہ صبر ۾، عشق تِيئي انعام.

❖

هاري سو پائتي، هارُ، تان آءُ ڄام چنيسر آوڙان.

- جنهن دوست ڪسايو دم ۾، سَتِ اهو سينگار.
- هٿئون پئي تنهنجي، روئين چو زارو زارِ.
- داٺو هيڙو درد جو، جنهن ڪيو بهشتئون بيزار.
- ڏوهہ تہ تنهنجو ڪونہ هو. پر نيهن ڪيو نروار.
- پلنگون پيئنءَ پٽ تي ڪري، گوندر گفتار.
- ”سچو“ سهي ڪرين هيءُ، هو عشق جو اسرار.

سر بروو - ڪوھياري

هاڻي مونکي پرينِ پوءِ، جيڏيون جيئڻ جنجال ٿيو.

- وينٺي واٽڙين تي هيءَ، راتو ڏينهان روءِ.
- ويهڻ هن جو وِه ٿيو، هو لڏي ويڙا لوءِ.
- دردمندي دانهون ڪري، آهِ هوتن رِيءَ هوءِ هوءِ.
- ڪاڪيُون موڏي ڪيچ ڪنونَ شالِ قاصد اچي ڪوءِ.
- "سچوءَ" ڪندي سال ٿيا، وَريتيون ووءِ ووءِ.

سر بروو - ڪسوري

هيءَ غريب نماڻي، ڪيئن بيراڳڻ ڪيَئي.

- معاف مدايُون ڪر تهين تئون، الله لڳ آرياڻي
پيش اچي جا پيئي.
- بيٺي آهيان يار اُنهيءَ تي، حب منجهون هوتياڻي
ڳالهہ چڪي جا چيئي.
- هڪ خيال ئي دل تي تنهنجو، تنهن ڪيس جوڳياڻي
خيال ٻيا سڀ ڪنيئي.
- وعدن واري ڳالهہ اسان سان، هوت ڪيَئي جا هاڻي
ڪيئن وسري سان ويئي.
- ڏک ڏوراپا کهڙا توسان، پرين سان ڪيئن پڇاڻي
نال نماڻي نہ نيئي.
- پري نوڪ نينهن جي سائين، "سچوءَ" ڪي سجاڻي
هوت پري جا هنيئي.

سر پيروي

- هلي آءُ دُلدل جا هَسوار، سهڻا حيدر پير ڪَرار.

هر جاءِ تي آن حاضر ناظر، ڪُلُ شيءِ تي آن تون قادر
بيشڪ آهين وڏو بهادر، جابر ذوالفقار.

عرش تہ منھنجو ايھو آھي، ڪامل رس تون قربئون ڪاھي
شاھہ چڏائڻ توکي چاھي، اَھنج سيئي آزار.

ھردم "سچل" تنھنجي در جو، ماتم دار شبير شبر جو
صدقو مولئِ علي اڪبر جو، باري ڪٽندو بار.

❖

- ھو اسان وٽ يار تون، آھي ھت اسان جو حال ھي.

اُباڻڪو آھيان گھڻو تو ريءَ، پرين پرديس ۾
آءُ مٽيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال ھي.

آھي اوسيئڙو تانھنجو، شب روز اکڙين ۾
جاني سنڌءِ مون جاڳندي، آھي خواب ۾ بہ خيال ھي.

دوست تنھنجي درَ اُتي، دونھون وجھي ويھي رھان
منھن ڏيکارج محب مونکي، نہ تہ متئون آھي وبال ھي.

دردمند جي در پيھي، آءُ دوست دل شاد ڪر
صدقي ڪريان سر ساھہ سان، چا مِلڪ ۽ پيو مال ھي.

ويني نھاريان واٽڙي، تنھنجي اچڻ جي لئي ميان
لَھُہ سڌ سنديم ساجن اچي، نہ تہ آھي جيئڻ جنجال ھي.

پاڻون پري نہ ڪر مونکي، ڪي دوست دلداريون ڏيو
ھج تون سدائين ساڻ مون، آھي "سچوءَ" جو سوال ھي.

سر توڏي

ھيئن اڄ چني مڪائون، عاشق اچون تا ايڏانھين.

- ھن جيءَ جڏي ڪي جيڏيون، آڏر وڏي ڏنئون.
- تنھنجي ديس اسين اچون تا، عاشق نہ تج اُبائون.

- مون هِن نماڻيءَ سان، ڪيڏا ڪرم ڪيائون.
- مطلب تنهنجو آءٌ آهيان، پيون ڇڏ مڙيئي مدعائون.
- دلاسي لئي دردمند ڏي، قاصد ”سچل“ ڪڍيائون.

❖

هيئن ڪانگ اچ ڪهي ويو، ايندئي صبح سويلي.

- ڳالهيون ڪري سڄڻ جون، اچ رات هِت رهي ويو.
- حال منهنجي جو سارو سماءُ، هِن لوءِ مٿون لهي ويو.
- ڳالهيون ڏکن جون ٻڌي اسان جون، ٻولي تنهين ٻهي ويو.
- پار پريـنِ جي اُڏاڻو، ڪيئن سور هي سهي ويو.
- ”سچل“ سڄڻ سان توکي ملايان، هِن ناهه تي نهي ويو.

سر پورب - جوڳ

هَئي هَئي هن حال، وي، سگهر تيس نه سامينڙن جي.

- منهنجو آهي ڪم ڪاپڙين ۾، نا ته جوڳي آهن جال.
- ويم ويساهي نڪري، اُهيئي رات لانگوٽيا لال.
- ڳوليا ڦوليان واٽڙين تي، جي ڪُهي ويڙم ڪال.
- ڪات اُتي ڪنڌ آڻ ڪياوڻ، لاهي جيءُ جنجال.
- منجهه گداوَ وري مَنَ گڏجن، جن جا خواب خيال.
- راتو ڏينهان آهي هوتن جي، سچوءَ ساهه سنڀال.

سر جوڳ

هُتِ تا ڪير هُياسِ، هِت تي ڪير آيس نه ڄاڻان.

- نانءُ پيو هُتِ هو منهنجو، هِت پي نانءِ تياس.
- اچڻ نه هو هِتِ منهنجو، پر ڪنهن تا خواهش ڪنياس.
- هُتِ هيس معشوقيءَ ۾، هِتِ عاشق تي آياسِ.

- هَئي هَئي هُتِ ڪانه ڪا، هِتِ منجهه پروڙ پياس.
- ”سچو“ سارو وو سچ ٿيو، وڃئون آءُ وياسِ.

سر جهنگلو

هڪ آهيان پَبوءِ هاڻي، ڇئو پيو آهي کهڙو.

- اندر باهر حڪم اسان جو، صورت هيءَ سجاڻي.
- عاشق اَئين عشق معشوق، يار مڙيوئي هڪ ڄاڻي.
- تون سيوئي آءُ تا آهيان، متان اِتي شڪ آڻي.
- ڳالهه هجر جي ڄاڻي واڻي، ”سچل“ ساهه سيباڻي.

سر جهنگلو - جوڳ

- هيءَ تا خبر ڪنهن سان ڪريان، هَئي هَئي نه هڙي حال جي
آهي مڙيائي محبوب ڪي، آگهه منهنجي احوال جي.

ماريوم فلڪ فراق جي، ڪنهن در ڏيان هيءَ دانهڙي
طالب آهيان ديدار جو، ناهي طمع ملڪ ۽ مال جي.

عام اِهي نت تا ڪرن، طعنا مٿي مون تهمتان
آهي نه ٻي ڪنهن خلق ڪي، خاصي خبر هن خيالجي.

آخر خجل سي خَرَ ٿيندا، ڏسي يگانائي يار جي
هن تئون هجر معافي ڪندا، وائي ٿيندي وصال جي.

جيڪي ٻيائيءَ ۾ ٻڏا، رهندي نه نيشاني تنهين
صاحب مدد سگهڙي ڪندا، ”سچوءَ“ سندي ٻه سوال جي.

سر جهنگلو - جوڳ - ڪلياڻ

هُتئُون هلي هت آئين، ڪرڻ واپار ڙي تون وڻجارا.

- وچ بازار جي چوسول وچ ۾، پڙي پرت جي پائين.
- شاهه پنهنجي سان وعدو جو ڪيڙءِ، ڏينهن سمجهي چت لائين.

- شاهوڪاريءَ جي ڪوٺي يا پاٺئي، سا ويهج ڪيم وسائين.
- وٽج وِرهه جو ٽٽي موتي لعلان، پي ڳهور سا ڪيم گهمائين.
- سودو سچ جو آهي ”سچو“ هي، ڪُوڙ ڪنگڻ ڪچ ڪائين.

سر سسئي

هِتئُون اُٿي تنهنجا هوت ويا، تون تان نه ٿي ڪوشش ڪرين.

- پير پُونِن تون نه ڪٽي، ٻُڏيون سي ڳالهيون ڪرين.
- توکي تان ترسايو، پاڇيائي پنڌ پرين.
- اُٿي ڪر پنڌ پهاڙ جا، متان تون پوئتي ورين.
- ”سچل“ پيچ سپرين ميان، متان تون ٿاهرين ترين.

❖

هُتئون هوت هلي، ڙي عاشق دلاسو ڏيندو.

- وڃهج ڪم ڪريوم تي، پي ڳولج ڪا مَ ڳلي
پاٺهين پنيءَ تي ايندو.
- پڪا پکن سامهان، تنهنجي ماڳ مَلي
اوڏا آٽي اڏيندو.
- اچڻ سندي اُن جي، ويندو روح رَلي
ٽورو ٽورياٽي ٽيندو.
- جا ڳجهي هوتن مَنَ ۾، سا ساٿين ڳالهه سَلي
پنهل پاڻ سان نيندو.
- مهر پنهنجيءَ سان تو پرين، انهيءَ يَتِ يَلي
”سچل“ نانءُ سڏيندو.

❖

هَلان پنهل تو ساڻ،

ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندس.

- چِلي پينيس چپرين، سگّ نه توئي ساڻ.
- ڪوجهي ڪاري آهيان تنهنجي، پنهل پاڻ سجاڻ.

- توريءَ توريندو ڪيترو، محبت وارو ماڻ.
- توڙ نباهج تون ڏٽي، سهڻا سچل ساڻُ.

❖

هِنَ جو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تا ستگر تي.

- وري ڏتائون پاڻ ڏي پاٺيـن، نا تہ هُئا حال اسان هي.
- اُهي پاڙيائون پاٺيـن پنهنجا، هُو جي قول ڪيائيون ڪي.
- جن پـياريو پـُرُ پـيالو، شال ساقي جِيئَنِ سي.
- سدا اُهي وسن اسان وٽ، جاني جِيءَ جا جي.
- سِرُ "سچوءَ" ڪي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هَٿئون ڏي.

❖

هوت اوهان تي آهي، سارو ننگ نماڻيءَ جو.

- هيءَ ڪنيزڪ ملهہ خريدڻ، سگ نہ تي ڪو ساهي.
- جيئـن هلايو تيئـن هلان تـي، ڏور وڏي تو ڏاهي.
- هيءَ پاڇاڻي پرين سان پرتَوَ، باب سنديوَ توڙي ناهي.
- ساهہ "سچوءَ" جو در تنهنجي ڏنهن، هَڏِ نہ آسر لاهي.

❖

هُئان باروچي نال وو نال، پـلڪ نہ پري پرين ڪئون.

- وَرهيہ ويڙمر ڪَدري، هئي هئي هڙي حال وو حال.
- ساجن تنهنجي سوز جي، ڪريان ڪنهن سان ڳالهہ وو ڳالهہ.
- تي ڪَداريان ڏينهڙا، تنهنجي خاص خيال وو خيال.
- پـُنيءَ لڳل پانهنجي، پنهون سا ئي پال وو پال.
- ساهہ "سچوءَ" جو صدقي، آهي اُتون آل وو آلِ.

❖

هِيءُ ڇڏيج هُو وٺيج، متان ڪا ٻي ڳالهه پڇيج،

- دوئيءَ واري دام ڪئون، ڀڄيون طالب پاڻُ ڪڍيج.
- مرشد جيئن فرمايو، واقف سو تا ڏس وٺيج.
- سرُ سَهي ڪر پنهنجو، ٻيا آڏاٽا ڪيمَ اڏيج.
- لَاري لڳ نه ڪنهن ٻئي، عاشق اِنهيءَ پنڌ پئيج.
- ويسهه واريءَ وات تي، "سچل" وي تون سِرُ ستيج.

❖

هيءَ نماڻي نالِ، نجو ادا ڙي اوٺيو.

- هي ڪميڻي ڪوڙي، برهه ڪئي بي حال.
- پنيءَ ايندي اُوهانجي، جيهي تيهي حال.
- پرين نيندا پاڻ سان، پلا پنهنجي پال.
- اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ آهي جنجال.
- ٻاروچا تا ٻاجهه پئي، "سچل" سگ سنيال.

❖

هيڏي اچڻ جي آءِ ڙي، پانڌي يار پرين ڪي.

- پريان ريءَ پرديس ۾، آهي اسان هاءِ هاءِ ڙي.
- ويهڻ ڪارڻ يار سجڻ جي، جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ ڙي.
- پوتيون هت پتايان، لکين لالڻ لاءِ ڙي.
- سڪ سجڻ جي ساهه ۾، ساٿي تا نه سماءِ ڙي.
- سالهه "سچل" ڪي آهيئي، دوستن جي واءِ واءِ ڙي.

سر ڪلياڻ

هوت ڏنئي هيڏي ايندا،

ڪيئن ساٿي مونکي سچ چئو.

- هُتؤن پني پکڙا هِت، ڪيئن آٿي اڏيندا.
- پنهنجي وڙئون پاڻ سان، هيءَ غريب گڏيندا.

- ڏک پائي سي سپرين، ترپائيءَ سان ٿيندا.
- دردمنديءَ جي دل تي، دانهه دست ڌريندا.
- ڏوڙا طالع مون ٿين، جڏهن "سچل" ناءُ سڏيندا.

سر مارئي

هلي ههڙي حال، وڃي ڏوٿين کي آءُ ڏسان.

- پيڪن مون پهچائين، پلا پنهنجي پال.
- منهنجو ماروئڙن ريءَ، آهي جيئڻ جنجال.
- ههڙي وڇوڙي جي، ڪنهن سان ڳرهيان ڳال.
- هُئَنِ سدا خوش سومرا، مارو پنهنجي مال.
- "سچل" جي ته سرير ۾، مارن جي آهي مقال.

❖

هو جي ماروئڙا، پيهر مانَ ملن،
شال الله اوراهون ڪندن، سانگي سانگ سندن.

- ويني آهيان واٽ تي، مَنَ اچو حال پڇن.
- پکا پکن سامهان، اوري آٽي اڏن.
- اُنهن ڪارڻ جيڏيون، منهنجيون اکيون رت رُئن.
- اصل لاکون آهي، "سچل" سگ سندن.

سر مالڪوس

هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي.

- صدقي ڪنديس سِرُ سائين تئون، پيو سَبُ مِلک ۽ مال.
- دوست اوهان رِيءَ ديس ۾، جيئڻ آهي جنجال.
- چئني بُڏايان ڪيترو، آرپائيءَ احوال.
- مَيَ "سچوءَ" جو سپرين، سائينءَ لڳ سوال.

ي

سر بلاولي - سارنگ

يار توسان ڪي، تا ڏينهڙا لنگهايم.

- راتيان ڏينهان سر تي ڪيئي، ڏک جا مينهڙا وسايم.
- پچاڻان اوهان جي ڏاها، ڏاڍا پُور پرايم.
- سک تنهنجي سپرين، سارا سُور سلايم.
- پرين تنهنجي پيار جا، ڏيهاڙي پنڌ پچايم.
- "سچل" سيئي آيا جن لئي، فالان روز وجهايم.

سر بروو

يار تو تان مون سان ڪيهي، ڪيهي ڪيهي لَنوَ لائي.

- دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، رمز اوهانجي ريهي.
- سي نه وسرن ساهه منهنجي ڪئون، ڳالهيون ڪَيوَ گڏ ويهي.
- سيڪهين جو ڪم نه آهي، نينهن ڪٺن ڪي نيهي.
- مَلڪ فَلڪ تا ڪَين قبولي، عشق امانت ايهي.
- ٻاجهه يار ٻاروچا، آءُ پڪي هن پيهي.
- ڪرم ڪِيُڙئي يار "سچوءَ" سان، ڏيهه ڳڏيا اڄ ڏيهي.

❖

يار توسان منهنجي زاري، آهي سو لک واري.

- وندر جي وٽن ۾، واجهه وجهي ويچاري
سا تا محبت ماري.
- هي تا حال حقير جو، آءُ اچي ڏس آري
ڪنيم بره باري.
- ازل لاڪُون آهي، يار توسان منهنجي ياري
پاتم ڳچيءَ ڳاري.

- سور تنهنجا سپرين، چڪيءَ ڪي چوڏاري
وجهج گهوٽ نہ گهاري.
- آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ سچوءَ جي ساري
ڪندا وي پوئواري.

❖

يارِ منهنجي ڪي ڪريو، منت وڃي ڪائي.

- پرڏيهہ وڃ مَ پرين، يار توسان مون تا لائي.
- اندر هن جو اڌ ٿيو، ڪري وڃڻ جي تو وائي.
- ڏسو اوهين ٿيون دل ڏاڍي سان، اديون سا مون اتڪائي.
- چڱا مڙيئي ميان اِئين چون ٿا، لائي تہ توڙ نيائي.
- هجر منجهارُن ٿيندي وصالت، اِها ڳالهہ "سچوءَ" آزمائي.

❖

يار اسان کي ٿيون مارين، تنهنجيون الغرضايون.

- دانهون دانهن تي سائين، هن ڪميٽي ڪارين.
- باهيون تنهنجي برهہ جون، ٻارڻ دل ۾ ٻارين.
- ڪِنياتن ڏنيون خبران، "سچل" تو هُت سارين.

❖

يار چڱي توتان مون سان لائي، ري دلبر لائي.

- دوست دلاسي جي دردمندن ڏي، منج ڪتابت ڪائي.
- تنهنجي اچڻ جي يار پرين وي، هت وري تي وائي.
- جا وٽيوَ دل پنهنجي کي، ڪيوَ سانول سائي.
- خبر خوشي جي پارئون اوهان جي، اڄ اسان وٽ آئي.
- حال ڏسي ڪر يار "سچل" سان، تي اچي ڏک پائي.

❖

يار ٻڌا هٿا لوءِ ٻه لُوءِ پيي، تنهنجي هاڃا حسن جا وو.

- جهڙي ڪيئي هاڻي، اهڙي پرين تا ڪندي پوءِ پيي.
- تاب تنهنجي ڪان سج صريحن، ڪير سگهي ٻيو چوءِ پيي.
- ڪير نماڻي آءُ عالم ساري ڪي، تنهنجي آهي ووءِ ووءِ پيي.
- جيءَ ڪارايو يار پيارل، ”سچل“ ڪي هوءِ هوءِ پيي.

❖

يار ساٿيو يار پانڌيو ڙي، ڪيچين جي ڳَل ڪائي ڏيجو.

- هي نماڻي در وڪاڻي، نال نباهي نيجو.
- ڪيمَ وساريو مُئي نه ماريو، چوري تا نه ڇڏيجو.
- ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا، لوئون تا نه لڏيجو.
- آءُ اوهان جي اصل آهيان، گولي ساڻ گڏيجو.

❖

- يار لايو رنگ ڏس تون، جي هئين ڪنهن خيال ۾
محڪم رهين احوال ۾، قائل نه ٿي تون قال ۾.

دم سنڀاليان دم ڪي، آءُ عشق جي افعال ۾ئي
خيال ٻاجهون خاص تنهنجو، هئي جيئڻ جنجال ۾.

جي جيئين ڪو دم اُتي، تا هُج تون خاصي خيال ۾
اصل ۾ يڪتا ٿئين، عاشق چئو امثال ۾.

دوستي مرشد سندي، آڻئي انهي احوال ۾
اور دم الله هُو ، پئو ٻي نه ورد وبال ۾.

اي ”سچيڏنا“ ساڻ سڪ، تيندين تون قرب ڪمال ۾
بلڪ مخلص خيال دل سان، رهه تون ساهه سنڀال ۾.

سر پيروي

- يارسول الله جي روضي جو مقرر ڪر سلام
سو ڪندو واهر وِلهن جي، هي سندس آهي انجام.

آئـي پـهر اندر ۾، ڪر يار ڪـي ويهي ياد ميان
پـنجـي وقت نماز پڙهه، تون سِرُ نوائي چئو ڪلام.

آهي اڙيـن جو آسرو، مير مديـني ۾ مدام
حال حشر ۾ ڏيـندو، چئو تنهن تي تون صلوات و سلام.

ابوبڪر ۽ شاهه عمر، عثمان علي حُسنيـن پـاڪ
سان يقيـني تـيءَ سندُن گولو، الله جو آهه اعلام.

رک صدق ثابت سچ، تـنهن ۾ ڏيـندءِ مشڪل آسان
ڪربلا جو آهه سيد، ضامن سندو روز تمام.

"لافتيٰ اِلاعلي لاسَيفَ اِلا ذوالفقار"
سڪ منجهون "سچل" چوي، تحقيق تـن جو هان غلام.

❖

- يا امام حسيـن، تو قدمن اُتون قربان وڃان
ملڻ لئي محبوب تـنهنجي، سڪ اندر آهي ايان.

تون نبيءَ جو نُور صاحب، پـڻ سپـه سالار آن
مُلڪ سڀ تي آهه روشن، تار تـنهنجيءَ سان تڳان.

تون نبيءَ دلبـند ۽ موليٰ علي فـرزند آن
صاحب دلاور گنج آن، آڏر ڏيو جو تـو رئـان.

ڪربلا جو ڪار آن، ڪُلُ مُلڪ جو مختيار آن
وارث وسيلو وار آن، منـتار محمد جو چوان.

سرڪ منجهون "سچو" چوي، دامن لڳو تنهنجي آهيان
پاڙي وهارج پانهنجي، آءُ همت تنهنجيءَ سان هلان.

سر توڏي

ياد مونکي اُهي آيُون وو، يار ڪِيئي ڳجهيون ڳالهڙيون.

- اوهان جي اچڻ جون، ٿيون وري هُتِ وايُون.
- دردمنديءَ جي دل ڪي دلبر، وِرهه وِجهن ڪيئن لايُون.
- نانءَ سائين جي سهڻا سائين، چِت نه وَڃ مُون تان چايون.
- آءُ ته ڏينهڙا گذ گذاريون، هت وينا ورهه وسايون.
- ڏوهن "سچل" جي ڏي نه ڏسو، جو هٿ ٿا سنديوَ سڏايون.

سر جوڳ

ياڪي ٿئين يار اسان ڪئون، دل نمائيءَ جي ڪسي.

- ويني ڏسان وات اوهان جي، مانَ ڪو رهبر رسي.
- اچڻ هِن جو يار اوڏانهين، ڏيهه سنڌئي ڪو ڏسي.
- سِرَ "سچل" جي يار سدائين، وِرهه جو مينهڙو وسي.

سر جهنگلو

ياد ووي ياد رانجهن سائين، ڳالهڙيون تنهنجيون مونکي ياد.

- اوهان ٻاجهون دلبر سائين، ٻيون ڳالهيون برباد.
- سچي وعدي ڪئي اصل ڪئون، دوست منهنجي دلشاد.
- دردمنديءَ جي دل درد ڪئون، يار نه ڪر آزاد.
- ساهه "سچل" جو يار سجڻ ڙي، آهي انهين اعتقاد.

سر سسئي

يار پنهل پيغامي، ڪڏين مڪو ڪونه مونڏي.

- روز ازل ڪئون يار اوهان ڪي، هِن جو ساهه سلامي.
- جي اوهين نه ايندءُ اسين ايندا سين، اُها اسان انجامي.

- پرين ڏسجو وڙ پانهنجي ڏي، آهن عيب اسان ۾.
- جان جڻي ۾ جان ڪِي آهي، ٿيندي نہ طلب تمامي.
- ڳالهيون اوهان جون ٻارڻ ٻارن، ويندون سي ڪين وسامي.
- ڏيئي اسان کي قت فراق جا، ٿئين تون يار آرامي.
- دل اوهانجي جي يار "سچل"، ميجي سا آهي غلامي.

سر ڪلياڻ

يارو منهنجو يارُ، ڪيئي ڪيئي صورت سير ڪري ٿو.

- ڪاٿئين پڊڙو پير ٿيو، ڪاٿئين ٻولي ٻار.
- ڪاٿئين بيراڳي ٿري، ڪاٿئين ڪَيُس قرار.
- ڪاٿئين وظيفن ۾، ڪاٿئين خمُ خمار.
- ڪاٿئين آهي بادشاهہ، ڪاٿئين چوبدار.
- ڪاٿئين پيرين پنڌ ڪري، ڪاٿئين گهوڙي جو هسوار.
- ڪاٿئين احمد علي ٿيو، ڪاٿئين عبدالحق اظهار.
- آهي دلبر دوست جو، "سچو" سڀ سينگار.

❖

يار سڄڻ ڪيئن سري، توکي اسان ٻاجهون.

- اسان نماڻن ڏي سهڻا سائين، دوست نهارج وري.
- توکي قدر ناهي ڪو، آءُ ڇيتڪ ڪيڙس ڇري.
- اڇي "سچل" جي ايڏهين، سندي درد ذري.

❖

ياد مونکي اڄ پيُون، مٺيون ڳالهيون سهڻا تنهنجيون.

- رهيون آهن روح منهنجي ۾، ڪينَ وسري سي ويُون.
- ويتا ڏسون ٿا وات اوهان جي، دوست دلاسو ڪو ڏيُون.
- "سچو" سگ آ در تنهنجي جو، نالِ نباهي سو نيُون.

بیت

(سُروار)

سُر آسا

وحدت - هيڪڙائي

داستان پهريون

(1)

اول پيري پيچ، سچل بند خِيالات جا،
تنهن پُڄاڻون وچ، حلاجي حيرتَ ۾.

(2)

اول گمراهي، آهي رباني راهه ۾،
تهان پوءِ همراهي، آهي هدايت جي.

(3)

اول هدايت، ڄاڻڻ سان ڄاڻيج،
زياده ضلالت، آهي اُنهي وچ ۾.

(4)

قدر هدايت جو، منجهه آهي صلالت،
جي پڻ ضلالت نه هُئي، تا ڪاٿي هدايت.

(5)

الله ڄاڻ نه اُن ڪي، هي مڙيئي حقُ،
ناهي سچل شڪُ، جو معلوم ٿيو مرشد ڪان.

(6)

معلوم ٿي مرشد ڪان، ٻي جا ڳجهي ڳالِ،
هِن جي ڇا مجلا، "هُو" ليي "هُن" سان.

(7)

جي ادب ڪان نگريا، سيئي ٿيا الله،
"هُنَ" وڃائي راهه، "هُو" هاجي ۾ هجي ويا.

(8)

جي تو ادب آ، تا بندڻن بندي وڏين،
ڪَلَ نه پيَڙي ڪا، اصولي اِسرارَ جي.

(9)

ادبُ اَٿي اوٽ، اوٽِ ته آڳاهون ٿيين،
مار نغاري چوٽ، عاشق، اناالحق جي.

(10)

تون ٿا ڪاٿي آنءِ، "پاڻ" اول لهُ پنهنجو،
جيلهان ٻئي نانءِ، پيين تيلهان تفاوت ۾.

(11)

چاڻُ نه تفاوت عبَد ۽ الله جو،
"هُو" آهي امرتُ، "هي" ۾ ڏورَ نه اُن ڪنون.

(12)

"هي" تا مُورِ نه وڃڻو، چئو وڃي ڪاڏي،
"هُو" "هي" هِڪُ ڪري، مورک، ڇڏ ماڏي.

(13)

جهڙو ڀانئيندين، پاڻ پنهنجو پاڻهين،
تهڙو ئي ٿيندين، "هُتِ" ۾ ساڻ يقين جي.

(14)

جيڪي آهي هِت، هُت ۾ اُهوئي اَٿي،
پڇُ اُهائي پتِ، تان تُون اُهوئي رهين.

(15)

جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندين چا،
سُڌ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پيڙهء ڪا،
ڳالهه نه سمجهيئي سا، آوازي اناالحق جي.

(16)

پُنيءَ چج نه چُل، منجهه تماشي نَه پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامون هُل،
ستگر سچ سُٹايو، 'سچل' قَربُون ڪُل،
پولء نه ٻي ڪنهن پُل، وٺج حالُ حلاج جو.

(17)

پنيءَ چج نه چل، سچا ٿِيُ تون گهوٽ،
مردُ نه هٺان موٽُ، پُنيءَ لائي چيچڙي.

(18)

حڪم هلي ٿو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ،
حاڪم کي محڪوم سان، سچا سلهاڙج ساڻ،
صورت سا سڃاڻُ، مُوه ڪري مورت کي.

(19)

دين ڪفر دل دام، ڏج مڙيئي موج ۾،
تهان پوء حڪام، هر جا سچا تنهنجو.

(20)

جي ٿا ميڃن آدمي، سي نه ميڃان مان،
سچو آهيان آن، جو ٻانهو ٻي جو نه ٿيان.

(21)

ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مُورُئون مسلمانُ،
نڪي احمد موڪليو، عرب ڪان ايمان،
'سَچُو' سو سبحان، پر ماٺهن ليکي آدمي.

(22)

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيا، ڳِڙهان نہ انهيءَ گهير،
جاڏي راهہ رسول جي، تاڏي نہ پايان پير،
جي من مان ڪڍان نہ مير، تہ حضور حاصل نہ ٿيئي.

(23)

هي نہ وات هُواءِ جي، آهہ نہ ڪا تقليد،
تحقيق توحيد، آهي راهہ رسول جي.

(24)

ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تہ ڪافر،
انهي وائيءَ ور، سمجهي ڪو "سچو" چوي.

(25)

هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال،
پهريون تا راحت، پويون تا پوءِ رهيو.

داستان ٻيو

(1)

جڏهن ويهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال،
تڏهن فرق وارا في الحالُ، بند ٻڌنديئي وڃ ۾.

(2)

جي فڪر ڪان فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور،
سچا سي حضور، آءُ تہ ڳرهيون ڳالهڙيون

(3)

"تون" سان "تونّ" لبين، "مان" ليان "تو" ساڻ،
"تون" "هي" "آءُ" سيهين، "لا" ۾ موجودات ٿيا.

(4)

جي تو ڄاتو "پاڻ"، ته آءُ ڪو ٻيو آهيان،
ڪنڌ ۾ غرق گمانُ، ڳهلا، انهيءَ ڳالهه ۾.

(5)

بي رنگي مان رنگُ، پَسي جو پيدا ٿيو،
ظاهر ۾ پيو زنگُ، مُوسيٰ ۽ فرعون جو.

(6)

تو جا پائنين موج، سا مڙيئي مهراڻ ٿي،
هي انهن جو اوج، جن سنبت سُوريءَ پار ڏي.

(7)

نه ڪا مسجد تڪيو، نه ڪو ٽڪاڻو،
تاتي ٿِيِنِ ٿاڻو، جاتي "مون" "تون" ناه ڪا.

(8)

بُودُ ڇڏي نابود ٿيا، سا مَن ساماڻي،
ٿا ڪِيا ٿاڻي، جاتي "مُون" "تُون" ناه ڪا.

(9)

آڇيا اول لاهه، پوءِ نِڪتَ جو پنڌڙو،
جڏهن ٿي نِڪتَ جاءِ، پُهچين تڏهن حد کي.

(10)

فراقاءُ فرق، شال نه پوي جيڏيون،
مون کي آه مرڪُ، سدا سوز پرين جو.

(11)

سڪ سچيءَ ڪان ڪونڪو، سبق سورَ سِکَنِ،
اکرُ لکنِ نه دل تي، ٿا ڪاغذ ڪارا ڪن،
مَسُ ڪاريءَ جان من کي، ٿا ڪاري ڪارو ڪن،
مُدعا جنهن مام جي، تنهن ويجهو ڪين وڃن،
تاڏي ڪَنُ نه ڪَنِ، جو فرمودو فائق جو.

(12)

جي فرمودو فائق جو، تاڏي ڪَنُ نہ ڪَنِ،
"وَفِي انفُسڪُم اَفَلا تُبصرون" ويسھُ نا وِسھنِ،
فڪرُ ڪَنِ نہ فنا جو، بقا ڪي نہ پڇن،
معنيٰ تن جيون طرح سان، هڪڙي ٻي چَوِنِ،
پڙهي پيپرجهي علم تي، عمل نہ آڻن،
هَنيا لئي حُورن، عاشق عُقبيٰ جا ٽيا.

(13)

سُوريہ سارو اَبَرَ ۾، لوڻيَنِ ڪين لڌو،
اَنڌي ساڻُ اَنڌو، ٻئي پيا کَڏَ ۾.

(14)

غوطو مارج اوچتو، منجھ قُلزمَ ڪارُونيار،
زمينَ زمَنَ آسمان، اندرِ آبُ وسار،
دانہ، دمُ گذار، طالبُ تَي تاريڪ ۾.

(15)

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهون منجهايا،
شيخيءَ، پيريءَ، بوزرگيءَ، بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون توڙِي ڙهن، ڪَنِ مندر وَسايا،
اوڏو ڪين آيا، عَقُل وار عشق جي.

(16)

ڪي ٽا چون صُوف، ڪي ٽا چَوَن سيب،
اُنَ ۾ ڪِهڙو عيب، قُلُ مڙيوئي هيڪڙو.

(17)

محبت جي مهراڻ مان، جي مُلا چاش چکين،
تہ ڪَنزُ قُدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين،
رحل سيي سَٽِين، مُلا مسجد ڪنڊ ۾.

(18)

"طالبُ الدنيا مُخنث"، محبت ناهي جن،
"طالبُ العُقبيٰ مؤنث"، مرد نہ سي چئجن،
"طالب المولىٰ مُذڪر"، رسيا ۾ رمزن،
"الفقر خزينه"، بعضن کي بخشن،
"الفقرُ فخري" ڏسو، منجهہ آيو حديثن،
"الفقرُ لايحتاجُ" سان، ٻيو ڏنائون ٻَنِ،
فقرُ فقيرن، اصل کان اختيارُ ڪيو.

(19)

اصل اهو اختيار، ڪيو فقرُ فقيرن،
"القدر خير وَ شر"، اوڏاهون چاڙهن،
"لامَوْجُودات الاالله"، حاضر ڪيو وتن،
ٻئي جهان ڦٽا ڪيو، تا تئين جهان وڃن،
لاهوتي لنگهن، محبت جي ميدان ۾.

(20)

محبت جي ميدان مان، لاهوتي لنگهن،
آديسي ارمان ۾، گهوماتيا گهمن،
لنگهي هليا حال کان، نڪي قال ڪَهن،
ٻاڦ نہ ٻَهرِ وجهن، مَچُ مچايو من ۾.

(21)

مچ مچايو من ۾، ٻاڦ نہ ٻهر وجهن،
وتن ويڳاڻا وره ۾، نيڻين ننڊ نہ ڪن،
سُڏڪا سيئي سوز جا، ٻنيءَ رات ٻَرنِ،
پنهنجي پر ۾ پاڻ کي، تا پريتون پچائن،
سکيو ساميئڙن، عشق اهو سڀ آئيءَ کان.

(22)

عشق اهو آئيءَ ڪان سڪيو ساميئڙن،
عاشق متي آگ جي، اولارا ڏين،
پنيڙ باهه عشق ۾، سپورن سڙن،
طالب جيئي حق جا، طلب نه ئي ڇڏن،
اڇيو پَوَنَ آڙاهُ ۾، سرَ جو سانگُ نه ڪَنِ،
لائق لعل تين، ڪَامي لهسي لُوسِجي.

داستان ٽيون

(1)

ساراهه ڪر سُبحان جي، جي موليٰ جو مُلڪن،
مڙيوئي محفوظ ڪيا، ڏسو ڏيهه ڏٺين،
ڪي ڪامل ڪرسيءَ تي چڙهي، وهواهه واعظ ڪَنِ،
ڪي پڙهيا پاڻ پُرجهه سان، ٻهُون پڙهائن،
سوين سبق ڏين، ڪي ڪاتب ڪتابن جا.

(2)

ناميا نبيرن، ڪي مسئلا مسائل ڪيون،
ڪي پڙهيا پنهنجي پُرجهه سان، پڙهيو پڙهائن،
ڪي وردَنِ وظيفن ۾، شاملُ روزُ رهن،
وريو ورائن، ڏسيو وائسيو ورق ڪي.

(3)

ٻيَنِ ٻيَنِ معنائن ۾، ڪاهت ڪيون ڪَهن،
اهو فڪر فائدو، توڙئون ڪري نه تن،
"من تعلم العلمُ للمُناظرت ولمڪابرة" ته اُهي منافق مرن،
اوڳا منجهه اڪرن، هِي اتي حيران ٿيا.

(4)

پاڻئي لڪائن، هيئنئون مِٽيءَ جي پسي،
آهي آفتابُ اَبَرُ ۾، پر لائق ڪِين لهن،
ماضِنِ مذهبن، مُنجهايو ماڻهن ڪي.

(5)

منجهايو ماڻهن ڪي، ماضن مذهبن،
محڪم ماڻهن ڪي ڪيو، تن جي زنجيرن،
هُنن حديثن ڪين ڪي، نہ ۾ آيتُن،
سڃن تن کي ڪين ڪي، تيو مُلا تا ميڃن،
سي سوگها سيئي ڪيا، نامُراد نيئرن،
ڪيا اَڪَيُنِ اوڏڙا، توڙئون ڏُسُ تن،
پاسي پوءِ پِرَنِ، برهہ جي بشبان ڪان.

(6)

سي پسڻ ڪان پري ٿيا، ڪين پساءَ پسن،
ڪن سلام صرف ڪي، هُوندِ نحو نہ نهارن،
پرک لئي ننهن ڳالهہ جي، بِاس نہ ٿا باسن،
مٿي ڪين چڙهن، اُهي رهيا اِتهين.

(7)

ڪيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ ڪن،
ڪي وڃي رسيا حال کي، ڪي بيٺا ٻاڏائن،
ڪي لنگهي هليا حال ڪئون، نڪي قال ڪَهَنِ،
هنيا حِرصَ هَڄَنِ، دنيا جي طلب ۾.

(8)

اصلئون اختيار ڪيو، فقر فقيرن،
"الفقر فخري الفقر مني" ايُ اُتو عجيبن،
وتن ويڳاڻا ورهہ ۾، نيٺين ننڊ نہ ڪن،

راتو ڏينهان روح ۾، چپ نه ڪو چورن،
"من عرف ربه ڪَل لسانه"، ٻڌي زبان انهن،
نشي تن ڪي "نانهه" ڪيو، مُورئون "مان" نه چون،
"قل ڪل من عندالله"، اهو ڪيائون ڪن،
"والقدر خير وَ شرِ من الله"، سي ڏنائون ٻن.

(9)

ڪيا ٿيا وتن، موليٰ جي محبت ۾،
سُڏڪا سيئي سوز جا، پنيءَ رات پرن،
آديسي اَرمان ۾، گهوماتيا گهمن،
ڪين روئڻ ڪان اُنَ جِيُون، اکيون اوڪارن،
"هر آن سرِي ڪه با محبوب دارند،
خبر نَبوَدِ ڪراَما ڪاتبين را"، سرُ اهو سانين،
هيهات هيهات، اها عادَت اُداسن،
ٿا پرتئون پچائن، پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ ڪي.

(10)

ڪامل ڪوڙ ڪُسن، جي محبت ۾ مخمور ٿيا،
ڪُرڪن ڪِنجهن ڪين ڪي، چڙ پار وهانءَ وڃن،
رتُ منجهارون پنهنجي، وضو وير ڪرن،
سي ڪيئن مِرُّس مُرِّن، جي محبت وڏا مامري.

(11)

سوريءَ اُتي صابري، ڪَيُون چيچ چڙهن،
تحتئون تري تي رکي، صادق سِر ڏين،
پيا پَهَه ڪين پڇن، ڪن سِر صدقي سجڻ تئون.

(12)

آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانه ڪهن،
"صمٌ بُڪمٌ" سڪُوت ۾، اڳيون پئي عامن،
"عينها تنامُ وَلا تنام قلُوبها"، دل طرف دوستن،

"عينهَا باڪيهُ وَقلوبها ذاڪرة"، اهو ذڪر چون،
"اِنَ اَوْلِيائي تحت قبائيِ"، لائق لعل لِڪَنِ،
پسڻ لئي پرين، ابتر ڪِيائون پاڻ ڪي.

(13)

ابتر ڪِيائون پاڻ ڪي، پسڻ لئي پرين،
هاءِ وڃايو حالڙو، ويتر ويچارن،
"هُو مُشتاقُ الي لقاءِ اللّٰه" ايءُ محفوظ رهن،
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن،
عيدون عاشقن، آه لقاءُ لطيف جو.

(14)

وڻي وِرهَ وڻنِ، سِرُ ڏيو سنوپرا،
"تَرڪ الدَنيا سُنتَ طَلب المَولىٰ فرض"، هو دل ڏَرن،
سوين ڇڏيون سُڪڙا، هو گوندر گذارن،
هو مِثل مستانن، جوڳي جانبَ ڪاڻ ٿيا.

(15)

ڪاٿئين سناسن ۾، ڪاٿئين منجهہ مُلن،
ڪاٿئين معرڪن ۾، ڪاٿئين منجهہ ڪُنڊن،
ڪاٿئين مسيتن ۾، ڪاٿئين منجهہ دائرن،
ڪاٿئين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿئين منجهہ ناچن،
ڪاٿئين تماشن، ڪاٿئين ساجن سيرنِ ۾.

(16)

نيه نِهوڙ نڪتيا، جَهَن پَرِ ڪاپَڙ يَنَ،
ڪڏهَن اَڃا ڪَپڙا، ڊار نہ ڪَهن ڊِڪنَ،
مُنهن ميرا متي تيڙا، اَهڙي طَرح تَنِ،
ڪائي تَن جي ڪانہ ڪا، جُڙي لِيڙ لڱنِ،
متي پيرين برهنا، اِيڏا سور سَهَنِ،
ڪاهِيُون تِتِ پَوَنِ، پَرَ نو پَروانَنِ جان.

داستان چوٿون

(1)

ڪنڌ اونڌي اوريج، انٿي پهر عجيب ڪي،
اڇن اوجاڳن ۾، هينان اوجاريج،
اَصلُون ڪين ڪهيج، ظاهر هن زبان سان.

(2)

مرڻ ڪنا جي اڳي مُئا، "مان" ڪي ڪين ميڻ،
دشمن دوست هڪ ڪيو، گودڙيا گهمن،
وحدت جي واديءَ ۾، دائه دم ڏرن،
"تون" "مان" وڃائي وڃ مان، پنهنجو پاڻ پسن،
هادي مُريد هڪ ٿيو، تفاوت نہ ڪن،
نائي نيڻ ڏسن، صُورت مُورت هڪَ ٿي.

(3)

صُورت مُورت هڪ اَٿي، نائي ڏسُ نيڻن،
اڪيون ڪَنَ زبان هي، وڃان جيئن وڃن،
تپُ تپُ لائي توپا اُهي، تپيءَ منجهہ تپن،
پاڻيءَ جي پاڪائيءَ سان، پاڻهين پاڪُ ٿين،
انٿي پهر اڇ ۾، عاشق گم رهن،
سالڪ سمجهائن، مامَنِ سان ماڻهن ڪي.

(4)

پاڻ پڙهيج پاڻ ٻيهيج، پاڻ ئي ڪهيج،
ٻولُ نہ ٻيو پانئيج، ڪافر مومِنُ هڪ ٿيو.

(5)

اوِل ڪفر پوءِ ميڻ، پوءِ منجهہ اسلام،
مُلا، سمجهين ڪين ڪي، تُون محبوبن جي مامَ،
ڪهيج هي ڪلام، جيڪي ناقصئون نڱيا.

(6)

اديُون! آدمُ ناھيان فلڪ نہ آ فلڪن،
خيالئون اچي اوچتي، خللُ وڏم خلقن،
ناھي ميَسَرِ مَلڪن، اھا امانت عشق جي.

(7)

ناھي ميسر مَلَڪَن، اھا امانت،
خامن خيانت، وڏي اچي عشق ۾.

(8)

حدين وڃي ھرڪو، لاحد وڃي پيرُ،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگھي وڃي.

(9)

جاڏي ڪياڙي، سِجدو تاڏي نہ ٿيي،
جاڏي مُھاڙي، سجدو تِت صحيح ٿيو.

(10)

ظاھرُ ڪَڪَرُ آنءِ، مينھن توئي باطن ۾،
پاڻ اُھوئي ياڻءِ، جنھن وسي سان وَسَ ٿيي.

(11)

سوزُ گدازُ ۾ غمُ، مڙيوئي معافي ٿيو،
مارِ دمامين دَمُ، عاشق، اناالحق جو.

(12)

جتي ماڻھن ميڙ، آءُ تِتي ناھيان،
سسي سنياپان، پنُنيءَ شاھ حلاج جي.

(13)

جي تو تجويد، تا آئين نہ تفريد ۾،
ڪاٿي ٿي توحيد، ڪاٿي ڪثرت ڪُلِ جي.

(14)

پسي پيتِ پُليوس، تا آءُ آدمي آهيان،
وڇان جان ويوس، ساڃيو سچل آهيان.

(15)

ٻيائي ٻانهپ ڇڏ، سچا آءُ احديَتَ ۾،
لحمُون دَمئون لڌ، ته پاڪائي پاڪُ ٿيي.

(16)

جهڙو پانيم پاڻ ڪي، تهڙو آهيان آنءُ،
باقي رهيو نانءُ، سچو مُون صاحب جو.

(17)

هُو پي ڪينَ اڇٹو، هُو پي ڪينَ ويو،
نفي ۽ اثبات ڪان، پري پنڌ پيو،
سچل سچ ٿيو، ٻي ٻانهپ ٻولي ناهه ڪا.

(18)

جي اچين تا اچ، نه ته هِت پُورن پڇاڙيو،
محبت ٻاريو مچُ، سيني ۾ سچل جي.

(19)

چري چري مَ چئو، چريو آهي لوڪُ،
جو چريءَ لڌو ٿوڪُ، سو سچل آه نه سگهين.

(20)

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل،
الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامُو هُل،
هندو مؤمن هڪ ٿيو، پول نه ٻي ڪنهن پُل،
"خلق الاشياء فهو عينها"، اهو آڻ عمل،
ٿيو گلابي گلُ، مر مارني منصور جان.

(21)

قلبِ ۾ نہ قرارُ، آهي عاشقن کي،
رُوحي لک رُلايا، نہ نفي نفع دار،
سِري سَوَ وڃايا، خفي ڪيم خَوارُ،
اپر اخفا ناه ڪو، طالب کي تڪرارُ،
ري پروڙڻ پانهنجي، بيو شيطاني شِڪار،
سچل هي سنسارُ، سارو پاڻ سهي ڪيو.

(22)

قدرُ ڄاڻين پانهنجو، ڪَڍُ ٻانهپ سندو ٻول،
ٿِکت وارو تولُ، تَونکَرَ ساڻُ ٿُتي پَيي.

(23)

ڇا نَہ چوڻ جهڙي، سا مون چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن، "هِي" ۽ "هُو" ٿيو هيڪڙو.

(24)

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ مَنجهان ئي پاڻ کي، پَوَندِي ڄاڻ سُڃاڻُ،
مڪڻُ آڪَرَ هڪڙو، سوئي کيرُ سنياڻُ،
اهو اٿي اُهڃاڻ، ڳهلا، انهيءَ ڳالهہ جو.

(25)

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صُورت منجهہ سڃاڻ،
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻُ،
تون ئي ٻُڌندڙ تُون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قُرآن،
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو.

(26)

سچل سائين هيڪڙو، ناهي شڪ گمان،
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو، صورت منجهه سلطان،
ڪاٿئين پڙهي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن،
ڪاٿئين عيسيٰ ڪاٿئين احمد، ڪاٿئين هنومان،
حيرت ۾ حيران، پنهنجو وڏائين پاڻ ڪي.

(27)

تون ئي مالڪُ مُلڪَ جو، بانهون پانءِ مَ پاڻُ،
"لا خير في عبدي"، اهو اٿي اُهڃاڻُ،
صورت منجهه سُڃاڻ، پاڻ پنهنجو پاڻهين.

داستان پنجون

(1)

هُتي ڪيرُ هُياس، آيُس هِتي ڪيرُ ٿي،
هُتڙي نالو پيو هُيو، نانءَ نئين هت ٿياس،
عاشقُ ٿي آياس، نه ته هُيُسِ معشوقيءَ مامَ ۾.

(2)

هُيُس معشوقيءَ مام ۾، عاشقُ ٿي آياس،
اڃڻ نه هت منهنجو، خواهش هڪ ڪنياس،
حسن سندي هَوَسِ هُئي، جنهن هت هيرياس،
وڃان آءُ وياس، سچو ساڳيو سچ ٿيو.

(3)

ڏيو ٻاري سچ ڪي، ٿي ڏاهرين ڏٺو،
هلڪو هن هوا سندو، مُنِين ڪَنِ ڪُٺو،
ڪٺو ۽ مِٺو، چرين ساڳي چت ۾.

(4)

عشقئون ٿي انسانُ، آيو سيلاني سير تي،
صُورت ۾ آدم جي، آدم دم مهمان،
سچل تون سلطان، ستگر سچ سڻايو.

(5)

ستگر سچ سڻايو، سچل تون سلطان،
تنهنجو شاهي شانُ، ٻانهپ ٻولي ناهه ڪا.

(6)

فارغ ٿيـن نہ فراق کان، ويجها ڪيـن وصال،
گم ٿيڻ کان گم ٿيا، تڪا سُرتِ سنڀال،
اُتي قيل نہ قال، "سُمٌ بُڪمٌ" سي ٿـيا.

(7)

ناهيـن مالڪُ مُلڪَ جو، مالڪ اٿي ٻيا،
پيرا پراهن جا اوچتي، پهرين سُرتِ سنڀال،
اُتي قيل نہ قال، "صُمٌ بُڪمٌ" سي ٿيا.

(8)

وقت اها ٿي ويل، دوئـي دور ڪرڻ جي،
ڪڏ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مؤمن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿيـئي اويل، اولهہ سج نہ اُلهي.

(9)

اولهہ سج نہ اُلهي، متان ٿيئي اوير،
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير،
چڏي ويندءِ چيرين، ڊونڊِن سندا ڍير،
مرد ڏيـن ٿا مامَ ۾، ماتيڪي متير،
وجهہ اَٿي وِجهہ پاڻ ۾ هيڪڙائيءَ جي هير،
ناسودي ناخير، نپٽ پوءِ نابُود ڪرِ.

(10)

مَڪُڙي ڏتم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مڇيون مارين اوچتي، بانڪا بي پرواھ،
لهر بحر جا حاڪم جاٽي، شوريا وتن شاھ،
هند سنڌ تي فلڪ نہ آٽن، مارن مُلڪ سپاھ،
وائڙا رکن تن متان، ويچارا ويساھ،
آسرا اَڏين جا، آهن منجهہ الله،
ڏيئي پاندُ پناھ، رکي وٺندو راڄ کي.

(11)

نيري گهوڙي نُقُرو، اولاهون ايندو،
ڏَملو ٽالپرن جو، نهوڙي نيندو،
سُڃي ڪري سنڌڙي، واڇوٽو ويندو،
تهان پوءِ ٿيندو؟ تجل تاجپڙ ۾.

سُر گجري

معرفت

داستان پهريون

(1)

احد احمد صورت ساڳي، سرُ ڀنهي جو سوئي،
"الست بِرَبِڪُم قالو بليٰ"، پنهنجو پاڻ آڪيوئي،
سچل حاضر هر جاءِ هادي، سمجهين سر سيوئي،
غائب سمجهي غير نہ ڄاڻين، حق الحق اُهوئي.

(2)

حق الحق اُهوئي آهي، تو جنهن غير تي ڄاتو،
"عرفتُ ربي بربي"، پاڻان پاڻ سڃاتو،
ڪُلي ڪَل انهن کي پيڙي، پير ايڏانهن جن پاتو.

(3)

"الف" سڃاڻي احديت وارو، بي، تي ڪين اڙياسي،
"شرح مُلا"، "ڪنز قدوري"، "ڪافيا" ڪين پڙهياسي،
غير خيالون ڪُند ڏيئي، پوءِ لاحد منجهہ لڙياسي.

(4)

الف باب مطالع ڪرڻو، "بي" "تي" "ثي" نہ سڻان مان،
اڄڻو وڃڻو الله اهو، دائم دم ڏريان مان،
ساڻ يقين تصورُ وارو، ثابت سبق پڙهان مان،
ٻاجهون باب جي، ڙي سچل، ڪهڙا حرف ڳڻيان مان.

(5)

باس اهائي بات اسان جي، غازي غير نہ آهين،
خام خيال هي ٻانهپ وارو، "لا" ۾ لاشڪ لاهين،
"من عرفَ نفسہ فقد عرف ربہ"، ٿاهہ کھڙا ٻيا ٿاهين،
سچل سچ اشارو اهو، ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين.

(6)

رام رحيم هڪو هڪ سمجھين، موج محبت ماڻين،
ڪافر مؤمن گبر نصارو، غيرُ گمانُ نہ آڻين،
"خلق الانسان عليٰ صورتہ" ٻول اهوئي ڄاڻين.

(7)

خمر خمار انهيءَ جو خاصو، موت اهو مسروري،
ازلا ابدا عجائب جھڙي، مي اها مخموري،
"انا احمد بلا ميمي"، مارين دم منصوري،
سچل جام جلالي پيءُ، ڪر حاصل حق حضوري.

(8)

دل دلير ڪري اچ عاشق، سُستُ يقين نہ ٿِي تون،
ٽوڙ شڪ گمان سيئي، پريمي پيالو پي تون،
"موتو قبل انت موتوا"، جيوڻ ۾ مر جيءُ تون.

(9)

ذات صفات هڪائي آهي، ٻول نہ وجھين ٻولي،
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي،
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچ سچل تو ٻولي.

(10)

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿين مردانو،
پاڻ بيگانو مُول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو،
"ونفخت فيہ من روحي"، بلڪل ڇڏ بهانو،
وهمُ سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

(11)

"دع نفسڪ" جي سچل سچي، راه نہ ڇاڻن موڙها،
هستيءَ وارا ڪوٽ ٻڌائن، ڪنگرا رکن ڪوڙا،
سچل راه اُهيئي لهندا، ڳالهائيندا جي ڳوڙها.

(12)

"مون" "تون" "هو" جي ٻولي ساري صحيح ڪري سڃاڻين،
ڇا هُيَڙين اُت ڇا آهين هِت، ڇا ٿيندين مَام پڇاڻين.

دستان ٻيو

(1)

مسجد ڇڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪيف ڪياسي،
هي سڀ حسن جمال اسان جو، جنهن ۾ پاڻ پياسي،
ڏوه ثواب ڪان آجا ٿي، پوءِ سچل سچ ٿياسي.

(2)

فڪر انهيءَ ۾ پياسون سچا، آهيون يا سچ ناهيون،
ناهيون ڇاڻ اهائي ساري، آهيون تا پي ناهيون،
سچل سچ تڏهن آ ٿيڻُو، پوش پاڻان هي لاهيون.

(3)

پير مريد نہ ٿي تون هرگز، ماڻج موج مستاني،
مخدومي ۽ شيخي پيري، خام ڇڏي ڏي خاني،
پٽ دعا پاراتي واري، ناهي راه رباني،
هر هِڪو پِٽڪو پنهنجو رکي، سچل ڪم آساني.

(4)

صريح چوان مان توکي طالب، ڪجان صحيح گويائي،
"وبي ينطقُ و بي يبْصرِ"، ٻوڙين ٻولُ ٻيائي،
"کُل شيءِ ناطقُ باالحق"، رکين سرُ سيائي،
ستگر سچ سمجهائي سچل، واه واه اها وائي.

(5)

طبل وُڄائج وحدت وارو، غازي چڙهه گدائي،
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جان جدائي،
"الانسان سري وَانا سِره"، آهين خاص خدائي،
بر بحر تي تنهنجو سچل، آهي سير سدائي.

(6)

فرق ڪفر اسلام نه ڪوئي، ڄاڻ اهوئي ڄاڻين،
ڪافر مؤمن هڪو هڪا، غيرُ نه غازي آڻين،
"ڪُل شيءِ هُو الله"، سڀ صورت هڪ سڃاڻين.

(7)

مَسِيتُ رهي ميخاني اندر، منگ وَتي سِي مستي،
مستيءَ سان نا سرُ سُڃاڻي، تنهنجو ڪم ڪمبختي،
"ليس في ماجبته ماسوَ الله"، هيڄ ٿني سڀ هستي.

(8)

ياري يار يقيني رکجان، توڙي شرڪ سيوئي،
جو ڪُجهه هيڙين سوئي ٿيندين، تنهنجو غم نه ڪوئي،
"ڪُل شيءِ يرجع الي اصله" مُو نه هِڪُ متيوئي،
سچل سچو سچ تي رهندو، عشقئون عين اهوئي.

(9)

عشق جنين سان غمزو لاتو، علم نه سي پيو پڙهندا،
منجهه ڪفر اسلام مذاهب، عاشق مور نه اڙندا،
ماري نعرو حق جو سچل، سوليءَ سرڙا ڏرندا.

(10)

پاٿا پاڻ ڪيوسي بيشڪ، هر صورت سيلاني،
سيڪا صورت منهنجي آهي، آهيان لامڪاني،
ڪفر نڪو اسلام رهيو آ، لتي واه حيراني،
سچل نام گمُ ٿيو، باقي رهيو سِرُ سبحاني.

(11)

عِشق لڳو وئي رهجي وَلله، يار عزيزي خويشي،
پنهنجو پاڻ قبول ڪيائون، سارو دم درويشي،
هڪُ سارو پيو ماري طعنا، بره بُرو بدڪيشي،
سچا يار هميشه آهن، درد وارا دلريشي.

داستان ٽيون

(1)

هي دم بحر حقيقت "هُو" جي، "هُو" سان "هُو سڃاڻين،
خاڪي جسمُ تَهَ پهه ٻوڙين، هرگز عُذر نه آڻين،
اندر ٻاهر ظاهر آ، طرف نه ٻي تون تاڻين،
سچل گُمُ گمراهيءَ واري، راهه اهائي ڄاڻين.

(2)

جوئي جو ناپيدا هُيَڙو، سوئي ٿيو وري پيدا،
جوئي پيدا اصل ڪان هُيَڙو، سوئي ٿيو ناپيدا،
پيدا سو ناپيدا ٿي، ٿي تڏهن حق هُويدا،
پيدا جي ڪل تڏهن پوندي، ناپيدا ٿي ويندا.

(3)

مريد ڪرڻ جو خيال نه رکجان، عاشق ٿج نرالو،
دين مذاهب ٻوڙِ ٻيائي، مست قرح متوالو،
"مان" ۽ "تون" جي سودي اندر، متان ڪڍين ڏيوالو.

(4)

عشق محبت ٻاجهون ڄاڻين، ٻي سڀ راهه خلافي،
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن ٿا، طلسم سڀ تلافي،
سچل هرگز سي نه ٿيندا، سچا صوفي صافي.

(5)

هن زماني بزرگ بيشڪ، ڇهئي لطيفا لائن،
ڪسب ڪرن دم بند ڪرڻ جو، نه تا پاڻ سنيالن،
اُهي فن فروعي آهن، ناحق وقت وڃائن،
ري ٿيڻ گمُ سچل سائين، پاڻ نه پنهنجو پائن.

(6)

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي نڪي مُلا، معلم پيرُ بڻياسي،
نڪي ٺاهه ٺڳي جو ٺاهي، رنگُ رساهه رکياسي،
سچل باجهون عِشق الله جي، نه ڪوئي هُنر سکياسي.

(7)

نه مان ڪِيڙو ڪڙڪو تسبيح، نه ڪِيڙم زهدُ عبادت،
نه ڪي مسجد مندر ويڙس، نه ڪِيڙم تقويٰ طاعت،
سچل جو ٿيو بختُ سوايو، جو ڪِيڙئي عشق عنايت.

(8)

روز ازل اُستاد اسان کي، سِٽ پريت جي پاڙهي،
سائي دل جي تختي مٿي، ڇاهون مان لِک ڇاڙهي،
سچل عشق پِڙو نه ٿيي، ٿي جي چٽي ڏاهڙي.

(9)

مرشد آکيو عاشق ٿيين تا، منڪرُ ٿي مشاخي،
شيخي پيري بم بُزرگي، اتي سڀ هلاڪي،
عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي،
سچل سوز گداز سوا سچ، ٻيا سڀ پور طَباخي.

(10)

خيالُ بُزرگيِ ريٺي ڇڏ تون، منگ نه تون مخدومي،
نه ڪي پير مشائخ ٿج تون، نَڪي ٿج نجومي،
دائرا اهي دعوت وارا، اتي علم رسومي،
سچل ڪٿي ڪونهي پيدا، هُوندو منجهه معدومي.

(11)

سمجهايو مان طالب توکي، سچ اهو تي سارو،
"ارض والسماءَ" ۾ واه وڃائج، عاشق، نينهن نغارو،
نام ڇڏي بدنام تي اچ، لوڪُ ڏسي سڀُ سارو،
سَٿ سچل سامان صلح جو، مار حقاني نعرو.

(12)

مست ٿيين ته مريد نه رکجان، واه جا راه رباني،
آمدرفت نه ڄاڻن ڪڏهين، بيخود ڪرن بياني،
ٻي سُڌ ٻُڌ انهن کي ناهي، رهندا لامڪاني.

(13)

حَبسُ ڪرن دم ساڻُ سعي، تا ٿين لطيفا جاري،
عالم ڏسي عبرت آڻي، زاري تنهن کان زاري،
واه وَلي پُڪارن ماڻهو، آ ڪو مردُ بخاري،
سچ پڇيو ته سچل جي سچا، سر تي ڪنئين تن خواري.

(14)

هيءَ سڀ سيرُ بحرُ انهيءَ جو، پرُ نڪا جنهن بستي،
تلزم ڪارونيار ڪڪوريل، ڪر نڪا جنهن ڪشتي،
منجهه درياه محبت واري، حالُ سَتِين هي هستي.

(15)

منجهه حضور هاديءَ جي طالب، ٻانهون ٻڌي وهندين،
جيئن چئي مرشد چوندين، ڪلمو ڪفري ڪهندين،
گرُ ۽ گوبندُ صورت ساڳي، راه انهيءَ ۾ رهندين،
نِنگ ريتي بي رنگ تي سچل، ناه انهيءَ ۾ نهندين.

(16)

جان جان طالب مسجد منبرُ، ڪين ڪرين ويرانا،
نان تان راه قلندر واري، ڪين مِلي مردانا،
ڇا ٿيو ٿين لطيفا جاري، هي پي هنرَ بهانا،
ڪشفُ قُلوبُ قُبورَ سڀيئي، هي پي ڏوڙ ديوانا،
لڪن نقش ڪمائن ڪيميا، ميڙن مال خزانا،
خوءِ حضر جي ڪارِ شيطاني، حفظُ ڪرن قُرآنا،
مرد سچا جي محبت وارا، سَولي سرُ سمانا،
باجهون راه عشاقي سچل، بيا سڀ ڪُوڙ بهانا.

(17)

ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو، هي پي سڀ بهانا،
ناقصُ نيت ڪعبي واري، مرد گهمن ميخانا،
سچل ستگر ائين آکيو، حق لهنِ مستانا.

(18)

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا،
آءُ ته پيون پڪ پريمي، مُور نه ٿج تون مُلا،
سچل حق نه حاصل تن، جي راه انهيءَ کان ڀُلا.

(19)

لانفي جو ڪلمون مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو،
نابودي جي نشي اندر، ستگرُ سير ڪرايو،
هٿيو ڏيئي همت وارو، سارو بارُ ڪٽايو،
صدقُ سچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو.

(20)

مُلا، ڇڏ ڪتابن پڇر، مي جي پيءُ پيالي،
پل ۾ مُلا صاحب ٿيين تون، مست و مستُ موالي،
ڇڏ ڪُلالي قاضي صاحب، قائم ٿج ڪَلالي،
معاف ڪرائي عشق ائين ٿو، سچل ڪاف ڪشالي.

(21)

طالب، زهدُ نہ تقويٰ طاعت، موج منگان مون مستي،
ڏني آ اُستاد ازل جي، هٿ طلب جي تختي،
سچا مستي مُول نہ ايندي، جان جان وجي نہ هستي.

(22)

جان جان تون گمراهُ نہ ٿيندين، تان تان راه نہ لهندين،
ڪاءِ حرام ۾ پيءُ پليدي، پاڪيءَ سان نہ وِهندين،
سچل سچ پلئہ نہ پوندو، جان جان "مان" ۾ رهندين.

(23)

ڪي ڪمائن ورد وظائف، ڪي ٿيا نفلاتي،
ڪي وڃي پيا زهد عبادت، ڪي ٿيا دعواتي،
گوشي نشيني ڪن ڪي پائنين، ڪن وٽي رجعاتي،
ڪن جي منزل پِٽَ پاراتو، ڪي ڪامل ڪراماتي،
ڪيئي ڪشفن اندر ڦاٿا، دانہ ڪي درجاتي،
سچل لکن مان ڪوئي ڪندو، عشق واري اثباتي.

سُر پيروي

عشق مجاز

داستان پهريون

(1)

زورُ غرور غماز، عادت البيلن جي،
نِوڙت نينهن نياز، آهي عشاقن جي.

(2)

اهي عشاقن ۾، نِوڙت نينهن نيازُ،
نِخوت نخرو ناز، عادت البيلن جي.

(3)

قوس قزح ڪمان، ابرو عجيبن جا،
ضرب ظلم جي زور سان، اُچلن الامان،
سل هڻن ٿا سيني ۾، پنبڻين جا پيڪان،
نيزا نينهن نشان، سچل سر سهايا.

(4)

ابروُ ڪش ڪمان، مارن ٿا محتاجن کي،
پنبڻين جا پيڪان، زوريءَ ڪن زيان،
توبه الامانَ، ترس نه تن تِرَ جيترو.

(5)

ڪجا ڪجُ محراب، منهن تي محبوبن جي،
ڏنگا ونگا واه واه، مصحف جا اعراب،
سٺون سيپارن جيون، پڙهڻ تيون ثواب،
بره سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا.

(6)

چالي چشم چَتڪَ، ماريو محبوبن جي،
قاتل فوج حسن جي آئي، ڪاهُون ڪاه ڪتڪ،
اچي وڏائون اوچتو، سيني سيفَ سَتَڪَ،
عاشق تپي آيا، اَتَڪَ جي اَتَڪَ،
اچي پيا وچ ۾، ٻَتڪو ڪري ٻَتَڪَ،
جهٽ پٽ ۾ جهٽَڪَ، سرُ ڏنائون سَٽ ۾.

(7)

ڇپيلن ڇلا، موَ مکيڙيا منهن تي،
نيمُ شبي مهتاب جيئن، منهن ٻري مشعلا،
تاريڪيءَ ۾ تيجارا، تڪا ڏين تجلا،
عاشق اُت اجهلا، سِرُ ڏين تا سٽ ۾.

(8)

مُو مُکيڙيا منهن تي، ڇپلن ڇلا،
سُنبل چڙ ڪي سلا، صبح ڪديا ساجهري.

(9)

مُو مُکيڙيا مُنهن تي، ڇپلن ڇلا،
واسينگن ولا، وره وارپين تي ڏنا.

(10)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇپلن ڇلا،
سجدو ڪرين سُهٽَڻِ ڪي، ميان صاحب مُلا،
قاضِيڙا ڪُلاءِ، رحلُ رکين ڪنڌ ۾.

(11)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇپيلن ڇلا،
واصِلُ ڪي وتيون ڏيئي، ليڪين ڏيين لَلاَ،
مُلا، سپ مسئلا، وساري ويهي رهين.

(12)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇپيلن ڇلا،
توڙي ڪائين ڪلا، ته به راضي رهين روح ۾.

(13)

حقاني حوسنَ جي، گولاڙا ڪن گِلا،
سچل سِڪَ نه جَن ڪي، سي نوڙها نِڪر نلا،
بي هُودن پلا، ،کهڙو قدر قرب جو.

(14)

پاڻون پوندءِ پير، قاضي، ڪاريهر تي،
عشق وننديءِ وير، آخوند اچي اوچتي.

(15)

آهي ڪو جو جهلي، تڪو تابُ حُسن جو،
بِلي تيا جي برهه، بابُو تياسي بَلي،
سچل سائين سُهڻن سان، وسُ نه ڪنهنجو هي،
جان جُسو جيءُ جلي، عشاقن آڙاهه ۾.

(16)

عشاقن آڙاهه ۾، پسيو نظارو،
ڳاراڻي ۾ ايئن ڳريا، بر ڳري جيئن پارو،
ناطقُ ڪو نيارو، جهلي روبُ رويءِ جو.

(17)

لوڪ ساري جون سُهمان، سچي سهڻ آيون،
مُشتاقن کي محب جِون، چِڪنُ ڪن تيونُ ڇمان،
بابو جهلي بره ڪنان، عشقان جهلي اَمان،
سُورن سندا سمان، سچل سي سهايا.

(18)

راشي ۽ خاشي، صورت ساڳي سڄڻين،
مورت هيءَ محبوب جي، فهمي فهماشي،
موتي مڙهيل مکڙين، چڻ قرآني حاشي،
ڪعبو ۽ ڪاشي، منزلون محبوب جيون.

داستان ٻيو

(1)

عاشق پيَنِ زَقومر، هتان حبيبنِ جي،
هلاهل جي هير تي، هاتڪ ڪن هُجومر،
اها اتن رسومر، ڪڙي ڪاڻِ نہ تن جي.

(2)

ساقي، ڏيج سُني، سُرڪ صُراحيءَ مان ڪڍي،
پڪ پيارج پارڪو، محبت جي مٺِي،
پِيَڻَ سان پُني، پاڻ ڏيان جيئن پاڻ ڪي.

(3)

ساقي، ڏجانءِ باقي، تہ بقا بره ۾ ٿيان،
فاني فراقي، رهي رهندا ڪيترو.

(4)

نہ ڪا صحبت صراحيءَ سان، نہ ڪي مينا سان مطلب،
ساقي، سڀ سببُ، سچل سڪ وارن جو.

(5)

رهي رهندا ڪيترو، فاني فراقي،
مطلب ميثاقي، ”لا“ ۾ موجودات جو.

(6)

ڇُڪو انهيءَ چاش جو، چکي ٿيا چريا،
چريو ڪريو لوڪ چوي، آهن ڪين چريا،
ياڳي سي پريا، سچل سڪ وارا ٿيا.

(7)

اوڏو عبادت نہ وڃيين، جي نشنو پيين نينهن،
واحد وحي موڪليو، احمد آکيو ايئن،
تان تون وڃين ڪيئن، مخالف مصحف جي.

(8)

مُلا، اُنهيءَ مَنڊَ جو، ڇُڪو جي چکين،
ڪارنهن ڪٽي ڪُنڊَ ۾، ويٺو مُنهن مَکين،
سبق سي سکين، جي سُوريتن سِکيا.

(9)

حسبي ۽ حسبي، زاهد پڙهين زور سان،
حسنُ حبيبن جو ڏسي، ترڪُ ڪرين تسبي،
ڪَمُ نہ ڪنهن ڪسبي، سچن سِرڙا ستّ ۾.

(10)

قطرا آبُ عرق، سُونهن، سچڻ مُنهن تي،
جرڪن جهلڪن ٿا ايئن، جيئن پِيَن ماڪُ مُرڪ،
داڻا ڪن درڪ، دل ۾ درديلن جي.

(11)

ابروُ ڪنڍا قريب جا، وار ڪُنڍا ڪارا،
اڪيُون ڪُنڍيون عجيب جيون، ماڻڪ موچارا،
محرابي مرغول ڪُنڍا، پيشاني پارا،
مٿا موچارا، سدا منهنجا سپرين.

(12)

حبيبن حبشي، پهرو رکيو پاڙ تي،
اندر اچڻ ڪان اڳي، ڪاتي تنهن ڪشي،
رُخ انهيءَ رِشي، ڪوڙين وو قتل ڪيا.

(13)

مصحف پاڪُ چوان، منهنڙو محبوبن جو،
آيتون منجهه عشق جِون، مطالع ڪيان،
قاري اچي ڪو پڙهي، هجي هيءَ روان،
حرف سيُ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪونه ڪو.

(14)

منهن محراب محبوب جو، جامع سيُ جهانُ،
اُڏائي اُتِ ويو، عقل ۽ عرفان،
سمورو سبحان، ڪنهن ڪي وجي تيتيان.

(15)

خاصو خوب خيال، دمامي دم دم سان،
وحدت جو وصال، پانڌوڙيا پسين وجي.

(16)

عاشقَ، اناالحق، آکيو پيو آڪيج،
هادي عبدُالحق، حرفُ هدايت هيءَ چيو.

داستان ٽيون

(1)

ڪي جِو مخب لکيو، سو مُلا واچڻ نائيو،
جنين اڳ سکيو، سچل تن سهي ڪيو.

(2)

خبر ڪھين جو خط، آيُس تا عجيب ڏنھن،
روئي اَڪين رت، ڪري مطالع من سان.

(3)

لِکيُون لس لَڙھان، ساجن سلامن جون،
پُرزو پاڻ پڙھان، ٻڌايان نہ ٻين کي.

(4)

لڙھان لَسَ لِکيونِ، پرين پيغامن جون،
سي رقيب سَکيونُ، تو ٻُڌائي ٻين کي.

(5)

ڪي جو لکيائين، سو مُلا وچي واچيو،
ھڪ سٽ پڙھيائين، ٻي سٽ، سڏڪن ۾ پيو.

(6)

پُرزو پڙھڻ آءُ، اُتي مُلا مسيت مان،
سچي جو ساءُ، اچيئي سيڪنھن سٽ مان.

(7)

ھڪ سٽ پڙھيائين، ٻي سٽ واچڻ نا ٿيي،
ائين اُتيائين، ھيءَ چر چيري نہ جھليان.

(8)

ناميءَ مان نروارُ، ھي ھيءَ چر چيري سندي،
تنھن پلڪ پڙھڻ وارُ، ڪارو سڙي ٿيو ڪانگڙو.

(9)

رُقعي منجھان راز، مڙوئي معلوم ٿيو،
نسورو ھو ناز، سچل سڪ وارن سان.

(10)

رت اکين رويو، تو ساتي سنيھا ڏيئي،
نھران نچويو، جارئون جرُ ھاري گھٽو.

(11)

پيـنر ڪيئـن پنو، هي جو نامُو نيـنهن جو،
خط خُمارُ ڏنو، جيڪُس پڙهندي پريـن کـي.

(12)

پڙهندي پُرزو پريـن جو، پيـنر، ڪيئـن پنوسِ،
خط خمارُ ڏنوس، آيو ڏنهن عجيب جي.

(13)

روئـي زاروزارُ، پُرزو پريـن ڏي لکـيو،
ڏنو خط خمارُ، اول ئـي عبارت ۾.

(14)

اجا عبارت، لکـڻ لڳس پريـن ڏي،
روئـينـدي پريُون رت، اوتڻ پئي اکيون.

(15)

آيو اوڏاهون، ساڻـي سلامن سان،
محبت جي مان هُون، اُها ويل نہ وسري.

(16)

نامُو رات نيو، قاصد يار قريب جي،
پورن منجهہ پيو، هُتِ واچيندڙ ورق جو.

(17)

جارُؤن لکـيُم جو، ڪاغذ قريبـن ڏي،
حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو ڪو،
پڙهندي پـنو سو، تـنهن کي اَنڌيون آيون.

(18)

عريضو آڻي، قاصد ڏنو قريبـن جو،
هن ويل هاڻي، سِرُ ڪريان صدقي.

(19)

قاصد ايندئي، پيو شوڪارن ۾،
نياپا ڏيندئي، ساٿيءَ ساھ مٿي ويو.

(20)

نامو سارو نينهن، جو پڻ لکيو سڄڻان،
رات برابر ڏينهن، مون کي گوندر گذري.

(21)

ڪاجا ڪتابت، آئي پيار پرين جي،
سچل سا ثابت، مون کان واچڻ نہ ٿيي.

(22)

پني ۾ پيغام، لکي مُڪا سڄڻن،
سي نہ سمجهن عام، جي آهن منجهہ اشارتين.

(23)

ڪي جو لکيائون، پني منجهہ پريت جي،
اُهي پسي آئون، بيخود ٿيڙس سرتيون.

(24)

پهرين ست سماءُ، ڏنو واچيندڙ کي،
انهيءَ خط منجهاءُ، ڇيون ڏس ڇيري ڪڍيون.

(25)

جو نامنِ منجهہ لکيو، سا هُئي ڇيري ڇَرَ،
منجهان سڀ شهر، واچيندڙ کو ليي.

(26)

پنو ڪيرُ پڙهي، جو پُڻُ مُڪو سڄڻين،
لکيو منجهہ لڙهي، متان ٻُڏندڙ ٻڏي مري.

(27)

واچيو جنهن ورق، جو پڻ مُڪو سڄڻين،
سو ٿيو ڇڻ غرق، درد واري درياھ ۾.

(28)

سگھي ڪير پڙهي، هو جو نامُو نينهن جو،
سِرئون سر چڙهي، موج متو تنهن ناهه ڪو.

(29)

وٺي خطُ هليو، ساٿي سلامن جو،
چئي منجهه جهليو، وره وکوڙي وات تي.

(30)

وٺي هليو خطُ، پانڌي پارَ پرين جي،
روئي روئي رتُ، تنهن هلندي حالُ وڃايو.

(31)

اُلو هُيَڙو عشقَ جي، ساٿي ساڻُ نِيو،
ڪامِي پاڻ پيو، هو جو خُوني خطُ پرينءَ جو.

(32)

هُنَ پانيو نامُو، پر شعلو هُيَڙو شوق جو،
جندُ سارو جامُو، ساٿي سبُ سڙي پيو.

(33)

پري ڏانهن نِيو، تنهن ڪو خط خبر جو،
پڙهندي ڏِسُ هِنيون، تنهن ٿڙڪندي ڦاٽي پيو.

(34)

رهبر روانو، ٿيو پريان جي پار ڏي،
شل پهچي پروانو، سلامت ڪي سڄڻا.

(35)

ادا، ايندو ٿِيءُ، وٺي سُکُ سنيهڙا،
جاءِ ٿيي مُون جِيءُ، پروانو جڏهن پڙهان.

(36)

حبيبن ڏنهن هيئن، اديون، لکجي آيو،
تُون مُون سان جينءَ، تيئن مُون توسان آهيان.

(37)

ڪاغذُ لکي ڪال، مُڪُمِ جو محبوب ڏي،
ڳالهيون سنديون حال، تينديون پڏر پڙهڻ سان.

(38)

آيو ڪالهہ رقم، مُون ڏي محبوبن جو،
تہ دوستيءَ وارو دم، ڪڏهن تُون نہ وساريين.

داستان چوٿون

(1)

لکيو موتي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي،
اتم تونهين تُون، ٻئي جو ناهي آسرو.

(2)

چنو ڪيَم تکو، مُون کي پارئون پرين جي،
چُڪو اُنهيءَ چاش جو، چاهُون جي چڪو،
سرتيُون، سڀ سِکو، جيڪر لائڻ لنؤ ڙي.

(3)

نئون لکيو آيوم، پرين سندي پار جو،
لنؤ پريو لايوم، هئين وٺي هوت جي.

(4)

اڳيان مُحب مَني، متان ڪا مُنهنجي ڪرين،
وَهَندو وڙ وٺي، ساٿي خبر خير جي.

(5)

وجي ڏيہ ڏنو، تو جو سندو سڄڻان،
چڳيءَ طرح چنو، پانڌي، ڏنوئي پرين کي.

(6)

سندو رازَ رُقعو، آيو جو عجيب ڏنهن،
سا پڙهندي سرتيُون، مُنهنجو ساهُ سُڪو،
ڳالهائڻ چڪو، ڏسي ڏوراپن ڪي.

(7)

سنيها سي سڄڻان، تو چڙهيو ڏار ڏئي،
آتڻ ۾ افسوسُ تيو، تنهنجي پير پئي،
ڪتي سگهي ڪين ڪي، رويو تو رُئي،
کهڙيءَ طرح تئي، وري سانباهو سرتيين.

(8)

راه فراق فقير ڪان، والي، ويجهو تيءُ،
تُون پُڻ منهنجو تيءُ، آءُ نوڪرُ تنهنجي نانءَ جو.

(9)

مُون ڏي محب مُڪو، دستو دلاسن جو،
سندو راز رُقعو، پيئي واچيو وِهُسان.

(10)

واچيندي وياس، هاريون، پنهنجي حال ڪان،
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻان.

(11)

وَيَسِ تندَ ڇڄي، پهو پتِ ڪري پيو،
سُٽي سنيها نينهن جا، پَئي جهوري منجهه جهڄي،
اُنهيءَ يت يڄي، پِيسِ روئندي ڪپڙا.

(12)

هي سيئي ساري، ڏج سنيها سڄڻين،
اوهان پاجهون سپرين، تي گوندر گذاري،
گهڙي نا گهاري، وِلهي هت ور ريءَ.

(13)

آڏو عجيبن جي، ڪجاڻ سپ خبر،
عاشق هت اوهان بنا، آهي منجهه حشر،
اوتي اڪرين مان پيو، باراني بحر،
ڏي دلاسو دلبر، متان عاشق هت مري وڃي.

(14)

جيڪر لکي موڪليان، خطڙا هزارين،
مانَ پڙهي پوءِ پرين، سگهڙو سنيارين،
وارُ نه وسارين، اِهو اتم آسرو.

(15)

لکي خط مُنجانِ، پريان سندي پار ڏي،
ته ججهيُون لک هُجان، منهنجيون محبوبن ۾.

(16)

مُنجان ڪيئن لکي، ڪتابت قريب ڏي،
ساٿي واٽ سِڪي، ٻڌائي تِ ٻين کي.

(17)

مُون ڏنهن اڄُ لکيو، جاني جدائيءَ مئون،
ڪان ترار تکي، هئي ڪتابت قريب جي.

(18)

عبارت آٿي، اجان جوڙي لکڻ لڳيين،
ويون دُرَ داٿي، اڇي اوتيا اُتهين.

(19)

هي روئي سان رتُ، لِکيُم ڪاغذ قريب ڏي،
ڏنو خمارُ به خط، پڙهڻ سان پرينِ کي.

(20)

نينهن منجهون نامي، معلوم ٿيو محبوب کي،
ته پيي پانڌي پيغامي، ورهه ٻڌائڻ آيو.

(21)

آيو اوڏاهون، اڄ ساٿي سلامن سان،
هاريُون مان هئون، اُها ويلَ نہ وسري.

(22)

نامُو نيـنديئـي، قاصدُ واٽ ڪري پيو،
تنهن ويلي ويـنديئـي، ورهہ وڪوڙيا نِڪَٽيا.

(23)

پڙهندي پنو ئي، واچيـندڙ وهلورُ ويو،
لڳيـن لَرِزوئـي، اچي پـِيَڙس اوچتو.

(24)

ساٿـي تـي سُونهُون، واچيـندو ورق ڪـي،
سو منجهہ مُطالعُ مُون، هون خوني خط پريـن جو.

(25)

نچوئيـندي نُنهن، تي پاٽي ڪدي پڌرو،
وِجهي ساٿي سَنهن، تہ تون ڏيج سجدو سڄڻيـن.

(26)

ڏورڻُ ڏُکَ پيوس، پني جي پڙهڻ سان،
چڻ وِچئـون ساه ويوس، هئي هئي ڪندي ڪاڪيون.

(27)

ڪو نامُو نيـنهن نيـن، پريان سندي پارڏي،
هَلي سان هِيـنيـن، مانَ اَرِمان اُنهن ڪي ٿـيي،

(28)

هيڪر لکي موڪليان، هي خط هزاريـن،
مانَ پڙهي منهنجا پريـن، هي سک سنياريـن.
شال نہ وساريـن اهو اٿـم آسرو.

(29)

پانڌي، پُڇائي، وَرُ عريضو عجيب ڏي،
قاصد، ڪونچائي، متان سورُ وجهين ساھ ڪي.

(30)

حبيبن هيڪار، آئين، وري موٽئين،
ٻاٻيهل ٻيهار، اچي ويھُ اکين تي.

سُر سهڻي

(1)

ميهارُ ڪي مِهَر، پَوندي مَنِ مَٽين،
سڏ سهڻيءَ جا سُٽي، ورندو وچ سِر ۾.

(2)

ميهارَ ڪي مِهرَ ڪا، پَوندي مَٽين مَنِ،
پنهنجو قُربُ ڪَنِ، نه ته ڪارُونيارُ ڪيرُ تري.

(3)

جي سين دل دلي سان، ساهڙُ ڪِيَن سچو،
ڪچو تِيسِ ڪچو، تا ساهڙ پڳس سِير ۾.

(4)

ڪچو سچو ڪين تي، توڙي رچي رنگ،
سچي سندي سنگ، ڪچا سچا تي ويا.

(5)

اچي وڃي وچ مان، وڃان ڪين وري،
ڏسي نَه ڪا وائسي، گهوري گهيرُ گهڙي،
تَرَيُون تِي تَري، تارُونٽڙي جيئن تارَ ۾.

(6)

چڙن جي چَونگارَ، مُنهنجو چِتُ چريو ڪيو،
راتان ڏينهان تن ۾، تِن جي اتم تار،
مينهين ۽ ميهارَ، سندي سِڪَ سَريرَ ۾.

(7)

ميـنهيـن جي مٺان، گھوري وڃان گھوٽ جي،
ڏھان ڏھنِ ۾، وِڇيـن جي وِڇان،
لاھيان ساھڙ جي وڃي، اڄن سان اُڃان،
لُڇان ڪيـن ڪُڇان، مِلڻ لئي ميھارَ جي.

(8)

پـريان پـئـي ڏسان، ڪانگھاريون ڪپر تي،
رنيون ٻُڏي روح ۾، رويون پـئـي رُئان،
پـوياڙيءَ پـيان، تازا ڪـير تـنـيـن جا.

(9)

نَہ ڪا ڪَنڌي نَہ ڪَپَرُ، نَہ ڪا وڇون واھہ،
مُنجھيا موجن ۾ اتي، سياڻا سيڻاھہ،
سُھڻي گھڙي سير ۾، ڪري ڪاھُون ڪاھہ،
پـاڻي ۾ پـناھہ، پَـرَوَرَ ڏِنس پـاڻ ڪـڻي.

(10)

ھٿي ھٿي ھجُ تـي، ھڏ تـيس ھيٺا،
سُپـاريـائـيـن سچو چوي، لاڪي ڪي ليٺا،
ٻُڏنديءَ جا ٻيٺا، ساھڙ ڪيا سير ۾.

(11)

ھٿي ھٿي ھج تـي، ھننـي تـي ھيٺي،
واھڙَ ۽ ويرن ۾، تـي واڳن وَھيٺي،
سير اندر سُھڻي، ويچاريءَ وسَ ڪيا.

(12)

دلي سان ھُنـي دل، دادليءَ دلير جي،
اُنھيءَ ڏنس اوڇتي، جل اندر اُڇل،
ڪَلَ ھُئي ڪُنيار ڪي، تہ خاڪي منجھہ خلل،
مِٽيءَ جو مَحَل، پـُرزا پـاڻي ۾ تـيو.

(13)

هٿ نہ ملي هٿ ڪي، سالم سيٽاهين،
ڏڏڪا دم درياھ ۾، ڪپر پيا ڪپين،
موج پسي مهراڻ جي، متيون ٿيون مُجهين،
پَرينءَ ڪيئن پـُڄين، هٿڙ ہٿڙ هوت ڪي.

(14)

گهڙن جي گهيڙاءُ، تانگهو عشق تن جو،
جن کي عشق عليلُ ڪيو، سي ايندين اوتڙاءُ،
جي سُور چَڪنديُون ساءُ، ميهر سي ماٽيندين.

(15)

سائر منجھ سهسَ، گهيڙ گهڙَنُ آيا،
ڪو سِر سيٽاهيو ڪڍي، مائي مان مَسَ،
سچل لنگهي لَسَ، شرط وڃي پيا شَھَ ۾.

(16)

اڇي اوتڙاءُ، گهڙيسِ گهوري جندڙي،
چڙَ هيُسِ ڏادي چاھ مان، مستي موج متاءُ،
تڙُ لهي ترَ ياءُ، شرط لنگهي پيس شھ ۾.

(17)

جي وڃي شھ پيا، مشڪل موٽڻ تن جو،
ڇا تانگهي ڇا تار ۾، ٻُڏي پـوَنِ ٻيا،
جي وڃون پاڻ ويا، سي پاڻئي پاڻي ٿيا.

(18)

اسان پِرين وچ ۾، وهي ٿو درياھ،
آهي ڪونہ اسان جو، هادي ري همراھُ،
سپيريان تان ساھ، سچل تان صدقي ڪيو.

(19)

اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ،
ڇوليون ڇران تي ڪري، پيو وِڇُڙي واءُ،
سُٺي آهُون آءُ، ميان هن مشتاق جِيُون.

(20)

اسان پرين وچ ۾، جرُ وهي جاري،
هڪُ ڪڙڪو ڪُنَنِ جو پوي، ٻيُون ويريون ڏي واري،
هَتِ ساجن جا ساري، سا ڏَهلي ڪين درياءَ ڪئون.

سُر ڪوهياري

سسئي پُنهون

داستان پهريون

(1)

اٿي پهر اُٿ، تو اوڳو اوڳاري،
لَيُون لاٿا لاسِيُون، تو ليڙو لَوازِي،
ڇَري ڇُري ڪين ڪي، ڪير ڇَري ڪي چاري،
پري پُري ڪين ڪي، تو تو هر توهاري،
پُوري پتاري، سچل پتُ پڌرِ ڪيو.

(2)

پلاٿي پُنهون ويا، ڏکا ۽ ڏوها،
ڇُلاري ڇپر ۾، ڇڏيائون ڇوها،
تواريندي توها، سسئي سَنا ڪين ڪي.

(3)

مَيا، اَڄَ مَيا تو، ڪنيو وتين بارَ،
مَتان ڪٽين مَيارَ، گس اندر گوهي ڪرين.

(4)

ڏاگهن ڏيرن، ڪيو ڏوہڻ سان ڏاڙو،
نڌر ڪي نصيبُ تي، شل پنهل جو پاڙو،
ونڌُر حبَ هاڙهو، سچل سِڪَ لنگهايو.

(5)

چانگن جي چوري، پڌر پوي نہ ڪڏهين،
آءُ تنين گهوري، جي چانگين چڙهي آيا.

(6)

ويندي وير چانگن جو، چريو ڪين چڙو،
ڇپر ۾ چوريءَ ڪي، ڇڏي ويا ڇڙو،
ڏيندو ڪين ٻروچ، ٻڙي، ٻانيڻ ڪي ٻُڙو،
منيءَ ڪي مُحب مِڙو، مُون ڪانڻ تَرُ تيليهو نہ تيي.

(7)

ٻانيڻ جو ٻروچ سان، اصل آهي ٻول،
قالو سندو قول، پينرُ ڪين پُلايان.

(8)

ٻانيڻِ جو ٻروچ سان، ٻول اصل آهي،
پُنيءَ پوءِ پُنهل جي، ڇپرُ ڇُلڻ ڇا هي،
لاڳاپا لاهي، ويندي ڪڍ ڪوهيارَ جي.

(9)

ٻانيڻ جي ٻاڪار، ٻُڌي ٻاروچو آيو،
وَرَ وسارج ڪين ڪي، جا واقف نہ وٽڪار،
سگهڙي لهج سار، سائينءَ لڳ سچل چوي.

(10)

وينديس ڪڍ ڪوهيار جي، آءُ لاهي لاڳاپا،
سرتيُون، ڇڏيا سڀ سچل، سنگّ ۽ سياپا،
جي وجن پاڻ پُنهل ڏي، ڇو مُنجن نياپا،
شاڪا ۽ شاپا، وڃهندي وينديس ور ڏي.

(11)

وڄهندي ويـنديس ور ڏي، شاپا ۽ شاڪا،
ڪاهي هلندي ڪيچ تي، ڪاڪيُون ڙي ڪاڪا،
وڪڙ ور ونڌُر جا، جت جبلن جا جهاڪا،
آري اُت آڪا، ڪندو ور ولهيءَ جي.

(12)

صل آريءَ ڄام جي، ٻانيڻ آءُ ٻانهي،
جارُ ڪَيَم جانب تان، هيءَ جندڙي جواني،
سر سهايم سهٺل لئي، بر ٿر بيباني،
ماسُ هن مُٺل جو، آ مروئن مهماني،
مر ڏسي جاني، ته ڪچو لاتائين نه ڪُل ڪي.

(13)

ڏونگر ڏوري مرُ مران، ماهُ مرُون ڪائين،
آنڊا گونڊا اوجهرِيُون، پَلُ ڳجهُون ڳڙڪائين،
هَليُون هِينيون چيري چچري، چنبن ۾ چائين،
پوءِ مرُ پـُڇائين، ته هي قرباني ڪير ٿي؟

(14)

ڏيان ٻاهه پنهور ڪي، شل ڪيچ وسي ٿي ڪيچَ،
آءُ ٻه اوڏهين وڃٽي، جي پائي ويڙم پيچ،
وينـي ويـني ور جا، روح پـون ٿا ريچ،
سر واهيا سرويچ، سگ سچل جو تـن سان.

(15)

دُعا ڪريو ڪا دل سان، منهنجا ڪيچي ڪيچ ٿين،
پاراتو ڪا ڪانه ڏي، منهنجي متارن مَيَنِ،
جيڏيون، جت جِيئنِ، جي سُونپي سُورُ سچل ويا.

(16)

سچل ڪي سَوَ سُورَ، ڏيئي ويا ڏاج ۾،
دردن ڏني دعوت آٿي، پنهنجا تيم پُور،
آيل جي اسورَ، پاندُ نه پوي تن سان.

(17)

سَرواٽنِ مُون ساڻ، پلن پلائي ڪئي،
جن جاڳايو جوش ڪي، آءٌ اتن قربانُ،
ٻاروچاڻو ٻاڻ، تڏهن لُونءَ لونءَ ۾ لڳي ويو.

(18)

اُٿي ڪمر ٻنڌُ، لوچ ته لهين سُپرين،
هاڙي وارو هنڌ، ڏسين اکڙين سان.

داستان ٻيو

(1)

روئڻُ زاروزار، راتيان ڏينهان آهه مُون،
ڪوڙي ڪانَ قريبُ ويو، هنئين منجهه هزار،
هن گوليءَ جي گفتار، ڪا ٻُڌَوَ ٻاروچن ۾.

(2)

وَحَڻُ ذوق ضرور، هن ڪاهَل آهي ڪيچ ڏي،
ڏسان شال اکين سان، هوتياڻون حضور،
هن مُٺيءَ سندو مذڪورُ، ڪو ٻُڌوَ ٻاروچن ۾.

(3)

پرين ڏيئي پُورُ، ويا ويچاريءَ ڪي،
دُنيا جو تنهن دُور ڪيو، سيو شوق شعور،
هن مُٺي سندو مذڪورُ، ڪو ٻُڌَ ٻاروچن ۾.

(4)

رِيءَ ناٽي گولي، آءٌ آهيان آرياڻيءَ جي،
جو ڏنائون ڏاج ۾، سو جهليمِ جهولي،
جانِ جاسو جندڙي، گهوٽ مٿان گهولي،
هن ٻانهيءَ جي ٻولي، ڪا ٻُڌوَ ٻاروچن ۾.

(5)

ساريُون پُنهي ساٿَ، سنديُون ڪيچين خَبرون،
هيڏي اچڻ جي هُني، ڪيچيَڙن ڪي ڪاتَ،
منهنجي پيي مصلات، ڪا ٻُڌوَ ٻاروچن ۾.

(6)

هِيءَ نماڻي نال، سنگت نجو ساٿيو،
ايندي پُنيءَ اوهان جي، جيهي تيهي حال،
هن ڳوليندڙ جي ڳال، ڪا هُني هوتاڻين ۾.

(7)

ساريُون سِڪ سبيل، اندر منجهه عجيب جي،
راتيان ڏينهان ٿي ڪري، زاريون منجهان ذيل،
هن ڪميڻيءَ جي قيل، ڪا هئي هوتاڻين ۾.

(8)

ڪري ساٿ سُوال، ڪيچين جي ڪا ڪَل ڏيو،
جا ڇڏيائون ڇپرين، موٽڻ تنهن محال،
هَني هَني آرياڻي ريءَ، ههڙا تيڙمِ حال،
سچل جي سنيال، ڪا هوئي هوتاڻين ۾.

(9)

اچج آري ڄام، مٿي مُنهن مُوڙهيءَ ڪري،
مُون ڪان مِيَر مُدام، هِي تر تيلهيو نه ٿيي.

(10)

آءُ تون پنهون يار، ڏسي حالُ حَقير جو،
هِنَ نمائيءَ نِڪارَ، هِي تَر تيليهو نَه ٿيي.

(11)

هن دم آري آءُ، ناهيمِ حالُ هَلَڻَ جو،
مُون نمائيءَ ڪانءُ، هي تَرَ تيلهيو نه ٿيي.

(12)

ٻاجهه ٻاروچا ڪر، مون تَرُ تيلهيو نه ٿيي،
ويچاريءَ جي وَرِ، ڪَرِ بلوچا بيبان ۾.

(13)

سا هٿان ويل ويام، ڪاڪيُون هاٿي ڪيئن ڪريان،
تيلهڻُ تر تيام، هاٿي هوتاڻيَنِ لئي.

(14)

ڏيهه ڏکيءَ جو ڏورُ، رهبر رسُ رُڃَ ۾،
مون ويچاريءَ مُورِ، هي تر تيليهو نه ٿيي.

(15)

راتيان ڏينهان رتُ، اوتڻُ آيم اُن ريءَ،
آيل، عشق عليل ۾، شال نه پوي قط،
جبل سپ جهاڳي وِڃي، جيڏيون ڏسان جتُ،
هن مٺيءَ سندو مت، پوي شل پرين ۾.

(16)

جبل جالُون جال، سو مُون ڏورڻ نه ٿيي،
وڏا وڻ وٽڪار جا، قافَنِ ڪوهه ڪشال،
هي مُون ڏسي حال، من ٻاروچل ٻاجهه ڪري.

(17)

ڪوڙين قُرباني، تيان هوت پُنهُونءَ تان،
ساهه سِري صدقي ڪريان، سندنِ مهماني،
هيءَ جوبنُ جواني، آيل، اَجائي گذري.

(18)

هَنِي هَنِي ڪارڻ هوت، ڏونگر ڏورڻ آيا،
متان تائين موت، وو وو تون وسارئين.

(19)

وو وو تا مَ وِسارِ، متان مُنِي ماٺِ ڪرين،
پلپل پيئي پچار، پچر تن پرين جي.

(20)

ڪِيمَ وساري ويهُه، وو وو ڪر وندرُ مِ،
پڇڻ ڪارڻ پرينِ جي، پاڙي پاڙي پيهه،
ڏيهه ڏٺين جو ڏيهه، حاصُلُ ٿيي حُب سين.

(21)

متان ويهين ماٺ ڪري، چلهِي چُلندي چُلَ،
هيٺن ويهُه نہ هَلُ، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي.

(22)

ويهُه نہ وساريج، متان ماٺ ڪري وهين،
قولَ اُهو پاڙيج، هُو جي ڪِيڙۦ هوت سان.

(23)

متان وسارين، وو وو ڪر وندُر مِ،
جي گوندر گذارين، سي تو چڱا ڏينهڙا.

داستان ٽيون

(1)

آريءَ جي اچڻ جو روزُ نهاريانِ راهه،
آڻيندُسِ الله، سچل سِرُ صدقي ڪري.

(2)

مُون ڪان ٿيي نہ پنڌُ، آري جامَ اچيج تُون،
هاڻي ڏي مون هنڌ، پاڻ ئي ڏاري سپرين.

(3)

آري، اچين شال، نماڻيءَ جي نجهري،
هِي مون ڏسين حالَ، ڪرين غور غريب جو.

(4)

گهٽا ڏِينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏُونگرين،
جي مون سڏ ڪيا، سي ٻُڌي ٻاروچا وَرين.

(5)

ٻُڌي ٻاروچا وريں، هن عاجز جِون آهون،
درد پريون دانهون، ڪري تي قافن ۾.

(6)

جي مُنهن ٻاروچي ڏِسان، تا سيئي تِيَنَمِ سُکَ،
ڏور تِيَنِ مون ڏکَ، پسڻ ساڻ پرين جي.

(7)

ناهہ ويچاريءَ وسُ، جو واڪا واڪ نہ اُڇهَنِ،
ڪهين چِڻ نہ چڙيان، سندو گورَنِ گسَ،
ڏَونگر منجهان ڏُسُ، پوندُم هوت پُنهل جو.

(8)

وِيمِ لالنُ لوءِ، هِيءَ اٿاسي نندَ ۾،
پَلي هيٺن نہ پانيو، پيو پروڙڻ پوءِ،
هوتُ وَتمِ جي هوءِ، تا سُکِ گذاريان ڏينهڙا.

(9)

منهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻُ ڪيچ جا،
طعنا تنڪا لوڪ جا، سِرِ چگا چايام،
پلِيءَ پَتِ پانيام، سهرا سُور سجڻ جا.

(10)

وِيَمِ نڪري قافلو، آءُ متي راهہ رهي،
ٻاروچا پِٺي، هتِ تي وِرِهُ وسايان.

(11)

ويٺي وره وسايان، ڪانڌ اچي لهه ڪَل،
جاني تُنهنجي جَلَ، منهنجو اندرُ اڌ ڪِيو.

(12)

منهنجو اندرُ اڌ ڪيو، فنا هن فراق،
مري ٿي مُشتاقِ، ڪا وَرَ ڪر وِلهيءَ جي.

(13)

وِيُمِ نڪري قافلو، ڏاڍا ڏيئي ڏک،
ويٺي ساريان سڪَ، جو هيڪند هُيسِ هوت سان.

(14)

وِيُمِ نڪري قافلو، ڪائي نہ پيئي ڪَلَ،
سيني اندر سل، سلي وِيمِ سپرين.

(15)

وِيُمِ نڪري قافلو، اديون، آڌيءَ رات،
جَتَنِ سندي ذات، ڏسان شال اکين سان.

(16)

وِيُمِ نڪري قافلو، ڪَل نہ مون پيئي،
حالُ سندمِ هيئي، ٻُڌي ٻاروچو وري.

(17)

وِيُمِ نڪري قافلو، هاٺي ڪيئن ڪريان،
ويٺي ڏکُ ڏريان، پرين ريءَ پرڏيهہ ۾.

(18)

وِيُمِ نڪري قافلو، آيل چُپ چُپات،
ٻاروچاڻي ذات، مانَ مُون سين ڪو وڙُ ڪري.

(19)

ڇپر تا مَ ڇڏين، آءٌ هوتاڻي حَبَ ۾،
هن ڪميڻيءَ گڏين، هي تَرُ تيليهو نہ ٿيي.

(20)

جي هُئي ڪميٽيءَ ڪل، تا صُبُوح ويندو ساٿڙو،
تان مُون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻ ڪيو.

(21)

وِيُمِ نڪري قافلو، آءُ متي راهَ رهياس،
جيڏيون، آءُ جياس، جِمَ جتن ڪي ڏسان.

(22)

جَمَ جتن ڪي ڏسان، تا سَيَئي تِينَمِ سُڪَ،
ڏور تِيَنِ مون ڏک، پسڻ سان پرين جي.

(23)

وِيُمِ نڪري قافلو، آءُ پيرين پيادي،
تيي مون شادي، جي ٻهڳڻ ٻاروچي ڏسان.

(24)

وِيُمِ نڪري قافلو، آءُ پڻ ڪٺان پَير،
ڏُک ڏيئي ويا ڏيرَ، مان ٻاروچو ٻاجهه ڪري.

(25)

ڪر، ٻاروچا ٻاجهه، هن نڏَرِ نماڻيءَ تي،
ويئي وجهان واجهه، اوهان جي مون اڇڻ لئي.

(26)

مون هٿان پيئي، ڏوهُه نه ڏيرين ڪو ڏِيان،
حالُ چوان هيئي، هلي هوتاڻِيَنِ ڪي.

(27)

هِنُ ڏکيءَ ڪي ڏير، وجهي وِٿ وڏي ويا،
ڏورڻ هاٿي سرتيون، سيئي تيم سير،
پُنچي لهان پير، آيل، اونيڙن جا.

(28)

اُتـي وِيا اُنار، ڪـٽـي ساٿُ سويلَ جو،
هاڻي آيل آيا، ڏورڻ مون ڏونگار،
پيا پيي هوت هزار، مُنهنجو پيچ پُنهُونءَ سان.

(29)

مُنهنجو پيچ پُنهُونءَ سان، اَزلَ لاڪون آهِ،
هاڻي ويهڻ ڇاهِ، پيـنرُ پيـنگ پنيور ۾.

داستان چوٿون

(1)

چڱي پُنهُون ڇت، سدا آهي سرتيون،
ڏي نَہ ڏکائي ڪنهن کي، پاڻهي رکي پتِ،
هوت بنا مون هِت، ڪِريان ڪوهُ پنيور ۾.

(2)

ڪريان ڪوهُ پنيور ۾، ور بنا ويهي،
جيهي جا تيهي، وڃان ڪيچيڙنِ ڏي.

(3)

ڪريان ڪوهہ پنيور ۾، هاريُون بنا هوت،
مُون تائيـن موت، وو ور نہ وِسري.

(4)

ڪريان ڪوهہ پنيور ۾، پـُچاڻان پرين،
وارُ نہ سي ويهنِ، جنين مٿي مامِرا.

(5)

ڪريان ڪوهُ پنيور ۾، پـُنهُونءَ پڇاڻاءَ،
سوز چڪايو ساءَ، ويهڻُ مون وِهہ ٿيو.

(6)

گولَنِ گڏُ گڏارنُ، ڪاڪيُون، ڪنديس ڪيچ ۾،
آريءَ تي ارمانُ، مانَ ڏِسي حالُ حقير جو.

(7)

ساٿُ سويل سرتيون، وڏيءَ ويلُ وِيوم،
وندَرِ جي وٽن ۾، ووڙَڻَ ورُ پيوم،
تيلهڻ ترُ تيومِ، هاٿي هوتياڻِيَنِ لئي.

(8)

پَريَتِ پُنهُونءَ چام ڪي، آٿي عاشق ڪيو،
سچلَ سگ تيو، هِهڙن هوتياڻِيَنِ سان.

(9)

اندر آڳ عشق جي، ويو پاروچل پاري،
ڪارڻ ڪوهياري، متي راهَه روئان گهڻو.

(10)

متي راهه رنجُورُ، ويچاري واڪا ڪري،
سگهي ويندي نڪري، هوتاٿين حُضورُ،
موتي هڏِ نه مورُ، پسڻ ريءَ پرين جي.

(11)

جان جان ملان نه هوت، تان نان ماءِ نه من مران،
مادر، تائين موت، اهو اتم آسرو.

(12)

وندر م ويهان، قولن پيُون پرين ڪي،
نالِ جنين نينهان، هوتُ تنين هنج ۾.

(13)

وندِرُ جي وٽن ۾، ڪري واڪا ويچاري،
جا محبوبن ماري، تنهنجو موتڻُ مس ٿئي.

(14)

وندر جي وڻن ۾، زورُ ڪريان زاري،
ڇڏي ويا ڇپرين، ڏوڀڻِ هيءَ ڏاري،
هِڪُ واڇوڙا وات تي، ٻي وسي تي واري،
ڪا وَرَ ڪِيو وَرَ مون، آهيان ڀلهي ويچاري،
سچل هي ساري، ڌَسِر گذاري آسري.

(15)

وندر جي وڻن ۾، زور ڪريان زاريون،
نيلا نير اکين مان، هاڙهي ويس هاريون،
اديون، آريءَ ڄام جا، ويا روڏا روئاريون،
سچل سي ساريون، ويندس ڪڏ ڪوهيار جي.

(16)

اديون، آريءَ ڄام جا، ويا روڏا روئاريون،
هن مُئيءَ ڪي ماريون، هوت وڃن ٿا نِڪريا.

داستان پنجون

(1)

ڪيچان آيو قافلو، راتِ موچاري رُوءِ،
خُوبُ هُئي خوشبُوءِ، ساري شهر ڀنڀور ۾.

(2)

ڪيچان آيو قافلو، خوبُ ٿِيس خوشحالُ،
چڱو ٿيڙم حالو، پسڻ سان پرين جي.

(4)

ڪيچان آيو قافلو، روءِ موچاري رات،
سندي جتن ذات، واسيو شهر ڀنڀور ۾.

(5)

ڪيچان آيو قافلو، ڪٽي عطرَ عنبير،
تهين جي تاثير، واسيو شهر پنهور ڪي.

(6)

ڪيچان آيو قافلو، ڪٿوري ڪٽي،
تنهن جي هُبَ هٽي، واسيو شهر پنهور ڪي.

(7)

ڪيچان آيو قافلو، پيئنر، منجهه پنهور،
هيءَ ڪميٽي ڪير، جا سودو ڪري نه سپرين.

(8)

ڪيچان آيو قافلو، ڪٽي ڪٿوري بارَ،
هنڌ هنڌ تي هُبڪار، نار پيئنر، پنهور ۾.

(9)

ڪيچان اچي قافلو، مون وٽ ٿيو مهمانُ،
سچل ساري ساٿ جو، هو آرياڻي اڳوان،
وساريندِيس نه ور جو، اچوڪو احسانُ،
موليٰ مهربانُ، نڌر نماڻيءَ تي ٿيو.

(10)

ڪيچان اچي قافلو، رسيو راتو رات،
سمجهي ڪير سچل چوي، بلوچن جي بات،
مون ڪي ڏني مات، ٻوليءَ ٻاروچن جيءَ.

(11)

باري برهه بلوچ جو، آهِ نسورو نور،
راتيان ڏينهان روح ۾، محبن جو مذڪور،
وڃڻ آهه ضرور، ڪاڪيُون ڪيچيڙن ڏي.

(12)

باري بره بلوچ جو، هيٺيءَ جو همراهه،
روه منجهارون راهُ، ڪاڪيُون ڏنم ڪيچ جي.

(13)

باري بره بلوچ جو، رُڳوئي راحت،
ساريان سا ساعت، هيڪاند هُيَڙس هوت سان.

(14)

باري برهُ بلوچ جو، سرتيون، جن شامل،
ڪيچ ڏٺيءَ ڪامِل، تن کي ڪيچ ڪوٺايو.

(15)

باري بره بلوچ جو، آهي مٺم محڪم،
سندو دوستيءَ دمُ، ڇڏيان نه ڇن ڪهين.

(16)

باري برهُ بلوچ جو، اوڏاهي اوجرُ،
ساٿي آهه سيرُ، سو نه ڇڏيندو ڇپرين.

(17)

باري برهُ بلوچ جو، اديون سر آيومِ،
چاهُون چُمي تنهن کي، چشمن تي چايومِ،
ورهه وسايومِ، نيڻهن پنهنجي نجهري.

(18)

باري برهُ بلوچ جو، هاريون، هدايت،
ڪندو ڪفايت، پاٺئون واٽي پنڌ ۾.

(19)

باري برهُ بلوچ جو، سارو سعادت،
ڪاڪيُون، آهي قاف ۾، هيٺن هدايت،
ڪندو ڪفايت، پاٺئون واٽي پنڌ ۾.

(20)

باري برهه بلوچ جو، تن کي تقويت،
سندي سور صفت، پڇين نه پر ڪهين.

(21)

ڪيچيڙن مون ڪالهه، دمُ دمُ دلاسا ڏنا،
هَني هَني منهنجي حال، جي ويهي هت وساريان.

داستان ڇهون

(1)

پُنيءَ پئي پنهل جي، هيءَ ويچاري ويندي،
سسئي نا سينڌي، وندر واريءَ وات جي.

(2)

پُنيءَ هوت پنهل جي، ويندي ويچاري،
ضعيف هيءَ زاري، ڪندي در دوست جي.

(3)

پُنيءَ هوت پنهل جي، هاڙهي سي هلنديون،
سور نه جي سلنديون، ڪشالا قافن جا.

(4)

قاف ڪشالا ڪيترا، تڪيءَ ڪان نه تِين،
جيڏيون، ڪاڻ جتنِ، متي روئان گهٽو.

(5)

قاف ڪشالا ڪيترا، باري بر بيبان،
لانگها هڪُ لڪن جا، پيو ڪوهن ۾ ڪُهدان،
اڳيان ڏَين ڪين کي، هلڻ هي حيوان،
آءُ آرياڻي اڳواڻ، مون ڪاڻ ڏونگر ڏوريو نه ٿي.

(6)

قاف ڪشالا ڪيترا، مارگ مٿاهون،
چوريءَ ڪي هٿ چپرين، ڇڏي وئين ڇاهُون،
توکي ڪري درد مان، ٿي دردمندي دانهون،
تون اڇج اڳاهون، مون ڪان تڪر تا ڪيو نه ٿيي.

(7)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين مون نه ڪيا،
وتون هوت ويا، ڪٽي ساٿُ سويل جو.

(8)

قاف ڪشالا ڪيترا، پُڇن مون نه هٿاءِ،
اچ آرياڻي آءِ، مون ڪان جبل جهاڳيو نه ٿئي.

(9)

قاف ڪشالا ڪيترا، جت جانارن جايُون،
غفائن غارُنِ ۾، اُتِ بيحد بَلائون،
مانديءَ کي مارڻ لئي، نڪتيون نِنايُون،
سچل سهايُون، سڀُ آريءَ سندي عشق ۾.

(10)

قاف ڪشالا ڪيترا، پري بُجهنِ پندَ،
رويُون چمان رندَ، آيل، اوناڻ جا.

(11)

قاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ،
نهاري ڏي ننگ، ڪر وَرَ ويچاريءَ جي.

(12)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهنِ ڪوه،
سچل سُجهنِ راهَ تي، رَقُون ڏاڍا روهَ،
تنهنجي پُچان توهَ، نه ته ناهمِ حالُ هلڻ جو.

(13)

قاف ڪشالا ڪيترا، جتي جال جبل،
لهه ڪميڻيءَ ڪل، پاروچل پاجهه ڪري.

(14)

قاف ڪشالا ڪيترا، مارڳُ آه منزل،
لهه ڪوهيارل ڪل، ناميا نماڻَن جي.

(15)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين ڪين ڪيام،
سلاڙهي ساٿ سان، ڪٽي هوت ويام،
وڙڻ وڻ پيامِ، قسمت سانگي ڪيچ جا.

(16)

قاف ڪشالا ڪيترا، دقت ائون تصديع،
اچي پهچج پي، مون هن نماڻيءَ تي.

(17)

ڪشالا مئون ڪمِ، توري ڏينهن مئون تيي،
سوز گدازُ ۽ غمُ، رهبرُ تيندو راهه ۾.

(18)

قدر منجهه ڪشال، مُون تا لڌو جيڏيون،
وڏي وِٽ وصال، يڪسان يڪايڪِ ڪئون.

(19)

موتي آيُس ماث ۾، تا ڪيو شوق شڪارَ،
هَتي هن نماڻيءَ ڪي، ووڙڻ تيو وٽڪارُ،
طلب سين تڪرارُ، ڪشالي مئون ڪم تيو.

داستان ستون

(1)

هوندي هوتياڻين جي، هيءَ ويچاري وڳ،
تنين لالڻ لڳ، متي روئان گهڻو.

(2)

متي راهه روئان گهڻو، ڪارڻ ڪوهياري،
مُئيءَ کي ماري، وڃُ مَ مُنهنجا سپرين.

(3)

اندر آگ عشق ٻي، ويو ٻاروچو ٻاري،
ڪارڻ ڪوهياري، متي راه روئان گهڻو.

(4)

متي راهه روئان گهڻو، لکي لالڻ لڳ،
جت ٻيا پي جڳ، منهنجو پيچ پُنهونءَ سين.

(5)

متي راهه روئان گهڻو، آءٌ اوڻارن ڪاڻ،
هاريون ايندم هاڻ، ڏک ڏوليندمِ ڏيلُ مان.

(6)

متي راهه روئان گهڻو، ڪا مُون لهن ڪلَ،
ماڙيون سپُ محل، ڇڏي ڇُليس ڇپرين.

(7)

متي راهه روئان گهڻو، ڪارڻ ڪيچيڙن،
سگهي شال اچن، ڪرِن غورُ غريب جو.

(8)

هُو سياڻو سپرين، عاجز آءٌ اڄاڻ،
ڪيچي ڪوهياري ڪاڻ، متي راهه روئان گهڻو.

(9)

سچو ٻڌي سندرو، لکين ڪندي لوڇ،
ٻاپل، لڳ ٻروچ، متي راهه روئان گهڻو.

(10)

جي تُون مارڳ تي مرين، وڏا طالع تو،
سچل ساڳي سو، متان تو هٿُ مڙهي.

(11)

مارڳ جي مُنينءَ، تان هُنينءَ هوتائين هنج ۾،
وجي ڪيچ سُنينءَ، تان ويچاريءَ وسُ ڪيو.

(12)

مَلهي، مارڳ مرُ، تان تُون تيين تن جي،
جبلَ، هارِ نه جرُ، ارتو تون اکڙيُن مان.

(13)

مارڳ مرن جي، ور تنين ڪي ويجهڙو،
هَئي هَئي هوتن ڪي، آهي ارمانُ انهن جو.

(14)

مارڳُ متاهُون، مارڳ چڙهي ڪير،
سا پُڄي ساٿ سوير، جائي مارڳ تي مري.

(15)

مارڳ آهِ مرڻُ، جيڏيون، هن جيئڻ ڪان،
وسُ ويچاريءَ ايترو، ڪُوڪُون ڪوهه ڪرڻ،
پاروچا، پُرڻ، تنهنجو ڪم ڪوهيسار تي.

(16)

مارڳ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون،
هوتُ ههڙي حال، مانَ متاهون هٿُ مڙهي.

(17)

مارڳ مرڻ آهه، گهوريو جيئڻ جيڏيون،
پيرُ نه پاهُون پاءِ، عاشق، مرُ اڳي هُجين.

(18)

مُنهن نه متان لاهه، هن نِڌَرِ نماڻيءَ تان،
هِيءَ ڏڪوئي ڏاهه، پاڻ مُلهيَ آهه اوهان جي.

(19)

تو ريءَ ماڙ نہ مون، سچڻ مُنهنجا سُپرين،
مُون کي گهرجين تُون، لوڪ رُنو ئي گهوريو.

(20)

شال نہ وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري،
مطلبُ اهو مُون، جو پاڻون پري نہ ڪرين.

(21)

ور، مَرَ وساريج، هي تان سنڌَيَو آهِ،
وڃي ڪيچ وڻن ۾، هي سڏِ ساريج،
تيترِ مَرَ ماريج، جيتر توڪي نہ مِڙان.

(22)

ساري شهر ڀنڀور جي، ڇڏي لوڪ لذت،
تو ريءَ ڏيئي ڪونہ ڪو، ماڻهو عامُ عِزت،
ٿيي ساهُ صحت، جي ڀيهر ٻاروچا اچين.

(23)

ڪيو ڪميٽي ڪچ، جو سُتي سويلي رَهي،
اُنهيءَ جي افسوس سين، ڪيو محبت مچ،
پُنهون چام پرچ، ناميا نماڻيءَ سان.

(24)

منهن نہ لاهِ مٿانمِ، آءُ اوهان جي آهيان،
جي ڪامل سڏ ڪيامِ، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

(25)

ٿيون هن هٿاءُ، ڪيئي مورائين مديُون،
پُنهُون، ڏسي پاڻ ڏي، آسڻ منهنجي آءُ،
سانول تو ريءَ ساءُ، اچي ماڻهن ڪين ڀنڀور ۾.

(26)

چَٽَ ڏني چُڻڪي، سُورِنِ سَرِس سُميرَ ۾،
سا سچڙي سچل چوي، چوھہ منجھون چُڻڪي،
جا لَڪَنِ منجھ لَنِڪي، تنھن سان حمايت ھوت جي.

(27)

سچل ڪر صبرُ، متي خيال ڪَڙو رَھين،
ڪِينو ۽ ڪِبرُ، پري ڪر پاڻ ڪئون.

داستان انون

(1)

گوندر جي گذاريو، ڪاتئون سي لھان،
ھِڪڙي رات رھان، وِڃي وِرھہ ورائين.

(2)

گوندر جن گذاريو، ڪاتئون لھان سي،
حالُ تہ پنھنجو ھي، وِڃي ڏُسيان ڏکن ورائين.

(3)

گوندر جن گذاريو، آءُ تنين گولي،
ھينئڙي ۾ ھولي، ھوندي ڏکن ورائين.

(4)

گوندر جن گذاريو، سور پچن سيئي،
بره جي پيئي، تنين متي ماڪڙي.

(5)

گوندر جن گذاريو، پيھي سي پُڇان،
انھن لگ لُڇان، آيل آءُ اباڻڪي.

(6)

گوندر گُھمي جي لھان، تان سُڪ سوين ساڙيان،
آءُ پڙِ ڪيئنءَ پاڙيان، ڏک سُکن سان سرتيون.

(7)

متان وساريـن، وو وو ڪر وندر ۾،
جي گوندر گذاريـن، سي تو چڱا ڏيـنهڙا.

(8)

گوندر آه غرضُ، مُرن سُٺو سرتيون،
فـنا سپ فـرض، ڪري سو سُنت سان.

(9)

گوندر جن گذاريو، آءُ پـڪـي تـن پـيهي،
وتانئـنِ ويهي، وثان واس ورهه جو.

(10)

گوندر جن گذاريو، منهن تـنيـن مشعل،
ڪا مُون پـوي ڪل، اُنهن جي افـسوس جي.

(11)

گوندر جن گذاريو، مُنهن تـنيـن مهتابُ،
سنديُون نيـنهن نوابُ، آهن وِرهَه واريُون.

(12)

گوندر جن گذاريو، آءُ تـنيـن گهوري،
سچل جيءَ جهوري، جيجان، آهه جتـن جي.

(13)

چڱو گوندرُ غمُ، جي مُون پـُچو جيڏيون،
منجهه ڪشالي ڪَمُ، آهي ورهَه ورائـيـن.

(14)

گوندر گذاريام، سي تان پلا ڏيـنهڙا،
سيڪنهن ساعت سپريـن، سچل تـي ساريام،
ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سمهڻ جي.

(15)

گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪِيس سينڌي سچٽان،
تا نڪ پيئي توريان، تان ڏک موچارا سُڪن ڪان.

(16)

جي گوندر گوش نہ ڪن، ڪُهہ پيُون سي سرتيون،
جن سنگت ساڻ سُڪن، سي پاٽون پري ڪر تُون.

(17)

گوندر ڏينهن گذار، جان تُون جِيئين جندڙي،
سيئي وڃن وارِ، جي ڪِيڙءِ ڪيچڙن سان.

(18)

جنين گوندر گوشُ، آءُ نهاريان تن ڪي،
جهجهو تن ۾ جوشُ، سچل آ ساٽيهہ جو.

(19)

جي سارو پُڇان لوڪُ، تا گوندر وارو نہ لهان،
هِهڙو پلو ٽوڪُ، ڪِهين ياڳ پرايو.

(20)

سينڌِيُون جي سُڪن، تنين گوندر گهوريا،
ڏنو ڪاڻ ڏڪن، سچل سِرڙو سَٽ ۾.

(21)

آتڻ واريون آيون، ٽيون آتڻ اُجارين،
جي گوندر گذارين، آتڻ تن اوکو ٿيو.

(22)

سارو لوڪ سُڪنَ، پوءِ وهاريو پرينءَ ڪي،
ڏسو واهہ ڏکن، هوتُ وهاريو هنج ۾.

(23)

سُڪن واريون سَوَ، ڏُکنِ واري ڪا،
سُورَ نہ سلي سا، جنهن سچل سُور پرايو.

(24)

ڏکن منجهان سُکَ، مون تا لڌا جيڏيون،
ڏوريندي ڪي ڏک، سُونهان ٿيڙا سچڻان.

(25)

هن سهانگا سُک، جي ساري عالم آيا،
ڏور مهانگا ڏُک، جي ورتا وِرِهَه ورائين.

(26)

سُکيونِ کوهه پُڇن، سچل ڏکن خبرون،
سي هُن وِهاڻءَ ويچن، ڏيل ڏکايا جن.

داستان نائون

(1)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين ڪوهيارل قرار،
يا ڪٽي مٺي ڪي مارِ يا پريِن ني تون پاڻ سان.

(2)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين سانول سُک،
هيءَ ڏکوئي ڏُک، وجهي گوندر ۾ وئين.

(3)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، تون خاصو ٿئين خوشحال،
هِتِ هِي نماڻيءَ حالُ، مانَ وري کو وڙُ ڪرين.

(4)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ڪامل، ٿئين قرار،
ويچاري مَ وسار، جا اَجهي آهي اوهانجي.

(5)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين جانب، جاءِ،
هُوجي اوري ڪيچ ڪنئون، سي مون لِڪَ لنگهاءِ،
پنهنجو پاڻُ پساءِ، نا تہ دوست ٿي دمُ ڏيان.

(6)

ڪاڪِيُون، ڪيچ وٽن مٿون، هير اچي جا هيءَ،
پاڙيچيون، سي پيءَ، هن مون کي اڄ ملايو.

(7)

ڪاڪيُون، ڪيچ وٽن ڏنهن، هي جو واءُ وريو،
سندو ساهُ سَريو، مطلب ساري من ۾.

(8)

ڪاڪيُون، ڪيچ وٽن ڏنهن، وري واءُ وريوم،
سارو ڪاڄ سريوم، جڏهن هاٿي گڏيس هوت سان.

(9)

هو جا ڪيچ وٽن ڪي، وچي لڳي واءُ،
سا وري شهر پنيورَ ۾، اچي سرد هواءُ،
جانب، تهين جاءِ، سا جِيءَ انهيءَ سان هلي.

(10)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، اچي واءُ وري،
سا مون کي محبوبن جي، ڏي خبر ڪري،
وچان تا مَرَ مري، جان پاروچي مُنهن ڏسان.

(11)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، وريو اچي واءُ،
هاريُون، تنهن مٿاءُ، هيءُ سر ڪريان صدقي.

(12)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، واءُ ته آٿي واسُ،
هِيءُ سرُ سارو ساسُ، ڪوڙين قرباني ڪريان.

(13)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، هاريون، اچي هير،
تيي صحت منجهه سرير، ڏور وڃن مون ڏکڙا.

(14)

هُو جا ڪيچِ وٽن مٿون، هاريون، هير اچي،
تنهن سان مَن مچي، محبت ۾ محبوب جي.

(15)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، تي هير اچي هاٽي،
تنهن آرياڻيءَ آٽي، مون سان اڄ محب ملايو.

(16)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، اچي هير هلي،
تنهن ساري ڳالهه سلي، پريان سندي پار جي.

(17)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، لڳي تيزُ تنوار،
سندي پريان پار، ڏنا دلاسا دل کي.

(18)

پيريان سندي پار ڏي، پنڌُ عجائب آهه،
گهوري سِرُ گهماءِ، متي در دوسن جي.

(19)

پنڌُ عجائب پرينءَ جو، سندو پيرنِ ناءِ،
هنئين ساڻُ هلاءِ، پاڻُ پنهنجو پرين ڏي.

(20)

پنڌُ عجائب پرين جو، آهه هلڻ سان حال،
نڪا قيل مقال، ٻي نا جُڙي اُتهين.

(21)

پنڌُ عجائب پرين جو، خاصو ساڻُ خيال،
فڪر سان في الحال، وڃي پسندينءَ پرين کي.

(22)

پنڌ عجائب پرين جو، سسي پيرُ ڪرڻُ،
انهيءَ ڏيان ڏرڻُ، آهي قدمُ ڪيچ ڏي.

(23)

پنڌ عجائب پري جو، مان سان ڪين هلي،
سائي چاهه چلي، جنهن "مان" ڇڏي وچ مان.

(24)

روئي هارج رتُ، هَئي هَئي هوتاڻين لئي،
تنهن ووءِ جيڪسِ جتُ، متان تو هٿ ڏري.

(25)

راهين هارج رتُ، ڪاڪي، ڪيچيڙن لئي،
هُو جو ڏونگر ڏاڪڙو، ماري پيچج مت،
ڏاڍيون مهتان مير جِيُون جهلي ڪو جِهَتُ،
نه پاڻون چاڻي جت، تيي رَفيق رُجن م.

(26)

هي زورئون زور، جي تو محبت من ۾،
ڏونگر ڏوريون ڏور، هڙن هوتياڻين لئي.

(27)

هنجون رتُ هاريج، تان روحن ڪي رِهسو تيي،
وارُ نه وساريج، هڙن هوتياڻين ڪي.

(28)

پنڌ عجائب پرين جو، هلڻ هڪ نظر،
پاڙيچي ڪنهن پر، اهو خيال ڪڙو رهي.

(29)

هاريُون نه هارين، ارتون اڪڙين مٿون،
تون ڪيئن وسارينِ، هڙن هوتياڻين ڪي.

(30)

آهي روح رتي، مون سين مُون پرين جي،
هٿان لڪ لتي، هڙن هوتياڻين لئي.

(31)

ووڙيندي وٺڪار، ٻڏي سندور سچ جو،
پند اڙانگا پـَـبَ جا، قابو نہ ڪوهيار،
آهي روئڻ زارو زار، ههڙن هوتياڻين لئي.

(32)

گولين گڏ گڏيان، پاڻُ پنهنجو ڪيچ ۾،
پـَلئو نہ ڇڏيان، ههڙن هوتياڻين جو.

(33)

گولين گڏيندي، پاڻ ڪميڻي ڪيچ ۾،
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندي، ههڙن هوتياڻين ڪي.

(34)

گولين گڏيندياس، پورهئي ڪارڻ پاڻ ڪي،
پنهنجي تان پرين ڪي، سائين سڏيندياس،
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندياس، ههڙن هوتياڻين ڪي.

(35)

آهي ڪانہ آتڪ، آيل، عشق ورائين،
هٿان لَتِي لڪ، ههڙن هوتياڻين لئي.

(36)

هاريُون، تيس نہ هيئن، جو ننڊ نماڻيءَ نہ ڪئي،
تيان پيرادِو تن جي، جت وِيڙم جيئن،
ڪاڪيُون، ڙي آءُ ڪيئن، ههڙو هوت وساريان.

(37)

سَوين ڳُڻ سندانُ، آءُ تي وساريان سرتيون،
سگها تيندا سُپرينءَ مُون، تي مهربان،
ويهان ڪيئن ماٺ ڪري، جِيءَ مٿان جوَلان،
آءُ ڪيئن ۾ ارمانُ، ههڙو هوتُ وساريان.

(38)

منوّني ايندم شال، پاروچو پاجهه پئي،
اتم آريچن ريءَ، جيئڻ منجهه جنجال،
هَئي هَئي منهنجي حال، ههڙو هوتُ وساريان.

(39)

جان جان يڪا يڪ نہ ٿيان، تان تان ماٺ نہ مون،
"چرا" ۽ "چون"، برابر "بي چون" ٿيي.

داستان ڏهون

(1)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، مان ٿي اڄ نهاريان،
ساريو سُپرين ڪي، هنجُون آءٌ هاريان،
گوندر گذاريان، هَئي هَئي سارا ڏينهڙا.

(2)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، پوءِ ٿي اڳڻ نهاريام،
ڪين لهان سي ڪاٺين، وڏيءَ ويل ويام،
وڃي ٿاڪِ ٿيام، ڪاڪيُون، ڪيچ وٺن ۾.

(3)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، تنگُ اُٺنِ تاڻي،
هوتن ريءَ هاڻي، اڱڻ ڏسي نہ سگهان.

(4)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، اچا مون وٽاءِ،
پريت پڇاڻاءِ، اڱڻ ڏسي نہ سگهان.

(5)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، جات اولي جت،
هَئي هَئي هٿان هٿ، اڱڻ ڏسي نہ سگهان.

(6)

ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، تُون ٿي اڄُ اڳڻُ نهارين،
ٻَڙي، ٻاروچن لئي، رتُ هنجُون هارين،
سارِيُون سنياريـن، ٻاروچاڻي جات ڪي.

(7)

ڪيچيڙن مُون ڪالَ، دمُ دمُ دلاسا ڏنا،
هَئي هَئي هن حال، جي ويهي هت وساريان.

(8)

وِيَئي ڪيچيڙا ڪالهہ، تُون اڄ ٿي پير نهارين،
هُو لنگهي لَڪَ سنوان ٿيا، تو هت هھڙا حال،
ڪندءِ سار سنيال، وڃي ڪيچ وٽن ۾.

(9)

ڪيچيڙنِ مُون ڪالَ، اڃا وَڙَ وڏا ڪيا،
اُنهيءَ ڪارڻ ڪاڪِيُون، ڪندس قاف ڪشالَ،
هَئي هَئي هن جي حال، جو ھھڙا هوت وساريان.

(10)

ڪري ڏمرُ ڏيرَ، اُٿي آڌيءَ رات ويا،
تُون ڪٿي وقت صُبُوح جي، پيرادِن جان پير،
هُو ڏِڪيو ساٿُ سوير، وڃي ڪيچ وٽن ۾.

(11)

جان جان ٿيڙس جاڳ، تان ساٿُ سويل لڏيو،
ارتو اوتي اڪيُون، مونِيون ڏسي ماڳ،
ورُ ورائي واڳ، مانَ نماڻيءَ جي نجهري.

(12)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، مَنَ ڪَنِ نماڻي ياد،
اندوهڙن آزاد، ڪندا ڪميڻيءَ ڪي.

(13)

اگڻُ ساڳِي اوءِ، ڪيچين ڪي ڪاتون لهان،
ڏيئي ڦٽ فراق جا، پورهيت ڇڏيائون پوءِ،
هاڻي راهُن متي روءِ، سڏ ڪريندي ساٿ کي.

(14)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ياد ڪرنِ مُون مان،
اِنهيءَ منجھ ارمان، ساهُ وڃي تو سرتيون.

(15)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، مانَ پُڇنِ پورهيت،
تہ هئي نماڻي هُتِ، پاڻي ڀوئي پنهنجي.

(16)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، مان پورهيت پُڇن،
ايئن پاڻ چون، تہ ويچاريءَ ويجھو ڪريو.

(17)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ڪنهن ساعت سنياريِن،
مانَ وري نهاريِنِ، ڀينر، شهر ڀنڀور ڏي.

(18)

ڪري پورهيت پنهنجي، مان وٺي نانءُ سڏينِ،
گولن گڏ گڏينِ، ڪَنِ پاڻي ڀوئي پنهنجي.

(19)

پورهيت جام پُنهُونءَ جي، اصلِ ڪان آئين،
تون گولن سندي گولڙي، هُو سنڌءِ تيا سائين،
ڪاپو ڪمائين، ڪِلو ساري ڪيچ جو.

(20)

پورهيت پُنهون جي، هِتي اصل لاڪُون آءِ،
تيِ ڪاپائت ڪيچ ۾، ويندي لالڻ لاءِ،
ساهُ نہ اچن ساءِ، هي ماڻهو شهر ڀنڀور جا.

(21)

هِيءَ پورهيت پُنهونءَ جي، اصل ڪان آهي،
سگ نہ ڪا ساهي، ٻَڙيون ٻاروچن سين.

(22)

پورهيت پُنهونءَ جي، آهي اصل ڪئون هيءَ،
جيڏيون، جتن ريءَ، وينِي ورهہ وسائيان.

(23)

چوٽ چڙهي چُونگارَ، ڪندي ڪيچڙين ڪي،
پوَندي ڪنِ قريب جي، گوليءَ جي گفتارَ،
ٻاروچا ٻيهار، ڪندا ٻيرو شهر ڀنڀور ۾.

(24)

ڪوهُ چڙهي ڪوهيارل ڪي، ڪا جا ڪُوڪ ڪيامِ،
ڳوڙها جي ڳلن تان، ڳڙن جيئن ڳاڙيامِ،
اُهي سڏڙا سچل چوي، ٻاروچل ٻُڌيامِ،
گوندرَ غم ويامِ، جڏهن تيس هيڪاندي هوت سان.

(25)

اڻ مُلهي آهيان، ٻانهي ٻاروچن جي،
سي ڇپر ڇايان، آهُن ۽ دانهُنِ سين.

(26)

هَنئي وچي هي قافِلو، ڇُپاتي ڇايُنَ،
مُنهن ڏيئي آيون، آهون دانهون عشق جون.

(27)

رات ڏيئي ويا ريچ، نماڻيءَ ڪان نڪري،
ڪاڪيُون، هاڻي ڪيئن ڪريان، ڪاڏي ٿيڙمِ ڪيچ،
پرَ پيو پُنهُونءَ سان پيچ، سو اِتي رهڻُ نہ ڏيئي.

(28)

سهي جان نہ سُتينءَ، جو ڪُڙڪَ ٻُڌي ڪُڙڪي وڃين،
ڇيتان ڇانگن جِيُون ٻُڌي، تُون ڪُوڙي ڪينَ اٿينءَ،
غافل، هڏ گُٿينءَ، سڀ پر سچل چوي.

(29)

پانڌين ڪنُون پُڇي، تي پهه پرين جا پيچرا،
سهلي، سچيڏنو چوي، هيءَ لالن لئي لُڇي،
ڪنهن سان ڪين ڪڇي، اٿس وو وو وائي وات ۾.

(30)

چاڙهيون لاهيُون چُنجَ جِيُون، ڪوڙين آهن ڪوه،
ڏيئي مهتان محبت ورائين، ٻيپر ڏاڍي ڇوهه،
ناگهه نستُ نينهنَ ڪي، ٿا روئارن روهه،
اچي منجهه اندوه، متان تون ماندي ٿيئين.

(31)

لاڪون لاڪين لڪَ، نبيرڻ نہ ٿيا،
ڪوڙين آهنِ ڪيترا، راهُنِ اُتي رَڪَ،
هَئي هَئي ڪارڻِ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريان.

(32)

روئي هاريان رت، وو وو واتڙين تي،
جيڏيون، ڪارڻِ جت، سارو وندُر ووڙيان.

(33)

اچج آرياڻي، تُون وري شهر ڀنڀور ۾،
اوهان ري اڪڙين مئون، تو پرتِ وهي پاڻي،
هوت، اچي هاڻي، هيءَ نالائق نوازيو.

(34)

هوت نہ ڇڏيو هتِ، نيو پورهيت پاڻ سان،
تو ريءَ ٻي ڪا ڇتِ، ڪانهي ڪميڻيءَ ڪي.

(35)

جَتَ موچاري جاتِ، چڱي جات جتن جي،
وائي تن جي واتِ، سدا اٿم سرتيون.

(36)

پورهيت پُنهُونءَ جي، آهي اصل ڪٿون هِيءَ،
جيڏيون، جتن ريءَ، ويٺي وِرهُه وسائيان.

(37)

آهي ڪونَہ غرضُ، محبوبن کي مُنهنجو،
ڏِيڻُ سِرُ فرضُ، سچل سندن سٽ ۾.

(38)

لوهي لاغرضي، سُپريان جي سار،
مارڻ لئي مُشتاق جي، آهي مُحبن کي مرضي،
سِرُ ڏيڻُ سٽ ۾، آهي فقيرن فرضي،
ڪڏهان ڪو قرضي، سچل نازِڪُ تنهنجي نانءَ جو؟

(39)

پِيَسُ تُنهنجي پيچ، پنهون، ڪين ڇڏيج مُون،
بانهي ڪري پنهنجي، وجي بانہڻ کي ويچ،
مرُ ڪميڻي ڪيچ، پورهيو بانهن جان ڪري.

(40)

روئي ڏنو رنگُ، ڪو جو ڪامِڻِ ڪوه کي،
سو شمهُ شفق سان ٿي، سُرخيان سارو سنگُ،
مُنهنجو نينهن نسنگُ، پيو سمورو سُڪوت ۾.

(41)

ملهي، مارڳ جي مرين، ٿيني قدُرُ ڪيچيڙنِ،
ٿورو وڏو تنِ، تنهنجي اچڻ جو ٿيي.

(42)

پيئڻ، هن پنيور ۾، مُنهنجي ڪارِ نه ڪمُ،
اتم آريءَ چامَ سان، دوستيءَ وارو دمُ،
ماڻهن ليکي غمُ، پر سک سچل تي پانيان.

(43)

مِهرَ مَ متان لاهِ، مون تان نماڻيءَ تئون،
هِيءَ ڏکوئي ڏاهِ، اڻ مُلهي آهي اوهان جي.

(44)

جيهي تيهي حال سين، پاڻو وجهڻُ، مون پنڌُ،
روئي پوڻُ رندُ، پُنِي چامَ پُنهون جي.

(45)

هَني، هَني، آرياڻيءَ ريءَ، ههڙو تِيڙمِ حالُ،
مونڻُ تن محال، جا ڇڏيائون ڇپرين.

(46)

لَکين ڏيئي لت، پاڻهي کريان پڌرو،
سارو وندرُ ورڙيان، جيڏيون ڪارڻ جت،
مُنهنجي ڪا مصلحت، هُني هوتاڻين ۾.

(47)

عُمرِ اجائي گذري، هَني هَني ههڙي حال،
لڏيَ ڪانه قريب ڪا، سچل جي سنيال،
مُون ڪان پُڇن ڪين ڪي، قافن جا ڪشال،
تُنهنجو قُربُ ڪمالَ، ڪا ور ويچاريءَ جي ڪريو.

(48)

عُمرِ اجائي گذري، ڪارڻِ مِنيءَ رُوءِ،
خامَ منهنجي خُوءِ، ڪرِ وِر ويچاريءَ جي.

(49)

عُمرِ اجائي گذري، هوت نہ گڏئين مان،
جيسين جتُ نہ ڏسندي، طلب نہ ويندي تان،
جاني ملي نہ جان، تان تان ساھُ نہ نڪري.

(50)

عُمرِ اجائي گذري، هڙو ٿيڙمِ حال،
ڪنهن سٽايان سرتيُون، اندر جو احوال،
آرياڻي الحالُ، ڪندو غورُ غريب جو.

(51)

عُمرِ اجائي گذري، هڙا حال ٿيامِ،
چِمِ چِپاتي سرتيُون، وٽان هوت ويامِ،
هُو جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولڻ سپ پيام،
اڄ سُيان ايندام، ڪندا ور ويچاريءَ جي.

(52)

عُمرِ اجائي گذري، وهي آيمِ هيءَ،
آءٌ سباجها سُپرين، پرور ڪارڻ پيءَ،
ناهي جيئڻُ جِيءَ، ڪا ورَ ويچاريءَ ورَ ڪريو.

(53)

عُمرِ اجائي گذري، اچا ٿيا اظهار،
زاريون ڪيَمِ ذيل مان، روئي زارُو زارَ،
متمِ آهِ ميارَ، هوتن حرف نہ هِڪڙو.

(54)

عُمرِ اجائي گذري، ڪارن مَٽيو رنگُ،
مُون نهارڻ نہ ٿيي، سانول سارو سنگ،
هن نماڻيءَ ننگُ، ڪاڪيون ڪيچ ڏٿيءَ تي.

(55)

عُمرِ اجائي گذري، ڪئي جوين جاڙ،
بالا هن بِلور جا، چئني طرفين چاڙ،
پاروچل جي پاڙ، مونکي روهين روليو.

(56)

پُنهُون پُنهُون تي ڪريان، آءُ پڻ پُنهُون پاڻ،
اديون تيس اجاڻ، جو ڪين پروڙيُم پاڻ کي.

(57)

جان پروڙيُم پاڻ کي، تان پاڻ پُنهُون آهيان،
ڪيهي طرف ڪاهيان، جو طرفَ مڙوئي تَمُ تيا.

(58)

پيهي پروڙيوم، تا پُنهُون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هيءُ پڙلاءُ پيومِ،
صحيح ڪن پيوم، ته غير گمان اُتي ويا.

جُهولڻو

سسئي پُنهون

(1)

سرتيون سڀ تنهنجي صلاحي،
هُو تان راهه وٺي ٿيا راهي،
ڇو ٿين ڪَڏَ تنين جي ڪاهي،
ڏونگر ڪيمَ ڏسائج ڏاهي،
حَبَ ۾ ڪونه ڪنڌُ همراهي،
هتِ تو سنگ مُنجهائي ساهي،
پر هو اهڙو امرُ اِلاهي:
ٻيا سڀ ويهه وهمَ وساري.

(2)

ڇي ڙي، مون سان مُور مَ ٿيو مصِلاتي،
ثابتُ سڪَ رهي ڪا ساتِي،
هاريُون، هيءَ جا آهي حياتي،
تن کي روهه رسان ٿي راتي،
پائيندس ڏرتي جهنگ جهاتي،
ڇاجي ڇڇي پوي مون ڇاتي،
ڪنديس وئوڙ سندين ويلاتي،
ايندس ساڻُ وٺي پَڙُ پاتي:
ڏسنديون هُوت مڙيئي هڪواري.

(3)

جي ڙي، ويھہ وسار وڃڻ جي وائي،
تو سان لالڻ جنھن لنءُ لائي،
تُنھنجي دل ڪِيئن تنھن تائي،
سو اڄ ٠جاڙ ڪري ويو جائي،
ڏيئي ڪن ٻُڌج تُون ٻائي،
ٻوھن پاس نہ ٻوڙج ڊاھي،
سُرتِ صلاح تُون سمُجھج سائي،
اھا ڳالھہ امُرَ ۾ آئي:
ڏونگر ڏورئون ٿي ڏھڪاري.

(4)

آيل، اڻ مُلھي جا آھي،
سا ڪيئن سگ سچڻ سان ساھي،
ٻيو تا ٿاھُہ نہ ھرگز ٿاھي،
ڏاڍن ساڻ شريڪت ناھي،
جا پيئي سي لاڳاپا لاھي،
چپر چوھ اڳيائنُس چاھي،
ڪيچين ڪَڏَ اُھا مرُ ڪاھي،
ڪٽندي گامَ تہ پُڇندي ڪاھي:
محضُ اُنھيءَ ڪي مِيرُ نہ ماري.

(5)

چي ڙي، روھہ رويون تون رو ڙي،
آڏو پينگُ ٻُجھي تي پِوَ ڙي،
ھيبت ھول ھراست ھو ڙِي،
ڪامڻ، ناھين اسان ڪِي ڪٺو ڙي،
تُون تنھن ديسِ مَ وڃج ٻوڙي،
پرڏيھي جي پٺ ۾ پشوڙي،

تـر ۾ ترسُ اٿئـي تـڪَ تـو ڙي:
هت تا ڪانہ گهڙي هڪ گهاري.

(6)

آهي دِلِ آرياڻيءَ سان اَٽڪي،
مان جا ريجهَہ اديون تنهن وٽڪي،
هَئي هَئي گهوري تا هن گهٽڪي،
رهنديس ڪِينَ هجر ۾ هَٽڪي،
جانب ڪاڻ نہ جاڳيس جهٽڪي،
ڀِنيءَ ويل وڃان مَرُ لَٽڪي،
ڪنهن جي فـهم نہ هَٽڪا ڦَٽڪِي،
هاڻي سِرُ توڙيـن مُون سٽـڪي:
هن ڪي ڪامَ هَلَڻَ ڪـئـون ڪَاري.

(7)

چي ڙي، سڀُ سُجَ جَلي تي جاڻي،
پـُرجهج پـبُ نہ اٿـئـي پـاڻي،
وِسَهُج تو دل جنهن سان واڻي،
سسئـي، سو تا ٽـيئـي نہ ساڻي،
ناحقُ تانگهہ تـنيـن ڏي تاڻي،
چو ڪَيئي خواب ڪٽي تو ڪاڻِي،
ڪيئـن تـي آبُ اکيِن ۾ آڻي،
حيلا ڪـر مَ هلڻ جا هاڻي:
پـُجنديـنءَ بامَ پـسي بَرُ باري.

(8)

جيڏيون، جبل چئـو ٽِـيُون جيئـي،
ساجهرِ سنگ لتاڙيان سيئـي،
گهوريان گهوٽ بـنا گهرُ هيئـي،

سائي وسِ وڻانئُم ويئي،
رهندمِ روح نہ هتِ تن ريئي،
ويڙُمِ دوستُ دلاَسا ڏيئي،
هيءَ تان پَلو پنهونءَ جي پيئي،
هُن تان ڪامڻ ڪيَڙس ڪيئي:
نياڻونسِ وَرُ وٺي ويساري.

(9)

چي ڙي، گهورين ڪاڻ جنين جي گهرڙا،
اٺئي تن آڙانگا ارڙا،
آڏو تاڪُ نہ ڏيندءِ ترڙا،
ٽيندءِ زور مٿي تو ذرڙا،
بيدل بس ڪرائيندءِ برڙا،
اوَجهڙِ ڪوه اٿئي سي ڪرڙا،
گهائي پير ڪائيندءِ ڪرڙا:
سگهندينءَ نار، نہ ورُ وساري.

(10)

ثابت ڳالهہ سٽو هيءَ ساري،
جبل واٽ نہ جيڏيون جاري،
پر پي برہُ جنين جو باري،
سا هڏ ماڏي مُور نہ ماري،
ڇا جي وَرَ ونگا وَڏَ واري،
تا پي دردمندي دهداري،
توڙي ڪوهُ ڪري تو ڪاري،
ڪندو پاڻُ پنهون پوئواري:
تا پُڄِ سرس سِڪائي ساري.

(11)

جيڏيون ڪِيَس وراڻي جوڙي،
هُت تو روهُ رڙندا روڙي،
تنهن جو تابُ نہ سگهندي توڙي،
آڏو ميرُ ميائي موڙي،
رائو ريگ ترن ڪئون توڙي،
سگهنديئَ پيرُ نہ ڪرڳلَ ڪوڙي،
تون تان لعلُ لهين ڪيئن وڙي،
ڪنهن جي ڪامَ ڪمرِ چڏ چوڙي:
ٻيا تي ماڳ مِرئون چوڏاري.

(12)

جيڏيون، جَتُ مُنهنجو آهي جائين،
آءُ تان ويندس اڄُ تنهن تائين،
آهيان ٻانهي اُن جي آئنين،
پاڙون گهٽ پينر، تي پائين،
آن ڪي پَلَئُہ ڳچيءَ ۾ پائين،
دمُ دمُ درسُ ڪريج دوعائين،
مُون ڪي سڄڻ ميڙيين سائين،
ڪيچيڙن ڪي پُهچان ڪائين:
برهہ جي باهِہ ٻهون ويا ٻاري.

(13)

چي ڙي، آڏو گس ٻگهڙ ڪنِ لوڙا،
تن ڪئون ڪن ٻني تينِ ٻوڙا،
چوهُون چپرُ چني تو چوڙا،
تاتي تاڪ تڪر جا توڙا،
سهمناڪ سُنڊا سي سوڙها،

ڏيونِ مارَ متي ڏينِ موڙا،
سيئي ڏرتُ ڏورڻَ جا ڏوڙا،
ڏينپو ڏنگَ هٽن تا ڏوڙا:
آهن هاڙي منجھ هزاري.

(14)

چي ڙي، چا جي مستُ مرئون هُننِ مارا،
چرڙين نانگ چُرن چئوڏار،
سيئي وره اڳيون ويچارا،
هٽندا شينهن ڏسي شوڪارا،
هُو جي هاڙي منجھ هاڪارا،
سرتيون، سنگ نهاريان سارا،
ڪِيا جُک جانب جي جِيءَ ۾ جارا:
وَرَ سان ڪانه ايندي ڪا واري.

(15)

چي ڙي، هُيَڙئي جِيءَ جتن جي جا ڪا،
توکي سمجھ پيئي چئو سا ڪا،
وِيَڙئي نار نهوڙي ناقا،
ڏونگرَ ڪينَ اٿئي کي ڏاڪا،
لُوهي لس وجهندئي لاڪا،
چِپُون چوهَ لنگهنديـنءَ جهاڪا،
ونگ وچ واسينگن واڪا:
هُت تو پَبُ وجھي پاتاري.

(16)

ڪاڪِيون، ڪامَ تِکي هت ڪانِي،
جاڏي جَتَ وئي ويس جاني،
سورج آهي نه تن جو ثاني،

ڇا جي پٻ نہ هوندس پاڻي،
ڇپر ڇوھ اڳيانئُس ڇاڻي،
توڙي ٻره وڃايس ٻاڻي،
لوچون ڪين ڪنديس سالاني،
اھو عرض اٿو اظھاري.

(17)

جلدئون جت وٺي ويئي جوري،
پوري ڇو نہ پرينءَ تنھن پوري،
گاڏر ھاڻ محل گھر گھوري،
ڏونگر ڏرڙ سگھيس ڪيئن ڏوري،
عاجز عامُ ٿيندئي ھت اوري،
ٿر جي پنڌ نہ ٿڪئين ٿوري،
ٿن ڪي توڙ سري ٿي ٿوري،
وجھ نہ جيءَ پلا ڪنھن جھوري:
مرنديءَ نام ڪنيو ڪوڪاري.

(18)

ڇي ڙي، بيحد ڪير ڪھو پيون ٻاتيون،
ڇو ٿيون لس لوايو لاتيون،
ڪنھن ڪي ڪنڌ نہ ايندين ڪاتيون،
رھنديس روز نہ اتي راتيون،
ويندس سڪ سڄڻ جي ساتيون،
پائيندس جال جبل ۾ جھاتيون،
محبن ھنس اِھي مصلاتيون:
ھلي آءُ مرد ساڻ اُماري.

(19)

ڪامڻ، مِنت ڪريون ڪنهن ڪيهي،
سي جت جاڙ ڪري ويئي جيهي،
ڪيڙي پرجهہ نہ تو پَبُ پيهي،
ڪا ڪر ڪاهہ تنين پٽ نيهي،
تون تان نِينهن نسوري تيهي،
ووڙج ورَ مَ ورچج ويهي،
ڪيائين درس ديواني ديهي،
اول عشق نشاني ايهي:
تڙ ڦڙ رات ڏينهان تڪراري.

(20)

ڪيچين ڪڍ لڳي هوءَ ڪهڪي،
پهرين پور تڪر سان تهڪي،
ڪامڻ ڪوهہ ڏسي نا ڏهڪي،
اُتي روح نہ تنهن جي رهڪي،
توڙي پير ڦِٽُس پَبُ ڦهڪي،
تان ٻي نارَ نہ بلڪل نهڪي،
توڙوُن ڪين تهين هڏ تهڪي،
اوجان عاشق اهڙي اهُڪي:
ڏونگر سي وڏائين ڏاري.

(21)

توڙي جهڪ جهڪي ڪئي جهولي،
ٻي تان ٻولي هڏ نہ ٻولي،
ڦيريون ڏيئي پرينءَ ڪي ڦولي،
گورن رند ڏسي سر گهولي،
ڳڙ ڳڙ ڳوڙها ڳاڙيو ڳولي،

ڏونگر ڏرڙ ڏڪوئي ڏولي،
قادر شال قريبن ڪولي:
ڪندو گام تَڪَر ڪئون تاري.

(22)

پهريون ڪانءُ پهاڙ پڇيائين،
هت ڪي وينا هوت هنڌائين،
هر هر توڪي سُرت سٺائين،
ڪي هٿا رات توئي وٺ سائين،
ڪرڳل الله لڳ الائين،
پيو هڏ سور نه سنگ سليائين،
مون ڪي محبن ساڻ ملائين:
عاشق هئي هئي ويا آزاري.

(23)

پوءِ تا تيڙس جبل جوابي،
پني ليل لنگهيا شُتابي،
ساڳيو سارو سات ثوابي،
سي سپ هيڙا گل گلابي،
وڇندا ويڙا رات ربابي،
اصلئون اڙبنگ هُٺا اعرابي،
توسان ڪيائون خامُ خرابي،
اوني عين هٺا عاذابي:
هِتئون ڪاهِ آڙاه انداري.

(24)

ڏونگر، ڏس چڪيءَ چڏ ڏيئي،
تو وٺ رات تنين ڪا پيئي،
آهه هيءَ وس تنين ڪئون ويئي،

ڪي تا لنگھيو ساٿُ سَنجھيئي،
هاڻي حال سُڃ مون هيئي،
ويڙس ڏک وڏو هي ڏيئي،
هو هئا ڏاڍا سُپرين سيئي،
جانب آهن مُنهنجا جيئي:
ماري آهہَ ويا اُتاري.

(25)

هجر چيس آهي هينئڙي هاري،
جي تون محبوبن جي ماري،
آهي عشق سندءِ آزاري،
وجهج ڳل ڳچيءَ تون ڳاري،
مون کي تِر نہ ڪج تڪراري،
پٽن ڪاهَ نہ ٿي قراري،
اٿئي برهُ بلوچي باري،
يڪدل ڪانڌُنِ منگج ياري:
ويندئي عشق نہ هڏِ اُتاري.

(26)

ڏونگر، ڏيرن ڏي ڏس ڪوئي،
آئڙي روح نہ ٻيو رس ڪوئي،
ناهي ويچاريءَ جو وس ڪوئي،
خاطر منجھہ نہ پيس خسُ ڪوئي،
وٺي دردُ ڦري ڏس ڪوئي:
ٻيني عشق منجھئون اوساري.

(27)

چُڪِيءَ چوٽ وٺي وَر چاتي،
ويڙا ورهَ توئي واتي،
آندي عشق تڏهن اورهاتي،

ڪُنل، ڪيچ وِچ ڪنڌ ڪاتي،
پيتئي زهر منجهئون گهٽ گهاتي،
توکي آندو عشق آڳاتي،
ڳولج جام پنهون گهر گهاتي،
هئي هئي لالڻ ويو لوهاتي:
هيڙي جن جي هيءَ اجهاري.

(28)

هئي هئي ماري عشق اميران،
وٺي ورهہ وڪيلُ وزيران،
توڙئون هيئن لکيون تقديران،
بانهن هٿ تيون تقصيران،
ڏاڍون عشق سنديون تڙ پيڙان،
پٽيءَ مُنهنجي برهہ بهيران،
هلن هُت نہ ڪي تدبيران،
مون سان سنديـن سوز سفيران:
ورتئي ورهہَ ڪهيـن وڻجاري.

(29)

اول بابيـن برهہ پڙهيائيـن،
تنهن پوءِ سورن منڍِ سڙيائيـن،
سسئي ساڻ فراق ڦڙيائيـن،
اصلِئون ڪيچيـن ساڻ ڪڙيائيـن،
جڙان جيءَ ۾ جال جڙيائيـن،
تيلهان متي روهہ رڙيائيـن،
محبت منجهہ مريض مڙهيائيـن،
توڙئون غير خيالُ تڙيائيـن:
پيئي هٿ برهہ هاڪاري.

(30)

هيءَ دل لالڻ ويڙس لُٽي،
وڏس ڀاڻ ڀروچ جي ڀُٽي،
ورڪئون شال فقير نہ ڦٽي،
ڏونگر ڏک ڇرِيءَ کي ڇُٽي،
ڪيائين ڪيچين منزل ڪُٽي،
آنديس عشق گهٽيري گهُٽي،
مٿو پير ڪرايون ڪُٽي:
هئي هئي ڪيو ٽي سا هونگاري.

(31)

ور جا وره پياريس وٽي،
توڙي سسئي سورن سٽي،
تنهن دل ڏانهن نہ محبن مٽي،
چوکو عشق نہ آهي چٽي،
سورن سوز ڪلڻ کان ڪٽي،
محبت کانءِ نہ گهايل گهٽي،
سسئي سوز فراق جي ڦٽي،
پانيـن پَبُ پٽولا پٽي:
روئي ڦوڙائي تہ ڦوهاري.

(32)

لوٺي لَکُ مَٽي تي لَتِي،
ڊوڙي تيز منجهارئون تتي،
محبت من تهين جي متي،
وڃي ڪيچ وره مون وتي،
گهوري گام گهٽيري گهتي،
ڏک جي چت هنيائون چتي،

روئي ريت تهين سپ رتي،
ڇاٽي پپ سيو هڪ پتي:
عاشق عشق منجهئون اُچنگاري.

(33)

هرڻيون ڪيرُ پيارڻ آيس،
ڪَرهڙا دانهن ڪري سپ ڪانيس،
ڪوڪن ساڻ ڇپر سپ ڇانيس،
ڏونگر ڏک منجهارئون گهايس،
ڄُلنگيون عشق ڏکن پٽ لايس،
ڳالهيون ڪيچ ڪيچيڙن ڳايس،
ٻَرَ ڪي برهون بازِر پانيس:
هجر ڳاريس ساڻ هوڪاري.

(34)

هئي هئي هوت ڪري ويس هولي،
تنهن محبت ٻاروچي جي ٻولي،
ڏونگر حُبئون پانيين ڏولي،
ڪوهيارل جي ٻانهي گولي،
ساٿي پپ پرين جي قولي،
روئي ڪيائين ڇپر ڇولي،
سنگ جي راهه ڪياونس سولي:
نينديس ڪيچي نال قَطاري.

(35)

منجهئون نينهن هنيائين نعرو،
سٽندي سير سڙي ويو سارو،
من ۾ محبت وڏس مارو،
ڪيائين واري اُتي مارو،

اندرئون عشق ڏنس اوپارو،
ڏيئي متي سنگ سرارو،
ڪاهيئين مانَ ڏسان ڪوهيارو،
محبت ريءَ آهي منهنُ ڪارو:
سچيڏنا ڪو نہ سنڀاري.

(36)

متي روهہ چياڻين روئي،
هي ڪل ڪوهيارل ڏئي ڪوئي،
عاشق، تُنهنجي عشق اندوهي،
محبت منجهہ هلاڪي هوئي،
لڳي لالڻ تا لَڙهہ توئي،
تورڙئون سور وڏائين پوئي،
ساتي تيس سچيڏنا سوئي،
جانب آهيس جيءَ جو جوئي:
قادر ڳڌُ تهين سان ڪاري.

(37)

هيءَ جا هيڙي تي حيراني،
محبت ماڌُ ڪئي مستاني،
دلبر ڪاڻ هئي ديواني،
باقي نيںهن رهيس نشاني،
ڪيڙي فوج فراق جي فاني،
ڪيائين ساهہ سرير قرباني،
ڳڌيس شال جبل ۾ جاني،
ٿيندُسِ رحم اُتس رحماني:
آئي هيٺئون نينهن نغاري.

(38)

محبت محبوبن جي ماري،
ڪا جا باهه ٻاروچل ٻاري،
ڳالهين ڪيچيڙن جي ڳاري،
ڪيائين جانب تئون جند واري،
منجهئون ذوق ڇيائين زاري،
هي دل آهي سڄڻ تئون واري،
ڪوڪان ڪوهه ڪري ڪوهياري،
توڙي ورهه ڪئي ويچاري:
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري.

(39)

متي روهه ڏسو سا رمڪي،
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي،
ڏسي سڄ نه دم پر ڌمڪي،
گوندر وچ گذاري غمڪي،
هاديءَ جانب سان نيئي جمڪي،
تنهن تا تانگهه نه ترِهڪُ تَمڪِي،
مَتِسِ وچُ ورهه جي چمڪي:
تنهن جي شور وڏي شوڪاري.

(40)

چڙهندي چنج نه عاشق اڙڪي،
ڪاجا فوج متانس ڪڙڪي،
لڳي لعل پُنيءَ سان لڙڪي،
لڳيس باهه برهه جي ڀڙڪي،
جوهر جوش سڄڻ جي جهڙڪي،
رنجي روهه اُتئون جا رڙڪي،

سارو سنگ پيو سڀ سڙڪي،
ڌَڪر سڀُ پيو تان تڙڪي:
اهڙو سوز هلي سينگاري.

(41)

جانب ڪاڻ ڇڏيائين جايون،
فوجان عشق اڳيانئُس آيون،
ڪلان ڪوهہ سنديس کھڪايون،
سيئي ورهہ وساريس وايون،
تنهن جي سوزَ ڇپر سڀ ڇايون،
روئي روہ ڏنائين رايون،
پيان پٻ چڙهي چڻ پايون:
اهڙو عشق هلي اختياري.

(42)

ڇپر ڪانہ ڇڏي سا ڇوري،
جنهن تا گھوٽ اُٺون جندُ گھوري،
جا ڪي پور پرين جي پوري،
هيڪل هوتُ نهاري هوري،
گولي تنين، جنين تر توري،
لونءَ لونءَ قابو لڳيس لوري،
هيڙس جھور برابر جھوري،
تهين جي هٿ سجڻ جي ڏوري:
انهيءَ ڳالھہ وڏي سا ڳاري.

(43)

آهي ريءَ عجيب اُٻائون،
اچي شال ڪوهيارلُ ڪائُون،
جنهن سان لوح لڏيون هم لائون،

هئي هئي جت وٺي ويا جائُون،
تنهن جِيون زيلان هُت سُيائون،
ههڙس ڏونگر حال ڏنائون:
ويچاري تي تونگ تواري.

(44)

موٽي چاه پرينءَ جي چائي،
تنهن ڪا ڳالهه محبت ڳائي،
ڇپر سڀ ڪيائين ڇائي،
ڏاڍي تڪ تهين جي تائي،
ويجهي آئي هُيڙس وائي،
روئي روه ڏنائين رائي،
گهٽن منجهه قلم گهمائي،
تان تان اوڏي وسنهن آئي:
آيس محب اڳيون منهنُ پاري.

(45)

ڪونجن هت مُڪائين روئي،
دانهن ڏوکه منجهارئون ڏيئي،
اُتي هلييا هوت هنڏيئي،
جانب جيءَ گهريا هس جيئي،
آيس سڄڻ پاڻ سنجهيئي،
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئي،
وڃي ڪيچ اُها ڳل پيئي:
پنهون پرين گڏيو غَمُ ٽاري.

(46)

سسئي جام پنهون هڪ هو تان،
ڪامڻ، جانب ڳوليو جو تان،
ساڳي پاڻ پنهون هيوئي سو تان،

ڇا جي ڪاڻ ڪرين ٿي ووءِ تان،
ڇپر ڳوليءِ ٿي سا ڇو تان،
سچل دست دوئيءَ ڪان ڌوءِ تان،
ساجن ڪيئن سهي ڪيو توتان:
پر جي عشق اچي اوجاري.

(47)

آهي "ڪُل شي" سو هادي،
"خلق الاشياءَ" ڪنئون آبادي،
"وهو عينها" تي آزادي،
واندي غير ڪنون هيءَ وادي،
لٿا شڪ شبها ٿي شادي،
"سِري سِره" تي امدادي،
جنهن کي سمجهه تهين کي تعدادي،
سوئي مرد نہ آهي مادي:
سڀ وچ صورت يار پياري.

(48)

پنهنجي پاڻ ڪري ٿو وائي،
تنهن تان ڳالهه اها ڳالهائي،
ڪافر مؤمن صورت سائي،
انهيءَ رمز ڏنائين رائي،
جانب ڏسُ ڏنو هي جائي،
"اينما تولوا" آيت آئي،
ٿيڙو اچ بهاني پائي،
احمد وحي هڪو هڪ هئائي:
احمدُ احدُ هُئا اسراري.

(49)

"عرفت ربي بربي" آيت آئي،
نوبتَ "انا الحق" وڄائي،
"اعظمُ شاني" رمز رَلائي،
ڪيڙي "لوڪشف" اُجرائي،
"يسمعُ يبصر" آهي هيڪڙائي،
"بِلا ميم احمد" اها وائي،
"اِني انا الله" آگاهي،
سوئي بندو سوئي مولائي،
سوئي هيٺ سوئي بالائي:
عالَم الله مٿون اظهاري.

(50)

ظاهر سچ تہ سيکنهن جائين،
هي ڀي رمز تون دل سان رلائين،
تون تان آئينو تي آئين،
"مان" ڪي ڇڏ تہ تيوين سائين،
ڀولو مُور نہ هن ۾ پائين،
توکي صحيح سچ سڻائين،
ڪا شَي ناهي بِنا حق ڪائين،
"ڪلُ شيءِ ناطق بالحق" ڳالھ اهائي ڳائين:
هر جاءِ پاڻ غني گفتاري.

سُر سارنگ

داستان پهريون

(1)

پريمان ڪٽي جو پڙهي، گرمُک جي ٻاٽي،
وسائي وس ڪري، پلو جو پاٽي،
بونڊون وسن برهه جيون، چم چم مان چاٽي،
سچل تيو ساٽي، صاحب سارنگ آئي.

(2)

اول آنڌي آئي، پويان جهڙُ جهجهو،
نه ڪو اولو آسرو، نه ڪو اوٽ اجهو،
ڏهيلين ڏجهو، تن پرور رک پناهَ ۾.

(3)

اول آنڌي آئي، پويان هئي برسات،
رعد جي رڙين جي، پيٽي نه هئي بات،
ويچارين ورن جي، وائي هيڙي وات،
مٿان وسڻ هينان چڪڻ، سيءُ ميون سڀ رات،
پرهه ڦُٽي پريات، ڪُٽڪان ڪانڏين گڏيون.

(4)

سارنگ سندا سات، سرتيون سانڻ آيون،
ڦيريون راڳن ناٿ، وڃن ويس وس ڪيا.

(5)

سارنگ ساري رات، رٺن مٿي ويچ ڪيا،
پکين پرڙا سوئيا، پرهه ڦٽي پريات،
پٽن تي پڌرا ٿيا، گل ڦل ياتون يات،
سيڪنهن وائي وات، سچل سارنگ ساڪ جي.

(6)

سارنگ صبح آيو، گوڙيون ڪري گاج،
هاري هليا هاج، ڪُڙمين هر ڪُلهي ڪيا.

(7)

سارنگ رنگ ڪيا، پوياڙيءَ پٽن تي،
ڪکر باباڻن جا، پلر پيي ڏَيا،
لاهيون ڏرت ويا، مولي سندي مِهر سان.

(8)

مؤلي سندي مهر سان، ساوا ٿيا سنگهار،
ڏلهي چڏيون ڏٿُ سان، ڏوٿيين ڏيار،
ترايون تجل جيون، ٿيون تارون تار،
سوراهين سنوار، صاحب سڻائي ڪئي.

(9)

پورب سندي پار جا، ڪکر ڪارونيار،
وڄُن ۽ وڄَڻ سان، چڙهن ٿا چوڏار،
اُيي ڪي آبيندي، لڏائون سنڌڙيءَ سار،
سُڪر سڻاوا ٿيا، وڏيا وهَه واپارَ،
ساوا ٿيا سنگهار، مولي سنديءَ مهر سان.

(10)

سارنگ سمي ۾ اتي، سچل سستي ڇڏ،
متان ايندءِ اوچتو، هاڻ نہ مُڙنديءِ هڏ،
اجهاپي ڪا اڏ، وسڻ ڪان اڳي وڃي.

داستان ٻيو

(1)

اڪين آب وهايو، سرتيون، ساري رات،
وهائن وڏڦڙو، پرچن نا پرپات،
پينرُ، ڪان برسات، اڪين اوتڻ سکيو.

(2)

روئڻ ڪان نہ رهن، آيل، اهي اکيون،
سيڪنهن ويل وهن، اتن اثر اوهيڙن جا.

(3)

لحظو نہ لاهين، بار متن برسات جا،
اکين کي آهين، اثر اوهيڙن جا.

(4)

بادل وارا بار، چشمن تي چڙهيا،
روئن زاروزار، اتن اثر اوهيڙن جا.

(5)

آئي مند مينهن، آهي اکڙين کي،
روئن راتو ڏينهن، اتن اثر اوهيڙن جا.

(6)

آگم اکڙين کي، سدائين آهين،
سي ڪيئن اوڳائين، جن کي اثر اوهيڙن جا.

(7)

اکين کي آگم، هن سدائين سرتيون،
گوندر گڏيون غم، اتن اثر اوهيڙن جا.

(8)

لايون پرت پسن، ائون آگم اکين ميڙيا،
سي ڪيئن نہ وسن، جن کي اٿر اوهيڙن جا.

(9)

ڏسن ۽ روئن، اها عادت اکين کي،
سي سرهيون شال هئن، جن کي اٿر اوهيڙن جا.

(10)

آهي ريجهہ رُئڻ، آيل اکڙين کي،
هئي تن هُئڻ، جن کي اٿر اوهيڙن جا.

(11)

آه اهائي تات، آگم اکڙين کي،
ڏينهن ائون رات، اٿن اٿر اوهيڙن جا.

داستان ٻيون

(1)

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.

(2)

نازڪ سندو نيہ، آهي ائين جيڏيون،
پنهنجي رائي ريج ڪري، جيئن سانوڻ ميہ،
راز رکي تو ريہ، من ۾ محبوبن جو.

(3)

راتاکون ريهڻ سان، رڻ ڪيائين ريج،
پٽن مٿان پلٽيون، هيرون منجهان هيج،
برن ۾ بهار ٿي، گلزاريءَ جي گيج،
سچل سارنگ سيج، سونهي ساوڪ وچ ۾.

(4)

وڃن وک وڌائي، وسڻ وس ڪيو،
وڃن واڄا واهه ڪيا، پلر پوءِ پلٽيو،
سچل سائو ٿيو، سيڪو سارنگ آئي.

(5)

ڀهه ڀهه ڪندا آيا، ڀيهر ڀڪروال،
ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان، ويا ٿهي مال،
آهن مِر اڇي پيئي، چونگن سندي چال،
منڊائتي منڊل ڪيا، جو اُٺا جال،
پلر سان پُسي پيا، پهنوارن پلال،
جهري پيون جهوپيون، جهانگيڙن اُجهال،
ننگو ڪج نه نڌر ڪي، نماڻن ننگپالُ،
جن جا هڙا حال، تن پرور پت رکيج تون.

(6)

مهر سندا مينهن، شاهه وسائين شل،
جهُريل منهنجي جهوپڙي، بنا جهلي جهل،
ڪاهل تي ڪَهلَ، ڪندين شال ڪريم تون.

(7)

عالم ڪي آگاهه، سارنگ ڪندو آيو،
گُرڙ هيٺن گوڙيون ڪري، ڪاهيون اچي ڪاه،
وايوءَ سان وار ڪري، ٿاهيون اڇي ٿاهه،
وسايائين وڏ قڙو، واٽن تي وهه واهه،
گلزاريون ۽ گاهه، پٽن تي پڌرا ٿيا.

(8)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪر ڪڪوريا،
سارنگ سُر سرائتا، ساجهري سوريا،
سُرمنڊل ۽ سارنگيون، چنگ چگا چوريا،
اُپ اُتي اوريا، طبل تارون تيج سان.

(9)

وسي پيو وڏ ڦڙو، پنيون پٽ پريون،
پٽاريون پٽن تان، وٽاڻين وريون،
ڪيرن جيون ڪريون، چاڏيـن ڏنائون چاهه مان.

(10)

چاڏيـن ڏنائون چاه مان، ڪيرن جيون ڪريون،
وهائيـنديون سي آيون، ٽٽن مان ٽريون،
پٽاريون پريون، آيون وسائي وڏ ڦُڙا.

(11)

والي، وسائيج، دردمنديءَ جو ديس،
پريـن مون پرديس، اُتي ايـندم اوڏڙا.

(12)

مندون موتي آيون، جُهڙ جهجها جوتيون،
پلر سان پُر ٿيا، پوٺا ۽ پوٺيون،
پسي ميـنهن مهر جا، ميـنهُون موتيون،
چريو اچن چوتيون، وٽاڻن ولر ڪيو.

(13)

والي، وريـن تون، وطن تي وس ڪريـن،
ميـنهن وسندي مون، سجڻ ساريم سپريـن.

(14)

ديسان ديس وسي پيا، رحمت جا درياهه،
گلزاري ۽ گاهه، پوٺن تي پڌرا ٿيا.

(15)

پيـنڙُ، نه پانيو، نه بوندن ڪئي آ بس،
اجهو ڙي آيو، وري ويتر وترو.

(16)

هڪ وسڻ ٻيو وڇڻ، تيون لھي ٻيو سيءُ،
جھوري وڏن جھوپيون، ڇن وڏن ڇيءُ،
رنن جو رِڙن ۾، والي، وسيلو تيءُ،
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه ۾.

(17)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪرن ڪيا ڪوڙهه،
صبح ويل سويل، سارنگ لاتي سوڙهه،
وڄن واڄا واهه ڪيا، مينگهه ٻڏا اڄ موڙهه،
لَوڪان لاتي لوڙهه، مولي پنھنجي مهر سان.

(18)

اُتران اوري، بادل برسي آيا،
سر سريلا سوز جا، سارنگ تو سوري،
گھوري مان گھوري، اجھو اگڻ آيا.

(19)

اُتران اوري، ڪئي چمڪٽي چمڪات،
اُتان ڪيائين اوچتي، لس ٻيلي تي لات،
منڌل تيا مڪران تي، گوڙن جا گرگات،
ڪڪرن مٿان ڪيچ جي، ڦڙڪي ڪاڏا ڦات،
وري ورتائون وات، سچل سائي سنڌ جي.

(20)

سچل سائي سنڌ جي، وري ورتائون وات،
جھڙ ڦڙ جهلي آيا، گھير پسائي گھات،
لاتي اُڄ اُساٽ، سارنگ سنگسارن جي.

(21)

سارنگ آيو صبر ۾، بونن ڪئي بس،
رنگارنگي رس، قزح ڪڍي نِيل تي.

سُر مومل راڻو

مومل جو مذڪور

داستان پهريون

(1)

مومل مِهٽي هابُ، راڻا ڪر نہ راءِ تون،
جوئِن ڪي جواب، مرد نہ ڏين ميندرا.

(2)

ڪيو مِهٽي هابُ، مون ڪي تو ميان ميندرا،
ڪر نہ خان خراب، ڪامل، ڪاڪ ڪنڌين ڪي.

(3)

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏن ميندرا،
تو پڻ پرين پوءِ، ڪوهہ لڄايو ڪاڪ ڪي.

(4)

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇڏن ڪين جوان،
اُهي پيي انسان، جي ننگن تي نثار ٿيا.

(5)

آءُ راڻا، ڏي رنگ، موٽي ڪاڪ ڪنڌين ڪي،
لاهج لڱ خدا جي، ذرو پرزو زنگ،
ناميا پاڙج ننگ، مهٽي هاب متان ڪرين.

(6)

آءُ راتا رنگ لاءِ، موتي ڪاڪ ڪنڌين ڪي،
ناميا نانءِ خدا جي، پير وري هٿ پاءِ،
سوڍا سنڌءِ ساءِ، آءُ ويٺي ڪانگ اُڏايان.

(7)

آءُ راتا رک راز، نڌر هن نماڻيءَ سان،
توکي ڪريان ڪيترو، ناميا، نَرَ نياز،
جوتي ڪيڙم ناز، تنهن مِٺن هاب ڪري ڇڏيو.

(8)

مون تان مِٺو لاهه، مولا ڪارڻ ميندرا،
تون تان صاحب سچ جو، هيءَ ڏوهارڻ ڏاهه،
توڙي تيس بدراهه، ته به ڳل ڳچيءَ تو.

(9)

چڙهندي سانءِ چڪي، نِت منهن ڏيڪارج ميندرا،
آندا مون کي هٿين، ڪنهين لارُ لڪي،
چاڙهي ڏکي ڏاگهه تي، تنهنجي عشق تکي،
مَر ڪو سر سِکي، انهيءَ جي اولاد جو.

(10)

هي جو تيڻُ هو، سو اکرُ ميتيندو ڪونه ڪو،
هيرو زهر زبان سان، هن ڳالهين ڪيٺو هو،
نه ته پاٽئون پهٽو هو، مون کي زير زمين ۾.

(11)

ڏک نه ڏيٺو هو، تو مون کي ميان ميندرا،
ناميا پنهنجي ننگ کي، تو نيبهه نيٺو هو،
زهرُ پيالو پرُ ڪري، مون کي پيئٽو هو،
جيءُ نه جيٺو هو، مون کي هن مهٽي وري.

(12)

سوڍل سڪائي، آءٌ پڻ اديون آهيان،
راتيان ڏينهان مئيءَ ڪي، وات اها وائي،
ڪندا اُها ڪائي، جو ڪارڻهن لهندي ڪاڪ تان.

(13)

ميان، آءٌ ماري، ڏاڍي ڏڻ ڏهاڳ جي،
مٺي هاب متان ڪرين، ڪاڪ نہ ڪج ڪاري،
ڪر سوڍل ستاري، ڏوهڻ مون نہ ڏسيج تون.

(14)

چڱي ڳالهہ چوان، سا سُڻ ميان مينڌرا،
آءٌ تنهنجي آهيان، تون منهنجو آن،
هي نڌر تنهنجي تلن، آهي وڪاڻي ولها.

(15)

ولها وڪاڻي، آءٌ در تنهنجي آهيان،
تنهنجي ڏس ڏهاڳ ڪئي، تاميا تماڻي،
آءٌ اڳي اياڻي، ويتر ورهہ وِڳهو ڪيو.

(16)

راضي ٿي راڻا، معاف مڙئي ڪر مديون،
مومل سان ماڻا، جانب تو نہ جُڳائيا.

(17)

جانب، تو نہ جُڳائين، مومل سان ماڻا،
سوڍا، سياڻا، موٽڻ مَرڪ نہ تنهنجو.

(18)

موٽڻ مَرڪ نہ تنهنجو، سوڍل سياڻا،
وسائج ولهيءَ جا، پينگ اهي ياڻا،
پري ڪري پاڻا، مون ڪي ماريئي مينڌرا.

(19)

آءُ سوڍا ڪر سچ، لاهي مونِ تان مهٺو،
محبت سندو تو ٻري، مون من اندر مچ،
الله ڪارڻ اچ، ماڳ وسائج مينڌرا.

(20)

اچين جي اوطاق، منهنجي ميان مينڌرا،
عيبن ڪان آجي ٿيان، ڪوجهي ٿئي نہ ڪاڪ،
هير اها هيراڪ، متان مٽين مينڌرا.

(21)

هي ڏهارڻ ڏاھہ، تون ڍوليو ساري ڏيتَ جو،
ڪاملَ تڪو ڪَاڪ تي، چڙهي ڪرهل ڪاھہ،
ڪاٽيون ڪنڌيون ڪاڪ جيون، پڻ باغن لڳي باھہ،
مون تان ميهٽو لاھہ، من مهر پويئي مينڌرا.

(22)

سڪ نہ سيتل ڏانهنُ، من وسي مون مينڌرا،
پانيان تنهن کي پاءُ، سوڍو اٿم ساھہَ ۾.

(23)

ڪاڪ نہ ڪر ڪاري، سوڍا لهہ سماءُ،
هيڪر هيڏي آءُ، مندون موٽي آيون.

(24)

راڻي کي رهائڻ جي، توڙان ڪيون تدبير،
ڏکن سان ڏنائون ڪٽي، توڏيءَ کي تڪبير،
ڪُڌو ڪيو قهر جو، اهو ڪم ڪبير،
راڻي پر رٽبير، گهوٽ گهاري نا وڏي.

داستان ٻيو

(1)

سومل سان سمهڻ جا، ڏاڍا ڏنم ڏک،
سوڍي وارا سک، ملڻ مون مشڪل ٿيا.

(2)

سومل سان مون، سُتي سور پرايا،
هوند هجين ها تون، هيئن نہ ڏوليان ڏکڙا.

(3)

مومل ڏٺي مَلَ، سومل سان گڏ سيج تي،
سوڍي سور فراق جا، سيني ٽيڙا سل،
ماري ڪيئين مَٽَ تي، پر آئي ڪانڌ ڪِهل،
جوش نہ ڏنس جهل، غازي غير رکي ويو.

(4)

مومل ساڻ جهلي هليو، مَلُ منو ماڻو،
ڪاغذ مڪائين ڪيترا، پر ريجيو نہ راڻو،
پرين پڇاڻو، آتڻ اُجهائي هلي.

(5)

آتڻ اُجهائي هلي، پرين پڇاڻو،
ڪين گهٽايو گهٽ سان، پِرتِ هن پاڻو،
ظاهر لالاڻو، پر باطن برهہ ٻَڪي هيو.

(6)

ڪين گهٽايائين گهوٽ سان، حيلا ڪيائين هزار،
ماڻو چڙهيو نہ ميندڙي، ماهي مٽيادار،
مومل ناهِ ميار، سوڍي سگ چُني چڙهيو.

(7)

راڻا تنهنجي رنج، مون لوڪين لڄايو،
ياڳين پلايو، ڏوهہ نہ ڏاها تو سندو.

(8)

ڪاتيءَ ريءَ ڪُھي چڙيو، راڻا تنھنجي رنج،
سُکَ ۾ سڀ سھج، سوڍو ساڻ ڪٺي ويو.

(9)

راڻا تنھنجي رنج، ساڙيو منھنجو ساھُ،
چاڻي ھڪ الله، سگ نہ سيتل مون ھيو.

(10)

راڻا رنج نہ ڪر، معافي مومل ڏي ڪٺي،
سوڍا تو صبر، ڀھڳڻ ڀوڙي ماريو.

(11)

اچين تان اڳيان، ناتر تي نمان،
چاھہ مؤن چمان، پرين تنھنجا پيرڙا.

(12)

اچين تان اڳيان، ناتر سر نائي،
پاند ڳچيءَ پائي، چاھڙن چمان پيرڙا.

(13)

سوڍا، ھن سڙيءَ جو، لھي وڃ سماءُ،
ويرين وڏو وڃ ۾، آھي وير وڏاءُ،
مون تي لڳندو ڪونہ ڪو، پيارا پاڻي پاءُ،
ھيڪر ھيڏي آءُ، تہ پرولي پڌر ٿيي.

(14)

ڏي ڪو رنگ وري، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي،
منھن ڏيکارج مينڌرا، وڃان تان نہ مري،
بخشج ذوق ذري، مھٽي ھابُ متان ڪرين.

(15)

مردُ تيءَ مينڌرا، سوڍا سگ سُڃاڻ،
ڪوہ لڄائين پاڻ، ناحق وينو نينھن ڪي.

(16)

منهن نہ متج ميندرا، تون راڻو آءِ راڻي،
سوڍا، سڃاڻي، ڪئونر وسائج ڪاڪ جا.

(17)

ڪئونر وسائج ڪاڪ جا، سوڍا سُڃاڻي،
ڍوليا، تو لئي ڍٽ ۾، وتان ويڳاڻي،
راتيان ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاڻي،
ويڻن آيس ورتو، تي جائي جوڳياڻي،
لٽا ليڙون ليڙ تيا، تي پوتي پُراڻي،
تہ بہ راڻي جي راڻي، سرتيون سڏن ساڻيہ ۾.

(18)

ڪاڪ پچندا ڪاپڙي، ويا اڏوہنڊ،
رسيا اُنهيءَ هنڌ، جتي "مون تون" ناهہ ڪا.

(19)

ڪاڪ پُڇندا ڪاپڙي، وڏيءَ ويل ويا،
لُڏاڻو لنگهي ڪري، پرانهن پنڌ پيا،
اتي ڌاڪ ٿيا، جتي "مون تون" ناهِہ ڪا.

(20)

ڪاڪ لُڏاڻو لنگهيا، لاهوتي ڪي لال،
اوري هڏِ نہ اَتڪيا، ٿيا پرانهن خيال،
حدون پيچي هليا، جن ڪي حد پيچائي حال،
تن سُرت نہ ڪا سنڀال، ويجها ٿيا وصال ڪي.

(21)

ڪاڪ نہ ويا ڪاپڙي، نڪي لُڏاڻي،
نڪي ڍريا ڍٽ، جتي رنگ رکيو راڻي،
ٿاڪيا تنهن ٿاڻي، جتي "مون تون" ناهہ ڪا.

(22)

مومل ماڙي ميندري، ڪاهي ڪاڪ وڃي،
لوڊاڻا ٿيا لڇي، دهشت جن ڏنايو.

(23)

ڪئونر لنگهي ڪاڪ جا، پُري ويا پري،
ويو ڪيئن وري، مانجهي هن ميدان مان.

(24)

مومل ماڙي ميندري، ڪاهي ڪاڪ هلي،
سوڍي ڪاڻ سلي، ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي.

(25)

لنگهيا لُڊاڻو، ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي،
رسيا اُنهيءَ جاءِ، جتي مومل نه راڻو،
نڪا مسجد تڪيو، نڪو تڪاڻو،
تاتي تيئن ٿاڻو، جتي "مون تون" ناهِ ڪا.

(26)

مومل ماڻڻ هليا، ڪاپڙي ڪلدار،
وچ ۾ آتشي دود جا، آيو بَهُت بخار،
ڪي سڙيا تنهن سوز ۾، ڪي نَرَ نڱيا نروار،
باقي برخوردار، ماڙي ڏسي پنيليا.

(27)

ماڙي ڏسي پنيليا، باقي برخوردار،
ڪي ماڙيءَ ڪان متي ويا، پرت نه جت پچار،
نڪا صورت اُتڙي، نڪا تار تنوار،
سُرت نڪا سنيار، نا ڏسڻ وارو ڏيه ۾.

(28)

نہ ڏسڻ وارو ڏيه ۾، نڪا سُرت سنيار،
تن تي چڙهي آيا، بيخودي جا بارُ،
ڪين ڏٺائون ڪٿئين، روءِ نڪا رُخسار،
"اَلان ڪما ڪان"، تحقيقتاً تڪرار،
لٿا شور شُمار، همہ سان هڪ ٿيا.

سُر ڪاريهر

هير رانجهو

داستان پهريون

(1)

جن ڪي اديون اوچتي، ڪاتيو ڪاريهر،
تن جي خاص خبر، جاڃيو جوڳيئڙن ڪان.

(2)

جاڃيو جوڳيئڙن ڪان، تن جي خبر خاص،
نانگن ڪيا ناسُ، سنگهڻ سان سَوَن متي.

(3)

ٻر مان ٻاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪَرَ،
ڏر اِنهيءَ جي ڏُرُ، جهين ڏُرُ نه ڏيه ۾.

(4)

سَپ سڄاتئون ڪين ڪي، جوڳين ماري جڪَ،
جنين سنگهيو ڪڪ، سياڳيا سيئي ٿيا.

(5)

ڇڏي ملڪيت مال، رانجهو رڻ چڙهي هليو،
قسمت ڪيس ڪنگال، نه ته حاڪم هيو هزار جو.

(6)

حاڪم تخت هزار جو، قسمت ڪيو ڪنگالُ،
مسڪينيءَ جو مرد ڪي، خطرو نڪو خيال،
محبت مستانو ڪري، هھڙو ڪيڙس حال،
پيچي جھنگُ سيال، حُب نہ تخت هزار جي.

(7)

مالڪُ انهيءَ مُلڪ، رانجھن مان راجو،
اُلفت ڪان عطا ٿيم، ڏکن جو ڏاجو،
عشق ڪيم آجو، دُنيا جي ڪُل درد ڪان.

(8)

مالڪُ تخت هزار جو، رانجھو آءٌ راجا،
ڪاني مون ڪي قلب ۾، قُرب هنئين ڪا جا،
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هيم لوح ۾.

(9)

شاهي هيم شان، دلبر پنھنجي ديس ۾،
سچل آيس اوچتي، ڪٺي سورن جو سامان،
ڇا منجھارؤن ڇا ٿي آيُس، اهو اٿم ارمان،
حيرت ۾ حيران، مون ڪي هِير هتي ڪيو.

(10)

رانجھو هُيس راءُ، مالڪ پنھنجي ملڪ ۾،
اديون، عِشقَ انڌو ڪيو، پيڙم ڪين سماءُ،
گھورن ڪيم گھاءُ، هتي اچي هير جي.

(11)

اچڻ اوڪو مون هُيو، هاڙيُون آندُم هير،
پنھنجي لکئي پاڻ ڪي، پاڙڻ پيئي تقدير،
ڪانہ هلي تدبير، قسمت قيدُالماءِ سان.

داستان ٻيو

(1)

مونکي ماءُ ڪيو، ڇُوڇڪ ڏيءُ ڇريو،
عقل هوش نيو، منهنجو محبت ورائين.

(2)

ڇُوڇڪ ڏيءَ ڇريو، مُون کي ڪيو ماءُ،
پيڙم ڪونہ سماءُ، آيل عشق اندو ڪيو.

(3)

شاه هزاري هوت کي، محب ڪيو ميهارُ،
عاشقن کي عارُ، کھڙو آهي قريب کان.

(4)

مُور نہ محبت کان مُڙن، هتي اچي هاڻ،
ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، ڳنون چاريندس ڳوٺ جِيون.

(5)

ڳنون چاريندس ڳوٺ جون، ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ،
اها پيي روح رهاڻ، من پيي ميلي مُحب کي.

(6)

ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، ڳلين تِيس ڳنوارُ،
من مُون ملي يارُ، لهن ڏولا ڏيل جا.

(7)

نورنگُ ندورو، ڪيڙو وجهان ڪُوءِ،
رانجھُو منهنجي روح، سدا وسي سرتيون.

(8)

ڪيڙي نا ميڙي، مولي مون کي جيڏيون،
جهنگ سچو جهبڙي، تہ بہ رانجهن مُنهنجي روح ۾.

(9)

ڪيڙو وجهان ڪُوءِ، نورنگُ ندورو،
مُون دل ديرو، هزاري جي هوت جو.

(10)

واحد شال وجهين، چڱي چُوچڪ چِٽ،
پرور رکين پٽ، سدا سڪ ورائين.

(11)

ريجهي روحُ رانجهي سان، ڪيڙو ڪيڙ تالُ،
وِڏون وجهي وچ ۾، چُوچڪ ڏسُ چنڊال،
مادر مِٺا ڏي جهجها، جهيڙي جهنگ سيالُ،
متو مُون مِهوال، مون ڪان مُور نہ وسري.

(12)

هر هر وينو هير جي، رانجهو ڏسي راهہ،
وينو وڃائي ونجهلي، چاهُون تي چناهہ،
سانڍيو وتي ساهہ، سچل سُور سڄڻ جا.

(13)

لوڏي ڪڍيائون لوءِ مان، رانجهنُ رمزدارُ،
جاڻي هليو جان تي، جوڳين جو جنسارُ،
مُرلي مٺيادارُ، چوريون وتي چاهہ مان.

(14)

الستي آوازُ ڪو، منهنجي ڪن پيو،
هردي اندر هير جي، آهي ڪونہ پيو،
مُرليءَ مست ڪيو، جوڳيئڙن جي جيڏيون.

(15)

ڪاريهر قتيل، گوڏين وڏا گودڙي،
مُنڊيون وتي منڊن سان، نانگ نسورا نيل،
رانجهن جي رسيل، مرليءَ مستانا ڪيا.

(16)

مُرليءَ تي تنهن مرد جي، ڪنيا ڪاريهر ڪر،
ٻرُ ڇڏي ٻاهر ٿيا، نيلا نڪري نَرَ،
زهري منجهه زهر، جوڳيئڙي جهٽي ورتا.

(17)

ڪُنڊلَ ڪَنَنِ ۾ وجهي، خان ڇڏي خاني،
جوڳيسرُ جاني، راويءَ طرف روي هليو.

(18)

راويءَ طرف رويو، جوڳيسرُ جوانُ،
هيڪرَ هِير اُڪير ۾، مردُ ٿيو مستانُ،
سُورن جو سامانُ، سچل ساڻُ ڪٽي هليو.

(19)

ڇڏي چاهُه چناب جو، راوي طرف رويو،
مُرليُون سُرليُون ونجهلُيُون، وڄائيندو ويو،
ٿانيڪو ٿيو، نانگو نورنگ پرِ ۾.

(20)

جوڳي آيو جُوءِ ۾، مرڪٽو مَڙِ دار،
مُرليءَ مستانا ڪيا، جنهن جي لک هزارُ،
ڪاريهر ڪردارُ، نيلا ناٿ نوايا.

(21)

مُنڊڙا مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾،
پڙهيو سو پڙهي، مَنڊڙا محبُوبن تي.

(22)

ٽُبيُون تن ٽٽي، جوڳي آيو جُوءِ ۾،
ڪنهن قربُ ڪٽي، رانجهو روليو رُڃ ۾.

(23)

نيڻنيءَ نورنگ پرِ ۾، ويھڻ وِهُ ٿيو،
ڏوراپو نہ ڏيو، جنھن جو چاھُ چناھ سان.

(24)

نيڻنيءَ نورنگ پُرِ ۾، ويھڻ ٿيو وِهُ،
قسمت ڪاريا ڪمڙا، مانڊيءَ لڳو مِنهُ،
وِرھئون ڪڍي وِھُ، ورھ سندي واسينگ جو.

(25)

ھاريءَ ٻڌِي ھيرَ، مُرليءَ ڪئي مگنُ،
سچل وسري ڪين ڪي، ويچاريءَ وچنُ،
لانگوٽي لڳن، لکيو جنھن جو-لوح ۾.

(26)

ھُتي ڪيرُ ھُيُس، ھتي آھيان ڪيرُ،
سالمُ اِھو سيرُ، سچل سِڪ ڪرايو.

سُر گنڊري

نوري ڄام تماچي

داستان پهريون

(1)

تون سمو سردار، آءُ مي مهاڻي آهيان،
شاها، تنهنجيءَ شفقت جو، آهي ڪونه شمار،
گنديءَ گاندر گهر ڪان، ڪيو ساري عالم عار،
مٿي ۽ حب مدار، تو ساريءَ ڪينجهر جو رکيو.

(2)

تون سمو سلطانُ، آءُ مي مهاڻي آهيان،
جي تون مهربانُ، ته کهڙي ڪاڻ ڪُڙم جي.

(3)

تون سمون سائين، آءُ ميِ مهاڻي آهيان،
مون لڄ رهائين، جو پـَلو لڳي اوهانجي.

(4)

پـَلوَ لڳي آهيان، آهيان اياڻي،
سمي سڃاڻي، چارو چام ڪلهي ڪنيو.

(5)

آءُ مي مهاڻي، تون سمو ساري سَرَ جو،
قرب منهنجو ڪهڙو، ڄاڻيو تو ڄاڻي،
ڪاري سر ڪنيم تي، ڇڇي ڪکيءَ هاڻي،
راءِ تنهنجي راز سان، آءُ تيس راڻي،
سمي سيباڻي، نه ته ڪينجهر ڪني ڪير ڪٽي؟

(6)

ڪلسا ڪلوري، ڪَنِ ڪالورا ڪينجهرين،
پيهي وچن پن ۾، ڪن ٻڪين ٻوري،
روز تنين ڪي راءِ ڏانهن، تيا چانور ۽ چوري،
جي هيون اڏو ٻنڌ ۾، سي، ڪن ڪپڙا قصوري،
هيٺ متي تن ڍڪيون، سالون تيموري،
واسيو وتن ويس ۾، منجهه کهنبي ڪٿوري،
چچي ڪکي تار جي، تن اپر عطوري،
تي ملڪين مشهوري، سمي جي سهاڳ جي.

(7)

پير منهن نِيرا، پاٽي پوندا جن هٿا،
سي ٻڌيون وتن سر تي، چاهه منجهان چِيرا،
ماڻڪ موتي منهن متي، هٿين تن هيرا،
ڪات سيئي ڪيرا، سگهڙ سمي چام جا.

(8)

وهين وهل لپيون، تي پيٺ پاريا پنهنجا،
جتي ڏٿ ڏُپ جيون، تي جهبرن جهپيون،
ککيءَ خاطر ڏيريون، ڏِبن منجهه ڏپيون،
جي ڪائن پپڻ پپيون، سي چوري تي چريون ٿيون.

(9)

جهاڳيون وتن جهاڳ، ميئون ڪارڻ قوت جي،
سي عالي درجي آنديون، سمي جي سهاڳ،
منچر مها وچ ۾، ڪن رنگيليون راڳ،
هڙا حال جنين جا، تن پلي لاتا ياڳ،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌين، هٿ اُنهن تي واڳ،
هيرا لعل لاڪيٽا، تيا اڄ اُنهن وٽ اجهاڳ،
ٻيا پيي لکين لاڳ، تن ڏُلين ڪي ڏيئي چڙيا.

(10)

بيحد پڳوڙيون، ڍئول نہ جنين ڍونڍيون،
ناپي ڏٿ ڏپ جيون، ڪن خارين ڪوڙيون،
پوري ڦرها ڦريون، اڇن ملاحيون موڙيون،
جوڙون سپ جوڙيون، چام تماچيءَ تن جون.

(11)

ڍئول نہ ڪنهن ڍونڍيون، سيئي ڪينجهر وچ،
سمي جي سهج، پراٽين ڪي. پڳ پيا.

(12)

ڪينجهر سندي ڪنڌيين، ڪن توريون ۽ تنديون،
چِڪ جيهون چونڊيون، چام ويهاري وٽ ۾.

(13)

منهن نہ موچاريون اُهي، لڳن تي ليڙيون،
چام ويهاري وٽ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون،
پڳيون پونگيون جوڙي ڏي، تن ڀڳڻ تو ڀيڙيون،
وٺن ماڻڪ مير ڪئون، جهبيري جهيڙيون،
توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ بہ سمي چام سُهايون.

(14)

جن تي پاليا پيٽ، ڪُمن ڪالورن سان،
سي تا تيل ڦليل سان، تيون ملائن ميٺ،
چام جواهر جي ڪري، تو انهن پار اُميٺَ،
ڪئي لاڪيٽي ليٽ، ميڙڻَ چامَ مُهاڻنِ تي.

(15)

جنين اَڏوہنڊ، عمر ساري اهڙي،
سمي جي سُهاڳ تي، آيون ڏاڍي انڊ،
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪون هنڌوهنڌ،
ڏوليون ڏوليين چڙهيون، پيرين پون نہ پنڌ،
سپ اندامين سنڌ، جڙيا جواهرن ۾.

(16)

نوريءَ نادر چام ڪي، ڪي چڪايون چاتيون،
ڦڪُل ڦند ڏياريون، تنهن ڦيري ڦيراتيون،
وٺان سو واتيون، ٿو ڏي ڏهاڙي تن ڪي.

داستان ٻيو

(1)

مون مَڪَ هڪ تُرار، چار تُرارا موتيين،
تنهن برابر نه ڏيان، توري جالَ جو هار،
جو پلئي پيو هڙو، مهاڻيءَ مٽيار،
تيڻن مر ڪينجهر برقرار، جنهن چارو چام ڪُلهي ڪنيو.

(2)

تارازيءَ جي توري، مڪَ موتين تي نه ڏيان،
ٻيٺا تيٺا نه وٺان، توري نه توري،
گهوري آءُ گهوري، جو چارو چام ڪلهي ڪنيو.

(3)

مَڪَ برابر نه ڪريان، ماڻڪ موتين ساڻ،
سمو چام سچاڻ، جنهن چارو چام ڪلهي ڪنيو.

(4)

مٿي جن موڙا، هٿا چارين گنديئين گودڙين،
ٻينسر ٻينا زرجا، ٻيا جهاٻا ۽ جهوڙا،
ٻاهين ڪلهين ڪين جن، تن چُوڻ تائين چوڙا،
سمي جي سهاڳ سان، تن ننگن نپوڙا،
ڪرڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سپ ڪيا.

(5)

رنگ ڪاري روپون، مڙني ملاحن جيون،
ڪنيو ڪارن ۾ اچن، دَرا ۾ ڏويون،
بيحد جن بويون، تن تي عطر اوتيا.

(6)

هڪ درا بي دوءِ، پيو گوجان مارن گاگتيون،
تن مان ڪڪيءَ جي اچي، برابر بدبوءِ،
لاهي ليڙيون لانگتيون، مليائون خوشبوءِ،
رنگ سوني جي روءِ، صورت تن جي سهڻي.

(7)

منهن متي ميريون، هيون بيهوديون بڇڙيون،
گهڻ گهڻ گندري گهنگهرئون، ڇم ڇم پيون ڇيريون،
سمي پاڻ سهاڳ ڏيئي، هي جي هُن هيريون،
لوهاٽيون لوريون، پارس لڳي سون ٿيون.

(8)

پارس لڳي سون ٿيون، لوهاٽيون لوريون،
جهل جهڳن ڪي ڪانه ڪا، وريون ۾ ڏيريون،
محلين رهن مير جي، مهاٽيون ميريون،
سمي ڏنا سهاڳ، سهج ۾ سيريون،
ڪوجهين مان سهٽيون ٿيون، جهٽ پٽ جهپريون،
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جيون ڪنيون ڪٽي.

(9)

منهن متي ميرا، هٺا بيهودا بڇڙا،
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندر گنيرا،
ڏسو ڏهاڙي ڏيئي ٿو، دَرَ تنين ديرا،
ساجهر سويرا، سي ڪائن طعام خوشيءَ مان.

(10)

ترڪو جن تريون، ڪنونر ڪڙهيون ڪچ ۾،
لڙهون تن موتئين، لڙڪن سون سريون،
زيور ۽ پازيب پيا، زري باف زريون،
ڪينجهر ۾ٿي پريون، اَهيڙين انعام ٿيون.

(11)

جنين دوءِ درا، ڪچين ڪُمر ۽ ڪوٽيون،
متي پيرين ننگا سي، گاندر سپ گرا،
پاهان پاڻ پرا، سمي جي سهاڳ ڪيا.

(12)

جي ڪنونر پرن ڪمر، تن ناتو ناپي سان هيون،
ترن جا تنهن تار ۾ روان - يا ٿي رمر،
ترت تماچي جام پيئي، دَر تنين جي ڏمر،
جي هُنا گوشائت گمر، سي پَلوَ لڳي پڌرا ٿيا.

(13)

بهه ڏوڏا جن ڏاج، قوت جنين ڪُمر ڪوٽيون،
اُنهن جو احتياج، تو تماچي ڪيڏو ڪڍي.

(14)

تماچي ڪيڏو ڪڍي، انهن جو احتياج،
محبت ڪيو محتاج، نه ته ڪير تماچي گندري.

(15)

نه ڪنهن روءِ نه رنگَ، هئا بيهودا بچڙا،
اڄ پڻ انهن جي ٿيا، پيرن هيٺ پلنگ،
مياڻيون معافي ٿيون، نه ابواب نه انگ،
پَٽ اوڍين اڙٻنگ، سمي جي سهاڳ تي.

(16)

پوئڪيون ۾ پلا، تي مهاڻن ماريا،
لک هزارين حاڪمين، تي ڪاڏا تن ڪلا،
ڪُڙهيون جن ڪُلهن تي، ياڳ تيا تن يلا،
دمڙي تن نه دست ۾، هئا نڙا نڪر تلا،
ميين گهر اڄ مال جا، تيڙا تم تلا،
ڪينجهر گهمن لاڏڪيون، ڪيون رس رلا،
ڪا جا اڪڙين ۾ هوئي، مي قيمت ڪلا،
اڳلا ۽ سڳلا، سمي نانءَ سڄاڻيا.

(17)

حريران ۾ هُلا، ڏنا چام چارن وارئين،
جي هيون اڏبندن ۾، تن چوتيون چوڪلا،
ڪينجهر سندي جاءِ تي، بنايا بنگلا،
اڳلا ۽ سڳلا، سمي نانءَ سُڃاڻيا.

(18)

ڪينجهر سندي ڪنڌئين، رهن پريون جي پيور،
تن ميئن متي آيا، سالو ۾ سالور،
چڙهيو سا چوڏول ۾، تي حڪم هلائي حور،
راتيان ڏينهان راءِ جا، تيا ملاحين مذڪور،
سي حاضر منجهه حضور، ويهن تماچي چام .ي.

(19)

لانگوتيون لاشيُون، وَهَه وَهل جي وچ ۾،
پلئي لڳي چام جي، تِيُون خوراڪين خاشيُون،
لعلن ياقوتن جِيُون، وتن ڪينَهنِ ڪه اشيُون،
تا يي تماچيءَ جِيُون، وتن طرحين تلاشيُون،
جن پاسا هريل پن تي، تن فرشين فراشيون،
روءِ هيُون راشُون، پر سمي چام سهائيون.

(20)

هُئا خام خسيس، ڪينجهر سندي ڪنڌئينءِ،
مُورائو مڇيءَ جا، هُئا ڪُلُ حريص،
تڏيون تئنوريون تن کي، پاتاريون سڀ پيس،
جڏهن تماچيءَ ڄام تي، ميئن سان مجليس،
پاسي هيٺ اچي پيا، اُنهن جي اطليس،
سون رُپي سَرِسا ٿيا، هيڪر لٿن هِيس،
واتين اُنهن سان ڪري، هر هر ڄام حديث،
مهر ائون محبت جي، ڏيئي اُنهن آسيس،
ڪيرُ ڪندو تن ريس، سمي جي سُهائيون.

(21)

واتين وَهَه وَهلَ، بانس آئي ٿي بڇڙي،
تن ويهاري وٽ ۾، ڪيا شاهه شُغل،
نُوريءَ ناٿ نوايو، آئي منجهه اتڪل،
اُهي چڙهيا پالڪين، آهي سڀ سهل،
جهبيزن جي جهوپين، ماڙيون ٿيا محل،
سمو ڄام انگل، اچيو اُنهن سان ڪري.

(22)

ڇڇيءَ جي هُئي ڇتَ، تي آئي عام خلق کي،
وِهه ويائي وهه ۾، مي ميائي نه مٽ،
نُوري ڄام تماچ سان، ڪِلي چڙهي ڪَٽ،
سِر لاڄو سرپٽ، ملاحن مشرو ڊڪيا.

(23)

ڦٽيون ڦاتوريون، هُين گنديون گودڙيون،
تن پريون بافتن جيون، جُنگ ڏيئي جوڙيون،
اچلي اُنهن ڏي سمو، سون رپوروڙيون،
پانورَ پاسي مي جي، ڦناتُون ڪوڙيون،
گهوڙا ۽ گهوڙيون، گندريءَ کي تو گهوٽ ڏيئي.

داستان ٿيون

(1)

تُون سمو سرتاج، آءُ مي مهاٽي آهيان،
لاٿئي پنهنجي لطف سان، اسان ڪان احتياجُ،
ڪينجهر سارو تو ڪيو، مي سندو مُحتاجُ،
تُنهنجو مُون ڏنهن راجُ، مُون ڪيهي ڏکاڻ ڪڙم جي.

(2)

تون سمو آءُ گندري، تون ڄامن سندو ڄامُ،
ڄامُ سما تو سامُ، نڌر نوري آهي پيئي.

(3)

تون تماچي ڄامُ، آءُ مِي مُهاٽي آهيان،
ڏنو تو آرامُ، ڪينجهرَ ۾ِنهي ڪنڍيين.

(4)

پلئي مُون پاتوءِ، تُون راجا لڄ رهائين،
سما سُڄاتوءِ، ڪامل پنهنجي قرب ڪي.

(5)

مُهاٽيءَ جا ماٽا، سمي سهڻ آيا،
نيلُنِ جا ناٽا، نُوريءَ نڌر تو رکي.

(6)

نُوريءَ ڪيو نازُ، ريجهائي اڄ راءَ کي،
نِتُ نِتُ ڄام نيازُ، اچي انهيءَ جو ڪري.

(7)

تنبُوءَ جا طَنابَ، اڄ ڪُتا ڪينجهر ڪنڌيين،
ناد وڄن ٿا ناطِقا، ٻيا پيي رَودَ رباب،
جتي ڪکيءَ کوڙ هئا، قيما تت ڪبابَ،
وتن مُهاٽا مستُ ٿيا، ماڇي ٻي مُهابَ،
تن تان سيي حسابَ، تماچيءَ تم ڪيا.

(8)

مِڙي مجلس مِير ۾، ماڇي ڪن ماٺا،
مَڪڻُ ماڪينِ جا، چِتنِ تا چاٺا،
ڪِڪِيءَ جا ڪاٺا، دمپختن دُمبا ڪيا.

(9)

اڳُ نه سٺيا ڪڌهين، ماڇي ٿيا ميرَ،
مڪُڙيُون ڪِيون تن جِيُون، تماڇيءَ تعمير،
جهُونگا سي جهير، ماڇين مان ملاح ٿيا.

(10)

مِلي مُهاڻا ميرَ سان، ٿِيڙا ميربحر،
ڪاريُون ڪن قهر، لاءِ سندي رعيت سان.

(11)

ڏٿ جنين ڏوڏا، پهرڻ پاٻوڙا تنين،
پيتا وچن تن جا، گپ اندر گوڏا،
سي پٽن جي پينگهين، تن لال ڏيئي لوڏا،
اُهي آٽيو اوڏا، تو ويرُ وهاري وٽ ۾.

(12)

لاڏڪيُون لُڏن، ڪينجهر سندي ڪنڌيين،
ڪاريُون ٿيون ڪُڏن، سمي جي سُهاڳ تي.

(13)

هُنا وڏا جن تي ويل، تي قُوتُ مِلين ڪين ڪي،
خاصين سي خوراڪن تي، تان ڪن مُهاڻيون ميل،
مڙي جُهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلابين سيل،
پوءِ لاٿا جام لطف سان، زبونن ٿئون ذيل،
تن سي تيل قُليل، اڄ عطرُ گاڏڻ اوتيا.

(14)

چولِيون جَن چِڪَ هيون، اَڄ تيون لاڪين لائُو،
جُتيون جڙائُو، پايون وَتن پيرن ۾.

(15)

ڏڪين ڪي ڏولين، جام تماچيءَ چاڙهيو،
نِيلَمَ نوريءَ ڪي وجهي، تو جواهر جهولين،
زَري قلابات جا، تنهن چڪم تي چولين،
چٽڪائي چولين، هيرا لکان لڪين.

(16)

پيرين اُگهاڙيون جي گهميون، تن لڳيون سو سُتيون،
ساڻُ جَڙاءَ جتيون، تي ڏنيُون تماچيءَ تن کي.

(17)

ڪوجهيُون رَنگَ ڪارِيُون، مُنهن نَہ موچارَيُون،
سي ڪڍيو ڪالورن جُيون، سر ڪٽن ڪاريون،
ڪيئي ڪٽي ڪکيرين، آقا تو آرِيُون،
ڏِڪَنِ سالو سِر تي، ڪُلهين ڪيناريُون،
زورُ چڙي زاريون، تو تماچِي تَنِ ڪري.

(18)

بيهُودا بي آبُ، هُئا ڪِينجهرَ مَتي ڪنڌيئين،
پلئي لَڳي جامَ جي، تيڙنِ جوڙَ جوابُ،
بيا سَبُ حرفَ حسابُ، ملاحَنِ مَعافُ تيا.

(19)

ڪَئونرَ جَنِ ڪُڙهَيون، هُيون هَميشه هَٿَ ۾،
سي لوڙهن جي لڙه لَئي، تي لڙئي منجهہ لُڙهيون،
ڪارَنِ ڪُلالَنِ ڪي، ڪَونتلَن ڪُڙهيُون،
سي وتن چيڪ چڙيون، ڪي تازي طنبيلن ۾.

(20)

تي پڻ هوءِ هپيون، پورهيو ڪندي پن ۾،
ليڙ جن لڱن تي، پانهين ڪنين پُتيون،
پلئي لڳي چام جي، ڇيهين ڪان ڇٽيون،
تن لانگو تين لُتيون، تي مهرون لعلون لاڏ سين.

(21)

هٺا لانگوٽيا لول، ڪوجها ڪهين نه ڪم جا،
تڏي مڏي ڪانه تن، ڪن جهروڪين جهول،
غلم غابَ غاليچا، ڏي تنين ڪي طول،
مڏيون مال ڏسي اُهي، غمزا هٽڻ غولَ،
قَدُر تَنِ ڪي ڪهڙو، جي آهن اولُجلولَ،
پيا اِهڙي منجهہِ اَلولَ، تَنِ چارِيون چارَ وِساريا.

(22)

هُيون لَسَ لانگوٽيون، پاٽيءَ پوندي جَن جُون،
تن مياٽيون معافي تيون، چر سپا چوٽيون،
ميون ريجهائي راءَ ڪي، ماڻن سان موتِيُون،
تن جيون ڪٺي ڪيتريُون، چامُ سَموُ توتيُون،
ڪرَيُون ءِ ڪوتِيُون، تَہ بہ آخر ننگُ تماچ جو.

داستان چوٿون

(1)

مُهاٽيءَ مَرڪُ، ّجان تماچي طريلُ تيو،
متي مي ڳلاب جو، تو اوتي عطر عرق،
ڪيائين ڪو نہ فَرقُ، پاٽو ڳڏيائين ڳاندرين.

(2)

جَنِ مان ٻُچڙي بانسَ، آئي تي عامَ ڪيِ،
تَنِ سان سَمي چامَ جا، ايڏا تيا اخلاص،
تي عامَ نہ ڏٺو جن ڏي، سي تيا خاصَن خاصَ،
عطر عنبير مُشڪَ جا، وڳيــن تيـن واسَ،
لڪيــن ڪَنِ لِباسَ، زرِيءَ ۽ زَرِبافَ جا.

(3)

ڪَڍيو ڪلهورا، تي آندا آڏوٻنڌَ ۾،
جن پيريــن لِتر ڪوڻہ هو، سي ڪن جڙائو جوڙا،
تَنِ مُهرانَ سونَ سَمُو ڏيئي، روپيا ٻيا روڙا،
ڏيهہ ۾ ڏوڙا، تيا سَمي جي سهاڳ سيــن.

(4)

تي لانگوتيــن لوڙَ، پي ويويا ساريءَ ڏَنڌَ ۾،
ناپيِ ۽ ڏُٿَ ڏَپَ جا، آٿيو ڪَنِ آروڙَ،
تِتي مُشڪَ عَطر تِيا، هتا، جِتِ ڪکيءَ جا ڪوڙَ،
سي ڪَنِ ڪِنارِيــن ڪَپڙا، ٻيا جواهرَ جوڙ،
مَتــي ٻڌي موڙَ، گهڙِيو تَماچي تَنَ ۾.

(5)

مَڪَ بَرابَر نہ ڏيان، توڙي پَرِيــن موتيــن ماڻِ،
جو مُون ڪَمِيٽيءَ ڪاڻِ، چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو.

(6)

چامَ ڪَنيو چارو، مُرڪي ملاحَن جو،
تيلهان مَڪَ مَتِي موتيــنِ جي، ڏيانَ ٽيٽو ترارو،
ڪُلُ ڪِيــنجهرَ ڪِنارو، مهاڻنِ مَعافي ٿِيو.

(7)

موتيءَ مَتي مَڪَ جي، وَنان نہ ٻيٺا،
پيِ برابر نہ ڪريان، ڏڪنديــن ڏيٺا،
اَسيــن تا هِيٺا، پَرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪنيو.

(8)

مَڪَ موتينِ تي نہ ڏيان، توڙي هُئنِ ياتون يات،
ڪوجهي مان ڪمِ ذاتِ، پرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو.

(9)

مَڪَ موتينِ تي نہ ڏيان، ويهي مَنجهہ مَحلات،
سَندُمِ ڪِني ذاتِ، پرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو.

(10)

هُئا ٽولاڪين ٽوٽَ، پرَ نادَرَ چامَ نَوازيا،
ناپا لوڙهَ ڪَلورَ تي، ڦَڪيائون ڦوٽَ،
سي اَڄُ ڪِيا وَتَنِ خُمارَ ۾، اَٺَئي پَهَرَ اَلوٽَ،
ڪينجهرَ ٻنهي ڪَنڌيين، ٽيا لانگوٽيا لَڪَ لُوٽَ،
ٻَنوريون ٽيون پِينگهين، ڪَنِ جَهبِريون جهوٽَ،
هڪُ ڪَئونرَ ڪُلهين سيلَ ڪِنِ، پيا مُنهن لائنِ مُنهن سوٽَ،
چڇيءَ هاٿُنِ چُوٽَ، ڪِيون مردَ مِياڻيون.

(11)

جَنِ تي ڦَڪيا ڦٽَ، ٽِيا ڪُلين قيمَنِ هيروان،
اَڄُ تَنِ دُشالَا سرَ تي، پيون شالون پٽَنِ پٽَ،
زمردَ ۽ ياقُوتَ جِي، تِي لَعلُنِ هيرَنِ لَٽَ،
سَمي سَبِ مَعافِي ڪَئي، ساٽِنِ تان سَٽَ ڪَٽَ،
لَتا ذيلُ اُنهنِ تان، ڪُلي ٽِيَنِ چَٽَ چُٽَ،
عَيبَ ڏَسي عامَنِ جا، ڪيائين ڪانہ اُپَٽَ،
اُنهَنِ چامَ اَڪَٽَ، ماڻڪَ موتِي تو ڏِيئي.

(12)

هيتِ مَٽي پوتِي، هُئي ماڳِهين مُهاڻَنِ کي،
پاٽيءَ پوندِي تَنِ هُئي، چِڪَ جيهِي چوتِي،
اَڄُ گاندرِ سِرِ گُلابَ جِي، عطرَ عَنبرَ اوتِي،
مُنهن لَڳِسِ موتِي، سمي جي سُهاڳَ ۾.

(13)

تـو چارو چامُ ڪَٽي، مَرَڪيو مَلاَحَنِ جو،
زَرِي آڻن زَربادلي، تـِي چِڳِيرِ چِٽي،
سهجَون سونُ رُپا ڏِيئي، ماڻڪَ مي مَٽي،
خيما خُوبُ قَناتَان، هيجَئـون تت هَٽي،
ڳاناتي نہ ڳٽي، ڏي جالَ جواهَرَ تَنِ کـي.

(14)

تَماچِي طُرَا، تـو سَڏيُون ڀَڏائـي تَنِ کـي،
سي شوقُون وَتَنِ شِڪارَ تي، ڪَنيو زورُ زُرا،
ڪُڏائَنِ ڪُرَا، سي ڀنهِي ڪِـنجُهر ڪَنڌِيـن.

(15)

راتيان ڏيـنهان ڏِپَ، هو مَرڪُ مَلاحَنِ جو،
تـي ڀوڙيُون وَهَ وَهلَ ۾، ڪنـي جَهيرَنِ جُهپ،
هو روزُ جَنيـن جو رِپَ، سي ڪُليـن حَلوَنِ هيرِوان.

(16)

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نہ هو ڳيرَب ڳاءِ،
نيڻَنِ سان نازُ ڪري، رِيجهايائيـن راءِ،
سمُو سيني ڪانءِ، وَني ويـني پـاڻَ سان.

(17)

ويـنِي بازَرِ وِچَ ۾، هَٿَ ڪـکـي هاڻُسِ،
دَرَنِ ڪاڻِ دُٻنِ ۾، پَنَ وِڏا پاڻُسِ،
هُنئي مهاڻي ماڻس، هِن سال ڪَرمُ ڪَريمَ ڪيو.

(18)

ڪـکـيءَ ماڻَس ڪـاريُون، ڇِڇِيءَ پِڻَس ڇَچَ،
پـانڌُ جهيـن جو پـانڌَ سان، لَڳو تـيئـي لَچَ،
سَمُو چامُ سَهچَ، اُيو ڪَر اُنهَنِ سان ڪري.

(19)

ٻيون ٻيي چارِ چُري هليُون، ٻُڌي دعويٰ دانايُون،
هَلي ته ڪـڪـي لَوڙَ سان، ڳُجھ ڪي ڳالهايُون،
مَضمُون چاهي مَلاحَ جو، جَنهنَ سان راءِ ڪٽي رايُون،
نورِيءَ اڳيان نازَ مان، جَڏهن چِٽ اکيُون چايُون،
تڏهن سَمُجِهي سايُون، ٻولِيـنديُون ٻاتيُون وِيُون.

(20)

لَتـو لانگوتِيَنِ جي، پـَـڪـي چامُ چُلمي،
مَنَهيـن مَنَهيـن ٻِيون مسنَدَان، جهڳياپاس جُهلي،
ماڻڪ ۽ موتيـن، چوليي چول چلمي،
ڪِيـنجُهرَ سَـبُ ڪُلي، جَڻُ اصلي ڪان اهڙو هُيو.

سُر ڪنيات

سرمارئي

داستان پهريون

(1)

اَجا ڪالهُون ڪالَ، هُيَسِ مارُنِ گڏ مَلير ۾،
سي ڏِينهن وِيڙا گُذري، جُڻُ منجهه خوابَ خِيال،
پَريِنءَ ڪَنڌي پَکڙا، جوڙي وِينا جالَ،
جَنِ جي ساهَ سنيالَ، سي اَڄُ پَهنوارَ پَري ٿِيا.

(2)

هِيءُ وَسَ ڇَڏيائون، هُنَ وَسَ وِيا واهڻِين،
پکا پانوَرَ ڪنڌِيين، آڻي اَڏيائون،
پَٽي اورِيان پَکڙا، هُنَ پرِ هَنيائون،
پانوَرَ سَنديُون ڪَنڌِيُن، وَجي واسِيائون،
ڇَڏي مُلڪُ مَليرَ جو، وِيا تريچا تائُون،
وُڪَندَ جَنِ آئون، سي اَڄُ پَهنوارَ پَري ٿِيا.

(3)

ٿيا پهنوارَ پَري، آءُ ڪنهنِ کي ڏوراپا ڏِيان،
اُنهنِ باجهون مارئِي، ٿِي ميان هٿ مَري،
نيئي قَبرَ ڪَري، ڪو اوڏو اَباڻَنِ ڪي.

(4)

سارِيَمِ اَڄُ سَنگهارُ، جنِ ڏِني مُون ڏِينهنَ ٿيا،
لَنگهي لَڪَ پيهي وِيا، پانورَ منجهه پهنوارَ،
هَٽي وينا پڪڙا، سُڪ تي اَجَڙِڌارَ،
جنِ جي ساهَ سنيارَ، سي اَڄ پَهنوارَ پَري ٿيا.

(5)

پَهنوارَنِ پَيغامَ، جيڪَرَ مڪا تڏهين،
مُون ڪانَ اَڄُ پَري ٿيا، ويڙهيچا وريامَ،
تيلهان آيَمِ ڪين ڪي، سنگهارَنَ سَلامَ،
هُنا مَلير مُدامَ، پَرَ سانَگِيَن اچي سانگُ پيو.

(6)

تڏهن مُڪائون، مون ڏي خاصا خابُرو،
لَهَڻَ سُڌَ سَنگهارِ جي، نا پانڌي پَٺيائُون،
شايدَ پَري پهنوارَ ويا، جو سُڌَ نہ لَڌائون،
پڪا پانورَ ڪَنڌيين هَيجنُون هَنيائون،
ڇَڏي مُلڪُ مَليرَ وِيا، هُنَ تَرَ تيلهيائون،
ايئن اُتيائون، تہ هُت ڏَرُ ڏريجو ناهہ ڪو.

(7)

ڪڏهن ڏيهہ ڏِنامِ، تي ساعَتَ ساعَتَ سُومرا،
مارُن ڪالَهہ مَليرَ ۾، پَرَ پَري اَڄُ پيامِ،
آهي ڪونہ اُنهنِ رِيءَ، اَڪڙينِ ڪِي آرامِ،
سَدا وَتان سِڪندي، سانيَڻُ سُور ٿيامَ،
سي پَڻِ ڪين وِيامِ، تَي جَنِ سان ڳَڙهيَم ڳالهَڙيُون.

(8)

جي پيڪَنِ پوءِ پيامِ، سي تا ڏڪيا ڏينهَڙا،
هيئن نہ پائِڻ ڪا هُيَمِ، تاڪِي هيئن ڪَندامِ،
وڃي تَرِ ٿيامِ، سُڌِ لَهندَڙَ سي سُومرا.

(9)

جي هُوندَ اُتيئي، هُنا ماروئَڙا مَلير ۾،
سُڌ لَڌائون سِگهڙي، حال ٻُڌي هيئي،
پَرَ تَرِ چَڙهي ويئي، جيڪُسِ وَسيڻ ويڙيچَن جي.

(10)

پري ڏينهن پيان، جيڪُس سانگيئڻ سانگُ پيو،
پڪا پانورَ ڪَنديين، تَرئون ڏورِ تيان،
هُوندَ ڏوراپا ڏِيانِ، پَرَ پَهُنوارَ پري تيا.

(11)

پَري تِيَم پهنوارَ، جَن وري وَرڻُ نه تيو،
ڏيان ڏوراپا ڪنِ ڪي، تِيا سَهجَ ڪاڻِ سَنگهارَ،
عُمر اُبائون آهه مون، جو دَم تَهنئون ڏارَ،
اُهي اَجَڙوارَ، مانَ مِلائي مُون ڏَٽي.

(12)

پرين تر پهنوارَ، جيڪُس وڏو وِڇُڻُ ڪري ويا،
ڪڏهن ايندَم اوڏڙا، سُومل سي سگنهارَ،
رِڻ چڏي ريدارَ، مَن ڪَرَن مُنهن ملير ڏي.

(13)

اتم سارَ سندُن، پَر اَڄ پهنوارَ پري تيا،
مشڪل مونَڻُ تَن جو، هي جي لَڪ لنگهَنِ،
وري هيج وَرَن، جي سانگيئڻ ڪوسانگ پيو.

(14)

پانورَ پاس پيا، وڏا اڏوتيين ڏيهَڙا،
تانهَر وجي تر ۾، تريچا تيا،
لَنگهي مُلڪ ملير جو، ويڙهيچا ويا،
قادر، شال ڪيا، مونکي ويجها واهٽين.

داستان ٻيو

(1)

هي لويُون ڏَکي لوءِ، ڪڏهن ايِندا ها اجِڙي،
اَڄ پڪا هَٽي پانوَرين، عُمر ويئا اوءِ،
تَن پهنوارَن پوءِ، موتي اچڻُ نه ٿِيو.

(2)

جو هو ڏاڏاڻو ڏيهه، مُونهان مُور نه وِسري،
ڏاتَر لڳ ڏيڪارِ سو، سُومرا ساٽيهه،
رِيءَ پهنوارَن پرڏيهه، ماڳُ مڙوئي ياڻيان:

(3)

ڏيهَ ڏاڏاڻي، شَلَ سِکهي وَڃان سومرا،
مُونکي ماروئڙَن ۾، ڇڏ عُمر اُماڻي،
ڏينهن ڳڏري ڏکَ ۾، تو چاٽيندڙ چاٽي،
ڏکن سَنديُون ڳالهڙيون، اوريان اَباڻي،
ساجُهر سَنگهارَن کي، اَللهُ شَلَ آڻي،
هُنن رِيءَ هاڻي، گهڙي هِت نه گهاريان.

(4)

وَسَ نه وساريام، سُرها وَڻ ساٽيهه جا،
ٻيا هيڪَند ڏينهڙا، جي ڳڏجي گذاريامِ،
ياد ڪيون سي ڪيترو، سانگي سَنياريامِ،
اوڏانهن اُڏاريام، ڪَلَ لَهڻَ لئي ڪانگڙا.

(5)

جُهڙي هُيَس مَلير ۾، هت ٿيان تَهڙي،
پَر ڳالهه ڪَريان ڪهڙي، جو قَابُو هُيَس ڪُوٽَ ۾.

(6)

جيڪُسِ سنگهارَن، اُهو ڏيهُ وَٽي ويو،
وَري هيج وَرَن، جي سانِگينِ کو سانگُ پِيو.

(7)

جيڪُس سَنگھارَنِ، وَرڻ نہ تيو،
عُمرَ اَباڻن، وَطَنُ سو وٺي ويو.

(8)

ڏيھہ اُتي جا ڪيءِ، اَڄُ اچي مُون ياد پيا،
پَھُون پَھنوارَن جيون، صُبحَ وِيلي سيءِ،
اُتيا اَچين آب لئي، متي آنھہ اُھيءِ،
جَرَجا جهانگي جيءِ، تَن سانگين ڪو سَانگُ پيو.

(9)

آرِيُون اَباڻن رِيءِ، پيو ڪَٽندو ڪيرُ،
ھِي جي ڳھہ ڳچيءِ جا، ظالم پانيان زيرُ،
سَنگھارَنِ سوير، مِلان شالَ مَلير ۾.

(10)

ھُت ھُيسِ ڪيرَ مَلير ۾، ھت تي آيَسِ ڪيرَ،
جيڪُسِ پيڙمِ پير، فَقَطَ لڳ فِراق جي.

(11)

عُمر اَباڻَنِ ۾، لَڏَمر لائُون لوئڙيين،
ڪُھہ موتي مالھڙيين، ھارَ گھوريان ھن حالَ تنون.

(12)

اَڄ نہ حوضين ھوءِ، مارُو ڪِينَ مليرَ ۾،
اِيندا ھُتا آجڙيِ، ڪليُون ڪنيو ڪُوءِ،
جيڪُس اُھي پَرَ جُوءِ، وِيا ويچارا واھٽين.

(13)

تي ڳڏ ڪَيُمِ گذرانُ، جَنين جھانگيئڙن سان،
ڪاتي اڄ اُھي تِيا، سُومَرا سُڄاڻَ،
ڪاتي پِيس آءِ اچي، آھہ اِھو اَرمان،
حيرت ۾ حيرانُ، عُمَرَ اِتي آھيان.

(14)

عمر اباڻي پار جي، فاني ڪيس فراق،
ريجاڻن رهاڪ، تن تر وڃني ٽاڪا ڪيا.

(15)

ويڇڙائيءَ لئي وڇڙلان، سنڌيءِ اباڻن،
اهي هميشه هئن، جي سُڌ لهن سبب حال جي.

(16)

مورن چاليو سالن جون، موتي تون نه پڇيو،
حال هِن جيون خيون، پيون هوندن ڪين،
پڪا پانور ڪتيين، توڙي هتيا تن،
ڦيان ڦورايا ڪين، جو سنگهار تي ساڻيه تيلا.

(17)

جي هوند اتهيءَ جاءِ، هئن اباڻا اوڏڙا،
ته جيڪس وس وڏا ڪرين، منهنجي ملڻ لاءِ،
اُتن عتابُ ته آءِ، جو ڏوريءَ تر چڙهي ويا.

(18)

جي اوڏا هوند هيام، ماروئڙا ملير ۾،
ته پڻ پيغام فراق جا، مارُن ڏانهن مُڪام،
پر پرين تر تيام، ناه عتابُ اُنهن تي.

(19)

چا هون چڏيائون، نه چاڻان ملڪ ملير جو،
پڪا پانور ڪنڏيين، نيئي عمر اڏيائون،
ائئي پهر اباڻڪي، اُنهن ريءَ آئون،
ڪو موتي ڪائون، من ماڻهو مُلڪ ملير جو.

(20)

ڪاتي آءُ هياس، ڪاتي آيس سومرا،
هُتان هلي هت، پُورن منجهہ پياس،
ميهٽي هاب ڪياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي.

داستان ٿيون

(1)

شال نہ رهن ڏور، هُٿن اباڻا اوڏڙا،
ميان تن ريءَ مور، مون هت جالڻ نہ ٿيي.

(2)

شال نہ وسارين، هٿان ياد اُنهن دي،
عُمرَ، اباڻن جيون، ڳالهيون تيون ڳارين،
ساهُ رڳون سارين، من پهچان پهنوارن کي.

(3)

ڏوٿي ڏورئون ڏور، عُمر اڄ مونکي ٿيا،
سُمهڻ جاڳڻ سور، مون گذارڻ آيو.

(4)

جڏهن آءُ جاياس، ڪَنهن وَٽي وِهُ جي نہ ڏني،
جڏهن سامانياس، تڏهن آيس اوراتن ۾.

(5)

هي سامائجڻ گهوريو، جنهن بت ڪيو پير ڪون،
وجي شل ويڙهيون، ڏسان ڏوٿيٽڙن جيون.

(6)

ڏني ڏوٿيٽڙن کي، ڏاڏا ڏينهن ٿيا،
جالڻ جدائيءَ ۾، جيڪي پلڪَ پيا،
سي وٺواند ويا، سارا سنگهارن ريءَ.

(7)

هُت تا لوءِ لُڇن، سُٺي ڳالهيون سومرا،
پيهي ڪينئن نہ پُڇنِ، جي هُئَن اباڻا اوڏڙا.

(8)

پاڙو پاڙي ساڻُ“ شالَ هُئان اباڻن جي،
پڪي تن جي پاڻ، آءُ تان سُڪيو پانيان.

(9)

عُمَر رَبُ رکي، شل پردي ساڻ پناهہ ۾،
مئان منجهہ پپڪي، عُمر اباڻن جي.

(10)

پردي منجهہ پناهہ، مون کي رب رکيج،
اڪندُ هن ارواح، آهي اباڻن جي.

(11)

پَلَڪَ نہ پاسي، شَل عُمر اباڻن ڪان،
ڳڏُ ڳڏين ها سي، سڏي سرتين سومرا.

(12)

وڃن تا مَ پري، شل اباڻن اوڏي هُئان،
سُڌ لهنم سگهڙي، ذري منجهہ ذري،
اڪيون آبُ پري، ويجهائيءَ لئي وِجهلان.

(13)

بيوسي آهيان، هن ماڙن ۾ مارو،
وساري ويهي رهيا، چڻ منجهائنن ناهيان،
لالچ نہ لاهيان، پسڻ پَهَنوارن جي.

(14)

مُوتي شال اچن، ماروئڙا ملير ۾،
اچڻ سندي تَن جي، ڪر پوي مون ڪن،
تہ سيبئي سک تين، گوندر وڃن گُذري.

(15)

ڪائي پلڪ پري، عُمر اباڻون نہ تيان،
ذري منجھہ ذري، هُئا پچندڙ حال جا.

(16)

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ مُنجان مارئين،
وساري ويهي رهيو، حالُ ٻُڌي هيئي،
مڙي اچو مون گهرين، جهانگيئڙا جيئي،
جي آهيو اتيئي، تا لهو سُڌ سنگهار جي.

(17)

موتي ماروئڙن، سُڌ نہ لڌي ساھہ جي،
دل تان لاهي چو ڇڏيو، اديون اباڻن،
ڪنهن ڳڻ سنگهارن، جيڪُس ويس وسري.

(18)

ڏسي ڪيت ڪٽي، ويا ماروئڙا ملير مان،
پڪا پانور ڪنڏيين، وينا حال هٽي،
اڳي پهنوارن پاڻ ۾، تي اها ڳالھہ ڳٽي،
رَتي رهڻ ناھہ هت، ڇاٽي هڪ ڏٽي،
جا عادت ظلم زور جي، وئي همير وٽي،
رعيت جي رنجائڻ جي، تيس ڳهر گهٽي،
برسر هيءَ بٽي، سنگهارن تي سومرا.

(19)

الله اوري آڻ، ماروئڙا ملير جا،
يا مون کي ڪڍي ڪوٽ مئون، نيئي ملڪ رساڻ،
پچندي وڃي پاڻ، پِهان پهنوارن جي.

(20)

آڻ الله اوري، ماروئـڙا ملير جا،
مون ڪي آندو اوڇتي، هت ظلم جي زوري،
آءُ تنهن گهڙيءَ تان گهوري، جيئن هيڪاندي هڪ ٿيان.

داستان چوٿون

(1)

ڪيڏانهن آءٌ رهياس، ڪيڏانهن اباڻا،
هاڻي نہ چاڻا، تہ ڪا موٽي ملنديس مارئيـن.

(2)

اچا نہ آيا، سنگهارا ساٿيهہ جا،
ڏيهہ جهجها لايا، وڃي پانور ڪنڌييـن.

(3)

جيڪس نہ آيا، سنگهارا ساٿيهہ تي،
نہ تہ ڪهيتن خابرو، تڏهڙئيـن هلايا،
تـن ڏينهن وڏا لايا، وڃي پانور ڪنڌييـن.

(4)

ڪي ڏينهن هيس قرار، مارن گڏ ملير ۾،
درد نہ هو ڪو دل ڪي، هيس مِٽن ۾ مختيار،
ريءَ اباڻن آر، هاڻي ڪنديس ڪن سان.

(5)

جهانگيئڙن لئي جيءُ، عمر آهہ اُباڻڪو،
نيئي ملائـج مارئيـن، حال تہ مئي جو هيءُ،
سانگيئڙن ۾ سيءُ، آه اچا توڻي تنهنجو.

(6)

ويجها جڏهن هُيام، مارُوئڙا آ ملير ۾،
ڳجهي ڳالهه تڏهن، تن ڪنين ڪين وڌام،
هاڻي ڪيئن ڪندام، ٽريچا ٽر رهيا.

(7)

ٽيا پهنوار پري، ڏيان ڏوراپا ڪنهن کي،
وهندو شال وصال جو، ڪو پُڻ واءُ وري،
نيئي گڏ ڪري، مون کي مارُوئڙن سان.

(8)

مان اُنهن کي سارِيان، هو پڻ سارين مون،
جي راضي ٿئين تون، تہ ملان مارُوئڙن سان.

(9)

مان هت اباڻن سارِيان، هُت اباڻا سارين،
واڻان نهارين، منهنجي اچڻ سنديون.

(10)

هيم جن سان حال، سي اڄ سنگهاري سجڪاڻ ٿيا،
عُمر، اُنهيءَ پار جي، اتم سارسنيال،
جو صبح اُٿي ساجهري، مارو چوڙن مال،
پيس پري پهنوارن ڪان، هي جي ٿيم حال،
آهي انهيءَ ڪوٽ ۾، جيئڻ منجهہ جنجال،
سگهڙي وڃي شال، پيهان پڪي پهنوارن جي.

(11)

جن گڏ گذاريوم، سي چماندر سومرا،
اچي پري پيس اُنهن ڪنون، مونجهہ انهيءَ ماريوم،
سارِيو سنگهارن جي، ڳالهين هت ڳاريوم،
هو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنياريو،
ڏيہ ڏاڏاڻو ڪڏهين، وار نہ وساريوم،
نِت نِتُ نهاريوم، پهنوارن جي پار ڏي.

(12)

قرابتي ڪاتي ٿيا، آءٌ ڪٿي آئي،
قسمت قيد ڪٿي ڪيو، آءٌ ڪٿي جائي،
آهي منهنجي روح کي، ريءَ مارن موڪائي،
ائي پهر اُنهن جي، وات اٿم وائي،
گهٽي مُدت مونجهه ۾، مون پڻ لنگهائي،
من سگهڙي سنگهارُن جي، ڪل پوي ڪائي،
ته ڪي آهن آرامي اُتهين، جهانگيئڙا جائي،
ڪي ويا ملڪ ملير مان، ڪري آجائي،
وڃي پانور ڪنڌيين، ويٺا وِهٽائي،
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏٿ ڏئونرا ڪائي،
ڪر سومرا سائي، جيئن ٿين آسودا آجڙي.

(13)

ٿيان آسودي آجڙي، جيڏين سان جائي،
تازي تواني تُرت ٿيان، ڏُٿ ڏؤنرا ڪائي،
عُمر آجائي، سگهي ڪجان سومرا.

(14)

پري نه ٿين شال، هُئن اوڏائي آجڙي،
اُتي وينئي تن جا، اٿم خواب خيال،
سدا سانگيئڙن جي، اٿم ساهه سنيال،
هِت مُون ههڙا حال، هُت عتاب اُنهن جا.

(15)

عُمر مُون ڏي آيا، اباڻئون عتاب،
ڪين محلين مارئي، ٿي قورما ڪباب،
هت مُون اکيون پنهنجيون، روئي جهليُون آب،
جهوريس هن جواب، عُمر اباڻن جي.

(16)

نيڻن کو نياپو، مُنهنجو ماروئڙن ڏي،
مون ڏي اوهان موڪليو، ڏيئي ڏوراپو،
لوئي لاهي سِر ڪئي، سُون رپئي ڇاپو،
مون ڪان وسري ڪين ويو، آهي پَر جَهڙ اُهو جهاپو،
ايندِيس سگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو،
مولي ميلاپو، ڪندو سگهڙو سنگهارن سان.

(17)

پهنورن پيغام، اچ ڏيئي مُڪا مون مَٽين،
ڪڏهن آيا ڪين ڪي، تو ڏنهُن هي سلام،
ڪائين اِتي ڪير ٿي، طرحين طرحين طعام،
پيرُون چُوندي پٽ جا، تي ڪڏهن لاڙيو لام،
ڏسي عيش آرام، سي ويلان ويڙئي وسري.

(18)

آءُ پڻ ڇا چوان، موٽي ماروئڙن ڏي،
هَئي هَئي هن حال جي، ناهي ڪَلَ اوهان،
هت اُنهن ريءَ سومرا، نتُ نتُ سُور نوان،
پکي شال پِهان، مان وڃي پهنوارن جي.

(19)

ڪٽي ساڻ ڪتي، جا آندم مُلڪ ملير ڪان،
سا اچ توئي تا سر تئون، لحظو ڪين لتي،
لوئي سندي لڄ ڪان، مان ڍڪيان پٽ نٽي،
هت سُورن آهه ستي، آئين تيُون ڏوراپا ڏيو.

(20)

ايڏاهين ايـنديس، مهل موچاري سُومرا،
لوئـي اُها لوءِ جي، ڇڱن نـه ڇڏيـندياس،
تهباران توڻي تـيئي، مُور نـه متيـندياس،
آخر اڇي ڏوتـيـن کـي، آڻي اڏيـندياس،
مَنهيُون مَنهنِ سان سگهي، آڻي اڏيـندياس،
ڳالهيُون ڳڙهيـندياس، سرتيُن سان ساڻيهہ ۾.

(21)

چئـي مُـڪائـون، هيئـن ڏاڏاڻي ڏيهہ ڏنهن،
جيڪُس اهي تو هُيون، مَنَ جيون مُدعائـون،
تا وڃي پـلنگيـن پـتـرڻيـن، ٿل چڙهان آئـون،
تو پـُڻ تيلهائـون، هاڻي ويا ويڙهيچا وسري.

(22)

چڱيءَ طرح چئـي، تـي مُنجان ماروئـڙن ڏي،
سُڪـيـن سانگيئـڙن ڪـان، پـري آءُ پـئـي،
قسمت قيدُالماءِ جي، مون سان هيئـن ڪئي،
وسري ڪيـن وئـي، سنگت سنگهارن جي.

(23)

ماروئـڙا ماندي، آءُ اوهان ريءَ آهيان،
سُڪـيا اوهيـن ساڻيهہ ۾، مان هت باندي،
قيل اوهان جي قال ڪـان، ويل نـه هڪ واندي،
هت قسمت قيدُالماءَ جي، هيءَ اڇانڪ آندي،
چڱي تـي چاندي، ايـنديس لوئـي وٺي لوءِ ڏي.

(24)

هِيءَ اُميد نہ هُئي، مونکي ماروئڙن ڏنهن،
ڪونہ مُڪائون مون مٽين، پچڻ ڪاڻ پهي،
ڏتم هڏهين ڏيهہ ۾، نڪو ڳوٺ ڳهي،
وائي وائيندي اها، سُٽيم اڄ صحيح،
اتا مينهن ملير ۾، ويڙا راڄ رهي،
ڇڏي پانورُ ڪنڌي، آيا هيٺ لهي،
جهجهو جهانگين کي ٿيو، ڏينهان ڏُٽُ ڏهي،
ڪڏي پين پاڻ ۾، وڏي مهل مهي،
ويندي‌س ڪوڏ ڪهي، پکي پهنوارن جي.

(25)

جهانگي جَهڙِ پياڪ، ناهن شربت هيروان،
ڳاڙهيون ڪاريُون لويُون، پهنوارن پوشاڪ،
لاهج لوئيڙن تان الله لڳ اولاڪ،
رکن هڏهن ڪانہ ڪا، عُمر ٻي املاڪ،
ڪارڻ پرور پاڪ، مونکي ميڙيين ماروئين.

(26)

الله اباڻن سان، مُون کي ڳڏ ڪرين،
جي ويا تر پرين، سي موٽي آڻ ملير ۾.

(27)

عُمر اباڻن ريءَ، آءُ تہ ڪوجهي آهيان،
هيءُ لوئي نہ لاهيان، جا آه نشاني اُن جي.

(28)

جا اباڻن ڏني، سا لوئي هڏ نہ لاهيان،
ڪنديس ڪين ڪني، وٺي ويندي‌س ويڙهہ ڏي.

(29)

عُمر ڏيھہ اباڻي، مُون چڱا ڏينهن گذاريا،
هت اچي هاڻي، پيو هِينئڙو هلاڪت ۾.

(30)

عُمر اباڻن، محل نہ ماڙيون مون ڏٺا،
لاسي ۽ لاڻن، هُيُون پپِھيُون پھنوارن جيون.

(31)

عمر اباڻُون وڇڙي، ڪنهن اعراضي آنديا س،
وڃي خوشيون ڪائيندياس، ڪا پيرُون پنهنجا.

داستان پنجون

(1)

مُنهنجي من ميان، ڳالھيُون ماروئڙن جيُون،
ڏٿُ ڏاڏاڻين ڏيھہ جو، ڪيتين گڏ ڪِيان،
ڪائي ساعت سُومرا، جهانگين ريءَ نہ جيان،
وڃي تر تيان، شل سنگت سنگھارن جي.

(2)

ساريم سي سنگھار، جنمُ لنگھايُم جن سان،
اُتي ويٺي گھمندي، تَنَ تنين جي تار،
نندِن ۾ نهاريان، پکڙا ۽ پھنوار،
سگھي لهندم سار، اچي آسروند جي.

(3)

اڄ ساريم سنگھاري، جنمُ لنگھايم جن سان،
هيءَ وڇوڙي تن جي، ميان هت ماري،
عمر سيا مون سانگين، تي گڏجي گذاري،
منهنجي پار پھنوار جي، آھہ تاڪون تياري،

هاڻي لکي مُنجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري،
ڏينهن هيترا ڏوتيو، ڪيئن اوهان وساري،
جيڪُس ڏرئون هٿي ڏاري، تيلهان ويڙو وسري.

(4)

اڄ سنگهاري ساريا، مون مينهن وسندي سومرا،
ڳوڙها ڳاٽاٽي بنا، هن هنجن مٿون هاريا،
ياد ڪريندي تن کي، بارڻ چڙھ باريا،
هِت سچل سنياريا، هُت سنيار سچل جي.

(5)

تي پُڻ وسايام، ڪڏهن مارئين مينهڙا،
سي ڏينهن ڏاڏاٽي ڏيهه جا، اڄ ياد عُمر پيام،
هت پهنوارن ريءَ پاڻ کي، ڪيها لقب لايام،
هن لحظي لنگهايام، شال اهي اوسر ڏينهڙا.

(6)

اهي اوسر ڏينهڙا، هت جالڻ آيم جال،
ڪتيرا خوش حال، هُت ميان هُئن ملير ۾.

(7)

ساريم اڄ سنگهار، مينهن وسندي سومرا،
جيڪي ڏينهنَ هئاسي گڏ ۾، دم نه تياسي ڏار،
ڪاتي اڄ اسين تيا، ڪاتي اجڙوار،
وڏو قسمت قيدالماءِ جي، پري ڪان پهنوار،
تيلهان مون اڄ آيو، روئڻ زاروزار،
پلپل هِت پچار، هُت به سانگيئڙن جي.

(8)

ڪڏهن سانگين ساڻُ، تي گڏ وسايم مينهڙا،
اڄ قسمت قيدالماءِ جي، پيو هيءُ پرياڻ،
هت ڪريان پرزا پاڻ، پر تي لوئيءَ جي لڄ مران.

(9)

مينهن وسندي سومرا، اڄ پڻ پور پيا،
پکا پهنوارن جا، سي مون ياد ڪيا،
ڏٺي گهٽا ڏينهڙا، مون تريچن ٿيا،
وسري تا نه ويا، ڪا ساعت منهنجي ساھ ڪئون.

(10)

مينهن وسندي مون ڏٺا، هي پکا پهنوارن،
ڳاڙهيون اڇيون لويون، ڪيا سهج سنگهارن،
اهي عام خلق ڪان، تا گوشي گذارن،
منهنجي اچڻ سنديون، تا واٽون نهارن،
سانگيئڙا ساٿيھ ۾، پيا نت نهارن سنيارن،
هي ڳالهيون ٿيون ڳارن، مونکي ماروئڙن جيون.

(11)

مينهن وسندي ياد مون، اڄ ماروئڙا آيا،
ڦيدالماءِ جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا،
موتي اچڻ جا ٿيام، ڏي سنگهارن سعيا،
اهي مولئ ملايا، جي پهنوار پري ٿيا.

(12)

مونکي رات رسيون، ڏيھ ڏاڏاٽئون خبران،
ته ساٿيھ سڀ سَرهو ٿيو، وچون واھ وسيون،
اچي ياد الله تو، ڦوڳ ڦُلار پسيون،
ساول ڪائي سبزيون، ٿيون سجيه سسيون،
ڳاڙهيون اڇيون ڪاريون، لاهن غم گسيون،
وُڙهيون ڪس ڪسيون، پڻ آهن تار تريون.

(13)

ميـنهن وسندي مون، ويڙيچن ويـندياس،
لوئي ساڳي لوءِ جي، نال وٺي نِيـندياس،
تـريچن تيـندياس، ڏک سُک پائي سومرا.

(14)

ڪنوٽيـن ڪيا ڪـيج، اڄ ڏاڏاٽي ڏيهہ ڏي،
ڪالهہ ڏٺا هيم اُپ ۾، اَٽڪَ ۽اتيج،
اُتا ميـنهن ملير ۾، رڻ تيا سارائي ريج،
چانگن سان چَڙي ڪري، ڪن چنـن ۾ چيچ،
آءُ پـڻ پنيءَ پيچ، ملنديس مارورئڙن کي.

(15)

ابر تـيا ۾ اُپ، لڳو واءُ اويار جو،
سچل چوي تـيا سومرا، چگا سانگيـن سُپ،
پـر چت اندر ۾ چُپ، اٿـن تـنهنجي زور ظلم جا.

داستان ڇهون

(1)

ريگستاني راڄ ڏنهن، قاصد آيم ڪونَ،
خيال نہ هيڏنهن هونَ، مارن مونکي مٺو ڪيو.

(2)

قاصد آيو ڪونہ ڪو، ڪونہ لکيائون خط،
جيڪس هيس ڪيـن کي، ريگستانـن رتُ،
پـهنوارن پـاهت، تيلهان مون سان نہ رڪيو.

(3)

ريگستاني راڄ جي، آءُ ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
ڪن پـچارون پـاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي،

ته ايندي مارئي ماروئين، پکين شل پيهي،
اُڪنڊ مون ميلاپ جي، آهه جهانگين کي جيهي،
منهنجي تن تيهي، آهه سڪ سنگهارن جي.

(4)

ڪونه وري آيو، ماڻهو مُلڪ ملير جو،
ڪِين جيون ڏيئي خبرون، ساٿي سوايو،
ڏوڙائي ڏوتين جي، مُٺيءَ کي مُنجهايو،
ميان، ماروئڙن جي هت طعنن تپايو،
ڪر سومرا سعيو، وران ويڙيچن ڏي.

(5)

قاصد اچ ڪوئي، من اچي ماروئڙن ڏنهن،
تا تنهن چوان حالڙو، سارو سيوئي،
ايڏنهن آندي آهه مون، لاڪيٽي لوئي،
واپس آٿيان پاڻ سان، اتم عهد اهوئي،
سرتين سان روئي، سکون لاهينديس لوءِ ۾.

(6)

قاصد آيو ڪونَ، ريگستاني راڄ ڏنهن،
جو تو مونکي تار ڪيو، سومرا ۾ سون،
لِيهه پتو روح کي، هُت هئي هئي جيڪُس هون،
ڇيهون هتي ڇون، تيان اهڙن عتابن سان.

(7)

ريگستانين رنگ، جي تون پسين سومرا،
ته ميان ماروئڙن تئون، ظالم لاهين رنگ،
جو تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، جهانگي واسين جهنگ،
ناميا هيءَ تون ننگ، نيئي رسائين راڄ ۾.

(8)

جي ريگستان رهيا، تن سختُ نه ونءِ سومرا،
جو تاڪون تنهنجي تاب ڪان، حنن منجهه چُپيا،
سي ڪي پرينءَ وسي وهيا، وس چائيتا واهڻين.

(9)

رُجون ريگستان، جت وطن ويڙيچن جو،
راحم تي رڪيج تون، تن ماروئن جو مان،
جهونن جهانگيئڙن تي، ڪر عمر تون احسان،
ته سارو جڳ جهان، مر تعريفان تهجيون ڪري.

(10)

هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهن،
ته اُتا مينهن ملير ۾، تيو پٽن ۾ پاڻي،
گل ڦُل گلزاريون تيا، رڻ سڀ ريجاڻي،
تون پيي صاحب سُڃاڻي، موڪل ڏينم مڙي مران.

(11)

ويتا ڳالهيون ڪن، مارو مون ملير ۾،
ته اجها ايندي مارئي، وري هن وطن،
ايڏي اُڪنڊ آه اڄ، منهنجي جا پڻ جن،
آءُ پڻ ساڻ اُنهن، ڏک سُک گذاريان.

(12)

اڄ پڻ تيم اُداس، منڙو ماروئڙن ڏي،
راجا منهنجي روح ڪي، آهه پهنوارن پياس،
آءُ آهيان اُنهن جي، لوئي جن لباسُ،
موڪل ڏي ميان سومرا وڃان تنين پاس،
خاوند لڳ خلاصُ، ڪئي بنديائي بند مان.

(13)

ڪَڍُ ٻنڌياڻي ٻند مان، ڪر خاوند لڳ خلاصُ،
ويڙيچا وڙاهه ۾، وڻ وڻ ونڻ واسُ،
ويچارن ۾ واهڻين، توکي ناهي قياس،
همير تو هراس اٿئي پهر انهن کي.

(14)

ڪري ياد قلب، تو منهنجو مارُوئڙن ڪي،
جوڙيان هيڪاندي تن سان، ڏيئي سائين ڏنهن سبب،
ڪڍ ٻنڌياڻي ٻند مئون، ته راضي ڏيئي رب،
غازي راهه غضب، ڪر مهر مارُوئڙن تي.

(15)

ڪي پي خيال نه هوم، هُيس مارن ساڻ ملير ۾،
جان وڇوڙو سومرا، ڪئون ٽريچن ٽيوم،
قسمت قيدالماءِ جي، ڏسي ڏور وڏوم،
تڏهن وڏو قدر پيوم، هيءُ سچل هيڪاند جو.

(16)

مُنجن هيڻن چيُون، مونڏي مارُوئن ساڻ ملير ۾،
وچي عُمر ساڻ تو، ڳالهيون ڪانهن ڪيُون،
سي پڻ پهنوارن ۾، پڏر هٿ پيُون،
اُهي پچارُون تُنهنجون، ويڙيچئون نه ويُون،
ڪيتن هاڻ ڪنيُون، پڪيُون مُلڪ ميرل مئون.

(17)

ڏنارن ڪان ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا،
سي هُئا قيامت جهڙا، ميان سومرا سردار،
الله ڪري اوڏڙا، سچل منَ سنگهار،
ته ڪريُون ويهي ڳالهيُون، هينئڙي جيون هڪوار،
پر پري ٽيم پهنوار، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

(18)

جيڪي هُت هُونديون، ساهيڙيون ساٿينءَ ۾،
سي پيرُون چونڊنِ پاڻ ۾، گڏ ڪيُون گونديُون،
ساريُون مُون کي سُومرا، رات ڏيهان روئنديون،
ٻيُون پيي چا چونديُون، اڃا عُمر الاجي آجڙيون.

(19)

حالُ وٺيءِ هي وڃان، ميان ماروئڙن ڏي،
اتم اُميد اجان، ڪَنپيُون ڪينديس ڪيت سين.

(20)

سنگهارن جي سڪ، آهي منهنجي من،
شل سگهوئي سومرا، ڏسان ڏوٿيئڙَن،
راتيان ڏينهان ڪاڻ، تي جهجان جهانگيئڙنِ،
پاٿهي پهنوارن، اڄ تا مُونکي ياد ڪيو.

(21)

ماروئن جِيُون تارُون، تنوارَنِ مون تنِ،
ٻاري ڏيانءِ ٻن، سالو تنهنجا سومرا.

(22)

تون پيي چاپُن وارو، آءُ پيي ڪنهن چائي،
عُمر اُچائي، تو ناحقُ نياٽِين سان ڪٽي.

(23)

همير، ههڙي حال تي، چونڊءِ چا تہ جهان،
نيتَ بد نياٽين سان، ڪمُ نہ خاصو خانُ،
نَالائق نادانُ، سڏيندءِ سڀ سومرا

(24)

هِڪُ چوري ٻي زوري، شاهن ناهي شانُ،
رَاجا تي تُون رعيت جو، ظالم ڪرين زيان،
چونڊءِ چا تہ جهانُ، همير، ههڙي حال تي.

(25)

ٿُون همير هئيءَ، آءٌ ٿورياٽي آهيان،
جا لوئي آندم لوءِ ڏنهن، ويندس ساڻ وٺي،
ڪڏهن ٿيندي ڪانہ ڪا، مانهُون شال مَٺي،
ڪتابت قولن جي، مُون ڏي پهنوارن پَٺي،
ايندا مارُو مُون ڪٺين، ويندم شال وٺي،
بنديخانو مُئيءَ کي، هو لکيو رات ڇٺي،
سانگِيُن ڪاڻ سَٺي، مُون مڙيائي سُومرا.

داستان ستون

(1)

وروٺا ويڙيچن جا، اُهي موتيين مالهڙِيون،
رس نہ اچن رُوح کي، ٿالهہ ٿالهڙيون،
سنگهارن جِيون سومرا، ڇگيون ڇالڙيون،
جو فجر ڦوڪي سنديون، ڪن دانهن حالڙيون،
ورڻي لويون لاک جِيُون، ٻَنِ شالان شالڙيون،
اَٺئي پَهَر آهن اکيون، منهنجيون عُمر آلڙيون،
ڪامل ٿُنهنجي ڪوٽ ۾، وڃهان ڦلڪين فالڙيون،
شال سٺندو سو ڏٺي، مون نڏر نالڙيون،
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديس سرتين سان ساٿيهہ ۾.

(2)

ڇگر ڇارڙيُون، ٻيا ڪرڙيُون ڦوڳ ڦلاريا،
سي سنگهاريُون ساٿيهہ ۾، وهن وارڙيُون،
ٿامان ٿارڙيون، لاڙيون ڇنن لاڪڙان.

(3)

هت ڏسان ڏوٽيئڙن جيُون، ويئي واٽڙيون،
هُت پون پهنوارن تي، منيون ماٽڙيون،
ياد اُتي جِيون مُون پيُون، چوهون چاٽڙيون،
توڙي چار ڪُنڊان لوئيءَ جيون، هت ڦاڪين ڦاٽڙون،
مان پيي وڃان اوڏهين، جتي ڪِنوڪَيون ڪاٽڙيون،
مونکي لوهِن لاٽڙيون، تن لالن سنديون سومرا.

(4)

ٻور پچاٽون ٻير ڪن، ٻهون ٻيرڙيون،
چاٽن چونڊن سي چڙهيو، ڏيئي ڦيرڙيون،
پانور پيرڙيون، ڪن تماشا تُڪن جا.

(5)

هُت گهمن ڏوٽي ڏٿ لئي، ڪيون ٽولا ٽولڙئين،
چاٽن لنبُ ائون مڪٽي، جهلي جهولڙئين،
پيهن پچائن مانيون، ڦوڪي ڦولڙئين،
تون عُمر اولڙئين، ڪري هُت چڏيج مون.

(6)

هُت ريت تہ اڏوہنڊ، ڪن لويون لاڪڙيون،
مَشر مارو‌ئڙن جيون، سچيون ساڪڙيون،
وٽين تورن ڪين ڪي، مڪڻ ماڪڙيون،
اجان ڦُٽن باڪڙيون، تہ ڪڙا آهن ڪوهہ تي.

(7)

اجان ڪنٽون ڪِنوڪَيون، تہ سانگين ساهُ پوي،
وسي تر تارڪن، نيون ۽ نوٽيون،
جاتي هُنَنِ جُوٽيون، تاتي آجڙي آرام ٿيا.

(8)

اڄ جوڙي وينا جهنگ ۾، جهانگي جهوپڙيون،
ڏي نہ ڏوٿيئڙن کي، لائق لوپڙيون،
راجا روپڙيون، گهرين رکن کين کي.

(9)

هُت ڏين مارو ڏاج ۾، چاٽي چارڙيون،
پيون آهن سپ کي، اُهي ويڙهيون وارڙيون،
سي چوندن پيون پره جو، نائي ڏارڙيون،
وجهن گوندن سنديون، ڳچيءَ ڳارڙيون،
پوءِ ڪنيون ڪارڙيون، وجن لوئڙياريون لوءِ ڏي.

(10)

مون ڪان وسرن کين کي، اُهي عُمر ويلڙيون،
چاريم وڏي چاه مئون، تي چيلا چيلڙيون،
تي ڪيڏيم کلڙيون، سرتين سان سانڀه ۾.

(11)

وَس اڏن سومرا، چوڏاري چؤنرا،
من ۾ ساڻيي رکن ساههان، ڏٿ ڀهون ڏئونرا،
ڏڀ رکي ڏئونرا، صبح ڪائن خوش تي.

(12)

ڪرين چو ڪِلان، سانگيئڙن تي سومرا،
سارهہ سو تن تي، لاه ٿوڪان آئون ٿهلان،
هي جي موتن جيون مهلان، تي محلن منجهہ گذاريان.

(13)

لويون رنگارنگ، ڪن ساهيڙيون سانڀه ۾،
سي آساوريون اڳڙيون، عمر پهرن انگ،
تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، جهانگي پينا جنگ،
هِن ويچارا واهڻي، تن کي وٽ نہ تنگ،
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنين جا ههڙا.

(14)

پئي جيءُ جنجالَ ۾، ساٿيهه سنياريون،
وسرن اُهي ڪين ڪي، جي مهلان موچاريون،
پر قسمت قيدالماءِ جي، ڪيون هي ڪاريون،
ڪاتي اچ آءُ تيس، ڪاتي سنگهاريون،
اوڏنهه نهاريون، وڃان سا وهلور ٿي.

(15)

عُمر شال نہ لايان، لَقبَ لوئڙئين!
پاٽي پين پٽ ۾، آيون اوئڙئين،
ڏئونرا ڏوئڙئين، وندن ورهائن پاڻ ۾.

(16)

شال نہ لقب سومرا، لوئڙيين لايان،
پٽ مٿي هي لوئي، مور نہ مٽايان،
جا ڪٿي ڪيت ڏنار جي، پلي سا پانيان،
مري ملهايان، سارو ملڪ ملير جو.

(17)

عُمر اڇا ڪپڙا، ڪاٿيارون ڪن ڪيئن،
جهڙي آيس جيئن، شل تهڙي مارن ڏي وڃان.

(18)

ڪيئن ڪاٿياريون ڪن، ڪپڙا اڇا عُمر چام،
تين پهنواريون پٽ ۾، ميهٽي ماب مدام،
آهيان سومرا تو سام، تہ لوئيءَ جي لڄ رهي.

(19)

هن لوئيءَ جي لاڄ، شال رهجي اڇي سُومرا،
تہ مَر بڌي خوش تين، ريگستاني راڄ،
سا نہ ڪائي ڪاڄ، جا قيد ڪئي تو ڪوٽ ۾.

(20)

توڙي لوئي هٿ ڇڄي، وڃي ٿڪاران ٿيي،
تہ ٻيي پهنديس پهنوارن جي، عُمر ٻاڻ پڇي،
جهانگين لئي جهڄي، مان اڌ مُئي تي آهيان.

(21)

توڙي هوءِ ڇني، تا ٻيي لوءِ لوئيءَ سان وڃان،
اچي عُمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪين ڪني،
سائي سانڍيم شاهہ سان، جا ڏاڏاڻن ڏني،
اها نينديس ٻاڻ ٻني، ميڻهن وسندي سومرا.

داستان اٺون

(1)

اڄ پڻ ٿيم اُداس، هي من مارُوئڙن ڏي،
ڪر بنديائي بند مئون، خاوند لڳ خلاص،
جو مَتي ڪيت ڏنار ڪي، ڪال پنگين ڏينديس پاس،
ڪو وِجهہ صاحب سومرا، اُنهن سان اخلاص،
جو ويچارا واهڻين، تون ڪري ڏس قياس،
زور تنين تا ناه ڪو، لوئي جن لباس،
انئي پهر اُنهن ڪي، آهي همين هراسُ،
تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، سُهميون اٿن ساس،
چاڙهيو لڳين ڪين تنين، ماسي قدر ماس،
تعدي تنين تي ڪرين، جن توهئون ٿيي مواسُ،
ويڙيچا وٽراهہ ۾، هُت وڻ وڻ وجهن واس،
پاءِ پهُتوارَ پياسُ، آهي راجا منهنجي روح ڪي.

(2)

هت ڏيھي ڏسان ڪونہ ڪو، جو ڏيئي ڪيت خَبر،
هيءَ قابو رهي ڪوٽ ۾، اُنهن ري عمر،
مليران محضر، ايندم آجائيءَ جا.

(3)

ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڻ ملڪ ملير ڏنهن،
چڻ آيم اباڻاءُ، ماڻهو موٽائڻ جو.

(4)

رات وري آيا، ماروئڙا ملير ۾،
جو لڏم خواب خوشي مٿون، چڻ موليٰ ملايا،
وري وسايا، ڀلي ڀاڻ ڀِڏن جا.

(5)

موٽيا پار ملير، سانگيئڙا سانگ ڪري،
جن جي سڪ سرير، سيئي عُمر آيا.

(6)

جي ڏوٽي هيم ڏور، سي واليءَ ڪيم ويجهڙا،
هُئي جا پورن پور، سا تا اڄ "مون تون" لنگھي.

(7)

لٿو ڦوڙائو، وريو ورق وصال جو،
وري وطن آيا، ريگ لنگھي رائو،
سچل چوي سائو، ٿيو موٽي ملڪ ملير جو.

(8)

جوڙي پڪا جوءِ، اڇي وينا آجڙي،
سدا سنگھارن جي، ٿي مٿي حوضن هُوءِ،
ٿيون گلزاريون گاهن جِيون، ٻي خوب ڪُلي خوشبوءِ،
نئين رونق روءِ، ٿيو موٽي مُلڪ ملير جو.

(9)

سدا هُئن سُکيا، ماروئڙا ملير ۾،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي.

(10)

سدا سرها هُئن، ماروئڙا ملير ۾،
مٿي پهنوارن پونَ، مهر جا شل مينهڙا.

(11)

ميان ماروئڙن تي، مهران وسن مينهن،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچي آجڙين تي.

(12)

سدا سي ساٿيهہ ۾، سکيا هُئن سنگهار،
پکي منجهہ پهنوار، شل هُئن هميشہ سرها.

(13)

سائين سنگهارن جو، رکج پنُ پکي،
ڪوئي تا نہ لَکي، هُئن سدائين سرها.

(14)

سنگهاري ساٿيهہ، شل هُئن سدائين سرها،
وڃن نہ پرڏيهہ، خوش گذارن اِتهين.

(15)

ساٿيه سنگهاري، سرها آهن سومرا،
ويڙهيُون واري، محلا ماروئڙن جا.

(16)

جاتي واري ڊنوَ، تاتي اڏن پکڙا،
پاڳين لٿا پوَ، سدا رهن او سرها.

(17)

نوڙن ۾ نُونديـن، مارُو چارن مالڙا،
گوڙيـن ۾ ڪِونديـن، سرها تـيـن ساهه ۾.

(18)

جڏهن ڪِنونِ ڪنوڻيون، وسي ميـنهن ملير تي،
نِونديُونَ ۾ نِوڙيون، تا تا سوئـن تاريون.

(19)

پاڳيـن پَوَ لٿا، جي وينا پانوَرَ ڪنڊيـن،
اُتنِ ميـنهن متا، آجڙيـن عيدان ڪيُون.

(20)

وري وسايو مالڪ ملير جو،
سو اڳي ڪان اُجرو ٿيو، سائو سوائيو،
آگيءَ اگهايو، سچل جو سُوال ڪيو.

سُر سورٺ

راڳ ڏياچ

داستان پهريون

(1)

سخي سُر سورٺ ۾، سِر جي اڇي صدا،
ٻي نه منجهه مُدعا، هُو سدا سوالي سِرَ جو.

(2)

آهي سدائي سورٺ جي، سُر ۾ سِر جو سُوال،
تند نه تنواري هڏهين، مايا مڏيُون مال،
وحدت جو وصالُ، سدا سورٺ سُرَ ۾.

(3)

سُرَ سنواريو سِرَ کي، سِرَ سنواريو سُر،
جو آهي سورٺ وَرُ، سو ڏيڻ کان ڪٿي رهي.

(4)

اصل انيراءِ جو، سورٺ ور سان وير،
دغا رکي دل ۾، من ۾ رکيائين مير،
ڪينو رکي ڪونه ڪنهن، گرناري گنير،
غازي ناهي غيرُ، هر ڪنهن سان هڪ جهڙو.

(5)

انيراءِ ڪي آڻ ۾، ڏاني ڪيو ڏياچ،
تڏهن مرد متير سا ڪونسڻ جي ڪئي ڪاڇ،
جُنگ ڪئي پوءِ جاچ، بيجل هٿ ٻرائڻ جي.

(6)

انيراءِ تي آچيا، هيرا موتي لعل،
ٻيجل ڪين ٻرايو، زوري ڪيس زال،
سسئي لئي ڏياچ جي، صاحب سَليُس سُوال،
وڃي وجهه گرنار ۾، ٻيجل ٻائتال،
ٻيا جواهر جال، جانب جهوليءَ تو وجهان.

(7)

جانب جهوليءَ تو وجهان، ٻيا جواهر جال،
متي ڪاڻ ڏياچ جي، سڪندي تيڙم سال،
بيحد بخشيانءَ بودلا، مايا مڏيون مال،
ڪر پلائي پال، سَرڙي سِرُ ڏي ڏياچ جو.

(8)

ٻيجل تندُون تِيکَ مان، تهدل ڪيُون تيارُ،
اصل هُيو نه اهڙو مڱڻو مڱڻهارُ،
لنگهو لائق هو مگر، لِکَ ڪيُس لاچارُ،
هامر هٿي هُوشيارُ، هليو ساز سُردَ سان.

(9)

هليو ساز سُرودَ سان، ڪري الله توهار،
چوٽيءَ چاڙهي چنگ کي، تورئين تندُ تنوار،
عرض ڪيائين آڳيءَ کي، سوپ ڏئين ستار،
ڏاتر مون ڏيکار، ڏولي راءِ ڏياچ جي.

(10)

ڪُنگرا ڪوٽن جا، پريان ڏٺا پاٽ،
سنبري سُرُودنِ سان، سال ڪُيا ساٽ،
ڦيري سازن ناٿ، سوريائين سُر سورٺ کي.

(11)

سوري سُر سورٺ ڪي، تندُون ڪيائين تازيون،
دائي داوُر ڪي ڪِيُون، عجز مان آزيون،
برھ جِيُون بازيُون، ڪيڏڻ سان ڪتاءِ مون.

داستان ٻيو

(1)

ٺاهي ٺاٺ سرود جو، ڪنڌيين وينو ڪوٽ،
تنواريائين تندڙي، انئي پهر اوٺ،
چارڻ جي چنگ جي، چڱي لڳي چوٽ،
گهر ڪني پوءِ گهوٽَ پني يان پوتار ڪان.

(2)

ڀرائڻ لئي ڀاٽَ ڪي، گنير گهرايو،
سالڪ سندي ساز ڪي، صاحب سَهرايو،
لنگهي ڪي لاڳ ڏيو، فائق فرمايو،
ڀاٽ وجي ڀايو، ڀٽ ڀنيهر بافتا.

(3)

ڀڳڻ اڳيان ٻول هيءُ، ٻيجل ٻولايو،
لنگهي لاڳ نه لهٽا، نه ڀٽ ڀنڻ آيو،
سنجهي ڪر سعيو، سِر جو سورٺ - ور تون.

(4)

"سر جو سورٺ - ور تُون، سگهي ڪر سعيو،
مگٽي موتڻُ ميهٽو، جو داتا در آيو،
ڪشتي ڪٿو نه وني، ڀلُ وڪرُ ورهايو،
ڪَات ڪُلهين ڀايو، ته ڪاملَ اچين قبولَ ۾.

(5)

سئن هُن سائِلَ جي، ڪيو هاتڪ کي حيرانُ،
هيرا موتي موتيا، دايو وٺي نہ دانُ،
مڱڻو مهمانُ، سدا سُوالي سِرَ جو.

(6)

سدا سوالي سر جو، آ مڱڻو مهمانُ،
مڱڻي موتائڻ جو، شاهن ناهي شانُ،
راجا پنهنجي روح ۾، آڻج نہ ارمان،
مايا ڇاڻج ڇاڻ ۾، وهم سپ گمانُ،
گرناري گيانُ، مليو مڱڻهارن کان.

(7)

مٿي ريءَ مڱتي، موتڻ آ ميهڻو،
لنگهي آ لهڻو، سچل سرُ سردار جو.

(8)

ڪوتان جاجڪ جان، ڪڏي مڱتي مُهڙ،
گهر گهر ٻُڌي گهوٽ جي، رودن سندي رڙ،
لوڪن لڳي ٻڙ، ٻُڌي ٻيجل ٻوليو.

(9)

لوڪن لڪَ نہ ڪائي، ڪير سالڪ کي سَمُجهن،
راجا ڪي رمزن، چارڻ جي چريو ڪيو.

(10)

ڳڙهہ اَندر ڳاتو، جاجڪ منجهان جوش،
سٽي رڙ رودن جي، گرناري جي گوش،
هاتڪ منجهان هوش، نپٽ ويو نڪري.

(11)

جاجڪ منجهان جوش، ڳڙه اندر ڳاتو،
لنگهي جو لاتو، سو سُرُ نہ ڪنهن سهي ڪيو.

(12)

نالي نانءِ ڏٺيءَ جي، سر جو وڏم سُوالُ،
هيرن هير نہ مگتي، محڪم ڪر مثال،
سچل سارو سال، هوندس سوالي سِرِ جو.

(13)

پيان ويهي پنيءَ تو، تندڙي تنواري،
ماري وري مگتا، تو جندڙي جياري،
گهر تہ ڏيانءَ ڏوليون، موتين مَهاري،
پرهہ جو تو پريم جي، پڪڙي پياري،
مافا وٽُ هي موتين، جڙاءُ جواهري،
سلطنت ساري، سالڪَ تو صدقي ڪريان.

(14)

سالڪ سڀُ صدقو ڪري، راءُ مٿان تو راڄُ،
لاهي چڏيان تو سندا، سمورا احتياج،
چگيون ڏيانءَ چاشنيون، خاصا ڏيانءَ ڪاڄ،
ڪامل! تنهنجا ڪاج، پل ۾ سڀ پورا ڪريان.

(15)

آهيان سُوالي سر جو، گهوت نہ گهرجي راڄ،
مگٹو نا محتاج، ماڻڪ موتي مال جو.

(16)

راڄ نہ گهرجي راءِ، ڪَيم سر جو سوال،
اهو هڪ حلال، ٻيا سڀ مون حرامُ ٿيا.

(17)

سورٺ مٿان مڳتي، گهوران تي گهوري،
رپا سون سبيل وٽ، تارازيءَ توري،
مٿو وڄ نه مڳتا، محبوبن موري،
لائق نه هڪ توري، سورٺ تنهنجي سُپرين.

(18)

چارڻ وينو چاهه مان، چاڙهي چنگ چوري،
سورٺ پنهنجو حال تي، عطائيءَ اوري،
پاٽ نه ڪري ماٽ، وينو سازن کي سوري،
ڪنڌ نه وٽ ڪوري، ڏکيءَ جو ڏياچ جو.

(19)

سالڪ ساز سرود جي، سُر سان سُرُ ڪنيو،
نيزي تي نيو، مٿو تنهن مهمير جو.

سُر پهاڙي

روجهن سان رِهاڻ

داستان پهريون

(1)

پَلرَ پهاڙين پلٽيا، واحد ڪين وس،
لنگهي ويون لَس، روجهڙيون ريجاٽن تي.

(2)

روجهڙيون ريجاٽن تي، لنگهي لس ويون،
بوندون جت باران جيون، پهاڙن پيون،
رڻ ۾ سي رهيون، جن پنڌ نه ڪيو پهاڙ جو.

(3)

روجهڙيون وني وات، هليون ترائُن تَلَ تي،
گولاڙن جي گَسَ تان، چَٽن مِني مات،
لاهي اُڄ اُساتَ، راهي تيون رِڻ راهه ڏي.

(4)

راهي تيون رڻ راهه ڏي، لاهي اوسٽ اُڄ،
پهاڙيءَ مان پُڄَ، روجهين ڪيان رَڄ تي.

(5)

راهي تيون رڻ راهه ڏي، لاهي اُڄَ اُساتَ،
اَچي وِٽن اوچتو، وڏڦڙو ۾ وات،
رعدَ جي رڙين تي، تهي ڏنائون تات،
پڳيون منجهه پهات، لٽن سڪ سچل چوي.

(6)

ت پهاڙ جي، هليون منجهان هيج،
متي ريج، پانڌوڙين پيا ڪيا.

(7)

رڻ ۾ رنجهي روجهون، ويون، ڏسي اَوسَر اولا،
اُنا مينهَن مهر جا، مهر ڪئي مولا،
روجهون ريجهيون ڏسي ڪري، ريجڪ رسيلا،
واحد وسيلا، پٽن تي پڌرا ڪيا.

(8)

روجهن زاروزار، اُپي رنو رڻ ۾،
رڙيون سٽي رُليـن جيون، سعيو ڪيو ستارَ،
ساري ساز سُرود سان، سارنگ لڌن سار،
روجهن سان رهاڻ لئي، سُٽي گوڙ گجڪار،
وسي وس وڏي ڪِئي، وَسَڻَ جي وَسڪار،
تانگهيون تاروتار ٿيون، ترايون تلهار،
سگهي لڌُن سار، سچي سِڪَ ورائيـن.

(9)

روجهڙيون رڻ ياد ڪري، اُپيون رت رُئـن،
هر ڪنهن ويل هُڻَن، اهڙن اوراتـنِ ۾.

(10)

روجهڙيون رِڻُ ڦتو ڪري، لاه لَهي آيون،
ٿيـن تار نہ ترايون، جو مُند نہ اُٿن مينهڙا.

داستان ٻيو

(1)

مُندين مينهن اُٺانِ، روجهنِ رڻُ ڦٽو ڪيو،
ڏولائيءَ جا ڏينهڙا، گهٽا گهر ڏٺانِ،
سچل تن ارمان، لحظي منجهہ لهي ويو.

(2)

هينئڙو چڙي هُتِ، روانيون روجهڙيون،
ڏکيا اوسر ڏينهڙا، سچل گهارين هِتِ،
انئي پَهَرَ چتِ، وطن تن نہ وسري.

(3)

مندين مينهن پيونِ، ترايون تار ٿيون،
وچڻ مٿين ماٿرين، ٽاڪن تي ٿيونِ،
وري ڪين ويونِ، سورڻ ريجاٽن جو.

(4)

رڻ چڙي روجهون، ڪا ڏسَ چتائي هليون،
جيلهان مُند نہ اُٺا مينهڙا، تيلهان تيون ڪوجهون،
لُڪنِ جيون لوجهون، جرين جالڻ هليون.

(5)

ماٿر مينهن پيان، روجهون موٽي آيون،
اوسر سندا ڏينهڙا، وسري سڀ ويان،
ٽاٽا تر ٿيان، ڦٽيون ڦوڙيون گڏيون.

(6)

جڏهن تيا ابر، تڏهن روجهن ڳاٽ مٿي ڪيا،
موليءِ وڇڙيون ميڙيون، اولانگي اوسَرَ،
پهاڙيءَ جي پاند ۾، گڏجي ڪن گذر،
تيون سچل سَرَ، ڏولي ڏکيا ڏينهڙا.

(7)

روجهڙيـن اُتاءُ، لنگهيا اوسر ڏينهڙا،
موليءِ آندا مينهڙا، پنهنجي مهر مٿاءُ،
جي هيون ويچاريون وڇڙيون، هڪڙيون ٻين ڪاءُ،
وين ڏول وڃاءُ، اٿي اچي گڏيون.

(8)

آسروندُ آهين، روجهون راٽيون رڻَ ۾،
اپيون پيون اپ ڪي، وائڙيون واجهائين،
رڙيون ڪري رڻ ۾، تيون بوندون برسائين،
تنهن ڪنڌ ڪاهين، جنهن ڪنڌ وسن مينهڙا.

(9)

آيون وس چڏي، منديـن اٿيـن مينهڙا،
موليءِ سندي مهر چوان، جو وڇڙيون گڏ گڏي،
لٿيون لاهه لڏي، روجهون ريجاٺن تي.

(10)

رٺيون روجهون آيون، ساريو پنهنجو ديس،
مندين اُتنَ مينهڙا، وسري وين پرديس،
جي اٿي ريءَ اُديس، سي سچل سرهيون ساهه ۾.

(11)

رٺيون روجهون آيون، وين اوسر ڏيهه،
پلٽي پهاڙن جي، سارن تيون ساٿيهه،
مندين اٿن مينهه، ڪيائون رخ ريجاٺن تي.

(12)

اوسر ڏسي روجهون، رڻ چڙهي ويٺيون،
تن کي وچي اتهين، پلڪان کي پيٺيون،
منڊين اٺن مينهڙا، ريجون سڀ ريٺيون،
ڏيءُ واري ڏيٺيون، ڏليون گاهه گلن تي.

(13)

رڻ چڙهي روجهون ويون، وري ڪَٽُ ڪري،
پُري آيون پيئي تي، پهاڙون پري،
سبز سيٽيون ساوڙيون، هر ڪا چاڪُ چَري،
وين ڏولائي ڏينهڙا، سيين پل پري،
سچل مون نه سري، روجهن جي رهاڻ ريءَ.

(14)

جي رڻ چڙهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏڪيون،
جبلن سندي جهولئين، بِرُ هيون بُڪيون،
سچل تيون سُڪيون، جو منڊين اٺن مينهڙا.

(15)

روهن اندر روجهڙيون، ڪيون ڏڪيون ڏولاون،
سچل سي ساون، سُڪيون ڪيون سڪديس ۾.

(16)

هيون لاهي هليون، روجهون رڻ چتاءِ،
مهر موليٰ جي تين، اٺن مِينهنُ متاءِ،
پلر ساڻ پُر تي، پهاڙن جي پاءِ،
ڏولائيءَ جا ڏينهڙا، لاتا پاڻ خداءِ،
وري پنهنجي ديس ڏي، وريون جاءِ بجاءِ،
واري وس وساءِ، ڪا رازق روجهڙين تي.

(17)

جي ڦٽيون جي ڦوڙيون، اڻي اچي گڏيون،
اَوسَر ڪيون هيون، اوزنيون اوريون،
لڪين ڪروڙيون، رڻ سيوئي روجهڙيون.

(18)

ڦوڙائي جيون ڦُٽيون، ڦوڳيون تيون ڦولهين،
اَبر سندي آسري، تڪر تيون ٽولين،
ڳوليو تيون ڳولين، ترايون تر پريون.

(19)

منڌائتا موتيا، روجهون چون روئي،
قسمت قيدالماءِ ڪي ڪونہ جهلي ڪوئي،
سائين سگهوئي، ڪندو وس ولهن تي.

(20)

منڌائتا موتيا، روئي جون روجهون،
ڪمينيون ڪوجهون، قادر تنهنجيون آهيون.

(21)

پانڌوڙيون پهاڙ جيون، رٽين ڪوهہ رهن،
لوچي سي لهن، جن سچو پڌو سندرو.

(22)

ماتر متاهان پِنڌڙا، پانڌوڙيون پِرنِ،
سانگن متي سِرڙا، چريو سي چرنِ،
وري تيون ورن، سچل سي ساٿيہ تي.

(23)

ڇڏي رڻ راهي تي، روهن متي روجهہ،
پيلي پيٺي بوجهہ، چرڻ جي تنهن چت ۾.

(24)

سچل رک سماءِ، تو ماٺهو روجهن سان گڏين،
هاڻي صبر مَنجهيئي آءِ، ڪمائي پوري ڪري.

سُر جوڳُ

جوڳين جو جِنسار

داستان پهريون

(1)

گنگا ڪان گذرُ، آهه ڪنڪت ڪاپڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفرُ،
هي نام مشرُ، انهن آڏوتين جو.

(2)

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو،
هن ڪرڏيا ڪات جا، ڪنڪت ڪاپڙي.

(3)

ڏوٿيءَ منجهه ڏيان، آهي آڏوتين جو،
گم تي گرگم گوڏڙيا، ڪن گروڙي گيان،
اصل ڪان اشنان، گنگا جمنا تن جو.

(4)

پورب پنڌ نہ وڃڻا، گرناري گمنامُ،
ويچاري تي وات تي، ڪرن ڪين وسرامُ،
سيني ۾ سنگرام سچا سنياسين جي.

(5)

پورب سندا پير، لاهوتي لٽي ويا،
گرناري گنير، سچا گم گرگيات ۾.

(6)

پورب آهہ نہ پنڌُ، ڪڏهن ڪاپڙين کي،
واري ويراڳي ويا، ڪاتن مٿي ڪنڌُ،
هو سندن هنڌ، جو لَر ڳڏجي لعل ٿيا.

(7)

پورب پنڌُ نہ آءِ، ڪڏهن ڪاپڙين کي،
جت ماڻهن ميڙاڪو ٿيئي، سا جوٺي جاءِ،
سچل سچ سواءِ، سودو ڪن نہ ڪو پيو.

(8)

پورب رکي پير، ڪن پُڇَ پراهين پنڌ جي،
سچل وڃي اُتهين ڪاپڙين ريءَ ڪير،
جي وٽ ڦڪل نہ ڦير، ڪنڌ تنين جو ڪات تي.

(9)

پورب پنڌ نہ ڪن، ڪهين ويلي ڪاپڙي،
سچل سدا سامهون، اڏي آڌو تن،
سي وڃي ڪات ڏين، گردنون ڪنيو غار ۾.

(10)

پورب پڇيائون، پر پير رکيائون پرنان،
اوريان پريان پنڌڙا، سي لس لنگهيائون،
ائين اتيائون، تہ گر کي ڳڏيا گودڙيا.

(11)

پورب ڪان پري، نانگن نظر آهہ تا،
نِگهہ وجهن ناڻ تي، پريون پير پري،
منجهئون ذوق ذري، گر کي ڳڏيا گودڙيا.

(12)

پورب پير ڏرن، ڪن وچٿ پراهين پنڌ تي،
قدم رکي ڪات تي، ڪنڌ قربان ڪرن،
ڪوڏئون ڪاپڙين، سچل سر صدقي ڪيو.

داستان ٻيو

(1)

جوڳي جال ڏنام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي،
هي ويهي وستين ۾ ويا، هو نه لوڪ لڙيام،
تنين ڪاڻ تيام، هئي ههڙا حالڙا.

(2)

جوڳي جال ٻُجهن، پر ڪونه لڌو ڪو ڪاپڙي،
تن ڳڻن پرين جيون ڳالهڙيون، تيون سچل ساه سُجهنِ،
لوڪ نه ٻي الجهن، ٻِگر نالي ناٿ جي.

(3)

جوڳين اوري جوءِ، جي لوڪان لال لڪي ويا،
لاهوتي لنگهي وڃي، هُر ۾ پيا هوءِ،
راسخ روبروءِ، ناميا تيڙا ناٿ سان.

(4)

جوڳي آهن جال، پر لاهوتي لڌي ويا،
هي مڻ مڻ ڪن مٿين سين، هو ڪڙا متي خيال،
سي لانگوتيا لال، پينر ياڱ مڙن مون.

(5)

لوڪين لاهوتي، کهين پر نه پرپيا،
سي پنهنجو رکي پور ويا، سالڪ ثابوتي،
اهي آڏيءَ آڏوتي نانگا ويڙم نکري.

(6)

ڪري لنگھيا لوڪ مان، لاھوتي لوڙا،
گھوڙا ڙي گھوڙا، ڪري من مستانُ ويا.

(7)

لاھوتي ھن لوءِ، آيل آھن اڄ پِي،
ووءِ ووءِ آچا پوندي، پوربين جي پوءِ،
تن ڪاپڙين کي ڪوءِ، سڳر منجھ سھي ڪري.

(8)

لاھوتي مان لوڪ، تورا گھٽا لنگھيا،
سچل سامَيئڙن تي، محبت وسي موڪ،
سي زائر منجھان ذوق، ڪنڌ ڏين ٿا ڪات تي.

(9)

مٿي ڪات قدم، ڪاڪيون ڪاپڙين جو،
سنسو ميٽي سروپ ۾، سچل ٿياسي سَم،
سدا سامَيئڙن جو، دمامين سان دمُ،
آديسي عدمُ، ٿيانالي اَندر ناٿ جي.

(10)

جوڳين ھت جايون، پر ھو ھُن لوڪ لڪي ويا،
تپش تيش تن کي، ويا لاھوتي لايون،
ووءِ ووءِ ھت وجھي ويا، ويراڳي وايون،
آڏوتين آيون، خبرون ڪات ڪُسڻ جيون.

(11)

جوڳي جالون جال، پر لاھوتي لنگھي ويا،
ھو ھلي ويڙا حال ۾، ھي قابو مٿي قال،
ھئي ھئي منھنجي حال، جو حال نہ پيو ھٿ ۾.

(12)

جوڳين آهه نہ جنگ، آهن سلوڪي سپ سان،
جيجان هن جهان ۾، آهن طريلا تنگ،
ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلان.

(13)

ويا هِتئون ويهي، اجا ڪالهہ ڪالهوٽي ڪاپڙي،
آيل آڏوتين جي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
سچل ساري سڪ مان، ڳاروڙي ڳيهي،
پورب ۾ پيهي، واصل ٿيا وصال ڪي.

(14)

هئي هئي ڪالهہ هتاءِ، اجا لاهوتي لنگهي ويا،
ڪونہ ويڃڻ جو ڪو ڏنائون، سچل ڪي سماءُ،
تاڪو پوي پرياءُ، لاهوتين جو لوءِ مان.

(15)

ويا لاهوتي لال، لوڙا ڪري لوءِ مان،
ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، مگر منهن مشعال،
هئي هئي ههڙي حال، ساريون سي سَڏ مران.

(16)

ڪوڙين قرباني، آءُ تان ڪاپڙين تان،
ڏيئي ويا ڏيل ڪي، هئي هئي حيراني،
ماريون مهماني، آءُ سر ڪندس صدقي.

(17)

ڪري لوڙا لنگهيا، هئي آڏوتي اڄ،
مون ڪان امان پيچ، آءُ بہ ويندس تن سين.

(18)

جو پنڌ جوڳيئڙن، جو سو آڏوتن اجاءِ،
گنگا ۽ گرنار ڏي، جوڳين پنڌ جڳاءِ،
پنڌ انهيءَ ڪون پرناءِ، آڏوتين ڪي آءِ،
تان تان تين نہ جاءِ، جان جان ريجهن نہ رام سين.

(19)

جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءٌ نہ وڃڻو،
هتي جنن جو هنڌ، منهنجو هنڌُ هنگلاج ۾.

(20)

وريو ويراڳي، گياني ڏنم گودڙيو،
پليا ڏنم پير ۾، پوڳي ۽ پاڳي،
طالب تياڳي، لکن ۾ ڪو هِڪڙو.

(21)

جوڳين جتائون، جوڙي جڙيون جان ڪي،
چمتا ٻڏي چيلهہ سان، تُنبيون تڻيائون،
جنجيرن سان جان تي، ڪِشتا ڪڙيائون،
گروڙي گائون، پورب پنڌ پُڄي ويا.

(22)

جوڳي پاتون پات، پر منهنجو انگ آڏوتين سان،
سفر ويا ساجهري، رهيا رُڳي رات،
طلب تنين جي تات، راتيان ڏينهان روح ڪي.

(23)

آهن اکيچار، انتر مُکُ آڏوت جا،
پورب سي نہ پُريا، نکي ڪن پرچار،
انئي پهڙ آڇ ۾، رهن سي گمُ گار،
سچل سنسڪار، سنسا تن وڃايا.

(24)

اچا آڏوتي، آهن اڪيچار،
اوڏيا اهنڪار، پيچي جن پورا ڪيا.

(25)

ڪاپڙي ڪنڦاڙَ، آيل اَڄُ لنگهي ويا،
مست ڪري ويا من کي، مُرلين سان مٺيار،
تن جوڳيئڙن جي جاڙ، مون کان مُئي نه وسري.

(26)

ڪاپڙي قنديل، ڪنيو گهمن گودڙيا،
چِپتُ ڪري چپن ۾، وتن ڪاريھر قتيل،
مُندن مرلين سان، اڏوتين اَصيل،
سچل سڪ سبيل، جيءَ ۾ جوڳيئڙن جي.

(27)

لاتي لاهوتين، ڏرم جي ڏوٽي،
پُنبه جي پوٽي، ساڙي سنياسي هليا.

(28)

جهوناڳڙهه جي جُوءِ ۾ جوڳين جوڳ اجوڳ،
پوڳن پوڳُ اپوڳُ، پاڻ وڃائي پنهنجو.

(29)

ڪاپڙي مون ڪالهه، اچا ڏٺا ڏيهه ۾،
هئي هني منهنجي حالَ، جو ساڻن ٿيس نه سنگتي.

(30)

هوجي ڏٺا ڏينهن، ڪالهه اچا مون ڪاپڙي،
سي اڄ لنگهيا لوءِ مئون، دانهن ڇڏي ديهه،
هاريون هوءِ هڏيهه، موٽن ڪين مڪان تي.

(31)

ديوي رکي دل ۾، جنهن من ڪيو مندرُ،
اندر ئي اندر، پوڄاري پُرُ ٿيا.

(32)

مندرُ ڪري مَنَ کي، پوڄاري پوڄاءِ،
پارُ نہ بيو پُڄاءِ، پوڄاريا پُربندر جا.

(33)

پوڄاري جي پارکو، مهاديو تن من،
گنگا گم رهن، ٻُڌن ڏسن ڪين کي.

(34)

مهاديو جن من، پوڄارين تن پرک،
انئي پهر اندر ۾، لکن لک الک،
رکي ويا راز تي، ڪاپڙي ڪک،
جهانُ ماري جک، هو پوڄا ۾ پُرُ ٿيا.

(35)

هرتالا نہ هير، سيمابي سرير ۾،
سائڻ تي سهاڳ سان، ڪوري ڪڍج غير،
سيميا سندو سير، هرڏاتيءَ مان هٿ ڪرين.

(36)

وڃي مت منات جي، لات جي لنوج لات،
مڙهي ۽ مندر جي، ٥وکج سڀ مرجات،
پائين سڀ پرجات، پوڄاري پربندر جا.

(37)

پوڄاري پُرُبندر جا، پائين سڀ پرجات،
چمق ڏيئي چقمق کي، ڪڍُ خامي خرابات،
چارئي طرف چُور ڪري، دور ڪري درجات،
ٽوڙين لات منات، تہ پوڄاري پُرُ ٿيين.

(38)

پاڻُ پوڄاري پنهنجو، پنهنجو پوڄاري پاڻُ،
ڄاڻ انهيءَ جي ڄاڻ، ڄاڻ نہ ڄاڻي ڄاڻ ڪي.

(39)

ويهي بتڪدي ۾، بت کي ڪرن سجود،
پيچي سڏ سلام جي، هيڪڙ ٿيا هنود،
جاتن جٺيئي سان، وانگاريائون وجود،
ساجد ۽ مسجود، سچل هڪ هنگلاج ۾.

سُر مالڪوس

مرغ نامون

داستان پهريون

(1)

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي،
آندو اتم پاڻ سان، نينهنَ پريو نامو،
توڏي ساريو سڄڻان، ڪيم روانو،
پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي.

(2)

ڪانگل آيم اڄُ، پريان، سنڌي پار ڏنهن،
ڳالهيون ڪيائين سڄڻان، سي روح ڀڏي ڪيون رَڄ،
پکيءَ ڪيو ناپُڄ، ظاهر ڪيائين زبان سين.

(3)

ڏاهو اڄ ڏسو، جو ويڙهي ويڳاڻو وتي،
پورن منجهان پنهنجي، تو ڏيئي حال حصو،
ڪو قريبن قصو، تنهن سيڪاري موڪليو.

(4)

ڪيون وڪاڻيون رات، اڄ ڏاهي ڏار چڙهي ڪري،
سڄڻ سان ڪي سرتين، لڳي چُپ چُپات،
آتڻ واريون اُتهين، لوڻياڻيون سان لات،
روئن ساري رات، هنئي هنئي سر ڪانگو ڪيوز

(5)

گهٽا ڏيـنهن لڳاءِ، چاهون ڪانگل قريب جا،
هي دم آڏو دوست جي، پلي ڪري پڳاءِ،
تاڪي تَنُ تڳاءِ، تان جهوريءَ ۾ جهجي مران.

(6)

وات ڪري وائي، اچ پـڻ ڪانگُ قريب جو،
ڪي جو چيائـين ڇهنبِ سان، تـنهن لچ وڏي لائـي،
اندر ڪـي آئـي، چَڻُ چَرَ چيري سندي.

(7)

لنئي لام لتو، ڪي جو ڪانگ قريب جو،
تـنهن لاڪـيٽي جي لات جو، پوي ڪيـن پتو،
ڪاڪيون ڪيئن ڪتو، پرَ انڌَ سُوريتيون آهيو.

(8)

ڪيهي ڪمئون ڪانگڙو، اچ تـو ويڙهي منجهه وتي،
پسي تـنهن جو حالڙو، ڪاڪيون ڪا مَ ڪتي،
تنهن جي لات لتي، تـو جيءَ ڪي جياپـو تـيي.

(9)

اچ لاتيون ڪانگ لتيون، سي ڪي سُڻو سرتيون،
جو ڪَهڻَ سان ڪُهيو وجهي، ويڙهي منجهه وتيون،
سنديون راز رتيون، تـو پـڻ ڪري پـڌريون.

(10)

رويو رويو رتُ، تـو پـڪـي پارانيا ڏئـي،
تہ پـيريـن وجهانءِ گهنگهرو، سي ڇمڪائـيندو وتُ،
توڪـي ڏاها ڏسُ، محب اڳيون پيي مَتُ،
ڪبيـن جو وٺي خط، سگهڙو ساٿـيئڙا وريـن.

(11)

جو تو ڪانگ چوي، سو سُٽيجو سرتيون،
وڏي ويل صبح جو، تو چڙهيو لام لنوي،
اُلڪي مِر نہ رهي، آتڻُ ڪٽو اتهون.

(12)

ڏاهو چڙهي ڏار تي، تو ڏيئي ڏوراپا،
پڌرا ڪري پرين جا، هو نانڪُ نياپا،
آٽيو اوراپا، ڳالهيون ڳوري ڪي چوي.

(13)

ترُ نہ هڪ توڙي، اڄ لامين لاڪيٽو لنئي،
وينو آهي وڳوڙجي، ڪنين ڪي ڪوڙي،
ڳالهہ ڪرڻ ڪان ڪاڪيون، منهن گهٽو موڙي.
پر پنهنجا توڙي، چڪيو ڏيئي ڇهنب سان.

(14)

سٽيجو سوئي، جيڪو چوي ڪانگڙو،
هِينئين سان هنڊائجو، سرتيون سيوئي،
ڪنڊيون ڪَندن سان وڄهان، پڪيءَ ڪي پوئي،
جانب ڏنهن جوئي، آٽي نياپا نيهَن جا.

(15)

آءَ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان،
اچڻ ٻاجهون اوهانجي، اباٽڪ آئين،
ڏاها گهٽا ڏينهڙا، متان تون لائين،
پير اگڻ پائين، تہ منهنجو ساهُ سڏيرُ تيي.

(16)

ڪانگل آيم ڪال، وٺي سنيها سڄڻان،
محبت ريءَ مقال، ڪانہ ڪيائين ڪڏهن.

(17)

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهه اوڏنهن آيو،
پيس هنياءُ ڦسي، ڳالهيون ڪندي سڄڻان.

(18)

مالهان موتين جيون وجهان، پکيءَ کي پوئي،
پيرين سونا گهنگهرو، تا ٿيي سوايو سوئي،
سيندو سيکوئي مرَ تنهن جو نه ٿيي.

(19)

پکيءَ سندا پر، ڪريان مرصع موتيين،
جوآڻي عجيبن ڏنهن، ڏيئي خوب خبر،
پينر ڙي مون پر، شال وينو ڪري وايون.

(20)

سنيها جو سڄڻان، سي ساري ڏنائين،
ايئن اُتائين، ته پاڻُ نه آڻج وچ ۾.

(21)

ادا ايندو ٿيءُ، وٺي سک سنيهڙا،
جاءِ ٿي مون جيءُ، ڏاها جڏهن ڏسان تو.

داستان ٻيو

(1)

ڏار چڙهي ڏاهي، ڪي جو چيو چهنب سان،
اهو مون آهي، آڏر ڙي ارواح کي

(2)

ڏاهو ڏار چڙهي لنوين تو لاتئون ڪري،
ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ پڻ آيو اوڏنهون.

(3)

ڏاهو مٿي ڏارَ، عجبُ اڄ لاٽيون لنوي،
ٿو سچلُ ڪري سنيارَ، پريان سندي پارَجي.

(4)

ڏاهو مٿي ڏار چڙهي ڪري، ڪي ٿو ڇهنب سان چوي،
اديون سڀ اهي، آهيو ٻڌڻ واريون.

(5)

ڇهنب ساڻ چوي، ڪي پيو ڪانگل ڪاڪيون،
پورن منجهه پوي، ٿو سٽي ساهه سنيهڙو.

(6)

محبن ڏانهن مَسين، اڄ پڻ ڪانگل آيو،
لاٽيون واهه لسين، ڏاهو ڏار چڙهي چوي.

(7)

لاٽيون ڪنا ئي، ڪانگو هيٺ ڪري پيو،
هئي هئي سنديئي، ساٿيءَ ساه مٿي ويو.

(8)

ڪهيو هيئن ڪانگي، چيائين ڇهنب سان،
سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندءِ اتهين.

(9)

ڇهنب ساڻ چئي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي،
ساري آتن سان انهيءَ کهڙي ڏِس ڪئي،
پورن منجهه پئي، سيڪنهن ائٽ ڦٽو ڪيو.

(10)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لَتي لات،
ڏک ڏنائين سڀ ڪي، وائي آٿي وات،
پيون ڀر هيهات، آتڻ واريون اتهين.

(11)

وري ڪانگ وريو، پريان سندي پار ڏنهن،
لامين لڳي لنوَ جو، تنهن ڏاڍو سُر پريو،
ڪاڪيون ڪن ڪريو، ٿو ڏيئي سنيها سڄڻان.

(12)

سنيها ساري، منهنجا جا چوي محب ڪي،
پرين تنهنجي پار جي، محبت مون ماري،
مُنج ڏهاڙي مون مٿين، اِهو ڏاها ڏياري،
مَرُ سِگهڙو سنياري، ڏيئيِ سِڪَ سنيهڙا.

(13)

ڏاهو چڙهي ڏار تي، ڪري هيءَ مذڪور،
سنيهن ۾ سُور، چوي ٿو ڇهنبَ سان.

(14)

سڻو سنيها سرتيون، ٿو چڙهيو ڏار ڏئي،
سارو ساهُ نئي، ٿو نازڪُ نياپن سان.

(15)

ڏاهو ڏار مٿي چڙهيو، ڪري بره بيانُ،
تن تي احسان، ڪري ڪلامن سان.

(16)

ڏاهيون سپ ڏسو، جو آيو ڪانگ قريب جو،
وجي جان جسو، نِيو نياپن ساڻ ٿو.

(17)

وتيو ۾ ويڙهي، ٿو ڪاريون ڪانگ وهائي،
روح نئي ريڙهي، سيڪنهن جو سرتيون.

(18)

ويڙهي وتنديئي، ڪانگي قهرُ ڪمايو،
ڪاڪيون ڪتينديئي، پيم پور پريان سندو.

(19)

ريڙهيو روح نٿي، پسو سپ جو پاڻ ڏي،
سنيها جي سڄڻان، سو چڙهيو ڏار ڏٿي،
آتڻ ۾ افسوس ٿيو، تنهنجي پير پئي،
ڪتي سگهي ڪانہ ڪا، ڪئون وهلور وهي،
کهڙيءَ طرح ٿئي، وري سنياهو سرتيين.

(20)

ويس تند چڃي، پهو پٽ ڪين پيو،
سٹي سنيها نينهن جا، پيئي جهوريءَ منجھ جهڃي،
انهيءَ پَٽ پڃي، پيس روئيندي ڪپڙا.

(21)

صدقي ساھ ڪريان، هن ڪانگي تان ڪاڪيون،
جي ڏي سنيها سڄڻان، سي سانيي ساھ ڏريان،
پلي پير پريان، انهيءَ ويلي اوڏهين.

(22)

آئي ڪانگ ڏناس، ڪِتابتَ قريب جي،
پهو ڪري پٽ پيس، چوهون تند چُنياس،
پيچون پيچ ٿياس، روئندي چولي چڪَ ۾.

(23)

هلي ڪانگي هڪ، ڪا جا ڪيس ڳالهڙي،
پڏڻ سان روئي ڪري، چولي ڪيائين چڪ،
تنهن سنيهي مان سڪ، پاڻهي ڪيائين پڌري.

(24)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، پولي هيءَ پولي،
پُڌي روئي رت سين، چڪ ڪيم چولي،
هيننڙي ۾ هولي، هاريون اَتم هوتُ جي.

(25)

سڄڻ جا سنيھ، آڻي تنھن آتڻ ڏنا،
چڻ ڏنائين سپن ڪي، چريءَ پاجھون چيھ،
ڏک پريائين ڏيھ، ماريون انھيءَ مامَ سان.

(26)

سڻو سنيھ سپي، اديون محبوبن جا،
لکن منجھ لپي، ڪا سُورائتي سور سان.

داستان ٽيون

(1)

آءُ ڪانگا ڪارون، تو سان ڪيان ڪيتريون،
جو پھچائين پيغام تو، پريان جي پارون،
سچل سنيارون، تو ڏاھا ڏھاڙي ڏئين.

(2)

ڪارون ڪيئن نہ ڪريانس، جو تو ڏيئي سنيھا سڄڻان،
پوئي پر پکيءَ جا، ساڻ جواھر جڙيانس،
موتين ءِلعلن سان، پيڻرُ ڪنپ پريانس،
پيرين دستُ ڏريانس، جو آه نياپا ڏيندڙ نيھنَ جا.

(3)

پکي سوئي پر، تو اُڏري پار پرين جي،
خوشيءَ جي خبر، مان وٺي اچي اوڏنھن.

(4)

چڙھيو لام لنئي، اچ تو ڪانگ قريب جو،
سنيھا جي سڄڻان، سي ڇھنب سان چٽي،
پورن منجھ پٽي، تو ساھ منھنجو سرتيون.

(5)

چڙهيو لنئي لامر، ٿو ٻوليون ٻاجهاريون ڪري،
ڏيئي سنيها سڄڻان، ترُيو مٿي ٿامر،
ماريون ماري مامر، ٿو ڏي لڪائي لوڪ کان.

(6)

پريان جا پيغامر، ٿو ڏي مڙيئي مامر ۾،
سوين منجهن سلامر، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏيئي.

(7)

ڇپيو رهي ڇانيين، ٿو ڏيئي سنيها سڄڻان،
آيل اولانيين، ٿو ڳالهائي ڳجهه ۾.

(8)

سگهو اُڏامي آءُ، پکيئڙا پرين جا،
سڀ ڪنئي ڪريان تنهنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ،
عطر ڪٿوري اوتيان، ٻيا ماڻڪ تو مٿاءُ،
ساري سنيهاءُ، ڪي آڻي ڏج عجيب جا.

(9)

ماريون مامر منجهي، ڪي ٿو ترُيو ٽاري تي چوي،
سڄڻ ڏانهن سنجهي، ڏاهو ڏُکجي آيو.

(10)

آڻي ڪانگ ڏنوس، ڪو جو عريضو عجيب جو،
پينرُ! سڀ پنوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سين.

(11)

مون ڏي ڪالهه مُڪو، دلبر دلاسن جو،
سندو راز رقعو، سو پڻ واچيو وهسان.

(12)

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪئون،
نامي تهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻين.

(13)

ڪانگا ڪتابت، ساري سانڍج ساھ سين،
اھا امانت، ٻئي ڪنھن عام نہ آچئين.

(14)

ڪتوري ۾ ڪنپ، لويانءِ لاڪٽيا سيئي،
ڳالهيون اوھانجون ٻُڌي، ڇپرئون وھن ڇنپ،
تون پڻ اُتي ٽنپ، ويھو تو وايون ڪرين.

(15)

اڄ نہ اُنھيءَ ڏار، لامين لنوي ڪانگڙو،
جيڪس پريان پار، ڏسندي سو ڏک پريو.

(16)

زاغ نہ ٿي زبون وڃُ، اُڏامي اوڏهين،
نہ تہ خاصو منھنجو خون ڳچي پونديءِ ڪانگڙا.

(17)

لِڪو ۾ لامين، تو لاڪيٽو لاتيون ڪري،
ٿَھڪندو ٽامين، ڏي سنيھا سڄڻان.

(18)

چڙھيو مٿي ڇانپ، ائين چوي تو جيڏيون،
سيني ۾ ڪج سانپ، ساري سنيھن جي.

(19)

ساري ڳالھ سچي، اچي ڪانگي ڪئي قريب جي،
ريھي دل رُچي، تنھن نانک نياپن سان.

(20)

آٿي ڏنا ڪر، ساٿي يارَ سنيھڙا،
منھنجي پاران پڪيئڙا، وڃ دوساٿي در،
جو سڪ آھي مون سِر، ميان محبوبن جي.

(21)

ڏنا ڪر آڻي، سدا سِڪ سنيهڙا،
هينئڙو مون هاڻي، آهي سَچل سوداءَ ۾.

داستان چوٿون

(1)

چڙهيو سر ڇانيين، لَتوين جي لاتيون ڪري،
سنيها سڀ سانيين، جي تا مڪئي سڄڻان.

(2)

تڪيوتي تاريءَ، لَنوين جي لاتيون ڪري،
ڏيئي سان زاريءَ، اپي سنيها سڄڻان.

(3)

پارانيا پويون، وڃي ڳچيءَ ڪانگ جي،
ڪڏي آب اکين مان، نينهن نچويون،
لڙڪن سان لويون، تي هينين لائي هٿڙا.

(4)

اڄ ڪانگ آيو، ماڻ ڪندي مونجهه مان،
سو تان منهنجي ساهه ڪي، سرتيون سيبايو،
هيڏي هلايو، اڄ محبوبن مهر مان.

(5)

چڙهيو ڏار ڏيئي، سنيها جي سڄڻان،
روڙي روح رڳن مان، ساڻ نياپن نيئي،
جُسو جاءِ تيي، سٺي پارانيا پرين جا.

(6)

ڪانگا! چئو ڪيئن، سرها ڏنئي سپرين،
حال اسان هت هئڙا، ڪي هُت پيي هئا هيئن،
جها مَ ڏيئي جهڙ جيئن، تيئن ٿي اوت اکين جي.

(7)

ڏاها ٿيءُ نہ ڏور، ويھ مونکي ٿي ويجھڙو،
ڪر ڪالھوڪي ڳالھڙي، جا ھُئن رات حضور،
دوست اڳين دستور، ڪي تعظيمون توکي ڏنيون.

(8)

زاغ زبانئون ڪڍي، اھائي وائي،
پرِيان سندي پار جي، آ توکي واڌائي،
پڇي حقيقت حال جي، ھُت ساجن سيائي،
تہ ڪي عاشق خوش اسان جو، ڪل ڏجانءِ ڪائي،
مون سان بيحد پلائي، ڪيئي پرين پارون پنھنجي.

(9)

الله لڳ اُڏام، تون موتي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرين کي، پاڄيءَ جو پيغام،
ڪري قدمن تي پئي، سوَ لکَ ڏج سلام،
آھي اوھان لئي سُپرين، ھت مڙوئي ماتام،
وڃڻ جو انجام، سگھو ڪر طرف سچل جي.

(10)

نا تہ مري ويندو ھيءُ، الله لڳ اچيج تون،
تو تئون آھي ھن جو، جاني صدقي جيءُ،
راھ فراقُ فقير ڪئون، والي ويجھو ٿيءُ،
تون پڻ منھنجو ٿيءُ، جو آءُ نوڪر تنھنجي نانءُ جو.

(11)

پکي سوئي پر، اچُ اُڏاڻو اوڏھين،
رسيو وڃي اُتھين، پانڌي منجھ پھر،
خاص وٺي خبر، موٽيو ماڳن پنھنجي.

(12)

آڏو عجيبن جي، ڪيائين سڀ خبر،
هُت عاشقن کي اوهان بنا، هينئڙي منجهه حشر،
ٿي اوتي اکڙين مان، باراني بحر،
هاڻي ڏيو دِلاسو دلبر، متان عاشق هُت مري وڃي.

(13)

ڏار چڙهيو ڏاهو، تو ڏييم دلاسا دل کي،
صبح سانياهو، اڱڻ آهه عجيب جو.

(14)

ليلائيندو آيو، پانڌيِ اڄ پريانءِ،
ورتُس درد ڏُريانءِ، جو مت وڃائي آيو.

(15)

نچوئيندي ننهن، تي پاڻي ڪڍي پڌرو،
وڃهي ساڻي سنهن، ته تون ڏيج سجدو سڄڻين.

(16)

حبيبن هيڪار، آڻي وري موڻي،
باپيهل پيهار، اڇي ويهه اکين ۾.

(17)

پکيئڙا پويانءِ لڙهان موتين سنديون،
آءُ اُڏامي اوڏڙو، تا جهوليءَ ۾ جهوليانءِ،
سيئي کنيِ ڪتوريءَ ۾، لاکيٽا لويانءِ،
سڄر پر سويانءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سين.

(18)

سُهڻي سا صُورتَ، مون پڻ ڏٺي پرين جي،
سو اِڇي اُنهيءَ ويلَ ويو، هيڙو ۾ حيرت،
سا چوڻ نه ٿيي چئي مُون، هئي! هئي! حقيقتَ،
آئون تا ڇا بيان ڪَيان، اڳي جي عِبرت،
ساري جسم جانِ کي، تي نيڻن ڏٺي نيڻرت،
تهن حامي حضرت، دِل کي دلاسا ڏنا.

ابيات متفرقہ

(1)

سيني ۾ صنمُ، سچل ڪي سدا،
بُت جو بُتُ خُدا، پوڄاري پرڪيين.

(2)

سچل ڪي سدا، سيني ۾ صنمُ،
ڪونهي ٻيو ڪم، پٿر جي پوڄا بنا.

(3)

پرين سندي جُوءِ جا، چمان پٿر مون،
تهن ۾ ٻيي آن تون، نظر ناهي ڪو ٻيو.

(4)

لڳا هٿ حِجر ڪي، هيجون سندا هوت،
مون ٻيي تائين موت، پٿر تو چميو چمان.

(5)

حجر توکي هوت، چُميو پرين چاھ مان،
رازُ ڏنو هو ڪو تہ، تو ۾ سچڻ سپرين.

(6)

ڪعبي ڏني پاڪ ڪي، پٿر تو پناھ،
هيجان توکي هر ڪو، چُمي منجهان چاھ،
عاشق اُيا تو اُتان، صدقو ڪرن ساھ،
امر سان الله، پٿر پوڄا مون ڪئي.

(7)

ڇا جو شڪ گمان، سيڪا صورت تنهنجي،
متان ڪرين ارمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ جو.

(8)

خانو هي خيالي، دل جي اندر دل جو،
وارِج وصالي، ورق وجودي وترا.

(9)

حرف حلالُ هيڪڙو، ٻيا سڀ حرفَ حرام،
عاشقن انجام، اهو آهہ عجيب سان.

(10)

اهو هنڌ منهنجي يار جو، تون پنهنجو هنڌ وڃاءِ،
سهي نہ ڪرين سڌ ڪي، تون ڪن لائين پرلاءِ،
ٻول نہ ٻي ڪنهن ٻُل، رمز دل سان لاءِ،
ظاهر باطنُ آهي اهوئي، سچل ڪيمَ سڌاءِ.

(11)

پاڻ سڃاڻج پنهنجو، اتي ڳِلِ اندر گوهر،
ڦٽو ڪر ٻيائيءَ جو، ڀُهاري ٻوهر،
جوت ٻريو جوهر، سچل پاڻهي پسين پارکو.

(12)

ڇڪو انهيءَ ڇاش جو، ڇڳي ٿيا ڇريا،
ڇريو ڪريو لوڪُ ڇوي، آهن ڪين ڇريا،
ٻاڳي سي ٻريا، سچل سڪ وارا ٿيا.

(13)

جپ صاحب جو جَپُ، تاڳر نتي ڳُر مليئي،
قربائتي ڪپ سان، ڪُلفت پيو ڪَپ،
راست، توڙي چپ، سچل ساڃيو سنگرو.

(14)

رام رحيم هيڪڙو، تہ راوڻ ۾ وري ڪير،
ڪرشن ٿي چو ڪنس ڪان، وٺيـن ويٺو وير،
پاڻي پريم پرهلاد سان، تون هرناڪش ڪي هير،
سچل وير اوير، پنهنجو اٿـي پـاڻ ۾.

(15)

ڳولها ڪرين جنهين جي، سو تون آهين پاڻ،
پاڻ ڪنا پاسي ڪيو، توکي تنهنجيءَ چاڻ،
پنهنجو پاڻُ سڃاڻ، تُون تان ناهين آدمي.

(16)

ڳولها ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان،
پيهي پس تون پاڻ، پنهنجو سِرُ سڃاڻ،
ناحق ٿئين نادان، ليٺا وجهين لوڪَ ۾.

(17)

مسجد ۽ محرابن جي، ڪانهي چٽن چاڻ،
پرين بيٺو پاڻ، ڪعبي ۾ ڪافرُ ٿي.

(18)

مڪر سان ملڪ ڪني، لُٽيرا لُٽيـن،
”والله خيرالـما“ ڪرين، سچل نا سمجهين،
ڪريو پـيا ڪريـن، اتڪلون الله سان.

(19)

پنهنجو اٿي پاڻ، ۾، سچل وِير اوير،
سريري هي سير، سمجهين ٿا سِرُ ٿئين.

(20)

پـاڻي جامو جميعت جو، آيو منجهہ جهان،
جزي جاءِ هت ڪئي، ڏس فـائق جو فرمان،
جيڪي ڏسين ڏيهہ ۾، سو اٿي منجهہ انسان،
نسورا نيشان، سچل سڀ سرير ۾.

(21)

صورت سڀ انسان جي، اتي عشق اصل،
"خلق آدم عليٰ صوربه"، جزو جهڙو ڪُل،
"الانسان سري وانا سره" سچ سچل پيو سل،
پول نه ٻي تون پَل، هتي هتي هڪ اَتي.

(22)

ٻوٽي وچ منيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو،
چوليـن چرن واهڙن، لهرن لعل لڪايو.

(23)

سڀ وسارئيـن ڳالهيون ڏسڻ سان، اديون ڏاڍو پور پرايوسي،
ٻن وجهي پيون ڳالهڙيون اديون، ڳليءَ ڳليءَ يار ڳايوسي،
اول وقت عجيب جي اديون، انهيءَ گهور گهاياسي،
سچل سو مبارڪان اديون، چاهون سر تي چاياسي.

(24)

اصل ڪٿون منصور جو انهيءَ ڪاتيو ڪنڌ ڪوري،
نشي ۾ نواز تي گهوريون سِر گهوري،
جنهن ساقي سرڪ پياري آ ڪينن پڇان تنهن جي تُوري،
پنهان ڪيائيـن پاڻ ڪي، چٽ سچل جو چوري.

(25)

نه ٻي ديـني بندي ۾، نه اسم اسلامي،
هندي، سنڌي ناهي، هو شاهه نه شامي،
نه ڪا حرڪت هُن ڪي، نڪي آهي آرامي،
خواجه خدامي، پنهنجي ڪري پاڻ تو.

(26)

مُلان تون محبت جو، چڪو ڪيـن چکيـن،
ڪٽيو ڪارنهن ڪنڌ ۾ منهن ڪي وينو مڪيـن،
سبق سورائـتـن سڪيو، سوجهي تون سڪيـن،
ته رحل سڀ رکيـن، مُلان مسجد ڪنڊ ۾.

سَرُ ناموُن

(1)

ايتڙ اُڀريو اُڀ ۾، ماهه اَسو آيو،
سَر ڀي سٺا ڪيا، سانوڻ سڏايو،
رنگ تان ريجائڻ تي، لئي ڪنگو لايو،
ڇينهري سان ڇر سو، چارو چمايو،
سهسين سبزيون ساوليون، تلن تلايو،
آڪيري مان ڪانو، ال اڏايو،
ڪانهن ڪڪوريا سرسري، ڪونجن ڪرلايو،
اوهان ٻاجهون سپرين، هت سورن سجهايو،
هاڻي ساجن ڪر سايو، ميان ڪو ميلاپ جو.

(2)

سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، اُوتر لڳي واءِ،
سَر موريا سائي سري، لعلُ ڪنگو لاءِ،
هاڻ ڀير هيڏي ڀاءِ، جو مندون ٿيون ميلاپ جون.

(3)

سرءُ لڳي ساوڪ ٿي، هارين ٻڌا هَر،
ڪرهون ڪونجان آيون، ڪيو ڇينهرو ڇَر،
ديس اچج دلبر، جو مندون ٿيون ميلاپ جو.

(4)

سرءِ لڳي ساول تي، پوءِ مونيو پاٽي،
لاءِ ڪنگو سيُ لعل تيا، چاٽيون تو چاٽي،
آءِ دوست هلي هاٽي، جو مندون تيون ميلاپ جون.

(5)

ڪيا گپن مٺون گس، پانديٺڙن پنڌن جا،
سبزيون تيڙيون ساوليون، پيون ريجاٽيون رنگ رس،
سرَ سُڪا ساوا تيا، تي ويڙهي ويڙهي وسَ،
آءِ جاني سان جس، مُندون تيون ميلاپ جون.

(6)

سرءِ لڳي ساول تي، اچ اُڏاٽان الَ،
مينهن وسي بس ڪئي، ڪيا تماشا تَل،
ساٽيه آءِ سانول، جو مندون تيون ميلاپ جون.

(7)

ڪونہ ڏيئي ڪاءِ، ڏک تنهنجو ڏيل ڪي،
ڪر ميان ميلاءِ، پيون مندون موٽي آيون.

(8)

تنهنجي طلب تمام، مونکي ڪيو سپرين،
تنهن ڏينهن لاڪون نہ ڪيو، اکڙين آرام،
ڪر اچڻ جو انجام، پيون مندون موٽي آيون.

(9)

سانوڻ تنهنجي سڌ، آءِ سڪائي آهيان،
پاڻ پنهنجو پاٽهين، ساڻ غريب گڏ،
اچي پڪا اوڏا اڏ، جو مندون موٽي آيون.

(10)

عالم ڪان الي، مون ڳالھ اهائي ڳجھ جي،
تنھنجي ڪنھن ڪي ڪين ڪي، سچل سڪ سَلي،
آءُ تون هت هلي، جو مندون موٽي آيون.

(11)

سڪ اوهان جي سرِ، ڪيو سانوڻ ساھ کي،
باجھون تنھنجي سپرين، ٻيو اچي ڪونہ نظر،
آءُ پرين ڪنھن پر، ٻيون مندون موٽي آيون.

(12)

پاٽي موٽيو پوئتي، ڏينهن سرءُ آيا،
ڪانون آڪيرن مٿون، ال تي اُڏايا،
ڏينهن اُتي تو هيترا، ڪيئن لالن لايا،
ڪر ساجن سعيا، ڪي اسان ڏنهن اچڻ جا.

(13)

چاٽيون ٿو چاٽي، ڪونهي حال حقير جو،
تو ريءَ ٻيو ڪير هت سانول سچاٽي،
آءُ هلي هاٽي ٻيون مندون موٽي آيون.

(14)

ساهيڙين مون ساءُ، ڪونہ اچي ارواح کي،
دلبر هن جي دل کي، ڏنو سور سماءُ،
تون الله ڪارڻ آءُ، ٻيون مندون موٽي آيون.

(15)

گوندر گذاريان، هت اوهان ريءَ ڏينهڙا،
ساعت ساعت سُپرين، ٿي توکي سنياريان،
آءُ ساجن ٿي ساريان، ٻيون مندون موٽي آيون.

(16)

متان وِڃُ وڃهيج، مون هن نماڻيءَ ڪي،
هيءَ حقيقت حال جي، سانول سڀ سڻيج،
هاڻي الله لڳ اچيج، پيون مندون موٽي آيون.

(17)

تنهنجي هجر تاپُ، چڻ ڏنو آهي ڏيل ڪي،
ڪر ميان ميلاپُ، پيون مندون موٽي آيون.

(18)

مونکي منجهايو، هٿي وڇوڙي توهانجي،
ڪڏهن قاصدُ ڪوٺ ڪو، ايڏاهون آيو،
ڪر اچڻ جو سايو، پيون مندون موٽي آيون.

(19)

مونکي تنهنجي قوت، گهوري جيئو جهان ۾،
سورن اوهانجي سُپرين، ڪيو مٿي تائين چوٽ.
مون محب ڪر موٽ، پيون مندون موٽي آيون.

(20)

هت هميشه هُٿن، سور اوهانجا ساهَ ڪي،
تنهنجي ڪارڻ اکيون، راتيان ڏينهان روئن،
ساريون اوهان کي سُپرين، پور گهڻيرا پون،
وري آءُ وطون، پيون مندون موٽي آيون.

(21)

پرين تون پرديس، ڪيئن ڏينهن لائين تو هيترا،
ڪيو ڪميڻيءَ کي هت، نينهن اوهانجي نيس،
هاڻي دلبر اچج ديس، پيون مندون موٽي آيون.

(22)

ٿي سنياريان سير، ٿي جن ۾ گهمين سُپرين،
ڏهاڙي ڏسڻ جي، هوئي هينئڙي هير،
هاڻي آءُ پرين وجهه پير، پيون مندون موٽي آيون.

(23)

تنهنجي جاني جاءِ، ڏسيو ڏکن ۾ پوان،
لايئي فلڪ فراق جي هينئڙي کي هاءِ هاءِ،
هاڻي پير اڱڻ مون پاءِ، پيون مندون موٽي آيون.

(24)

پرين اهو پرڏيهه، اوهان تئون گهوريو،
سيڪنهن ويلي سُپرين، تو ساريئي ساڻيهه،
جانب جُدائيءَ ڪئون، تو ڏُکيو پانيان ڏيهه،
هاڻي آءُ ويڙهي هن ويهُه، پيون مندون موٽي آيون.

(25)

ڪيهي ڳالهه چوان، آءُ پڻ پنهنجي حال جي،
انئي پهر عليل ڪئون، ٿي پورن منجهه پوان،
ساريون توکي سُپرين، نِوَن سُور نوان،
جا پري پئي آهيان، هني! هني ڪانءُ اوهان،
ڪر هيڏي راهه روان، پيون مندون موٽي آيون.

(26)

تنهنجي ساه سنيار، آهه اوهانجي سُپرين،
ويئي واٽڙين تي، روئان زارون زار،
ڏينهن قيامت پانيان، جو دم توڪئون ڏار،
هاڻي موڙي آءُ مهار، پيون مندون موٽي آيون.

(27)

توکي ساري ساهُ، تو سدائين سپرين،
ڏسڻ اکڙين آيو روز اوهانجو راهُ،
آڻئي شال الله، پيون مندون موٽي آيون.

(28)

جاني يار جمالُ، مونهون مور نہ وسري،
جو تاڪون آهي تنهنجو، مونکي خواب خيالُ،
هاڻي وهندو ڪر وصالُ، پيون مندون موٽي آيون.

(29)

تو ساريڪا سُپرين، جي ويا هٿا تي وس،
سي پڻ موٽي آيا، لوءِ پنهنجي لس،
آءٌ تي پچان توهانجا، هت ڏهاڙي ڏس،
سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، تيا ريجاڻين رس،
تو ريءَ ڪانهي چس، ڪا واڳ وراءِ وطون تي.

(30)

سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، هر ٻڌا هارين،
ڪونجون ولر ڪيترا، تا پڻ تنوارن،
سِري سر ساوا تيا، ڪيا گوشا گلزارن،
ڪانوَ تہ آڪيرن مٿون، تا ال اُڏارن،
طرحين تونگين سبزيون، ٿيون جيءَ ڪي جيارن،
دلبر توکي ديس مِ، تو سينگان سارن،
هت تو ساريڪا سپرين، گڏ تا گذارن،
جدائيءَ جا ڏينهڙا، ميان ريءَ مارن،
ڳالهيون هي ڳارن، تون وري آءٌ وطون تي.

(31)

جي هيڪاندي ڏينهڙا، سي اڄ ساريا ساهَ،
سانگ وئين تون سپرين جو هئين ويچاري جي واهه،
هاڻي سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، ٿيا گلزاريون گاهَ،
جاري پانڌيئڙن جي، ٿي ريجاڻن مٿون راهه،
يار سگها مُنجُ سلام ڪي، يا آءُ تون لڳ الله.

(32)

جي هيڪاندي ڏينهڙا، اڄ ساهه منهنجي ساريا،
سي اسان پرين پاڻ ۾، ٿي گڏجي گذاريا،
پوءِ سانگ چڙهي ويا سپرين، ڳوڙها مون ڳاريا،
شل واليءَ وهاريا، ورائي بي وطون ۾.

(33)

موٽ منهنجا سُپرين، نيون مندون آيون،
سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، ٿيا تل ترايون،
هارن هر ڪڙا ڪيا، تنين پونيون پچايون،
پاڻي موٽيو پوئتي، ڪيون لعل ڪنگو لايون،
گڏرچهر گلزار ڪيا، ٿيون سرسريون سايون،
سيڪنهن پارين ساوڪيون ۽ ساٿيه سريون،
ساريندي جا سُپرين، آءُ جوڙ جهوڪان جايون،
تنهنجيون واليءَ واريون، واڳان شال وطون تي.

(34)

سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، ڪانهن ڪني ڪڪور،
ٿيون ساوڪون سبزيون، لٿي هينئڙي هور،
ويا ڏيهه مون ڏک ڏور، تون واڳ وراءِ وطون تي.

(35)

سانوڻ لنگھيو سرءُ تي، ٿيا سَرَ سوايا
ڪانون آڪيرن مٿون، اڄ اَل اُڏايا،
ڏينهن ڏھيلا تو بنا، مون لالن لنگھايا،
ھاٿي ڪر ساجن سايا، ڪي اسان ڏي اچڻ جا.

(36)

سانوڻ لنگھيو سرءُ تي، ساوڪ ڪئي سرن،
ڪانون ال اُڏايا، چينھر ڪيو چرن،
طرحين تونگ ترائين، ٿيا تل تلاءُ ترن،
ويا شال ورن، ڏور آيا جن ڏينھڙا.

(37)

سانوڻ لنگھيو سرءُ تي، پيرين پور ڪيا،
تو ڏني مون سپرين، گھٽا ڏينھن ٿيا،
جاني جُدائيءَ ۾ ڏاڍا پُور پيا،
پيا وطن وري آيا، جي پُڻ سانگ ويا،
جيڪُس نياپا نه نيا، منھنجا ساٿين تو مٿين.

(38)

سانوڻ لنگھيو سرءُ تي، پيريون آيون پور،
وسريا ھڏ نه مور، ڍولي اچڻ ڏينھڙا.

(39)

سانوڻ لنگھيو سرءُ تي، پيرين ڪيا پور،
ساريون توکي سپرين، ھت پون ٿا پور،
مونکي تا مذڪور، ھن ائني پَھرَ اوھانجا.

(40)

سانوڻ گذريو سرءُ تي، ساوا سَر ٿيا،
ڪانون اَل اُڏايا، ستا ڪانھن ڪيا،
وسري سي نه ويا، ڍولي اچڻ ڏينھڙا.

(41)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، ڪرڪو ڪيو ڪونجن،
وسري ڪين وڃن، ڍوليي اچڻ ڏينهڙا.

(42)

ڪُسَرَ اچ نسريا، ساوڪ ڪئي سَرن،
سي ڪين وسرن، ڍوليي اچن ڏينهڙا.

(43)

سر موري ساوا ٿيا، ڪُسرَ نسريا،
سي ڪين وسريا، ڍولي اچڻ ڏينهڙا.

(44)

سانوڻ اچ سِڌاءِ، جو لايان لالن ڏينهڙا،
وڃي وٺندو وهندڙو، جل پنهنجي جاءِ،
جانب ريءَ جيئڻ مون، عذابين آءِ،
سرءِ لڳي ساول تي، مورن سَر سواءِ،
سبزيون ٿيون مُرُ ساوڪيون، طرحين تونگ تلاءِ،
جي سانگ ويا مون سُپرين، ڪن موٽڻ جي ڪاءِ،
سچل ڪي هَئي هاءِ، جي پرين ٿيا پرديس تي.

(45)

سرءِ لڳي ساول تي، ٿيا تل ترائير،
اڄ توڙيءَ تون سُپرين، اچا نہ آئين،
واليءَ لڳ وطون تي، ڪي واڳان ورائين،
سچو سيبائين، شل هجين هميشه هتهين.

(46)

سر موريا ساوا ٿيا، ۽ ڪڪوريا ڪانهن،
سي چڱا ها ڏينهڙا، جن ۾ پرينءَ ورائي پانهن،
مون ليکي ٿيا مانهن، نا تہ ساعت هئي سا سڄڻان.

(47)

لٿي سيڪا لعلُ تي، ساوا ٽيٽڙا سَرُ،
ڪانهن ڪڪوريا ڪيترا، هارين ٻڏا هَر،
ڪو هڪ وار وِسر، ڏولي اچڻ ڏينهڙا.

(48)

رويو ڪي رهبر، تي پرينءَ ڏنهن پارانيا ڏئي،
سانوڻ لنگهيو سرءَ تي، ساوا ٽيٽڙا سر،
الن آڪيرن مٿون، اچ پڻ سوريا پر،
ايٽ اُپري آيو اوتيا واءُ اُتر،
ڪونجان ڪوهون آيون، هارين ٻڏا هر،
مون هن نماڻيءَ جي، تون ڪانڌ لهج ڪر،
جهوڪان جهوڪن پر، جوڙ تہ شال جڙيو رهين.

(49)

ساريون سنياريون، تي پارانيا ڏيٺي پرين ڏي،
تہ هوت سانوڻ لٿو سرءَ تي، ٽيا گل گلزاريون،
سٺي موتيج سُپرين، اهي اسان جيون آزيون،
هَٺي فراق فقير ڪي، وجهي تو ماريون.

(50)

پارانيا ڏيٺي، تو پار ڪڍيو پر ڏي منجي،
هت سانوڻ لٿو سرءَ تي، ويراني ويٺي،
سگهو موٽج سُپرين، حال ڏسي هيٺي،
مولي شال ملائي، جيءَ گهُريا جيٺي،
ٻيا ٻي ويا ها سانگ تي، آيا اڳ اسيٺي،
ڏينهن گذاريم ڏک ۾، سان ڪشالي ڪيٺي،
پاهت مون پيٺي، تو سان جانب تون جيٺن.

(51)

پاٽي پريون پل، تي پرڏيھہ پارانيا منجي،
تہ سانوڻ گذريو سرءُ تي، هت جاءِ دردي جل،
اُيا آڪيرن مٿون تي، اُڏامڪال،
طرحين پاسي تن جي، ٿيا تونگ ترائين تل،
سارينديي جا سپرين تنھن ڪامل لهج ڪل،
هو جي جھوڪون جھوڪن جُهل،
سي جوڙت شال جڙيو رهين.

(52)

جا پرينِ زيءَ پلڪ، تي جُدائيءَ ۾ گذري،
سي ڇڻ مانھن لنگهي ويا، ڪٿون فراق فلڪ،
ٻي سي ڪا پنھنجي جاءِ تي، خوشيءَ منجھہ خلق،
هاڻي جاني يار جھلڪ، تون سگھو پساءِ پنھنجي.

(53)

سَر موريا سانوڻ لنگهيو، مند سرءُ آئي،
تونگين طرحين ساوڪيون ٿيون، سري سائي،
مدت توتا هيتري، ڪيئن لالن لائي،
ڪانون اَلَ اُڏايا، جلَ لٿي جائي،
ساهُ ساري تو سُپرين، ڪر اچڻ جي ڪائي،
ماري تي مشتاق ڪي، تنھنجي جاني جُدائي،
مون من ماندائي، لاھہ تہ شال جڙيو رهين.

(54)

پارانيا ڏيئون، تي پار ڪڍيو ۾ ڏي منجي،
هت سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، ويرانيون ويئون،
موت منھنجا پرين، يا نال وٺي نِيئون،
سي تان قيامت جھڙيون، پلڪان جي پيئون،
پرين آٿين پاڻ سان، گڏ تان گڏيئون،
ڪي محب مجيئون، سچو ڏي دلداريون.

(55)

رويون رويون چوءِ، پارانيا پرين ڏي،
تہ منهنجي محبوب کي ورچي، ڪل ڏي هيءَ ڪوءِ،
سانوڻ لنگهيو سرءُ تي، پائي موتيو پوءِ،
سبزا ٿيا ءِ ساوليون، ٿي ڪتوريءَ خوشبوءِ،
ساريون توکي سُپرين، آهي هيننڙي هوءِ هوءِ،
ويا ڏهيلا ڏينهڙا، آءُ لالن تونهين لوءِ،
تو سنوان جي سانگ ويا، وري آيا اوءِ،
هاٺي قادر شال ڪندوءِ، آٺي گڏ غريب سان.

رسالي ۾ وارد ٿيل
عربي، فارسي عبارتن
۽ صوفي اصطلاحن جي
معنيٰ ۽ شرح

رسالي ۾ وارد ٿيل عربي ۽ فارسي عبارتن جي معنيٰ ۽ شرح

الف

اعليٰ اَعظم شان (حضرت بايزيد بسطامي رح جي نعري ڏانهن اشارو)
ڇا ته اعليٰ شان آهي.

- الاالله: سواءِ الله جي.
- اَلانَ كَمَا كَانَ. (عربي قول)
هاڻي ائين، جيئن اڳي هو.
اَستَغفِرُ الله
الله کان معافي گهران ٿو.
اَلفَقرُ خَزِينَة من خزائِنِ. (بزرگن جو قول)
مسڪيني، الله جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.
اَلفَقرُ فَخري وَالفَقر مني (حديث)
مسڪيني منهنجو فخر آهي ۽ مسڪيني مون وٽان آهي.
اَلفَقِيرُ لايَحتَاجُ الاالِي الله. (صوفين جو قول)
فقير اهو آهي، جيڪو الله جو به محتاج نه هجي.
اَنَا اَحمدَ بلاميم. (صوفين جي چوڻي)
مان احمد آهيان. ميم (م) کانسواءِ (يعني احد).
الصبرُ مفتاح الفرج. (حديث)
صبر ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي.
اِن اَولِيائِي تَحت قَبَائِي. (قول)
مُنهنجا اولياء، منهنجي چادر هيٺ آهن.
اَلدَنيا سَاعَة (قول)
دُنيا (آخرت جي مقابلي) ۾ صرف هڪ گهڙي آهي.
اَنا عَبدہُ وَرسوله (حديث)
آءٌ ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان.

- اِني اَنَا الله (القرآن)
بيشڪ آءٌ الله آهيان.

ت

- تَركُ الدنيا سُنة، طَلَب المَوليٰ فَرض (بزرگن جو قول)
دنيا کي ڇڏڻ سنت آهي ۽ موليٰ جي طلب فرض آهي.

خ

- خَلَقَ الاَشيَاءِ فَهُوَ عَينُهَا (صوفين جو قول)
پيدا ڪيائين شين کي، پوءِ اُهي ان جو عين آهي.
- خَلَقَ الاَنسانَ عَليٰ صورته (حديث)
خدا تعاليٰ خلقيو آهي انسان کي، ان جي صورت تي.

د

- دَع نَفسَکَ وَتَعَال (قول)
پنهنجي نفس کي ڇڏ ۽ اچ.

س

- سميع بصير = ٻڌندڙ - ڏسندڙ
- سِري سِره الاَنسان. (بزرگن جو قول)
منهنجو ۽ ان جو راز انسان آهي.
- سير الله، سير بالله، سير في الله. (صوفين جو قول)
الله جو سير - الله سان سير - الله جي راهه ۾ سير.

ص
- صُمٌ بُڪمٌ (القرآن)
ٻوڙا، گونگا.

ط
- طالبُ الدنيا مؤنث (بزرگن جو قول)
دُنيا جو طالب عورت (مؤنث) آهي.
- طالبُ العقبيٰ مُخنث (صوفين جي چوڻي)
آخرت جو طلبگار/ نامرد (مخنث) آهي.
- طالبُ المَوليٰ مُذڪر (بزرگن جو قول)
الله جو طلبگار مرد (مذڪر) آهي.

ع
- عَرفتُ رَبي بِرَبي (قول حضرت علي رضي الله عنه)
رب ڪي، رب جي وسيلي سڃاتم.
- عينها باڪيۃ وَقلوبها ذاڪِرۃ. (بزرگن جو قول)
ان جي اک رُئندڙ ۽ دل ذڪر ڪندڙ آهي.
- عينُهَا تَنامُ وَلاَتَنَامُ قُلوبهَا. (بزرگن جو قول)
ان جي اک ننڊ ڪندي آهي ۽ دل جاڳندي
اٿس.
- عشق نار اِحترق. (بزرگن جو قول)
عِشق هڪ باھ آهي، جيڪا ساڙي ٿي.

ف
- فَاذڪُرونِي اَذڪُرڪُم. (القرآن)
ياد ڪريو مون کي، تہ ياد ڪريان اوهان
کي.
- فَاَينَما تُولوا. (القرآن)
ٻوءِ ڪاڏي بہ منهن ڪريو.
- فَعال لما يريدُ (القرآن)
جيئن گُهري تيئن ڪندڙ آهي.

ق
- قُل ڪُل مِن عِندالله. (القرآن)
چؤ تہ سڀ ڪَجهہ الله طرفان آهي.

- قيل قال = ڳالهہ ٻولهہ
- قيدالماء = داڻي پاڻيءَ جو قيد. (عربي چوڻي)

ڪ
- ڪُل يَوم هُوَ فِي شَانِ. (القرآن)
هر ڏينهن، اهو شان ۾ آهي.
- ڪُن فَيَڪُونَ. (القرآن)
ٿي پئہ تہ ٿي پوندي.
- ڪُلُ شيءٍ يَرجَعِ اليٰ اَصله. (قول بزرگن جو)
هر شيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن وري ٿي.
- ڪُلُ شيءٍ ناطق بالحق. (قول بزرگن جو)
هر شيءِ حق جي شاهدي ڏيندڙ آهي.
- ڪنز، قدوري، ڪافيا.
عربي ڪتابن جا نالا. (درس نظامي ۾
شامل ٽن عربي ڪتابن جا نالا. ڪنز ۽
قدوري فقه جا ڪتاب آهن ۽ ڪافيہ علم
النحو جو هڪ ڪتاب آهي.)

ل
- لاَمَوجُودَ الاالله. (بزرگن جو قول)
الله کان سواءِ، ڪجهہ بہ موجود نہ آهي.
- لاَخَير فِي عَبدِي. (بزرگن جو قول)
ناهي خير، منهنجي ٻانهي ۾.
- لَحمُڪَ لَحمِي. (حديث ڏانهن اشارو)
تنهنجو گوشت، منهنجو گوشت ۽ تنهنجو
رت منهنجو رت آهي.
- لَوڪَشفَ الغطاء مَازدت يَقيناً. (حضرت
علي رضي الله عنه جو قول)
جيڪڏهن پردن کي کولي، تہ بہ منهنجي
يقين ۾ ڪو واڌارو نہ ايندو.

م
- مَارايتُ شيئا الا ورايتُ اللهُ فيه. (بزرگن جو قول)
جنهن شيءِ کي ڏٺم تہ ان ۾ الله کي ڏٺم.

- مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا. (بزرگن جو قول)
مرو اڳ مرڻ کان.
- مَن عَرَفَ رَبه ڪَلَ لِسَانَه. (بزرگن جو قول)
جنهن رب کي سڃاتو، اهو گهٽ ڳالهائيندو
- مَن عَرَفَ نَفَسه فَقَد عَرفَ رَبه. (بزرگن جو قول)
جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.
- من تَعلَم العِلم المناظرة والمُڪابرة .
(عربي چوڻي)
جنهن علم سکيو، مناظري (بحث مباحثي) ۽ وڏائيءَ لاءِ.

ن

- نَفِي سِري، خفي اخفا.
ٻئي ذڪر جا اصطلاح آهن.

و

- وَبِي يَنطِقُ يُبصِرُ. (حديث قدسي)
مونسان ڳالهائي ٿو ۽ مون سان ڏسي ٿو.
- وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلاَتُبصِرُونَ. (القرآن)
توهان جي وجود ۾ ئي ڪيترين نشانيون آهن، پوءِ توهان ڏسو نه ٿا؟
والقدر خيره وشره مِن الله تعاليٰ. (حديث)
۽ برائيءَ توڙي ڀلائيءَ جي تقدير الله طرفان آهي.

- وَنَفَختُ فِيهِ مِنَ رُوحِي. (القرآن)
ڦوڪيو مان روح پنهنجي کي، ان ۾.
- وَهُوَ مَعَڪُم. (القرآن)
۽ هو توهان سان گڏ آهي.
- وَهُوَ مَعَڪُم اَينَمَا ڪُنتُم. (القرآن)
۽ هو توهان سان گڏ آهي، جتي به هجو.
- وَنَحنُ اَقرَبُ. (القرآن)
اسان (انسان کي) وڌيڪ ويجها آهيون (ساهه جي رڳن کان).

هه

- هرآن سِري کہ محبوب دارند،
خبر نبود ڪراماً ڪاتبين (فارسي)
جيڪو به محبوب جو رازدان ٿيندو ته ڪرامن ڪاتبين کي ڪل نه پوندي آهي.
- هُو مُشتاق علي لقاءِ الله. (بزرگن جو قول)
اهو الله جي ديدار جو عاشق آهي.
- هَيهاتَ هَيهاتَ. (القرآن)
پري آهي، پري آهي (يعني اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي.)

ي

- يَنطِقُ = ڳالهائي ٿو.
يَسمَعُ يُبصِرُ = ٻڌي ٿو - ڏسي ٿو.

رسالي ۾ آيل صوفي اصطلاحن جي معنيٰ ۽ شرح

الف

آب حيات: 1. عشق ۽ محبت جو چشمو، جنهن شخص ان مان چکيو سو ڪڏهن به فاني ۽ معدوم نه ٿو ٿئي. 2. دم جو حياتيءَ جو هڪ وسيلو آهي يا خود حياتي آهي.

اثبات: (ثابت) 1. عبادت جي حڪمن کي بجاءِ آڻڻ. 2. حق کي ثابت ڪرڻ باقي باطل ڪرڻ. 3. ملڻ جي چيزن کي ثابت ڪرڻ. اسلام جي ڪلمي جو ٻيو حصو (الاالله).

احد: (هڪڙو) اسم ذات، جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي. "الاحد المتوحد بالاصفات" (احد صفات ۾ اڪيلو آهي).

آدم: (دم - سوانس) 1. خدا ۽ روح عالم جو خليفو. جو ڪجهه خدا تي اطلاق ڪن ٿا ان جو اطلاق خدا جي خليفي تي به روا آهي. 2. دوا جي پيدائش. 3. دم جو پتلو، 4. خيالي وجود، 5. خيالي، 6. خدا جي صورت، 7. گندم گون، 8. ساهه دار.

نوٽ: گرچ ساهه سيني جاندارن ۾ آهي، پر منجهن پاڻ سڃاڻڻ جي شڪتي ڪانهي، تنهنڪري اهو نالو مٿي اچي نه ٿو سگهي سواءِ انسان جي، جو منجهس اها طاقت آهي.

ادراڪ: صوفين جي نزديڪ ادراڪ جا ٻه قسم آهن: 1. ادراڪ بسيط يعني حق جو وجود کي ڄاڻڻ: مگر انهيءَ ادراڪ کان پڻ غفلت رهي ۽ انهيءَ ڳالهه کان به غافل هجي ته جو ڪجهه ادراڪ ڪيو ويو آهي، اهو حق جو وجود آهي. 2. ادراڪ مرڪب يعني حق جي وجود کي ڄاڻڻ:- مگر انهيءَ ادراڪ جو شعور به رهي ۽ هي به معلوم ٿئي ته جو ڪجهه ادراڪ ٿيو آهي، اهو حق جو وجود آهي.

اعتڪاف: دنيا جي شغل کان دل کي خالي ڪرڻ.

افق اعليٰ: روح جو پوريون مقام، واحديت، الوهيت جو مقام.

افق مبين: دل جو پوريون مقام.

آفتاب: صوفي ڪلامن ۾ آفتاب جي پيت روح سان ڏين ٿا ۽ گهڻا الله جي نور کي آفتاب چون ٿا. نور محمديءَ کي مهتاب چون ٿا.

الله: خدا جو ذاتي نالو. باقي نالا اسما حسنيٰ ۾ داخل آهن. انهن موجب نالو سڏيو وڃي ٿو. اهڙا 99 نالا قرآن شريف ۾ داخل آهن.

ال - لا - هو (الله - نفي: هو اثبات).

انزعاج: اها منزل، جنهن ۾ سماع جي تاثير سان طالب کي وجد ۽ موج اچي.

انسان: (اُنس: پيار) 1. محبت نسيان، 2. ڀل، 3. الاهي علم جو جامع.

اوليا: وليءَ جو جمع. خدا جا دوست. هن ۾ غوث، قطب، قلندر، سالڪ ۽ محبوب اچي وڃن ٿا.

ايمان: 1. صوفي ايمان علم بقا جي مرتبي کي چون ٿا، 2. ڪي عشق کي ايمان چون ٿا، 3. امان ۾ اچڻ، 4. خدا تي يقين رکڻ، 5. گناهه جو پڇتاءُ، ايمان جي نشاني آهي. (ايمن - سلامت).

ب

بارق: روشني، جا الله جي طرف کان اچي ٿي پر جلدي وسامي وڃي ٿي.
باطل: 1. معدوم، 2. ناچيز، 3. خدا کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.
برزخ: 1. روح اعظم، 2. عالم مثال، 3. مرشد جي صورت.
بُعد: الله جي مرضيءَ جي مخالفت ڪرڻ کي صوفي بعد چون ٿا.
بقا: 1. هر شيءِ ۾ الله جي قدرت کي ڏسڻ، 2. هستيءَ جو قائم رهڻ.

پ

پير خرابات: مرشد ڪامل، سچو سَتگر.
پير مغان: مرشد، گرو. (پارسين جي پير يا گروءَ کي مغ يا مغان سڏيندا آهن.)

ت

تجلي: غيب جي نور کان جو ڪجهه دل تي کُلي.
تجلي اعظم: 1. واجبي فيض، 2. غيب جي حقيقت.
تجلي ذاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز ذات آهي.
تجلي شهودي: اها تجلي، جا حق جي وجود جو ظهور آهي، جنهن کي اسم انور چون ٿا.
تجلي ناري: شيطاني تجلي.
تجلي صفاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز الاهي صفات ۾ ڪائي صفت هجي.
تجريد: 1. پنهنجي هستي صاف مٿائي ڇڏڻ، 2. خُلق کان الڳ رهائش.
تفريد: پنهنجي هستي دِل مان ڪڍي ڇڏڻ، 2. هر دم حق جي همراهي ڄاڻڻ، 3. خلق کان يگانو رهڻ.
تفڪر: 1. دل جو چراغ، 2. عبرت جو چراغ ۽ سمجهه جي ڪُنجي، 3. حقيقت ۽ طريقت جي ڪيتي.
تقليد: 1. ٻئي آدميءَ جي قول ۽ فعل کي حق سمجهي، ان جي پيروي ڪرڻ، 2. ٻئي جي قول کي دليل بنا قبول ڪرڻ.
تلوين: 1. طالب جو پنهنجي حالت ۾ ڦير گهير ڪرڻ يعني ڪڏهن ڪجهه ڪڏهن ڪجهه ٿيڻ. اهو صوفين جي نزديڪ خطري کان خالي نه آهي. 2. استقامت جي طريقي ۾ ڪوئي مقام ڳولهڻ، 3. مشاهدي ۾ جيڪا هميشه طالب جي حالت ڦرندي گهرندي رهي ٿي، ان کي صوفي تلوين چون ٿا.
تمڪين: تلوين ۾ قائم ٿيڻ، جيسين طالب راهه ۾ آهي، تيسين صاحب تلوين آهي، ڇاڪاڻ جو هو هڪڙي حال کان ٻي حال طرف ۽ هڪڙي وصف کان ٻئي وصف طرف ترقي ڪرڻ وارو آهي. جڏهن واصل متصل ٿي وڃي ٿو، تڏهن ڪيس تمڪين جو صاحب چون ٿا.
توحيد: 1. هيڪڙائي، 2. فرق ۽ جمع جي احديت.
توجه: 1. مرشد جي مريد جي دل ۾ همت پيدا ڪرڻ، 2. مرشد جو باطني همت سان مريد جي دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ،

3. مريد جي دل کي پنهنجي خيالي سيقل سان صاف ڪرڻ، 4. مريد جي دل کي پنهنجي خيالي قوت سان روشن ڪرڻ.

ج

جبروت: 1. عالم درمياني، 2. وحدت جو مرتبو، 3. نسيان جو سير.
جلال: الله جي قهر جون صفت.
جمع: رڳو الله جي خيال ۾ غرق رهڻ.
جمع الجمع: فنا في الله، يعني الله جي ذات ۾ فاني ٿيڻ.

ح

حال: ارادي ۽ ڪشش کان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حالت.
حضور: 1. دل سان خلق جي خيال کان پاسو ٿي الله طرف رجوع ٿيڻ، 2. وحدت جو مقام، 3. الله جي اڳيان موجود.
حق: 1. سچ، 2. جاچيز الله جي طرفان بندي تي واجب آهي، 3. جاچيز الله پنهنجي ذات تي واجب رکي آهي.
حق اليقين: طالب جو حق ۾ فاني ۽ باقي ٿيڻ.
حقيقت: سڀ ڪجهه الله جي طرف کان سمجهڻ.

خ

خرابات: 1. مظهر جلالي (تجلي قهاري يعني حضرت موسيٰ عليه السلام واري)، 2. مرشد جو آستانو، جنهن سان طالب پنهنجي پيشاني گسائي، 3. مقام وحدت، 4. خيالي مورتن کان خالي مقام، 5. بيائيءَ کان ٻاهر مقام.
نوٽ: خرابات لامڪان جي گويا چوکٽ آهي. اها انهن عاشقن جي منزل آهي، جي ٻنهي جهانن جي قيد کان آزاد آهن. اهي ڪنهن به خاص مقام ۾ نه ٿا رهن اهڙن فقين کي رند ڪري سڏين ٿا.
خطره: 1. انديشو جو دل ۾ آهي، 2. اها خواهش جا بندي کي ڇڪي ۽ بندو ان کي دفع ڪرڻ ۾ قادر نه هجي.
خفي: خاص لطيفو يا آستان يا سيار بدني، جنهن جي جاءِ پيشاني آهي (جتي شو معراج جو ٽيون نيتر مڃيو وڃي ٿو.) هندو هن کي ترڪٽي چون ٿا.
خلق: اهو عالم جو مادھ وسيلي موجود هجي. مثلاً انسان، حيوان، معدنيات، نباتات وغيره.
خيال: 1. عالم مثال يعني اهو عالم جو عالم ارواھ ۽ اجسام (جسم) جي وچ ۾ برزخ آهي، 2. خدا، 3. آدم، 4. عشق، 5. لطيف بخار، 6. ڪشش ازلي، 7. اها چيز جا مڪان ۽ زمان جي پابند ناهي، 8. مان، تون، هو.

د

دل: 1. لطيفو روحاني، 2. خيال، 3. عشق، 4. کٻي پاسي هڪ صنوبري شڪل گوشت جو ٽڪر، 5. ڪعبو (بيت الله)، 6. خطرن جو محل.

ذ

ذوق: الاهي تجلين جي شروع ٿيڻ واري منزل کي صوفي ذوق چون ٿا.

س

سالڪ: جنهن پنهنجي مقامات کي پنهنجي مال سان طئي ڪيو هجي. انهيءَ صورت ۾ ان جو حال ۽ مقام بغير علم جي هڪ ٿي ويندو.